
شاهہ جو رسالو
برطانوي متحف (برٽش ميوزيم، لنڊن) جي ڪتبخاني ۾ محفوظ قلمي نسخي مطابق ٢٨ سرن جو رسالو
تصحيح ۽ تحقيق
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

بياض سنڌي تصنيف زبدت الواصلين شاھ عبداللطيف

يعني

برطانوي متحف (برٽش ميوزيم، لنڊن) جي ڪتبخاني ۾

محفوظ قلمي نسخي مطابق

# شاھ جو رسالو

تصحيح ۽ تحقيق:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

صدر شعبہ تعليم، سنڌ يونيورسٽي

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

2014

ڊجيٽل ايڊيشن

2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

حق ۽ واسطا محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | شاهه جو رسالو |
| تصحيح ۽ تحقيق: | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| پهريون ڇاپو: | ١٣٨٩هه / 1969ع |
| ٻيو ڇاپو: | 2014ع |
| تعداد: | 1000 ڪاپيون |
| لي آئوٽ: | فهيم سولنگي |
| ڇپائيندڙ: | ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ. |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي. |
| قيمت: | =/450 رپيا |

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

هي ڪتاب، ڪلچر ڪتاب گهر، ويجهو ايم. پي. اي هاسٽل،
سر غلام حسين هدايت الله روڊ ڪراچي سنڌ، وٽ وڪري لاءِ موجود آهي
فون: 021_99206073 & 99206144

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران **”شاھ جو رسالو (برٽش ميوزيم ايڊيشن)“** اوهان اڳيان پيش آهي. رسالي جي تصحيح ۽ تحقيق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي آهي.

هن رسالي ۾ ڪاتب جو نالو ۽ ڪتابت جو سال ڄاڻايل نہ آهي. البتہ هي رسالو 14 فيبروري 1886ع ۾ برٽش ميوزيم ۾ داخل ڪيو ويو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق موجب هي رسالو، ڪڇ جي روايت ڏسجي ٿو. هن رسالي ۾ ڪُل 284 صفحا، 28 سُر، 1822 بيت ۽ 86 وايون آهن. هي رسالو سُر سسئيءَ کان شروع ٿي سُر بسنت تي ختم ٿئي ٿو. هن رسالي ۾ ڏارئين ڪلام هجڻ بابت پڻ نشاندهي ٿيل آهي. هي رسالو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تصحيح سان 1969ع ۾ ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ، ڀٽ شاھ ڇپائي پڌرو ڪيو.

هن رسالي جو ٻيو ڇاپو 2014ع ۾ ثقافت کاتي پاران ڇپايو ويو جنهن جي پي ڊي ايف ڪاپي سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي سهڪار سان پيش ڪري رهيا آهيون. توراڻتا آهيون ثقافت کاتي جا جن هي رسالو سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سرودن جي فهرست


| # | مضمون | صفحو |
|---|---|---|
| (1) | مهاڳ | 9 |
| | 1. سرود سسئي | 16 |
| | 2. سرود سهڻي يعني توڏي | 92 |
| | 3. سرود پورب و رامڪلي | 107 |
| | 4. سرود ڪاموڏ | 144 |
| | 5. سرود ڪاريهل | 152 |
| | 6. سرود جمن ڪلياڻ | 160 |
| | 7. سرود سراڳ | 185 |
| | 8. سرود ساموندي | 195 |
| | 9. سرود ڪنيات | 202 |
| | 10. سرود بروۂ | 211 |
| | 11. سرود سورٺ | 217 |
| | 12. سرود ڪاهوڙيان | 230 |
| | 13. سرود رپ | 238 |
| | 14. سرود گهاتو | 244 |
| | 15. سرود ليلان چنيسر | 249 |
| | 16. سرود پرياتي يعني جاجڪاٽي | 256 |
| | 17. سرود ڏهر | 260 |
| | 18. سرود ڪاپائتي | 269 |
| | 19. سرود ڏناسري | 275 |
| | 20. سرود عمر و مارئي | 282 |

| | |
|---|---|
| 21. سرود آسا | 320 |
| 22. سرود بلاول و صبحي | 339 |
| 23. سرود مومل و راڻو | 348 |
| 24. سرود هير و رانجها | 368 |
| 25. سرود سارنگ يعني ملار | 373 |
| 26. ڪيڏاره يعني مرثيه امام' | 380 |
| 27. سرود شينه ڪيڏاره | 387 |
| 28. سرود بسنت | 392 |

# پبلشر پاران

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو فڪر سنڌ جي ثقافتي روح جي حيثيت رکي ٿو. سنڌ جا ماڻهو صدين کان ان سرچشمي مان سيراب ٿيندا رهيا آهن. انهيءَ اهميت کي سامهون رکندي محققن هر دور ۾ سندس ڪلام جي تحقيق ۽ تشريح تي پنهنجون ڪوششون جاري رکيون آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي شخصيت انهن محققن ۾ پڌري آهي. ڊاڪٽر صاحب شاهہ جي رسالن جي اڪثر قلمي ۽ ڇاپي نسخن کي هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ انهن قلمي توڙي ڇاپي نسخن مان جيڪي اساسي ۽ سَنَدَ وارا نسخا هئا انهن کي ايڊٽ ڪري ڇپائڻ جا جتن پڻ ڪندو آيو. انهن ۾ ٽي رسالا بنيادي اهميت جا هئا.

1. برٽش ميوزم وارو قلمي نسخو جيڪو 1969ع ۾ پهريون ڀيرو ڊاڪٽر بلوچ جي ڪوشش سان ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز پاران شايع ٿيو.
2. 1269ھ ۽ 1270ھ ۾ لکيل ٽن آڳاٽن نسخن کي ڀيٽي تيار ڪيل رسالو جيڪو 1974ع ۾ پهريون ڀيرو ڊاڪٽر بلوچ جي ڪوشش سان ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز پاران شايع ٿيو.
3. سر سسئي سان شروع ٿيندڙ پهرين دور (1165-1207ھ) جي ڏهن قلمي نسخن کي ڀيٽي تيار ڪيل رسالو جيڪو پڻ 1977ع ۾ پهريون ڀيرو ڊاڪٽر بلوچ جي ڪوشش سان ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز پاران شايع ٿيو.

شاهہ جي هنن ٽن رسالن جي ڇپائيءَ کانپوءِ ڊاڪٽر بلوچ شاهہ جو رسالو مستند متن جي تياريءَ جو ڪم شروع ڪيو ۽ اهو ڪم سندس زندگيءَ ۾ ڏهن جلدن ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

ثقافت کاتي حڪومت سنڌ شيخ اياز جي سموري تخليقي پورهئي کي شايع ڪرڻ کانپوءِ ڊاڪٽر بلوچ جي Collected Works کي ڇپڻ جي شروعات ڪئي آهي ۽ مسند متن جي ڏهن جلدن سان گڏ ان ۾ وڌايل ڀٽائي جي شرح ۽ بيتن جي ڪنجيءَ سميت 12 جلد پڌرا ڪيا ويا آهن. گڏوگڏ

سنڌ شناسي، سنڌي ثقافت، لطيفيات ۽ ٻوليءَ جي موضوعن تي سنڌس ٻيا 16 ڪتاب بہ ڇپائي هيٺ آيا آهن. شاهہ جي اساسي رسالن جا مٿي ذڪر ڪيل ٽئي جلد بہ انهن سورهن ڪتابن ۾ شامل آهن.

شاهہ جو هي رسالو برٽش ميوزم واري قلمي نسخي تي آڌاريل آهي جيڪو 1969ع ۾ پهريون ڀيرو ڊاڪٽر بلوچ جي ڪوشش سان ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز پاران شايع ٿيو هو.

اسان کي اميد آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ جا هي سڀ ڪتاب نہ صرف علم ادب جي ترقي ۽ ڄاڻ جي ڦهلاءَ جو ذريعو بڻبا پر ان سان هن عظيم محقق جو قلمي پورهيو عام فائدي جي لاءِ مهيا ٿي ويندو ۽ اسان جي محققن، عالمن، اديبن ۽ خاص ڪري نوجوانن جي لاءِ اهم تحفو ثابت ٿيندو.

**منظور احمد ڪناسرو**

ڊائريڪٽر جنرل

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

باسمه تعاليٰ

# مهاڳ

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي متن جو ڪجھ حصو پهريون ڀيرو ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ سنہ ١٨٦٦ع ۾ لپزگ (جرمني) مان ڇپائي پڌرو ڪيو. ان بعد رسالي جو هڪ وڏيڪ مڪمل متن سنہ ١٨٦٧ع ۾ بمبئيءَ مان ليٿو ۾ ڇپيو. انهن ڪوشش کي هڪ سئو کان مٿي سال گذري چڪا آهن، ۽ انهيءَ وچ ۾ پڻ گهڻن عالمن کي قلمي نسخا پيئي، رسالي جي متن کي وڌيڪ درستين سان، بمبئي توڙي سنڌ مان پئي ڇاپايو آهي؛ مگر تحقيق ۽ تنقيد جي نگاهہ سان رسالي جو هڪ جامع ۽ معياري متن تيار ڪري شايع ڪرڻ جي ضرورت اڃان باقي پئي رهي آهي.

انهيءَ ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ سنہ ١٩٦٦ع ۾ بنده راقم، اعزازي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ "شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي" جي آڏو هڪ تفصيلي تجويز پيش ڪئي، مگر ڪميٽي پنهنجي نشست مورخہ ٣٠ سيپٽمبر ١٩٦٦ع ۾ فيصلو ڪيو تہ پهريائين شاهہ جي رسالي جي مختلف قلمي نسخن توڙي شاهہ جي سوانح بابت قلمي ماخذن کي سوڌي سنواري شايع ڪرڻ گهرجي، ۽ ان بعد رسالي جي معياري متن تيار ڪرڻ جو حڪم هٿ ۾ ڪنيو وڃي. پنهنجي فيصلي موجب انهيءَ ڪم جي ذميداري ڪميٽي راقم جي حوالي ڪئي. ظاهر آهي تہ اهڙن قلمي ماخذن کي سوڌي سنواري شايع ڪرڻ، پيسي توڙي وقت جي لحاظ سان، هڪ اٽانگو ۽ مهانگو مسئلو هو پر ڪميٽي جي فيصلي مطابق تجربي طور راقم پهريائين ٻن قلمي نسخن کي اشاعت لاءِ چونڊيو: هڪ حضرت شاهہ صاحب جي سوانح بابت مير عبدالحسين خان

سانگي جو فارسيءَ ۾ تاليف ڪيل ڪتاب ”لطائف لطيفي ۽ ٻيو رسالي جو قلمي نسخو جيڪو برطانوي متحف (برٽش ميوزيم) جي ڪتبخاني ۾ محفوظ آهي. انهن مان ”لطائف لطيفي“ جو قلمي نسخو راقم جي سوڌ سنوار سان سنہ ١٩٦٧ع ۾ ثقافتي ڪميٽي طرفان شايع ٿيو، ۽ رسالي جو قلمي نسخو هينئر هن ڇاپي ذريعي شايع ٿي رهيو آهي.

برطانوي متحف جي ڪتبخاني ۾ هن قلمي نسخي جو نمبر No. Or. 2987 آهي. بالڪل آخر ۾ ڪتبخاني جي ڪنهن ڪارڪن هن قلمي نسخي جا ٢٨٤ ورق ڳڻي تصديق طور ”284 ff. 14 Feb 1886“ لکيو آهي، جنهن جي معنىٰ تہ هيءُ قلمي نسخو ١٤ فيبروري ١٨٨٦ع کان اڳ برطانوي متحف جي ڪتبخاني ۾ داخل ٿيو. اهوڇاٽايل ڪونهي تہ هيءَ نسخو ڪٿان هٿ ڪيو ويو، پر هن بالڪل ساڳيءَ روايت سان رسالي جو ٻيو هڪ قلمي نسخو ”انڊيا آفيس“ جي ڪتبخاني ۾ نمبر ”Sind 3“ هيٺ رکيل آهي، جنهن جي مطالعي مان راقم هن نتيجي تي پهتو تہ غالبن هي ٻئي قلمي نسخا ڪڇ جي پاسي جا لکيل آهن. انهيءَ گمان جي تصديق پوءِ گل محمد فقير جت[1] سان ڪچهري ڪندي پڻ ٿي، جو گل محمد فقير چيو تہ : ”عثمان راهمو ويڙل ڪندي ”ڪوٽڙو مڙهہ وارو“ تعلقو لکپت، رياست ڪڇ، تنهن وٽ هڪ قلمي رسالو مون ڏٺو هو، جنهن ۾ ”ليلان چنيسر“ جو سر انهيءَ ساڳئي بيت (”ڍڪڻ متي ڍول جا-الخ“) سان ٿي شروع ٿيو: جيئن هن رسالي ۾ آهي.“

هن نسخي جو ڪاتب خوشخط آهي ۽ متن سهڻي صورتخطي ۾ لکيو اٿس، جنهن جون امتيازي خصوصيتون هي آهن:

(الف) خالص سنڌي حرف ٻ (=ٻ)، ڀ (ڀ)، ٽ (ٽ)، ٿ (ٿ، ٺ)، ڄ (ڄ، ڃ)، ڃ (جهہ)، ڇ(ڇ)، ڌ (ڌ)، ڏ(ڏ)، ڊ (ڊ، ڍ)، ڙ (ڙ)، ڪ (ڪ، گ، گهہ، ڳ، ڱ) ۽ ڻ (ڻ) ڪري لکيا اٿس. انهيءَ لحاظ سان ”لالن“ کي ”لالڻ“ پڙهڻ گهرجي. آخري حصي ۾ اسان اها تصحيح ڪئي آهي، پر شروع واري حصي ۾ رهجي وئي آهي.

---

[1] اصل ڪڇ جو، پر پاڪستان قائم ٿيڻ بعد سنڌ ۾ لڏي آيو، ۽ هن وقت تعلقي بدين ۾ ”ترائي“ لڳ ساڪن آهن.

برطانوي متحف ۾ محفوظ قلمي نسخي جو شروعاتي صفحو


بياض سنڌي تصنيف زبدة الواصلين شاه محمد عبد اللطيف
رحمة الله عليه اول
بسم الله الرحمن الرحيم



برطانوي متحف ۾ محفوظ قلمي نسخي جو خاتمي وارو صفحو

(ب) لفظن جي سِٽاءَ ۾ ڪتابت جون هيٺيون خصوصيتون ملن ٿيون:

(1) اهي لفظ جن ۾ ”ن“ ساڪن جي اڳ ”و“ آهي، تن ۾ اڪثر ”و“ کي حذف ڪيو اٿس. مثلن مُن (= مون)، تُن (تون)، ڪنج، (ڪونج)، رُندا (رُوندا)، پُندا (پُوندا)، هُند (هوند)، وغيره.

(2) لفظن جي آخر ۾ ”ن“ ساڪن کي اڪثر حذف ڪيو اٿس. مثلن جڏهه (= جڏهن)، ڪڏه (ڪڏهن)، جيڏاه (جيڏانهن)، ڪيڏاه (ڪيڏانهن)، وچا (وچان)، تئا (تئان)، اڳئا (اڳئان)، ڪاڪئا (ڪاڪئان)، احدا (احدان)، هئا (هئان)، پاءِ (پانءِ)، واءُ(وانءُ)، وڳد (وڳند)، ڏيدا (ڏيندا)، مهدا (مهندان)، ڪرگهه (ڪرنگهه) وغيره.

(3) ڪن لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ”ئن“ يا ”نءِ“ جي اُچار کي ”يّ“ سان ادا ڪيو اٿس. مثلن اِيّ، (ايئن)، جِيّ (جيئن)، ڪِيَّ (ڪيئن)، پريَ (پرينءَ)، سائي (سائين).

(4) جَن، جَني؛ تَن، تَني هميشه زبر سان لکيا اٿس.

(5) آيو، آيا وغيره کي ”آئيو“، ”آئيا“ لکيو اٿس. حالانڪ وزن جي لحاظ سان ڪيترين ئي جاين تي ”آيو“ ۽ ”آيا“ پڙهڻ گهرجي؛ متن جي آخري ياڱي ۾ اسان اهڙي تصحيح ڪئي آهي، مگر شروع واري گهٽي ياڱي ۾ اهي لفظ اصل صورتخطي موجب لکيل آهن، جن کي درست ڪري پڙهڻ گهرجي.

(6) ڪن لفظن جي صورتخطي، ٻولي جي مقامي محاوري (لاڙي ۽ ڪڇي) مطابق لکي اٿس، مثلن لهين (لهين)، وجين (وجين)، ڳال (ڳالهه)، ڳالائون (ڳالهائون، وهُ (ويهه).

(7) پنهون کي ”پُنوه“، مِينڌرو کي ”ميڌرو“، مومل کي ”مُنمَل“ ۽ همير کي ”حمير“ ڪري لکيو اٿس؛ لفظ ”چئي“ کي هميشه ”چي“ (لطيف چي) ڪري لکيو اٿس. اسان متن ۾ ”مينڌرو“، ”مومل“، ”همير“ ۽ ”چئي“ جي صورتخطي قائم رکي آهي. بيتن ۽ واين جي خالص متن ڪانسواءِ ، ڪاتب هن نسخي ۾ ٻه وڌيڪ اضافا ڪيا آهن: هڪ ته پاسي سان حاشيي ۾ اختلافي پڙهڻيون ڏنيون اٿس، ۽ ٻيو ته متن ۾ ڪن لفظن جون معنائون لکيون اٿس.

اختلافي پڙهڻيون يا درستيون پاسي سان ٻاهر حاشيي ۾ لکيل آهن، ڪاتب ساڳيو آهي پر ڪنهن ٻئي راوي جي زباني يا ڪنهن ٻئي قلمي نسخي جي بناء تي حاشيي ۾ متن جون ڪي درستيون آهن ۽ ڪي اختلافي پڙهڻيون قلمبند

ڪيون اٿس. بعضي ڪي بيت پڻ ٻاهر حاشيي ۾ لکيا اٿس. درستي طور جيڪي پڙهڻيون حاشيي ۾ لکيون ويون آهن، سي گهڻو ڪري وڌيڪ صحيح ۽ سهڻيون آهن. اسان اصل متن توڙي حاشيي ۾ ڏنل پڙهڻين مان ٻنهي کي ڌيان ۾ رکيو آهي، ۽ وڌيڪ بهتر پڙهڻي کي موجود متن ۾ رکي ٻي اختلافي پڙهڻي کي هيٺ حاشيي ۾ نروار ڪيو آهي. حاشيي ۾ لفظ "اصل" مان مراد آهي ته اصل متن يا حاشيي واري صورتخطي ان ريت آهي. ڇپيل متن توڙي حاشيي ۾ جيڪڏهن اسان ڪو لفظ وڌايو آهي ته ان کي چورس ] [ ڏنگين ۾ رکيو ويو آهي.

نسخي جي متن ۾ ڪن لفظن جي هيٺان ڪاتب يا ڪنهن ٻئي، انهن لفظن جون فارسيءَ ۾ معنائون لکيون آهن، جن مان جيڪي صحيح يا ڪم واريون آهن تن کي اسان هيٺ حاشيي ۾ فارسي واري اصلوڪي صورت ۾ قلمبند ڪيو آهي. مگر بيتن جي انوڪن لفظن مان گهڻن جون معنائون اوٽ تي ڪيل آهن؛ مثلن: "سر مارئي" ۾ "ڇيئن" جي معنيٰ "زياده قدم داشتن بر مطلب" (مطلب تي پڪو ٽيڪ) ڏنل آهي، حالانڪ صحيح معنيٰ سُوري واري ڪاتيءَ جي نوڪ آهي؛ "رڃائي" جي معنيٰ "گوسفند ڪه آن را ريڇه" گويند (گابڙو جنهن کي ريڇه چون) ڏنل آهي، حالانڪ صحيح معنيٰ رڃي (رڍ) جي اُن آهي؛ "ٻاروڙي" جي معنيٰ "لوئي پوش" ڏنل آهي، حالانڪ ٻاروڙي پڻ رڍ جو قسم آهي؛ "گاڏيلي" جي معنيٰ "رسته" آمد و رفت مال چوپايان (چوپائي مال جي اچڻ وڃڻ جو رستو) ڏنل آهي، حالانڪ صحيح معنيٰ آهي "سهڻي هاٿي ڪاتي واري عورت". اهڙيون غلط معنائون اسان نظرانداز ڪيون آهن. ٻيون ڪي معنائون تمثيل جي لحاظ سان تصوف جي رنگ ۾ ڏنل آهن. انهن "لفظي توڙي تمثيلي" معنائن مان جيڪي اسان موزون ۽ مناسب سمجهيون سي هيٺ حاشين ۾ ڏنيون آهن. البت انهن مان جيڪي مشڪوڪ معنائون آهن سي اسان حاشيي ۾ جيئن جو تيئن رکيون آهن، انهيءَ لاءِ ته پڙهندڙ پاڻ وڌيڪ غور ڪري پروڙي سگهي.

هي نسخو حضرت شاهہ صاحب جي بيتن ۽ واين جي هڪ مستقل روايت جو حامل آهي، جا سنڌ جي عام روايت کان عليحده آهي؛ انهيءَ ڪري ئي اهو گمان نڪري ٿو ته هي روايت ڪڇ جي فقيرن جي آهي. هن نسخي جي روايت سسئي جي سُر سان شروع ٿئي ٿي، حالانڪ سنڌ جي عام مروج روايت جي شروعات "سُر ڪلياڻ" سان ٿئي ٿي. سُر سسئي وارو پهريون بيت ("پرتوو پنوه جو جهڙ جئن جهالا ڏي"-الخ) بمبئي ڇاپي ۾ "سُر ڪوهياري جي فصل-۴

جو ٻارهون بيت“ آهي.

هي قلمي نسخو ٢٨٣ ورقن ۾ ٥٦٥ صفحن تي مشتمل آهي. رسالي جا قلمي نسخا جيڪي آڳاٽو بمبئي مان ڇپيا، يا جيڪي هن وقت سنڌ ۾ موجود آهن، انهن جي ڀيٽ ۾ هن نسخي جي متن جي روايت مختصر آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ۾ جملي ٢٨ سُر، ١٨٢٢ بيت ۽ ٨٦ وايون شامل آهن. رسالي جي ٻين قلمي نسخن وانگر، هن نسخي ۾ پڻ حضرت شاهہ صاحب کانسواءِ ٻين شاعرن جا بيت پڻ شامل آهن. ڪي ٻہ- ٽُڪا بيت غالباً قاضي قادن يا شاهہ ڪريم جا آهن، جن بابت وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. ڪن بيتن ۾ شاعرن جا نالا (لاکو، ڏنو وغيره) موجود آهن. تمر فقير جي ڪن بيتن کي هن نسخي ۾ خاص عنوان ذريعي نروار ڪيو ويو آهي. [1] سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هن نسخطي جي جامع ان کي ”رسالي“ جي بدران ”بياض“ ڪري سڏيو آهي، جو بالڪل مناسب آهي. ”رسالي“ جو هر نسخو بذات خود ڄڻ ”بياض“ آهي، ۽ فقط اهڙن مختلف بياضن کي ڀيٽڻ سان ئي ”رسالي“ جو مستند متن تيار ٿي سگهندو.

جيتوڻيڪ هيءُ نسخو بالڪل صاف ۽ سهڻي صورتخطي ۾ لکيل آهي، مگر املاء جي اختلاف سببان متن کي صحيح طور پڙهڻ ايترو آسان نہ آهي. اسان ڪافي محنت ۽ ڪشالي سان متن کي درست ڪري بيهاريو آهي، مگر تنهن هوندي بہ ڪي پڙهڻيون مشڪوڪ رهجي ويون آهن، جن ڏانهن اسان هيٺ حاشيئن ۾ اشارو ڪيو آهي تہ ”اصل ائين“ لکيل آهي، انهيءَ لاءِ تہ پڙهندڙ پاڻ وڌيڪ غور ڪري پروڙي سگهي.

خادم العلم
**نبي بخش**

سنڌ يونيورسٽي
حيدر آباد سنڌ
28- رمضان سنہ ١٣٨٩هہ
٩- ڊسمبر سنہ ١٩٦٩ع

[1] ڏسو ص ص 117 ۽ 136

# اول سر ود سَسُئي

بياض سنڌي تصنيف زبدة الواصلين شاهہ عبداللطيف رحمة الله عليه

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

**بيت** (١)

پَرتَوو پُنوهَ جو، جُهڙ جِئَن جهالا ڏي ❶
آءٌ تِنه آرِيَ کي، وتيو راهہَ روئان گھٽو.

**بيت** (٢)

پرتوو پنوه جو، کين چانئِي کين اُسّ
قريباڻي کُسّ، آهي کَرَ ٻکَرَ رِي.

**بيت** (٣)

پرتوو پنوه جو، رُڳيَائي راحتَ
پايان ڏيهُ پَوارِهُون، ساجَن لئي صحتَ ❷
مِتي مصيبتَ، آهي آريَ ڄامَ جِي.

**بيت** (٤)

پرتوو پنوه جو، سَهائي سيَاهُ
مُنهُ ڏيئي مون آئيو، رنَگارنگي راهُ
پِهرِين ڏيندا پاهُ، پوءِ رڱيندا رنگ ۾ ❸

**بيت** (٥)

آءُ اوراهُون سُپرين، وچ مَ اڳاهُون
تَڪِي ڪٽي ترنَ ۾، ٻاڪارِئون ٻانهون
دردَ جيون دانهون، مون مارينديون، موٽ تون.

**بيت** (٦)

---

❶ اصل متن ۾ هن ست آڏو هيءُ عنوان حاشيي ۾ ڏنل آهي : ”آبري سسئي“

❷ اصل، ”پائيانہ ڏيهہ“. پوارهون=برگشتہ و مهيب

❸ اصل. رنگندا.

آءُ اوراهون سُپرين، وچ مَ پيّ پرَي
مون ڏني، مون وسهَو، وِرِچي تانَ نہ ورَي[1]
ڏارانُ منهَ مريَ، ڏُکيَ جيَ ڏيکارين.

بيت (٧)

آءُ اوراهون سپرين، پرين وچ م پِيّ
موٽُ، مرنديسِ چپرين، تون جِيارو جِي
هوتَ! مَ چڏج هِيّ، پنوه! پيادي پنڌ ۾.

بيت (٨)

آءُ اوراهون سپرين، ڏکيَ ڏيج مَ ڏاگهہُ[2]
وتِ چڏي مون واگهُہ، آري! وئين عشق جو[3]

بيت (٩)

آءُ اوراهون سپرين، ڏُکيَ ڏاگهہ مَ ڏيج
پيهي کَرِ، پچيج، هوتَ هَلاوَتَ نہ ٿيي.[4]

بيت (١٠)

ولاڙئو وَٽين چڙهي، کين جو ڏنائين،
مَوتُ مارِيائين، پانُ تَهِين جيَ پُٽِ ۾.

بيت (١١)

ولاڙئو وٽين چڙهي، رَئي پَسيو ٿي روءِ،
وَچان جو وچُ پوءِ، سو کَنهِ پَرِ کَهِي لاهِيَان.

بيت (١٢)

ولاڙئو وٽين چڙهي، اُوچَنِ متي اَجّ

---

[1] حاشيي ۾ بي پڙهڻي "ائين وسهو"
[2] ڏاگهہ=1. داغ (2)معروف که در آتش آن سوزند. (3) واگهہ =1. کلان بلا و شير 2. زنجير
اصل "وه عشق جو"
[3] اصل صورتخطي: "کر"
[4] اصل "حلاوت" جنهن جي هيٺان لکيل "هلاکت"

لالڻ ڪارڻِ لڄّ، باسيائين َ بردارِ جِي.[1]

**بيت**(١٣)

ولاڙئو وٽين چڙهي، ڏِئو پَتوري لانگَ
سسئي مور پَچن جئن، تارِيَ تارِيَ چانگَ
ڪانڊِي ٽيندَسِ ڪانگَ، هوءِ جي روڏَ[2] رُڄُنِ جا.

**بيت**(١۴)

ولاڙئو وٽين چڙهي، ڳجهُن ٽِيندي ڳاهُ
سسئي سُوريَ چاڙهيَو، پريان لئي پساهُ
هوءِ مرون، هِي ماهُ، ڪينَ ڪميٽي رکيو.

**بيت**(١۵)

ولاڙئو وٽين چڙهي، پَسو سَگهَہ سندياس
آڏيَ وِجئو آڪِڙي[3]، نڪو پيءُ نہ ماس
سوئِي سو سيٽاس، پَري پَڙاڏا ڪري.

**بيت**(١٦)

پَري پَڙاڏا ڪري، اوري نہ آهي
ڪمترِ ڪا ڪاهي، پَهُچي هِنَ پَتِي ڪي.

**بيت**(١٧)

اُوءِ ڪمتر ڏسجنِ ڪٿهين هُوجي پُنُوهَ پيارِيُون
اُيو ڪري اُن ڪَي[1]، پاٽا جَتُ زَاريون
ڏِڪيُون جي ڏَاريُون، تہ آرِي عاجُزُ اُنَ جو.[2]

**بيت**(١٨)

---

[1] حاشيي ۾ بي پڙهٽي: "بردار ڪي"
[2] اصل، "روڄ"
[3] اصل. آڪري
[1] اصل. اُنڪي
[2] اصل. صورتختي بالڪل ائين. هيءُ بيت حاشيي ۾ لکيل آهي.

ڇَپَرَ اوتارا ڪري، سـبـينـدي تـي مِـروُئَـنّ
جيڪي ڇيس جيڏين، سو نہ ڪيائين ڪَنِ
معـذورِ مَـرَنُّ مَـنّ، ڪيچينِ لئي قبولئو.

**بيت**(١٩)

ڪئائين ڪيچين لئي، جُسو جَلاوَتَ
ڇڏي پيتي ڇَپَرين، هاري سَـپِ حُجَتَ
هُئِي نماٽي نِسَتّ، پر پنڌُ وڌائين پاڻَ تي.

**بيت**(٢٠)

ڏُکـيَ ڏورڻُ پـاڻ تـي، ويـچـاريَ وڌو
ڏيلُ تِـنهن جو ڏُکَ سين، سيوئي سَـڌو
هُـئـڙَسِ اڳ لِـڌو، پوءِ تـي ڪري پـنـڌڙا.

**بيت**(٢١)

ڏکَي سـنـديون ڏونـگرين، آڏيَ آھون پُون،
مُئي پـڄـاڻان مُـنـڌَ ڪي، روڏَ رُجُن ۾ رُون ❸
پُوڙِئـا ايهن ڇُونِ، تہ مُئِي اَسان ڪي مارِيو.

**بيت**(٢٢)

ڏکُيَ سَـنـديون ڏونـگرين، اوچـگارون اَچـنّ
هَٽِي سانـگِ سسئيَ، ڪيِ ڪَلِوَ ڪِئو ڪيچينِ
جي هـتـان هوتَ مرنّ، هوتُ تَنِين جي هنجَ ۾.

**بيت**(٢٣)

ڏکيَ سـنـديون ڏونـگرين، پَسو پـٿرن پُونَ
ڏاري جو ڏُونـگَـرَ ڪي، سو ڪِين ڇَپيو ڇُونَ
آريَ جـي افـسوسَ ۾ ماڙهُون مِرون رُونَ
اِنَ پَر سيئي هُونِ، هِيانَ جَنِ هَـڄِي وِئا.

❸ اصل. ”روڄ رجن ۾ رون“.

**بيت** (٢٤)

لَڳِي ڪوسو واءُ، لوڪُ مڙوئي لَهسئو
اَيَنِ مَنجها آئيو، هَي هَي جو هُڳاءُ
طَيُورَن تَوَارِئو، مَرڻَ پُڇاڻاءِ
رَسِئو سُورُ شَبَانَ کي، وُحُوشَنّ وَتاءِ
مِروئن موتُ پرائيو، اَپّر افسوساءِ
بَرَ پُڻَ ڪَنِ بُڪاءُ، آرِيَ ڪَي اُڪَندِئا.

**بيت** (٢٥)

رُجُنِ ۾ رَڙ تي، ڪَرَ سارنگيَ سازُ ❶
اِيُ عِشقَ جو آوازُ، ماڙهُور رَڪَنِ مُندَ تي.

**بيت** (٢٦)

رُجُن ۾ رَڙ تي، ڪَرَ ڪَرڪي ڪُونجَ
نَعرو منجهہ نِڪُونجَ، اِي تان آهَ عِشقَ جي.

**بيت** (٢٧)

رُجن ۾ رَڙ تي، ڪَر ڪوئَلَ جي ڪُوڪَ
وَلوَلو ۽ وُوڪَ، اِيَ تان آهَ عشق جي.

**بيت** (٢٨)

رُجن ۾ رَڙ تي، ڪَرَ چَتونءَ جي چانگارَ
اِي عشقَ جا اُپَڪارَ، نَعرو آهي نينهَن جو.

**بيت** (٢٩)

آءٌ نہ گَڏِي پِريَ کي، تورا ڏينهَ تِئا
راتين روزَ وِئا، عَبَثُ آرِيَ ڄامَ ري.

**بيت** (٣٠)

آءٌ نہ گَڏِي پِريَ کي، جوينُ وئو جاڙَ

❶ اصل. "رنجُن ۾" (هن بيت ۾ توڙي هيٺين ٽن بيتن ۾)

مـون مُـنـِيَ ڪـان نـہ ٿِـيـي، وَڏَ پَـڻَ مـنـجھـہ ولاڙَ
عُـمـرِ سَـــپِ اَوازَ، ويـيَـمر ٿِـي واڪـا ڪـريـاَن.

**بيت** (٣١)

آءٌ نــہ گَـڏِي پِـريَ ڪـي، عُـمَّـرِ تـان ويـئـي
ولِـهيَ ڏينـهن وِجـائـيـا، سـرتـيـون سـپـيـئـي [1]
پـيـرِيَ ۾ پـيـئـي، اڪـيـون آرِيَ ڏي ڪـٽـان.

**بيت** (٣٢)

آءٌ نــہ گَـڏِي پِـريَ ڪـي، پـويـون ٿـئـو پسـاهُ
سِـــڪـانِ ٿـي سَـــڪَـراتِ ۾، رويـو پـچـان راهُ
شَـــالَ مَ وِجـي ســـاهُ، پَسَـــڻَ ڏاران پِـرّيَ جـي.

**بيت** (٣٣)

آءٌ نــہ گَـڏِي پِـريَ ڪـي، آيــو عــزرائـيــلُ
جـوراٽـي سِــيـن جـيـڏيُـون، نـہ ڪـو قـال نـہ قِـيـلُ
آيــو مــوتُ دَلـيـلُ، مـاريــنـدو مُـرادَ ڪـان.

**بيت** (٣٤)

آءٌ نــہ گَـڏِي پِـريَ ڪـي، مـــٿـان آيــو مــوتُ
مـون وِاجـهـيـنـدَي وَرِهَ ٿِـئـا، هَـي نـہ گَـڏِئـو هـوتُ
جـيـڪُـسِ ٿـيـنـديـسِ فـوتُ، فـنـا هِـنَ فـراقَ ۾.

**بيت** (٣٥)

آءٌ نــہ گَـڏِي پِـريَ ڪـي، هِـيُ پـڻ ڏيـنـهُ وئـو
مُـنـيَ مـوتُ ٿِـئـو، پِـيّ پِـيَ ڪـري پـنـڌ ۾.

**بيت** (٣٦)

آءٌ نـہ گَـڏِي پـريَ ڪـي، سَــهسـيــن ســـجّ وئـا
هَـلـڻَ ويـرَ هـئـا، ديـڪـي شـــالَ دَمُ ڏِيـان.

**بيت** (٣٧)

[1] اصل. وِلِيهَ

پَسَڻَ ڏاران پريَ جي، جهَلي تان نہ رَهان
اَپَر عاجُزُ آهيان، لالَڻُ جان نہ لَهان
فَردا مون قَتي ڪِي، وعدي ڏي نہ وَهان[1]
صَباحَ سِي نہ سَهان، خاهِ مِڙين خاه مارِيين[2]

**بيت**(٣٨)

فَردا مون قِتي ڪي، نَقدُ ڪنيو نارِ
هِي جا واڳ وِلهيَ جي، ويرَمَ ڏي مَ وارِ
جيڪي مُنِي مارِ، جيڪي ميڙِ مُنيَ ڪي.

**بيت**(٣٩)

جيڪي ميڙِ مُنيَ ڪي، جيڪي مُنِي مار
ڏُڪِيَ ڪي ڏيڪارِ، هيڪَرَ هوتُ اکين سين.

**بيت**(٤٠)

مُنِي تِي مُدَّعا گُهري، موت تِئو موجودُ
اَچين تہ اڄ ڪريان، صَباحَ جو سُجودُ
جيڪي نِي وُجودُ، جيڪي ميڙِ مُنِيَ ڪي.

**بيت**(٤١)

جي سِجهائِي سِڪَ، تہ پُڻ سِڪِي سِئِي
پِيتائِينِ پُنوهَ ڪي، هَڏِ نہ پَگِس هِڪَ
اَنَ تَڙَ مَنجها تِڪَ، ڏِنِي پاڻُ اُجَ تِئِي.

**بيت**(٤٢)

مَحبتَ جَنِي مَنَ مِ، تَنِ تِشنِگِي تارِ
پِي پيالو اُجَ جو، اُجَ سَيِنِ اُجَ اتيارِ
پُنُوهَ پاڻَ پيارِ، تہ اُجَ سين اُجَ اُجهائيان.

---

[1] اصل. ”لوهان“
[2] اصل. ”خاه مر خاه ماري“

**بيت** (۴۳)

مَحبت سندو من ۾، پُر پيالو جَن
پيَنِ پَرچا ناھ ڪو، ڪنھ جَنھ ڏاھ ڏيَنِ ❶
جَنھ نُھايت ناھ ڪا، تنھ سُچا سُچ وَڃنِ ❷
تيلاھَ اُڄ مرنِ، سدا سائرَ سِيرَ ۾.

**بيت** (۴۴)

سدا سائرَ سِيرَ ۾، اندر لھي نھ اُڄَ
پَسَڻُ جو پرينِ جو، سو سيائي سُڄَ
تيلاھَ لھي نھ اُڄَ، سدا سائرَ سِيرَ ۾.

**بيت** (۴۵)

ساجنَ ڪارڻ سڄَ، مَرُ قبولي سسئي
اندرِ جني اڄَ، پاڻي اُڃئو اُنَ ڪي.

**بيت** (۴٦)

پاڻيَ متي جھوپڙا، مُورکَ اُڃَ مَرَنّ
دَمُ نھ سڃاڻنّ، دانھون ڪَنِ مُتنِ جِئن ❸

## وائي

تَنَ مَنَ منجھ تَوارَ، هو يارَ سَدا آھي سِڪَ جي- وو...
تئن چُٽَڪَنِ چتَ ۾، جئن سَاگھندِي لاٽَ
لڳي اڄ اڪينِ ڪيِ، سِگھو موٽ ستارَ
پَسَان ڪينَ پريتڙُو، ڪاڏي پرتِ پچارَ ❹
بَنديَاڻي ينيورَ ۾ آھِيان تو آھارَ
مون ڪي ڇڏ مَ ڇَپَرينِ، آرياڻي آڌارَ!
ڏِيَا خيزَ خِزَانَ ۾، بي تو منجھِ بھارَ

---

❶ اصل. پين پر پرچا ناھڪو ڪه جه ڏاه ڏين
❷ اصل. جه، ته
❸ دمبدم ميخواهند وليز شناخت دم لدارند.
❹ پريتڙو=محبت

مُضــرتَـا مــون کــي ٿِــئـا، حــڪــيـمَـنِ هــزارَ ❶
دوا آهــيــيــن دِل جِــي، وَارُو واقــف ڪــارَ
آڻــي ڏي عَــلِــيــلَ کَــي مَــعــجُــونُــون مــوچــارَ
آهــي عــبــدالــلــطــيــف ڪــي، تُــنــهــنجِــي پِــيّ پَــچــارَ.

**بيت** (۴۷)

آتَــڻُ اورانــگــهــي وئــا، پُــنــيَ تــوڏن تــاڻ
ويــهُــه مَر مُــنــدَ يــنــيــور ۾، هُــنِ پُــڄَــنــدِيــنَ هَــاڻِ ❷
رائــي مــنــجــهِــه رهــاڻِ، هَــلُ تــہ تــيــي هــوتُ ســيــن

**بيت** (۴۸)

تَــڻُ اورانــگــهــي وئــا، آءٌ تــي مَــران مــاءِ
پِــڻُــون تــيــنــديــس پــيــرَ تــي، هَــي هَــي ڪــري هــاءِ
جِــيَــڻُ مــون نــہ جــڳــاءِ، گُــنــگَــنِ تــان گــوشــو ڪِــئو. ❸

**بيت** (۴۹)

آتــڻُ اورانِــگــهــي وئــا، پَــارِي چِــڏِي پــوءِ ❹
آريــچــا اُتــن تــي، هــيَ تــان جَــڏِي جــوءِ
ڪِــين هَــلِــي، ڪــين هَــتُ ڪــٽِــي، ڪــين رَڙِي، ڪِــين روءِ
ڪَــو پــريــان ڪــي چــوءِ، تــہ مُــتــيَ مــاتــمُ آئِــيــو.

**بيت** (۵۰)

آتَــڻُ اوُرانــگــهــي وئــا، ڪــري ڪــمــيــٽــي ڪــيــئــن ❺
هــاڻِ گُــهــرجــي هــيــئــن، جــيــئــن ڏجــي بــاهِــه يــنــيــور کــي.

**بيت** (۵۱)

هَــلــنــدي هَــاڙِي مَــٽــيــن، ڪَــرَڻُ ڪــوهَ پِــئــامِ ❶

---

❶ مضرتا =ضرر ڪننده.
❷ اصل. پڄندي. حاشيہ ۾ بي پڙهڻي: هن پڄاڻا هاڻ.
❸ حاشيہ ۾ بي پڙهڻي: پرين تاپاسو ڪئو
❹ پاري =1. ”پاره اي تنها“ 2.عيب دار.
❺ اصل. ڪيَّ. هيَّ
❶ اصل. ”هارو مري“.

اَرڏا آرِي ڄـامَ ري گُـونـدَرَ گُـذرئـامِ
لـڪَيُون لَـڪَ، لطيف چئي، اورانگَھڻُ آيـامَ
پُـرَڻُ پُـنُـوهَ پُـٺِ ۾، اِيَ سَـعـادَتَ سَـنـديـامَ
مَـتِـسِ ڪَـمّ وِڏامِ، وِهـان تـان نـہ وَسُ پـِئـو. ❷

**بيت** (٥٢)

هُوءِ اوچنَ سِـر اُتِنِ تي، هي پَـنـدِ پـچـاڙيَ پوءِ ❸
لـيڙن رِيءَ، لطيف چئي، ڪيئن ڪرينـديسِ ڪوهَ
اڳيـان رائو سُـڄي روهه، وِهـان تـان نـہ وَسُ پِئو ❹

**بيت** (٥٣)

هَلندي هاڙهي مَٽين، سِـسـي ڏيـنديسِ سـاھُ ❺
لَـڪـنِ تـان، لـطـيـف چـئـي، پـاري نِـيـمُ پـاهُ ❻
ڪـنـدو پـاجـهَـہ اللهُ، وهـان تـان نـہ وس پـئـو.

**بيت** (٥٤)

هلـنـدي هـاڙهي مَٽين، گُسـان تـا مَ گسـان ❼
لـڪـنِ تـان، لـطـيـف چـئـي، رِڙهـي مـانَ رسـان
پـنـوهُ شـالَ پَسـان، وهـان تـان نـہ وس پـئـو.

**بيت** (٥٥)

پـائِي حـالَ هَلِي وئـا، آءٌ ڪِنه ڪي سُـور سُـلان ❽
ڪـٽـئـو لَـڄَ، لَطيف چئي، لَـڪـنِ مـنـجهـہ لُـڇـان
پـانـڌي ڪـيـر پُـڇـان، وهـان تـان نـہ وس پـئـو.

❷ ٻي پڙهڻي. وس ٿئو.
❸ ٻي پڙهڻي. اٿن سين.
❹ ٻي پڙهڻي: وس ٿئو.
❺ اصل. ’هارو مري.
❻ پاه=مخ و قوت جسم
❼ اصل. ”هلندي هارو مري کسالہ تا مکسالہ“
❽ اصل. سلان.

## وائي

مـعـلـومُ حـالُ حَـبِـيـبَ، مون کي دَردُ حَبِيبِي وو
مون کي دردُ جَدِيدِي وو، مون کي حُبّ حبيبي وو
معلوم هوتَ حبيبَ، مون کي درد قـديمي وو
١-آلُـودِي آزار کـان، تـو رِيءَ تِـيَـسِ، طـبـيـبَ
٢-شَــادِي ڏيـين صِـحّـتَ جي، غَمِي لاهِ غريـبَ
٣-کـاهـل آهـيـان کُـو ڙِي رَسِــي، لاهِ رقـيـبَ
٤-حـاذِقُ آهـيـن هِـن جـو، اَچِـين شَـــال عجـيـبَ
٥-آهِيـان تي آهون کريـان، نَعري منجهہ نصـيـبَ
٦-دوا آهـيــن دِل جـي پُـچ پُـچ رَهـيَـان طـيـبَ
٧-الا عـبـداللطَيف کـي، کـوڙيـيـن لاءِ قـرِيـبَ.

### بيت (٥٦)

جَـتَ هَـڏهن هُـت، مونِ هـت هِـنيَـڙي ۾ حَـلّ ٿـئـا
ڇَـنـگُـلَ جَـنِ جـا ڇُـوڦَڙا، راحـت تَـنِ جـي رُتِ
گُـنـگَـنِ جـي گُـفـتِ، ڇـيـڙي وِڏِيـس ڇـپـريـن.

### بيت (٥٧)

اَلا اَچَــن اُوءِ، جَــن آئــي مَــنّ سَــرَهــو ٿِــيــي
پَـســان مـانَ پر کَـهـين، تَـنِ جَـتـن سـنـدي جُـوءِ
لنگهي لَـڪ لطيف چئي، شَـال سُـٽيـان هوتن هُـوءِ
بـوتـي ۽ بـلـوچ جـي، رڙهـان پَـسِـئـو رُوءِ ❶
گـوليِ تِـئـان گُلُـبُـوءِ، جي سـجـاڻـان سـات ڏٽي.

### بيت (٥٨)

کـيـچـان آيـو قـافِـلـو، ڄـامـنِ سـنـدو ڄـامُ ❷
پَـسـنَـدهِـيـن پُـنـوهَ کـي، اکُـيـنِ کِـيـو آرامُ

---

❶ بوتي=شتر
❷ اصل (هن توڙي هيٺين بيتن ۾): آئيو

نـاتَـر چـايـان نـامُ، جي مـون نـئـو پـاڻ سـيـن. ❶

**بيت** (٥٩)

کـيـچـان آيـو قـافـلـو، طَـرَحَ مـوچـارِيَ تـوڏَ
سـينگـاريـائـون سـيّـدُ چـئـي، کَـرَھـا مَـنـجـھـا کـوڏَ
لـکُ لَـھـي ٿِـي لـوڏَ، ڄِـيـجـان تَـن جـتـن جـي.

**بيت** (٦٠)

کـيـچـان آيـو قـافـلـو، راتِ مـوچـارِيَ رُوءِ
پـسـان مـانَ پَـر کـھـيـن، تَـنِ جـتـنِ سـنـدِي جُـوءِ
گـولـي ٿـيـان گـلـبـوءِ، جي مـون نِـئـو پـاڻ سـيـن

**بيت** (٦١)

کـيـچـان آيـو قـافـلـو، پَـلـيـرو يَـائـيـان
پَـٽـي جـا پـيـرن جـي، لِـڱَـنِ کـي لائـيـان
چَـنـبـيـلِـي چـائـيـانَ، جي مُـون نِـئـو پـاڻَ سـيـن.

**بيت** (٦٢)

کـيـچـان آيـو قـافـلـو، جُـنـگَ سُـونـھـارِيَ جـوڙَ
ٿَـلـيَـارا تـوڏن کـي، ڳـچِـيَ سـونـھـن مـوڙَ ❷
دولَـتَ چـائـيـان دَوڙَ، جي مـون نـئـو پـاڻ سـيـن. ❸

**بيت** (٦٣)

نـکـو کـيـچُ پـنـيـورُ، نـکـو مـائـٽُ مُـنـڌ جـو
ھـورُ مِـڙوئِـي ھِـنَ کـي، ھـوتِـنِ کـونـھـي ھـورُ ❹
زارِيَ ڏاران زورُ، ھَـلـي کـو نـہ حـبـيـب سـيـن.

**بيت** (٦٤)

---

❶ اصل (ھن توڙي ھيٺين بيتن ۾) لھو. ناتر=ڪنيزڪ. ھن بيت آڏو حاشيہ ۾ ”ديسي“ لکيل آھي.
❷ اصل ٿل يارا: ٿل= جرس. ٻي پڙھٽي ”تن يارا“ (=تٽيارا= چڪيل؟)
❸ دولت =ٻانھي. دور=ٻانھي
❹ ھور=درد

مَـهـنـدِ مُـحـتـاجـي ڪـري، حُـجَّ وِجـائـي هَـلُّ
عُـذرِ خَـاهيُون عـاجزُيُون، سَـسـئي ڪَـنـهِ مَ سَـلُّ
ڏونـگـرُ ڏورَڻُ ڏاڪـِڙو، اُت لَـنءُ رِيءَ ڪـنـهِ لَـلُّ
اِيُ پلائِي جو پَـلُّ، جئَن پـاسـي ٿِيَڻُ پـاڻَ ڪـان.[1]

بيت(٦٥)

مـهـنـدِ مـحـتـاجـي ڪـري، پُـنـيَ پـيـرُ ڪـٽـيـج
ڪُـٻـيـلِـيَـاٽـي ڪـيـچَ ڏي، حُـجَّ مَ هَـلائـيـج
اوڏي عَـزازيـلَ ڪـي، ويـجـهي تـان مَ وهـيـج[2]
پَـاٽـان ڏارَ پـرِيـتَـٽُـون، سـسَـئي سَـاڻُ ڪـٽـيـج
نـا اُمـيـدِي نَـيـج، تـان اوڏي تِـيـن اُمـيـدَ ڪـي.

بيت(٦٦)

تَـڪُ تـہ تِـيـن تَـاءِ پَـهُـتـي ڪَـا نـہ پَـنـڌُ ڪَـري
سـي لالَـڻَ هَـيُـون لاءِ، مَـنجـهـا حُـجَّ هَـلـِن جي.[3]

بيت(٦٧)

ٻـيـلِـيَـاٽـي ٻـروچَ، ڏِنـي سـڪَ سـسـئـيَ ڪـي
لـوڪَ وِچـائـيـن لـوچَ، پَـهُـچـائـي پُـنـوه ڪـي.

بيت(٦٨)

هوريَن هـاڙهو لنگهئو، ڳوريون پـاسـي ڳـوٺَ[4]
ڪـيـچ تَـنـي ڪـي ڪـوٺَ، ڪِـيـنَ جَـنِـي جِـي ڪـيچ ۾.

بيت(٦٩)

هوريَن هـاڙهو لـنـگـهـئو، مُـنِـي موسَـتُ ڇَـڏ[5]
لَـنءُ سِـيـن اُتـي لَـڏَ، ڪِـيـنَ رَسَــاٽـي ڪـيـچَ ڪـي.

---

[1] پاسي ٿيڻ پاڻ ڪان =نابود شدن و فنا شدن.
[2] ٻي پڙهڻي: مَ وجيج
[3] هيون لاءِ=براند
[4] اصل "هورن هارو لنگهئو ڪوري پاسي ڪوٺ". هورن=سبکها
[5] موست=بهانہ.

**بيت** (٧٠)

هوريَن هاڙو لنگهئو تِيُ جَريدِي جوءِ
هُوندِ جَنِي کي هوءِ، هوتُ نہ هوندو تَنِ کي. ❶

**بيت** (٧١)

نَکا هِتي نہ هُتِ کا، ڳورِيَ سندي ڳالِ
کِينَ پهُتي مَالَ، حَال پهُتي هوتَ کي.

**بيت** (٧٢)

ڏُکي ڏَمَر ناهِ، بُکِي کَلَ نہ اُچَهي
اُگَهاڙِي وِيهاءُ، وِئو وِرُوهَڻُ وِسرِي. ❷

**بيت** (٧٣)

اديون وَرُ اُگَهاڙَ، ويهَاءُ جنه وسارئو
جيڏيون چَڏي جاڙَ، سي نَنگيون ڻِي نِڪرو.

**بيت** (٧٤)

سي نَنگيون ڻِي نڪرو، پَرهَڻَ چَڏي پوءِ
سامَهندِ مِڙنا هوءِ، کَهي جا کِينَ کَٽي.

**بيت** (٧٥)

کهي جا "کِين" کٽي، پريَ پهتي سا
وِهي ويڙهجي جا، وَصلَ تِنه وجائيو.

**بيت** (٧٦)

وِصلُ تِنه وجائيو، جا سِيندِ سُرمي سِيئن
اُوءِ لُوتِي ليلان جيئن، جا مٽئي کي مِٽُ کري. ❸

**وائي**

---

❶ ٻي پڑهڻي: تن سين.
❷ ٻي پڑهڻي: وئو ويچاري وسري.
❸ ٻي پڑهڻي: مٽيو جنه مٽ کيو.

وِهُمَر واتَ ورڇي، هو الا ميان! جي ڪَهنديئن تي لَهنديئن

١-پِيرَ پَتائِين ڪُونئرا، رائي ڪِئڙِس رَڇي
٢-مُنهُ ڪر مَعذورين ڏي، پُنوهَ ڄامَ پَرڇي
٣-ڪَني اڇي ڪا ڪَهي، ڪني اڇي ڪا ڇَئِي
٤-امُلَ پائِيَان اُنَ کي، ساڄَن مون کي جا ڇِئِي
٥-وِندُرَ واتِڙيَن ۾، ڪانڌي ٿِيندم ڪيڇِي.

## وائي

خوبي منجهہ خِفَتَ، اي دوست دِقَتَ،
آهي عبداللطيف کي

١-هِجي ڪريان نہ هيجَ کي، مطالع محبّتَ
٢-مدح مُنهان نہ ٿئي، سندي سُورَ صفتَ
٣-پريان جي پستانَ جو، فاقوئي فرحتَ
٤-حُزنُ هوتَ پنوهَ جو، رڳيائي راحتَ

### بيت (٧٧)

❶جَفا وارن جَسُّ، جسُ جفا رِيءَ نہ ٿيي
سُڪِن ساتُ وڃائيو، گولي ڇڏِ مَ گسُّ ❷
ليڙن جو، لطِيفُ چئي، ڏونگرِ آهي ڏسُّ
پنوهُ وڃي پسُّ، سِرَ پَرِ هَلِي سسئي!

### بيت (٧٨)

عُمرِ سپ اُڪندَ سين، پنوهُ جي پچنّ
رِيسَ ريزاليون تَن سين، ڪُڄاڙي کي ڪنّ
مارِڳ جي مرَنّ، وڏو طالِعُ تَن جو.❸

### بيت (٧٩)

❶ اصل متن ۾ هن سٽ جي آڏو حاشيي ۾ ”ڪوهياري“ لکيل آهي.
❷ ٻي پڙهڻي: سُتِن ساتُ
❸ مارِگ=رستہ.

وڏو طالعُ توءِ، جئن لَڳِيَن پير پنوهَ جي [1]
سسئي تنه سُتُونَ کي، رويو رويو روءُ
ويٺي هٿ مَ هوءُ، جي هلين تہ هوتُ لهين.

**بيت** (٨٠)

يَايَاڙِي تِي يور، پُٺِيَ کيچين کَکَرا
لانچي لَکَ، لطيف چئي، اُتي ڏونگرُ ڏورِ
رائو مڙوئي رَتَ سين، کارَڻ کانڌَ کَکورِ
جَتُ وڃي تو جور، اُپڙُ تہ اوڏِي تيين.

**بيت** (٨١)

تورَ ويرَمي تيءُ، وڃڻُ ويرمَ نہ سَهي
ڏيئي مَرِج ڏونگرين، جتن کارڻ جيُّ
هَڏِ نہ هوندو هِيُّ، ساهُ پِريان تان صدقو.

**بيت** (٨٢)

هَٿين، پيرين، مُونَڙين، کَهج يَر کَپارَ
متان چوري چڏيين، پريتَڙي پچارَ
توکي سَنَدَ سسئي، سَندِي لَنءُ لگارَ [2]
جي هُونيِئِي هوتَ هزارَ، تہ پارِج کومَ پنوهَ سين.

**بيت** (٨٣)

وهُ مَ منڌَ ينيورَ ۾، کر کو وانکو وَسُّ
چڙهِي ڏادين ڏونگرين، پير پريان جو پَسُّ
ڏوتي ڏيندءِ ڏَسُّ، توکي ٻَاروچَنِ جو.

**بيت** (٨٤)

وهُ مَ منڌّ ينيورَ ۾، کر کو وانکو وَسُّ
جَمَ ورچي چَڏيين، ڳُنگِن سندو ڳَسُّ
ڏورڻِّ مَنجهان ڏَسُ، تيندوءِ هوتّ پنوهَ جو.

---

[1] اصل. "طالع تو"
[2] اصل. "لئي لکار"

**بيت** (٨٥)

وندُرِ وَرَ ڏنامِ، ڪيچين ڪارڻ ڪيترا
ٻَاروچا ٻَاجهہ پَرئا، گوشي هُنَدَ گَڏئام
تہ چيتاري چِيامِ، سڀ عرَض پانهجا اُنِ ڪي.

**بيت** (٨٦)

آهين ٻاروچا، مون لوڏاين لَڪئا
ڏِنمِ ڏُونگرِيَا، گهورِي هُيسَ جَنِ جِي.

**بيت** (٨٧)

پُڇئونءِ تان پُورِ، ناتہ پڇڻُ هوءِ نہ پرين ڪي
ڏُورَنڱَ واريون ڏُورِ، هَڏِ نہ آهينِ هوَتَ ڪي.

**بيت** (٨٨)

هيڪَليائي هيلَ، پُورِينديَس، پنوهَ ڏي
لتاڙي لطَيف جي، وينديِس سُوريون سيلَ
تہ ڪَر ٻيلِين ٻيلَ، جُهَ سُورَ پِريان جاساڻُ مون.

**بيت** (٨٩)

هيڪلياٽي هاڻ، پورينديس، پنوهَ ڏي
ليڙن سين لطَيف چَئي، پُنديِس، پنڌ پَرياڻ
رُليَ جُلي چِپرين، ڪِنہ پَر لاهيانِ ڪاڻ
آهيان گهٽو اِجاڻ، سُورَ پِريان جا ساڻُ مون.

**بيت** (٩٠)

هِيَ گِسي هيُ گَسُ، هِي پَهَڻُ هيُ پيچَرو
ليڙن جو، لطيف چئي، ڏُونگَرَ ڏِنُس ڏَسُّ
جَڳَ ۾ رهِيسُ جَسُّ، سَڳرِ تي سردارَ جي.

**بيت** (٩١)

دوستُ ڏنائين دِل سين، ورچي تان نہ وهي
لانچئو لَڪَ، لطَيف چئي، پَهڻَ منجهہ پهي
سَندي نِيہَ نِهي، ڪِي سرفرازُ سَئي.

**بيت**(٩٢)

جي سُورَن سِجهائِي، توءِ چِيلهه ٻڌئو چوٽيين چَڙهي
لـڌائيـن، لـطـيـف چـئـي، لالـڻَ لالائـي
سِــڪَ پـنـوهَ جـي سـسـئـي، مـيـري مِـلائـي
ٻَـانـيـڙِ ٻـاڏائِي، هـبِـئـان وارِهـو هَـوتَ کـي.

**بيت**(٩٣)

جي رائِي ڪي رَنجُورَ، ٽَڪَرَ توءِ ٽاڪئو چڙهي
لانچئو لـڪَ، لطيف چئي، هَلي ڏانـهُ حُضُـورَ
رهِـئا ســپِ رِنـجُـنِ م۾، سـسـئـيَ جا سَـالُـورَ
سَـاڄَنُ ميڙِئُس سُـورَ، سُـڪَ نـہ ميڙِئُس سُـپِرِين.

**بيت**(٩٤)

ڏيـڪـارِئُـسِ ڏُڪـنّ، گُـنـدَرَ گَـسُّ پـرِيَـنِ جـو
سُـنهَـائي سُـورَنِ، ڪِي هيڪانـدِي هَوتَ سـين.

**بيت**(٩٥)

ڪَـنـي ڪَـنـي مـاڙهـوئـيـن، گُـنـدرُ وڏِي وَٽُ
ٻَـنـدَي گـوڏِ گَـرٽُ، سَـاٽـو ڪِجي سُـورَ جـو ❶

**بيت**(٩٦)

سَـئُـ سـڪـنِ ڏيـئـي، وره وهَـايـمِ هـيـڪَـڙو
مون ڪي جِنـه نِيئي، پيرَ ڏيـڪـارئـو پِرِيَن جو.

**بيت**(٩٧)

سَـئُـ سُـڪَنِ سـاٽي ڏيـان، سِـرُ پُڻ ڏيـان سـتّ
جَي مون مِڙي مَـٿِ، تـہ وِ رهـُ وِ هـايـان هيڪَڙو ❷

**بيت**(٩٨)

ڏُکَ سُـکَنِ جي سُـونـهَ، گهوريان سـکَ ڏکنِ ري
جَـنِـي جِـي وِرونـهَ، سـڄـڻُ آيـو مـون ڳَـرِي. ❸

---

❶ ساٽو =سودو

❷ مت =متاستا.

❸ اصل="آئيو".

## وائي[1]

هــي جــي هــلــئــا هــوتَ ســـونــهــارا
مــون نــہ وَهــيــڙان پــنــوهَ ســڱــيــٽــان
١.ســـســئي پـڇي ســـاٿَ جا اوطـاقون اوتـارا.
٢-ٿـلـيـون ٿـئـونـرَ هَـيـدِيُـون مَـيَـنِ سـرِ مـوچـارا
٣-آن ڪــي ويــنــدا ڳَــڏِئــا، آريــاڻــيءِ اهــپَــارا
٤-مون ڪي نِيندا پاڻ سـين، ڪـامـلَ ڪُرَ اُجَارا.

### بيت(٩٩)

[2]ڏنـائـون ڏڪـيَ ڪـي، جـڏائـيَ جـو جـامُ
مَـنـگـلُ مـنـهـنجي مـنِ ۾، پارئـو هـوت حَـمـامُ
آرِڳِ ٿـئـو آرامُ، ڪـاڪُـلَ پَـســي ڪـانـڌَ جـو [3]

### بيت(١٠٠)

هـاڻ نـہ جـيـانِ جـيـڏِيُـون زُلـفَ زافُ ڪِـئـاسِ [4]
ڪـاَڪُـلَ آءٌ ڪُـتـيـاسِ، يَـنـيـو جـو يـنـيـورَ ۾.

### بيت(١٠١)

يَــنــيــو جــو يــنــيــور ۾، ڪــاڪــلُ ڏِنــمُ ڪــالَ
هـاءِ تَـنِـي جي حـالَ، زُلـفَ جـي زافُ ڪِـئـا.

### بيت(١٠٢)

دردُ نــہ لــهــي دارُوئِــيــن، زلــفَ ڪِــيَــس زافُ
ڪـاڪـلُ سـنـدو ڪـافُ، مـاري معـذُورين ڪي.

### بيت(١٠٣)

پَــريــنــدهــيــن پــاڻ وئــو، زُلــف زورُ ڏنــوم
ڪَـاڪُـلُ ڪـالَهہ ڏنومِ، رُخســار تي روپَ ســين.

---

[1] هن وائي جي آڏو حاشيي ۾ "حسيني" لکيل آهي.
[2] هن بيت جي آڏو حاشيي ۾ "حسيني" لکيل آهي.
[3] اصل پڙهٽي: "اَرکِ" (=سوختہ).
[4] زاف =ضايع.

**بيت**(١٠٤)

ڪاڪلَ ڪُنـي جا، ڪَفَـنُ تـنـه ڪـو نـہ ٿـئـو
مَـنـجـهَـہ شـــهـادتَ ســـان، لُـڏي ۽ لاڏَ ڪَـري.

## وائي

شـاديءَ جو سينگارُ،

آيَـل، آيـل، مَـرَکُ مُـنهـنجـا پـرين

١-آهـي ڳَـهـہُ ڳَـچـيَ ۾، ڏي هـالُـورا هَـارُ
٢-آهـي اُڳـهـاڙن ڪـي جانِـب جـو جـنـســـارُ
٣-آهـيـن ڪـاڄُ ٻُـڪـئِـنِ جـو، تـون طَـعـامُ تَـيـارُ
٤-اعـلـيٰ اچـو عـيـدً ۾، دوســـان جـو ديـدارُ
٥-حُـسـنَ هوتَ پُنوءَ جي، ڪَـڪـورئو ڪـوهـيـار [1]
٦-سُـجَّ ڪـئـائيـن سُـرَهـي، واسـئـائين وَٽڪـارُ [2]
٧-ڇَـپَـرَ ڇَـٽُـون مُـڪِـيُـون، عَـطـرُ ٿِـئـو آوارُ [3]
٨- ڪـوڙيـيـن ٿـئـا ڪـيـتَـرا نـالـي تـان نِـثـارُ
٩-سَـــدا صَـــلابَـتَ جـي گـولِـي گِـرفِـتـارُ
١٠-گـهـوريـان گـهَـر گـهَـتِـيُـون، اچي جِـئـان آڌارُ.

**بيت**(١٠٥)

جي هَـب نـہ هلڻُ سـڪـئا، سـي جَـڏا ميڙ جَلِيـلَ
لـنـگـهـائـي، لـطـيـفُ چـي، نِـجَـن ڪـيـچ قَـلِـيَـلَ
وســـاري وَسِـــيـلَ، مـتـان مـارَڳِ ڇَـڏِيَـيـن [4]

**بيت**(١٠٦)

پـيـئِـي تِـيـي پـيـمـالُ، ســا مُـنـدَ مَـري نـہ جـيـي
پـوِرِي هِـنَ پَـنِـپـورَ ســيـن، هَـڏِ نـہ ڳِـرَهـي حـالُ
لالـڻَ جـو، لـطـيـفُ چـي، وســـاري نـہ وصـالُ
پـرِي ڪِـجـاهُ پـالُ، هـيَ ڏاهِ ڏوريـنـدِي ڪـيـتـرو. [5]

---

[1] ڪوهيار=نام شهر
[2] وٽڪار=نام شهر
[3] آوار=بيابانَ
[4] وسيل=اي وسيلا. مارڳ =راه و راسته.
[5] ڏاه= پوري.

### بيت(۱۰۷)

اَڌَرَ نِنڊَرَ اَپِرِي، اَوِڳِي اَوائِي
لاڳاپَنِ، لطيفُ جي، مُنڊَ رائِي رَهائِي
ڪا نہ ٿُهاري ٿَڪرين، سَاٽُس سڳائِي ❶
جَلَڻُ جَڏائِي، آري لاه اصِيلِ ڪي. ❷

### بيت(۱۰۸)

اِڌَرَ نندَرَ اَيَرِي، اَسونهين آهيان
لُڙڪَ لالَ، لطيَفُ چي، وَرَ لئِي وَهايان
هيجان هنجون هَبَ ۾، هوتِن لئِي هاريان
جانبُ ضَعيفي سين، پنوهُ پَهايان
پيهان پَچايان، جي مون نِهو پاڻَ سين.

### بيت(۱۰۹)

اَڌَرَ نِندَرَ اَيِرِي، اَسُونهين آئون
چِيتا چورَ چُنجن ۾، بَرَ ۾ بَلائون
مَوتُ پنوهَ پاهُون، متان مُحبَّ مَرِي رَهار. ❸

### بيت(۱۱۰)

اڌر نندر ايري، آئون اَسُونهين
پَرڏيهي پرين ڪِئا مَرَڻَ لئِي مُونهين
سئِي سَاڻُ، سَيدُ چئِي، تَنگن ۾ تُوَنهين
هَارِي ڪِئن هُونِهين، رِءَ سَمرَ سڏُون ڪَريين.

### بيت(۱۱۱)

اڌر نندر ايري، ڪَمِ نہ ڪُنُمَاٽي
سا ڪِئن وهي ويسري، جا گهائن گُهنماٽي ❹
پيئِي پيش پنوهَ جي، اُسُنِ ۾ آٽي
جا لُڪنِ لوساٽِي، سا سيجَ چڙهندِي سئِي.

---

❶ ٻي پڙهٽي: "ڪا نہ ٽوريندي". اصل. سَڪَائي=عزيزاني.
❷ ٻي پڙهٽي: "اسيرتان". ❸ اصل. "بنوهُ".
❹ ٻي پڙهٽي: گهائي گهنُماٽي (اصل-ڪَائي ڪُنماٽي).

**بيت**(١١٢)

سَئُ ڪوهَنِ ڪَرِي سَيَڪَا کُهي ڪَٽج وِڪَ
تَاڙِج منجهان تِڪَ، پَنڌُ پاسي پَرِ نِبرَي.

**بيت**(١١٣)

تَهين وِڪَ ويجهي ڪُي، جا کُهي ڪنيائين
چَڪي چِنائين، پنڌ مِڙوئِي پير سين. ❶

**بيت**(١١٤)

سمهان تان سِرَ هيٺِ، ڪهان تان ڪِيچان پَري
ٻاروچي سين ڏيٺِ، جيڏيون جيهي پَرِ ٿِي.

**بيت**(١١٥)

وهان تان وَٿِ مون، ڪهان تان ڪيچان پري
ٻُلي ڏورِيمَ، ٻُون، عَبَٿُ آرِي ڄامَ ڪي.

**بيت**(١١٦)

اوري آرِي ساڻُ، سسئي ڪينَ سَمُجهيئو
ڪري پيڪ پنوهَ سين، پاڏارِئائين پَاڻُ ❷
ڄَٿِ وِڃايو ڄاڻُ، ٻَانيَڻِ ٻروچنِ سين.

**بيت**(١١٧)

ڪِجي جئن ڪيچينِ لَئہ، تئن تان ڪينَ ڪِيوءِ
وِيَجهائي وِڏوءِ وِڪَ نہ ڪَنيئي هيڪڙي. ❸

**بيت**(١١٨)

ڪِجي پنڌُ پُڇان ٿي، ڪيچنِ ڪارَڻ ڪيئن
بي خود هَلج بَرَ ۾، آءٌ ٿو چوان ائين
سِڪَڻُ ساڄنَ سِيئن، متان مُنِي ڇَڏيين. ❹

---

❶ بي پڙهٽي (حاشيي ۾) ”پنڌ مڙوئي پٻ جو“.
❷ صل قافيا: ”ڪي، ايءَ، سي“
❸ اصل. ”ڪري بيڪ“. پاڏارئائين=رفتن و تاختن-دورانداخته-مشهور شده
❹ اصل. ”ويڇائي وڏوءِ، وڪہ نڪيي هيڪڙي“.

**بيت** (١١٩)

مـتـان مُـتـي ڇـڏيـن، پـاٽـان پـريـتـڙُون
ڪـتُـورِيَ ڪـَٽـون، مَـڙهـي مَـنِـج مُـنـهَـ ۾. ❶

**بيت** (١٢٠)

مـتـان مُـتـي ڇـڏيـن، پـريـتـڙون پـاٽـا
چـاپَـنِ جـئن جـاڙا، تـون تـئن هـوئـج تِـنـهِ سـين ❷

**بيت** (١٢١)

سُـڄَ وَسَـنـدِي تَـنِ ڪـي، جـوشَ جَـلايـاَ جـي
طـالـبَ جـي تـحـقـيـقَ جـا، نـيـنـهُ تَـنـي وَٽِ نـي
تـيـڏِي پَـسـي تـي، هُـو تـاَن آهـي هـيـڪـڙو.

**بيت** (١٢٢)

ٻـيـون ڏيـئـي ٻَـنَ ڪـي هـلـج پـاري هـيـڪَ
وَرُنـ سَـهـي ويـڪَ، تـون تـيـڏِي تِـيـائـيُـون ڪَـريـن.

**بيت** (١٢٣)

هَـلُ تـ هـيـڪـانـدِي تِـيـن، ويـهـي وِجـهُـ مَ ويـرُ
ڏورُ مَ آڃِـج دِل ۾ تـون ڦَـرَنَّ سـنـدو ڦَـيـرُ
تـوٽـي لَـهـيـن نـ پـيـرُ، تـوءِ راحَـتَ آهـي رِڙهـڻَ ۾.

**بيت** (١٢٤)

اجـان تـون اَواٽَ، واٽـان پـاسـي وِپَـسـري
سُـونِـهـيـن تُـيُّ سـواٽَ، تـ مـنـجـهـان دِل ڏُکَ لـهـيـن.

**بيت** (١٢٥)

مَـنـجـهـان پَـئـي پَـرُوڙِ، سَـپَ مَ پُـڇـج، سَـسُـئـي
ويـهـي وَڏِي ڊِڳَ جِـي، ڏُئـي وجـهـج ڏُوڙِ: ❸
تـ تـون مـاٽِـيـن مُـوڙِ، جـي پَـنـدِ اِهـائِـي پـارِيـن.

---

❶ اصل. ڪٿوري ڪن: مري مَنِج مُهَ ۾
❷ اصل. 'چاپن جي جانانہ: تُنَ تِي هرئج تِهس.' ٻي پڙهڻي: تَنِ سين.
❸ اصل، "ڏتي وجهج" ٻي پڙهڻي. "ڊِڳَ تي"

**بيت** (١٢٦)

جيَنَ ڪي جَبَلُ، اُوچو اُتاھُون گھٽُون

مَرَنَ! مون سين هَلُّ، تہ پُٽي تو پير ڪٽان.

**بيت** (١٢٧)

تو سَگُ، ساهُ! ڪٽَنَ سين، جِيَنَ! گوشي جاءِ؛

مَرَنَ! مُون سين آءُ، تہ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪِريان.

**بيت** (١٢٨)

مَرُ تہ مَرين سَسُئي، جيِنَ آڏو جَتَ

هارِي ڪَج همتَ، تہ ڏيئي دَمُ دوستِ لَهين.

**بيت** (١٢٩)

مَرُ تہ مَرين سَسئي، ويهي جِيُّ مَ جوءِ

منڌّ مرٽان پوءِ، پھُچَندِينءَ پَنوهَ ڪي.

**بيت** (١٣٠)

اَجَلان اڳي، سَسُئِي! مُنڌَا! جِئَريائي مَرُ؛

تولِيان تنه مَ تَرُ، جِنه رُوحُ وِڃايو راهَ ۾.

**بيت** (١٣١)

مَرُ تہ مرين سسئي، اجَلان اڳي اڄُ

تہ هُنئين جانڪيتان جيري منڌَ پنيوران پَڄُ [1]

پرِينِ ساڻُ پَهچُ، تہ مَلَڪ المَوتُ مارِيين.

**بيت** (١٣٢)

مَرِي، جيُ تہ ماڻيين، جانبَ جو جَمالُ؛

تِيين هُوندَ حَلالُ، جي پَندِ اِهائِي پارِيين. [2]

**بيت** (١٣٣)

مَرٽان اڳي جي مُئا، سي مَرِي تِيَنِ نہ ماتُ.

هوندا سي حَياتُ، جِيٽانَ اڳي جي جِيا.

---

[1] اصل. "تهنئي"

[2] اصل: هُنَدَ

**بيت** (١٣٤)

جِيَٽان اڳي جي جيا، جُڳ جُڳ سي جِيَن
مُوتي ڪين مرنِ، مرٽان اڳي جي مئا.

**بيت** (١٣٥)

پَر ۾ پُڇي پرينءَ کي، مَري نہ ڄاتوءِ؛ ❶
"مُوتُوا"، مُنڊا! نہ سوءِ، ڪنڊُ ڪِجاڙِيان ڪاتِيين؟

**بيت** (١٣٦)

تو ساماڻي سسئي، مرڻ ڪيو مُردارُ
ڪُپرِ سين ڪوهيارُ، لُوٽي! تو لِڄائيو.

**بيت** (١٣٧)

جانبُ جبلِ ڳوريين، پنوه چڏئو پوءِ
تيلاهين تَنگُون ڪَريين، جيلاهين تون جوءِ؛
ساڄَنُ سُجَ نِهارِيين، ڏُکي! ڏوهُ ڪيوءِ ❷
هاڙهي هوتُ نہ هوءِ، وري پُڇُ ويٺيَن ڪي.

**بيت** (١٣٨)

ڪونہ اُت ڪوهيارُ، جت تو، پوري! پانئيو؛
پَنڌُ مَ ڪَر پَهانڙَ ڏي، وُجُودُ وءِ وَٽڪارُ؛ ❸
ڏارِيا پانئِج ڏارَ، پُڇُ پريان ڪَرَ پاڻُ تون.

**بيت** (١٣٩)

سَپيئِي ساري، سَسُئي! گهرَ ڪُنڊُون تون گهورِ؛
وِجي ڏُورِ مَ ڏُورِ، درا مَنجهہ دوسِتُ تيو.

**بيت** (١٤٠)

دَرا منجهہ دوست تيو، موتي پُڇ پاهين
عَبثُ اڳاهين، وَڃئو ڳوليين ڪانڌ ڪي. ❹

❶ اصل. هُنَدا
❷ اصل. سُنج نهارين
❸ حاشيي ۾: پهانر= نام شهر. اصل. "وجود وئي" (= وجود شما)
❹ اصل. "ڪول ڪاند ڪي".

**بيت** (١٤١)

پَرَ گهـرَا پاسـو ڪري، پڇُ پـريـان ڪَرَ پـاڻَ
سـو تـان توهين سـاڻُ، جنهِ لئي جَفائون ڪريين.

**بيت** (١٤٢)

سـوئِي ڪنيئہ سـاڻُ، سـوئي ڏوريين سـسـئِي
ڪـڏهـن ڪَنـِي نہ ٿـيـو، جُـلـڻَ مـنـجـهـان ڇـاڻَ
پـڇ پِـريـان ڪـر پـاڻُ، تہ تـون تِـئـائـيـن لـهـيـن.

**بيت** (١٤٣)

وَڃِـيـن ڇـو وَٽـڪـارِ هـتِ نـہ ڏوريـيـن هِـتَـهِـيـن
لِـڪـو ڪِـيـنَ لَـطِـيـفُ چـئـي، ٻـاروڇـو ٻـِي پـارِ؛
نـائِـي نـيـڻَ نِـهـارِ، تـو ۾ ديـرو دوسـتَ جـو.

**بيت** (١٤٤)

ڪُـوڙيـون پـچـن ڪـيـچ، هـوتُ نـہ ڏوريـن هِـتَـهـيـن
جَـنِـي پـنـوهَ سـيـن پـيـچ، تَـنِ پـيـرين پـنـڌ وسـارئـو.

**بيت** (١٤٥)

هـلُ هِـنـيـين سـيـن هـوتَ ڏي، پـيـرين پـنـڌُ وسـارِ
قـاصـداڻِـي ڪـارِ، ڪِـيـنَ رسـاڻـي ڪـيـچَ ڪـي.

**بيت** (١٤٦)

هـلُ هـنـيـين سـيـنِ هـوتَ ڏي، پـيـرين ڪَـر مَ پَـنـڌُ؛
رائـي پُـچُ مَ رَنـدُ، رِڙهُ رُوحـانِـي سَـسُـئِـي!

**بيت** (١٤٧)

هـل هـنـيـين سِـيـن هـوت ڏي، ڇَـپَـرِ هَـڏِ مَ ڇُـلُّ
آريـاڻـي اَمُـلُّ، ڪـايـا ۾ ڪـانـڌُ ٿـئـو.

**بيت** (١٤٨)

هـل هـنـيـين سـيـن هـوت ڏي، ڇـپـرِ ڇُـلُ مَ تـون
مـنـجـهـان لـڏو مـون، ڪـوهـيـارو ڪَـيـچَ ڏِٽـي.

**بيت** (١٤٩)

ڪَنُ تِيُ، ڪيچِيُنِ ڪُڇيو، ڪُڇُ مَ، تا ڪُڇَنِ؛
اِشارَتون اُنِ جيون، سُڪُوتان سُڄَنِ؛
وَتان ويهِي تَنِ، سُڻُ تہ سوزُ پرائِيين.

**بيت** (١٥٠)

سُڻُ تہ سوزُ پرائِيين، " آءُ " چيائُون اَڄُ؛
ٻولِي ٻي نہ سِڪِيا، "ياٽا" چُندَءِ "پَڄُ"؛ ❶
واڃي وَٽِ مَ وَڄُ، ٻُڌُ تہ ٻِيائِي لِهي.

**بيت** (١٥١)

ٻُنڌُ تہ ٻيائي لهي، آءٌ اُتِ نہ آهِ ❷
ڪُڇَڻُ ڪڍِي لاهِ، ڪَنُ تي ڪيچين ڪُڇئو.

**بيت** (١٥٢)

ڪن تيُ ڪيچينِ ڪڇئو، ڪُڇُ مَ، ڪُڇيائون
رهِي نہ رتي جيتري، اُنين وَٽِ "آئون"
وڍِي وڌائون، هُو جو وَڻُ هوئڻَ جو.

**بيت** (١٥٣)

ڪڌهن پئجي ڪَنُ تي، ڪڌهن تِيجي واتُ
ڪڌهن تِيجي ٻَڪري، ڪڌهن تِيجي ڪاتُ

**بيت** (١٥٤)

ڪَتارو ۽ ڪوسُ، اَڳِڻِ آرِيءَ ڄامَ جي؛
ڏِيَتَ آهي دوسُ، مارَڳَ ۾ مَيَنِ جي. ❸

## وائي

هَمر سُون سات ڳَيا هي، هم سون يار ڳيا هي ❹
جو ڪُجُھ ڪَرِ نان سو ڪرِ رَهيا وو

---

❶ ياٽان=از هستي.
❷ اصل. "ٻئائي له". ٻي پڙهڻي "لهئي"
❸ اصل. دوست.
❹ اصل. 'ڪِيا هي'

١.مردُ زنان مات ڪيا، لڱنا لوڪُ لِيا ھي

٢.ڪَھي ڪَھِيو قافلو، زَن ڪُون زُود بِيا ھي

**بيت**(١٥٥)

سَڏَ مَ ڪَر سَڏَن ري، ھلَڻَ رِءَ مَ ھلُ؛
جَلَڻُ رِءَ مَ جَلُ، روئڻ رِءَ مَتان روئين.

**بيت**(١٥٦)

ڪر ڪي ڪَڙيان پيرَ، ڪر ڪَڙيان ڪيچَ ڏَٽين ڪي
اي ڏَؤُ ڏيئي ڏيرَ، پاٽان پَراھان وِئا.[1]

**بيت**(١٥٧)

ڪَڙُ پُڻ ڪيچ ڏَٽينِ ڪي، ڪڙ پڻ پيرَ سندان
انَھِين پَرِ اَتانِ، پُنڊِھين مُنڌَ پھاڙَ ۾.

**بيت**(١٥٨)

اڪيون لَٿَ اوراتيُون، ڪنِھ پَر ڪَڙيان پيرُ
لَٿِ لائيندو ڪيرُ، مون جيھِي معذورِ ڪي.

**بيت**(١٥٩)

اَڪِيُون آرِي ڄامَ جِيون، اَنڌِي سين آھين؛
ھُو جي وَرَ ونڌُرَ جا، سي مُون سُنھائِين؛[2]
ڏِسِئو ڏيڪارِينِ، پيشانِي پُنوھَ جِي.

**بيت**(١٦٠)

اڪيون آريَ ڄامَ جيون، آھِينِ انڌيَ ساڻُ
پَسِي ڪنديون پاڻُ، پيشاني پنوھَ جي.

## وائي

مونِ انڌيَ ڏي ايندا، ھوتَ سلامتَ سُپُرين

١.سَڳَ نہ ڪندا سُڪَ سين، سورَ سڳِيٽان ٽيندا

---

[1] ڏؤ=ڏس

[2] ٻي پڙھڻي: وڻ وندر جا.

٢.پَريت نيندا پاڻَ سين، چوري تان نہ ڇڏيندا
٣.پَلَئہ لائي پَهنجي نيہ کي اُتِ نيندا [1]
٤.رکِي ڳُلُ ڳلَنِ تي، نِيہَ نياپو ڏيندا.

**بيت**(١٦١)

ناہِ جَمِعيّتَ جانِ کي، هوتَ پُڄاڻان هانِ:
اَللّٰہَ! سيئِي آنِ، جَن ساءُ چکايُمِ سِکَ جو.

**بيت**(١٦٢)

ناہِ جَمِعيّتَ جانِ کي، هوتَ پُڄاڻان هتِ:
پُنوہَ جي پِرتِ، سَاءُ چَکايُمِ سِکَ جو.

**بيت**(١٦٣)

ناہ جمعيّت جانِ کي، پنوہَ پُڄاڻان
سي مون سِيباڻان، جَنِ ساءُ چکايُم سکَ جو.

**بيت**(١٦٤)

مَحُبُ وَرَ وساريِن، صبرُ نہ سارِيان
توکي نِهَارِيان، آءُ مُهنجا سُپرين.

**بيت**(١٦٥)

آءُ مهنجا سُپرين، توکي ساري ساهُ
آرِي لَڳِ اللّٰہُ، مَحُبُ وَرَ وساريين.

**بيت**(١٦٦)

صَبرَ ۽ شُکرَ کي وِٺي آءٌ ويٺي
ڏکِي سين ڏينِي، کا کِج اچِي کڏهين.

**بيت**(١٦٧)

صبر ۽ شکر کي هَٿِ کِئو مون هاڻ
پَرِيمَ اچي پاڻِ، پَٽِي کَي پچيج تون.

---

[1] اصل. ”نيکي“

بيت(١٦٨)

صـــبـرَ ۽ شـــڪـرَ ڪـي ڪـاڏي آءٌ ڪـنـدي
آھيان جِنه سندِي، سوئِي گھرجي ساڻُ مون.

بيت(١٦٩)

ھَـتـان ھَـڏِ نـہ ڇَـڏِيـان، صَـبـُرُ شُـڪُـرانـو؛
ذَوقُ زَمـانـو، مُـون، وَرَ! وِيـو وِسـرِي.❶

بيت(١٧٠)

سُـڪَـنِ واري سَـڏَ، مـتـان ڪـا مُـنـڌَ ڪـري
انـدر جَـنـي اَڏ، ھـوت تَـنـي جي ھـنـج ۾.

بيت(١٧١)

سَـدائِـتـي سَـيَـڪـا، بُـکَ نـہ بـاسـي ڪـاءِ
جيھيءَ تيھيءَ ذاتِ جي، جُنبَشِ ڪانھي ڪانه جاءِ
مون سين ھلي ساءِ، جا جِيُّ مِنو نـہ ڪَري.

بيت(١٧٢)

نـمـاڻـيَ جـي نِـجُـھـري، روئَـڻ ۽ راڙو
ڪُـتَـلِ ڪـي قَـلـبَ ۾، قُـرب جـو ڪـاڙھـو؛
ھـوتَـنِ لـئہ ھـاڙھـو، رِجـائِـيـنـدِيَـسِ رَتَ سـيـن.

## وائي

ڪـوھِـيـاري جـي ڪـا، مـاريـنـدِيَـمِ مـاءِ!
جـا مـون انـدرِ ڳـالَـھـڙِي
ھـوتَ ھَـلـن، آءٌ وھـان، ڪـر ڪَـا ايَّ جڳَـاءِ
ڇَڙھـان ڏونـگرَ چوٽِيين، سُـپـيريـان جي سـاءِ
نـھـارِيـنـدِيَـسَ نِـڪـٽـيـن، ھـاڙھـو ھـوتـنِ لاءِ ❷
مِـيـان مـون ڪـي مـيـڙِيـيـن، سـنـدي جـانـب جـاءِ
پـانـڌيـڙا پـيـرَ پـري، پـريـان ڪـي پـھـچـاءِ

❶ اصل. ’وَرَ‘
❷ نِڪٽين = بحد اتم.

سسئي جي سِريَ کي اوڏاهين اُٿاءِ
پيرانڊِي پُنوهه جي، مُئي جو لوڙهُ لٿاءِ

**بيت** (١٧٣)

گھورِئو هِيُّ ينيورُ، مون سَگُ ٻاروچَنِ سين
آهي آرِيچَنِ جو ڊِيواني کي دورُ
سندو هوتنِ هورُ، مَرَکُ تِئو معذورِ کي.

**بيت** (١٧۴)

اولاکَن اچِي، معذور کي ماڙهُو کيو ❶
وساريج مَ وَرَ کي، منجها کُر کَچي
لاهي لاڳاپا لنگھہِ تون سيٽَنِ ساڻُ سَچي ❷
سُپَکَ تِي سورَن سين، پَهُچنديَن پَچي
منجها راهَ رَچِي، تِيِنديَن لالَ لطيفُ چئي.

**بيت** (١٧۵)

کيچان اوري کِٿهين، وَڻُ نہ ويساهين
کميني کيچيَن لئي، پورِج پَراهين
تاڻِج تيڏاهِين، وارِج کا مَ وَرَڻَ جِي.

**بيت** (١٧٦)

سَتِ سُورَن جي سسئي، ڏوري ۽ ڏاري
لالڻَ جي، لطيفُ چئي، سهُ سُتِيائِي ساري ❸
پييائِي پنوهَ ڏي، نِرمَلَ نهاري
پِريتڻو پاري، مارَڳَ منجهہ مُنڌَ مُئِي.

**بيت** (١٧٧)

سِجَ اُلَتي سَسُئِي، رَتَ وَرَنو روءِ؛
نہ پَهي نہ پانڊِي کو، جنهن ڳَرَ پُچي لوءِ ❹
مُورِي وِجي توءِ، موڻَڻَ جِي کانَ کري ❺

---

❶ اصل. ”مارو کيو“
❷ ٻي پڙهڻي: ”ڏانهہ سچي“
❸ سهہ= محبت.
❹ اصل. جهکر پچي
❺ اصول. موري

**بيت** (١٧٨)

اُجـهـي مـنـڌَ اَويـرَ، اَتـئـي پَـهـرَ اَٿَ ۾
لـڙيـي سِـجِ، لـطـيـف چـيِ، پَـبِ نـهـاري پـيـر
وئـس ويـريـپـو كـري، ڏونـگـر چـڏي ڏيـرَ
كَـهي جـا كّويرَ، ســاهـادِي ميڙيينَ هوتَ كي [1]

**بيت** (١٧٩)

آيَـلِ! ٻـاروچــن جــو، روئـان پُـڇـان راهُ
وارِيَ وَسِـي، واٽَ ويئي، مٿـان مورِئو گـاهہ [2]
جي سرتيون! وڃي ساهُ، تہ ٿيان حوالي هوتَ جي. [3]

## وائي

پـنـوهُ پـريشـانُ، هَـي هَـي حالُ مـنـهـنجـو

١. مُونكي ٻُـكَ بوتَنِ جي، نـاكِي پـائـيان نـانُ؛ [4]
٢. شَـهـرُ صَـحـرا پـائِـيان، مُون ليكي مَـيدانُ؛
٣. رُوئـان تـي رُنـجُـنِ ۾، آرِيءَ لـئـي عُـريـانُ؛
٤. پـٽـيـان مُـنـهُ پَـسَـڻَ لـئي، هِـتـي ٿِـي حَـيـرانُ؛
٥. آهي آرِي ڄـامَ جـو، مُون كي كـارِي كـانُ؛
٦. ديـوانِـي كـي دِلِ ۾، سُــورَن جـو ســامــانُ
٧. وجـهـج پـكَ پـيـنـار تـي پـريـم كـائـي پـان [5]
٨. كـڏهـيـن ٿـيـنـدو كـيـچ ۾ مُـنـيَ جـو مـكـانُ
٩. آهـيـن عـبـداللطـيـف كـي اڳـئـان تـون اڳـوانُ.

**بيت** (١٨٠)

ڏيـهـان ڏارِيَ ويـسَ، راتـيـن روئـي رتَ ڦُـڙا
لّـنـدنِ جـي لـبِـيـسِ، هَـلِـج هـوتَ پـنـوهَ ڏي.

---

1. ٻي پڙهڻي: ”تنهنكي هيكر هادي ميڙيين“
2. حاشيي ۾ هن بعد هي سٽ وڌايل آهي: ”هيكلين جو سيد چئي، ٻيلي آه الله“.
3. ٻي پڙهڻي: ”تہ مان ميڻجي ميهڻو“.
4. ٻي پڙهڻي: ”نكي“
5. اصل: ”وِجِج“.

**بيت**(۱۸۱)

ڏِيــهــان ڏارِيَ روءِ، راتــيــن روئـي رتَ ڦــڙا
مـنـجـهہ ويـچـاريَ ووءِ، ڀَـهـرا ڀِـي ڀِـئـن سـيـن.

**بيت**(۱۸۲)

ڀـهـراڀـي ڀِـئـن سـيـن، مـنـجـهہ ڪـالـهوڙي ڳـالِ
سـا تـان تـون سـنـيـالِ، هُوءَ جـا هـوت پـنـوهَ جـي.

**بيت**(۱۸۳)

راتـيـن روئـي رت ڦـڙا، مَـنـدَ مُـرڪـي ڏيـنـهَ
انـدر نـعـرو نـيـهَ، ڀــهـرا واءِ وِڙَنِ سـيـن.❶

**بيت**(۱۸۴)

ڀـهـرا واءَ وڙن سـيـن، انـدر مـنـدَ مـاتـامُ
سـسـئـي سُـوتـي ڪـڍئـا، تَـعلُـقُ سـڀ تـمـام
نِـيُـسِ نِـيـهَ نِـيـامُ، ڏِسَــڻِ ڏارِيَ ويـسُ ۾.❷

**بيت**(۱۸۵)

ڏسـڻ ڪَـرَ ڏارِي، انـدرِ سَـتِـي سـسـئـي
اِنَـهـيـن پَـرِ آري، ڪـانـڌُ ڪـمـيـنـي ڪَـتِـئـو.

## وائي

جيـڏيون ! جـا جَـڙَ لايَـم، جِـيَّ جَـتَـنِ سـيـن❸
سـامون سـرَتيون سيباٽيم تنهِ جِيڻُ جَالَ ڪيَم❹
۱. مَـهـارَ جـامَـيـن جي سـنجـهي هَـٿِ هُـيـم❺
صـبـحِ سُـتـي سِـڪَ ۾ ويـسَـلـي وَيَـم❻

---

❶ اصل: ”ورن سين“.
❷ حاشيہ ۾: ”نهام=تعلق“
❸ اصل جڙ لائي
❹ اصل. ”جال ڪئوم“. ٻي پڙهڻي.... سيبانيام تہ وهڻ وه ”ڪيوم“.
❺ ٻي پڙهڻي: ”هيام“
❻ حاشيہ ۾: وييام....ديگر مصرع عليٰ هذا القياس.

٢. ڪوڙيين ڀالَ ڀنوھ جا گنجي منجھ گُهرِيمِ ❶
سُتي سَنگھَر ڀَٽيين جِنه سِگهي سارَ لَڌيمِ
٣. هڪلَ هوتَ ڀنوهَ جي سَنگھَر منجھ سُيَم ❷
ڏورِيندي ۾ ڏونگرين اُت ٿَهَر ٿُوپَ ٿِيمِ.
٤. ولون ويلا ڇَپَرين ڪارڻ جَن ڪَئمِ
مُوتِي ماءَ ! ڀنيورَ ۾ شالَ اگڻ سي آيم.

## بيت (١٨٦)

ڪِنه پَر روئان پريَ ڪي، روئي نه جاڻان
مَتي ڪِئو پُوٽان، هَنجِن- هاٽان هَتَڙا.

## بيت (١٨٧)

ڪِنه پَر روئان پريَ ڪي، اديون ناهِ اُساتَ ❸
لوهو- گهاءَ لَڪَن ۾، ويري مَتي واتَ ❹
ڇَپَرَ ۾ ڇُنيچاتَ، ڏَنَمِ ڏڪوين جا.

## بيت (١٨٨)

ڪَنه پَر رُئان پرينءَ ڪي، پَڇَڻَ ناهِ پَچارَ:
اَندَرِ تِي آهُونِ ڪَري، ڪاڻي مَنجھ خُمارَ:
گِريي جِي گُفتارَ، بِيءَ يَرِ بارَوچَنِ ۾.

## بيت (١٨٩)

ڪِنه پر روئان پريَ ڪي، پارَ نه جاڻان پيرُ
پَنَڻُ مون پيرو ٿئو، سورنَ لايو سيرُ
آرِيَ لئي اُليرُ، رَقصُ ڀاڳي رَنَ جي ❺

## بيت (١٩٠)

ڪِنه پر روئان پريَ ڪي، پارَ نه جاڻان پندُ
ڪيچينِ ڪارڻ ڪندُ، نايو تي نعرو هڻان.

❶ اصل "ڪنجي منج ڪرئم"
❷ اصل. "سڪر منج".
❸ ٻي پڙهڻي اندر ناه
❹ اصل. "لوهو ڪا".
❺ اصل. ڀانڪي رن جي.

**بيت** (١٩١)

ڪِنه پر روئان پريَ ڪي، رُوئڻُ مون رِياءُ
بَرنِ ۾ بُڪاءُ، ٻيَ پَتِ ٻُڌُ مِ جيڏيون!

**بيت** (١٩٢)

جان ساماڻي، سَسُئِي! تان ويسُ وڙَن جو ڪَرِ؛ [1]
لاهي لَڄَ، لَطِيفُ چئي، ٿِيُ بيڪَارِياڻِي بَرِ؛
تہ ويندِهنِ پَوَئِي وَرِ، اڳِيان هوتَ حُضُورَ ۾.

**بيت** (١٩٣)

وارو! مُون وَڙَاهُ! ڪا سُدِ سُونهَپَ جي نہ ڏِهو
اي ايهائي ڳالهڙي، شجر سٽيجاهُ
چوٿيين چاڙيجاهُ، تہ موڙهي ڪو مُنهُ ٿيي [2]

**بيت** (١٩٤)

وارو مون وَٽڪار، ڪا سُڌ سونهپَ جي نہ ڏِهو
آهي اَسُونُهنِ جِي، مٿي تو ميارَ
وِڙهئا ويراڳِنِ سين، لَڪِنِ جا لِيارَ
ڪَريان ٿي ڪُوارَ، ڪَندنِ ڪانديرَنِ جا.

**بيت** (١٩٥)

وارو! مُون وَڙَاهِ! ڪا سُڌِ سُونهَپَ جي نہ ڏِيين
وِجهي وَراڪَنِ ۾، مَعذُورِ ڪي مَ مُنجهاءِ؛
مَنجهان پَهڻ پيادِيُون، هادِيِ ٿي هلاءِ؛
پِرِيان ڪي پُهچاءَ، تہ لَڳِي لُوٽي نہ ٿيي. [3]

**بيت** (١٩٦)

ڏَڪا، ڏُونگَرَ چامَ! مَ ڪَر مَعذُورِنِ تي؛
توتي لَڄَ، لَطِيفُ چئي، آهَي سَندِي عامَ؛

---

[1] اصل. ورنجو.
[2] اصل. ”چاري جاه= تموري.“
[3] ٻي پڙهڻي: تہ لڳي لوٺو نہ ٿيان.

مارِ مَ چَئِي مَعذُورِ کي، وهيان کانڌَ ڪَلامَ؛ [1]
پَرچي پيچ پيادِيون، اَللهَ لَڳِ، عَلامَ!
جا نَوازِي تو نامَ، سا، هوتَ مَ ڇَڏِج هيڪِلِي [2]

**بيت** (١٩٧)

ڏَمَرُ ڏونگَرَ چامَ، سَکَرَ پاڻَ شَريڪِ سين [3]
ڪيهي ڪُلفت تنه سين جا گولي آنهجي گامَ [4]
وَرِجِ تون وَريامَ، هِنَ جو اچڻ آن ڳَري [5]

**بيت** (١٩٨)

ڪِنه جِنه ڏُکا ڏي، پارايا کي پانڌِيين
سورِ پَرِئا سي، ڪالِ ڪِئائِين جَن سين.

**بيت** (١٩٩)

ڪو جو وَڍي وَڍُ، جين وڙَ وَڍِئائين وِڍسين [6]
ڏُکُ ڏُکي ڪيَ ڏَڍُّ، جَنِ ڏِني سي ڏُکيا ٿيا.

**بيت** (٢٠٠)

وَڍِئَلَ ٿي وايُون ڪَري، هي ڪُنَلِ ڪُوڪاري
هُوءَ هنجهون هڏن لئي هاري، هن پن پنهنجا سارئا. [7]

**بيت** (٢٠١)

وَڍيَ سي واڍوڙئا، رَتُ نه ڏِنو جَنّ
موتُ قبولئو تَنِ، ڏِنو جَنِ ڏُکِي کي.

---

[1] اصل. معذورن کي.
[2] اصل. تنهنجي نام.
[3] ٻي پڙهڻي: ڏکا ڏونگر چام.
[4] اصل. آھ جي گام.
[5] ٻي پڙهڻي: منهنجو اچڻ. حاشيہ ۾ ”عاقبت الامر نزد ايشان خواهم آمد.“
[6] ٻي پڙهڻي: تھ سين.
[7] اصل: ”هن پن پهنجا سارئا، هوءَ هنجون هڏن لئي هاري“.

**بيت** (٢٠٢)

ڏُکِي تي ڏُوَرَ، لَهِي لَئِي پَنوهَ جي؛
ڏيئِي آڳِ اَتورَ، سَپَ نہ ڪاٽي سَسُئِي.❶

**بيت** (٢٠٣)

ڏُکِيَ ڏيهاڙِي، مُنِيَ مَتي هَتَڙا
تِنه پَرِ نہ ڪاٽِي، جنه پَرِ جِيِن جيڏِيُون.

**بيت** (٢٠۴)

ڪاٽِي ڪيرن هيٺِ، ويني روئي رتَ ڦڙا
ڏُک پَڌائين سَندرو، سورَ رَکيائين بيٺِ ❷
ڪا مون تيندي ڏيٺِ، پيهَرَ پاروچَنِ سين!

**بيت** (٢٠٥)

نيڻَ نِهارا مون ڪِئا، ڪيچِينَ ڪارَڻَ ڪالَ
ايندا پَسان شالَ، اوٺِيَ آريَ ڄامَ جا!

**بيت** (٢٠٦)

نيڻَ نِهارا مِون ڪِئا، مَتي واٽَڙِيَنّ
ايندا مانَ پَسَنّ، مَتي سَگَرَ سُپرين.

**بيت** (٢٠٧)

نيڻَ نهارا مون ڪئا، اوٺيَنِ ڪارڻ اَڄُ
پنوهَ ڄامَ پَهَچُّ، تہ اکينِ کي اوسَ لَهَي.

**بيت** (٢٠٨)

سي اڄُ نہ اوٺي آئيا، نيڻَ جي نِهارينِ
هنجهون نہ وسائين، پاڙِي پنوهَ ڄامَ ري.

**بيت** (٢٠٩)

نيڻَ نِهاري مُهنجا، روئي تيا رَتُ؛
پنوهُ هوءِ پَهَتُ، تہ پارِي نِيَڻِ پاڻَ سين.

---

❶ بي پڙهڻي: "باري آڳ"
❷ هي مصرع هاشيي ۾ لکيل آهي.

**بيت**(٢١٠)

نيڻَ نِهاري مُهنجا، روئِي رتُ ٽِيا
جي هتان هوت وئا، سي اڇن تہ آجي ٽئان.

**بيت**(٢١١)

نيڻ نهاري مهنجا، رتُ ٽئا روئي
ڏُکِن جي ڏوئي، آهي هَٿِ اَسُونهِ جي.

**بيت**(٢١٢)

لَڙُ مَ، لاڙائُو ٽِيو، هَلِي کَرِ هِمَٿَ؛
سِڄُ سامُهون مَنُهَ مِ، کَهُ مِ کَجَ مَ کَٿَ؛
سُپيرِيان جي سَٿَ، ڳاڙهي سِڄ ڳالهِ مِڙِين.❶

**بيت**(٢١٣)

لڙ مَ، لاڙائو ٽئو، راهِ م لَڏو، لَڏِ
ساٿِ پريان جي سَڏِ، تَہ مُنَڏَ ميڙائو تو ٽِيي.

**بيت**(٢١٤)

لَڙ مَ، لاڙائو ٽئو، وَرُ چُوندي تون وڃُ
آهي اِيُ اُهڃُ، هاڙهي هَلَندِيُنِ جو.❷

**بيت**(٢١٥)

لَڙ مَ لاڙائو ٽئو، گُهٽُون گوهيون ڇَڏَ
لڏو لاهِ مَ لَڏِ، تہ ڳاڙهي سِڄ ڳالِهہ مِڙين.❸

**بيت**(٢١٦)

مَ کر معذورِينِ کي، اُلَهي سِڄَّ اَويرَ
پَسِي مَران پيرَ، مانَ ڏونگَرِ ٻاروچَن جا.

---

❶ اصل. کاري سڄ کال من
❷ اصل. هاري هلندين جو.
❸ اصل. کاري سڄ ڳالِ مِن.

**بيت**(٢١٧)

لَڙئو سِجُ لَڪَنِ تان، راسيُون رَتائين
مون ڪي مارئائين، اَديون! اونداهِي ڪري.

**بيت**(٢١٨)

وئو سِجُّ وَڻن تان، راسيين ڏيئي رَڳُ ❶
مون جنهين سين سَڱُ، سو ڪوهيارو ڪيچ وِئو.

**بيت**(٢١٩)

ويني مون وئو، لَڙي سِجُّ لَڪَنِ تان
آءٌ ڏوريندي ڪيتَرو، پَهڻن پيرُ پئو
سورَنِ ساڻُ سِهو، اچي تِئُم جيڏِيون!

## وائي

لڳو مَنجهہِ لڪَنِ-آيلَ!
آيلَ! اچي پَسو پير پنوهَ جو❷
نہ ڪنہ مروءَ ڏاهيو، جهورئوتان نہ جهَڪُنّ
بورائو جو بَرَن جو ريڙهي مَنجهہ رِجُنّ ❸
ڪِہَ ڪتورِيانَ اڳِري، هاٺي جا هوتن.

**بيت**(٢٢٠)

واءَ وجاءِ مَر سو، پُنِيءَ جنهن پَندُ ڪريان؛
چِٽا! چِپَرِ پرينءَ جو، پيرُ پَرِنيان تو؛
بَرِ بورائو جو، لَڳِي، متان لَتِيين!

**بيت**(٢٢١)

ڏوريان ڏوريان نہ لهان، واءُ وجايُم ڪالَ
وجڻ مون واتي پئو، هوتن ڪارَڻ حالَ
جَبَلُ ڏوريان جالَ، ڪارِڻ پير پنوهَ جي.

---

❶ اصل. الهي وئو سج ورن تان-الخ.
❷ ٻي پڙهٽي: تازو پير
❸ اصل. رنجن.

**بيت** (٢٢٢)

ڇَڏِيَمِ حُجَّ هَلَڻَ جِي، ڇَڪِئَمِ چارِيڪا
اَڊِيُون! آرِيڪا، هِنئڙي پِيَمِ هوتَ سين. ❶

**بيت** (٢٢٣)

ڇڏيم حُج هلڻَ جي، چاريڪا ڇڪئام
آرياڻي جي آسري، ڏونگر ڏينه لَڱام
پُڇج پرين سندام، ويئيس وِڪ نه اُپڙي.

**بيت** (٢٢٤)

ويئيسِ وڪَ نه اُپڙي، اڄُ آرياڻي آءُ
جُڪِي توسين چاءُ، پاسي پر پَئِي رَڙي.

**بيت** (٢٢٥)

پَنڌُ نه پنڌن جيتَرو، ڪئن سڄُندي ڪِيهَ ❷
جيڪر ڪرياں رِيهَ، پَرَ چوندا مُنڌَ ڇَرِي ٿي ❸

**بيت** (٢٢٦)

ڇُونم مَرُ "ڇري ٿي"، پَرَ جي سَڌُ سُٽِينِ
مَرُ مُنهِين ڪي ڏِين، مارُو اچِئو مِيهَٽان.

**بيت** (٢٢٧)

مارو ڏيئِي مِيهٽا، مُون ڪي ڪَندا ڪوهُ
سو ڇورِيءَ ۾ ڇوهُ، جين پٿُون ٿِيندِي پيرَ تي.

**بيت** (٢٢٨)

ڏنان جي ٻَروچُ، مُون جئن هوتُ اَکينِ سين؛ ❹
مُون ڪي ڇَيان "لوچ"، پاڻا پينِيُون ڇَپَرين.

---

❶ آريڪا=قلاب
❷ اصل. ڪي سُجدي
❸ اصل. جيڪي ڪريان
❹ اصل. مون جي.

**بيت** (٢٢٩)

ڏوهُ نہ ڏيان جيڏيين، هوتُ نہ ڏنائون
مون جئن رُنائون، هوند مٿي ڪيو هَتَڙا ❶

**بيت** (٢٣٠)

ٻاروچو ٻي يَتِ، جيڪسِ ڏٺو جيڏيين
مون جئن موڙهين مت، پَسنده پنوه ڄامَ کي.

**بيت** (٢٣١)

ٻاروچو ٻي رُوءِ، جيڪس ڏٺو جيڏيين
سنجهي ۾ صبوح، سورن ٿيون سَجَڪيون.

**بيت** (٢٣٢)

ان جي ڏٺي جيڏيون! پنوهَ جي پاٻُوهَ
سنجهي ۾ صُبوحَ، هوند نہ ويهان وِسَري.

**بيت** (٢٣٣)

جي هُيان هوتَ پنوهَ سين، مون جئن ملاقاتَ
پاهُن وجِهي واتَ، رِيهُون ڪِيان رِجُنَ ۾.

**بيت** (٢٣٤)

تو جي ڳالائي، ماءِ! ٻاروچا پڇئا
اُنين جي وائي، هوند نہ ويهان وسري.

**بيت** (٢٣٥)

ڪا جا آندي ڪيچين، وڍڪاران وائي
سُڻي مان سائي، نيڻين ننڊ وه ٿي.

**بيت** (٢٣٦)

ڪا جا ڪئائون، وائي واري ونگڙي
آيل! تِنه آئون، ٻولي ٻاتاڙي ڪئي.

---

❶ هت توڙي هيٺ اصل ۾ "جي" جنهن کي اسان "جئن" ڪري لکيو آهي.

**بيت** (٢٣٧)

بُرو بگيرَد بَي، تا ڏين پارِسي پاڻَ ۾
مون لَوڏائين لَڪِئا، تہ هاڃو ڪندا هي
مارِيندا مون کي، پنوهہ نيندا پاڻ سين.

**بيت** (٢٣٨)

پيم پَتارَن سين، ٻولي جي نہ ٻُجهَنّ
آءٌ سنڌي جو سعيو ڪريان، هوءِ پارسي پڇن
آءٌ ڪين ملا تن، سرتيون! سور وِهائيان.

**بيت** (٢٣٩)

آءٌ ڏوريين شالَ مَ لَهين، مَ مڙين هوتَ
لَنءُ لَنءُ منجها لوچَ، تَنَ تُنهنجي نہ لَهيي.

**بيت** (٢٤٠)

آءٌ ڏوريين شال مَ لهين، تن مَ ملين تون
تہ لنءُ لنءُ منجها مون، لوچَ تنهنجي نہ لهي.

**بيت** (٢٤١)

آءٌ ڏوريين شالَ م لهين، پرين هوئين نہ پري
تہ تن تسلي نہ ٿيي، هَڏَ نہ ساهَ سري.

**بيت** (٢٤٢)

آءٌ ڏوريينِ شالَ مَ لهين، ساڄَن! مڄَ سوالُ
تہ سِڪَ تُنهنجي سُپرين، ٿيي جان زوالُ
وِهاڻي وِصالُ، آئيان آرامُ ڪَري.

**بيت** (٢٤٣)

مون وِصالا وچ پئو، ڦري آءٌ فراقَ [1]
جي تي ڇِڪئا چاڪَ، سي پِريءَ گڏجي پورئا.

---

[1] اصل. مونکي وصالا.

**بيت**(٢٤٤)

جيڪين فِراقَا، سو وصالان نہ ٿيي
اچي اوطاقا، مون ڪي پرِيَ پَرِي ڪِئو.

**بيت**(٢٤٥)

جاڳائي جَتَنّ، ڳوُنرا ڳَسّ هَلائيا ❶
پَهُتي رِيءَ پهاڙَ ۾، شالَ مَ آڳِٿجَنّ
سُنهٽِن جي سردارَ سين، سي تو ڏ مَ تَرِٿجِنّ ❷
لُطفَ ساڻُ، لطيفُ چئي، لنگهئو بَرُ بوتَنّ
تَنِ کھڙو غمُ گونگنّ، هوتُ حِماتِي جَنِ جو.

**بيت**(٢٤٦)

ڪيڙي ڪيچايَنّ، ڳوُنرا ڳَسّ هَلائيا ❸
لَڙئو چڙهِئو چوٽيين، ڪَرئو ڪوه ڪرنّ
لَتاڙي، لطيفُ چئي، لنگهئو بَرُ بوتَنِ
تَن کھڙي چُڪ چانگنّ، هوتُ حِماتِي جَن جو.

**بيت**(٢٤٧)

ٻيون سَپ سڳُيتيون، سَرِتيون، مون چُڪي سين چاءُ
اندرِ آهمِ ڳالِهڙِي، ڪوهياري جي ڪاءُ
لڳُمَ ذَرو واءُ، سَچو سَڳُ نہ سارِيان.

**ببيت**(٢٤٨)

سُرَهي منجها ساتَ، آئِي بوءِ ٻنيورَ ڪي
پيتا بازارن ۾ لائي جَتَ جَباتَ
سَندي هوتَ حِماتَ، ڪيچِ پَهُتو قافِلو.

**بيت**(٢٤٩)

ٻُرو هو ٻَنيورُ، پرَ آرِياڻي اُجارِئو؛
لاٿو سَپِهين لوڪَ تان، هاڙهي ڏَٽِي هورُ؛

❶ اصل. هتي توڙي هيٺ "گونرا"

❷ اصل. توڏا

❸ اصل. ڪيچري

چورِيُون چُرَڻُ سِڪيُون، پرين مُهنجو پورُ:
آيو سو اَتورُ، جِنه ڏِکيُون ڏِکَ وِهارِيُون. ❶

**بيت** (٢٥٠)

پُلِئو سَڀُ پَنيورُ، جو پُٽِي هوتَ نه هَلِئو:
شَهرَ سُڃاتو ڪِينَ ڪِي، آرِياڻِي اَتورُ:
ماڻِيو تنِين مورُ، ديکِئو جنِين دِل سين. ❷

**بيت** (٢٥١)

جَني ديکِئو دل سين، پُٽِي سي پييون
تَپُڻ تي وييون، جي پنوهَ پاڻَ لِڪائيو.

## وائي

لائي جا وَرَنَ ڪي، سا ڪانڌَ! مُهنجي ڪورَ.
چپر ڪتوري تئو، ٻي تاجڙي قُلن قورَ ❸
اچِن پرين پَتنگئا ڪَرَ ٻابيهو جئن مورَ ❹
اسان سر ڪَنڌُ نه سَپَجي، هوءِ عَطُرپرين اَتورَ ❺
اصلِ لِڪئا اَنگَ ۾ هِن آرياڻيَ جا هورَ

**بيت** (٢٥٢)

گولي بندي آهِ، زرَ خريدَ جتنِ جي
اڄُ پَڻُ آريچن جو سسئي تان نه سُهاءِ
اِن طعنين ڪَي، طالِبُ چئي، ويني منڌَ واجهاءِ ❻
دائي دَرَ منجهاءِ، شالَ م ڪڍِن ڪڍهِين!

**بيت** (٢٥٣)

ٻانهي ٻانهوتي، زرِ خريد جتن جي
آهِ ٻاروچي هٿ ۾، چڳُن سين چوٽي ❼
معذور ڪي موٽي، شال پچندا پب- ڏٽي!

---

❶ اصل. آئيوسو
❷ حاشيه ۾: مور=طائوس
❸ ٻي پڙهٽي: ”ٻي تازي“
❹ اصل. جن مور
❺ سپجي =پيدا شود. ٻي پڙهڻ: ”امل پرين“
❻ هي بيت طالب جو آهي.
❼ ٻي پڙهٽي: پيئي ٻاروچي هٿ ۾-الخ.

**بيت** (۲۵۴)

ٻانهوٽي ٻانهي، زر خريدَ جتن جي
سي ڪئن وَڃن وسَري جِي جِيَّ اندرِ جانِي [1]
اڳڻ آمانِي، شالَ ڪيچين جي ڪا مَ ٿئي. [2]

**بيت** (۲۵۵)

جي ڏونگرَ مون ۾ ڏکَّ، سي پَڌَرِ پُون مَ پري ري
وهڻُ مون وهُ ٿئو، ڪيرَ ساندِيندي سُکَّ
هُيمِ هوتنِ سين چُکَّ، سڄو سگَّ نه ساريان.

**بيت** (۲۵۶)

نه ڪي ٿيان سگَّ ۾، نڪي سگيٽي
آهيان ڪميٽي، ذاتِ ٻاروچي نه جُڙان.

**بيت** (۲۵۷)

ڏسَڻُ يانئج ڏکُّ، هر دمُ هوتَ پنوهَ جو
وَرُ ٻاروچِاڻي لِکَ، ڪُوهُ ٻارَهن ماهَ ٻِئن سين.

**بيت** (۲۵۸)

ڏسڻُ ڏِکان آڳرو، سسئي اَڻ مَ شَڪُّ
ٿي ٻانهي، ٻَر اِوئِيُون، لُڏُ مَ ٻَسِي لَڪُّ
ورُ پنوهَ سين پَلڪُّ، ٻِن ٻارَهن ماهَ ٻئن سين.

**بيت** (۲۵۹)

ڏُکي ڏُکَ مٽي ڪري وانءُ ڇِپَرِ پيهي [3]
گڏ ٻئي ڏيهي، سُوڏيون ڏيندءِ خبرون.

**بيت** (۲۶۰)

وَرَ وَراڪا ويڙ ۾، لَڪينِ آڏا لَڪَّ [4]
هِي جي آڏا حقَّ، سي ڪندا ڪوهُ ڪَندنِ ڪي.

---

[1] اصل. ڪي وڃن
[2] ٻي پڙهڻي: ”اندراماني.... ڪيچين ري“.
[3] اصل. واءُ.
[4] ٻي پڙهڻي: لڪين آڏا.

### **بيت**(٢٦١)

ٻَرِيَ! تہ ٻيلي ڪٽان، ساٿِي پُڇي سُڪُ؛
رَفاقتَ رُنجُن ۾، ڏُونگَرَ ڪري ڏُڪُ [1]
آرِيءَ جو اَهُڪُ، مُون رَهَنُما راهہ ٿِيو.

### **بيت**(٢٦٢)

ڏونگر تہ ٻيلي، نہ تہ ڏجي ٻَن ٻيلِيَن ري
ڪينَ ڇڏبي ڇَپَرين سورَن سَهيلي [2]
چوٽيون چَنبيلي، جئن تئن جهاڳي اُڪَتِي [3]

### **بيت**[4](٢٦٣)

ٻيلِيَن ڏارا ٻَنِ، ڏِجي ڏونگرُ جيڏيُون!
ڪيرائي ڪُهَنِ تان وڏِيّس وَراڪَنّ
سَجَنَ ڏونگر چوٽيين آڏا سِيل سُجن [5]
سي ڪئن پنوهہ پَسَنّ، جن ڪي نِيرُ ننگَ جو.

### **بيت**(٢٦٤)

پَسي سي سَرَهي ٿِي، جي مَيَن لنگهئا مَسَّ [6]
تتُ تَني ڪي ناهِ ڪو، لَڪ مِڙئي لَسَّ
ڪَوڏُ جَهِين ڪي ڪيڇِ جو، ونڊُرِ تهين وَسَّ [7]
سَندي چانگن چَسَّ، پير ٽرندَوءِ پَٻ ۾.

### **بيت**(٢٦٥)

آڏو آريچَن ڪي جَبَل جيڏوئِي
وَرُ وَنِي واٽ ٿِئا بُرفَتَ بِروئِي
رِنيجن ۾ روئي، پسان شالَ پَنوهَ ڪي!

---

[1] ٻي پڙهڻي:رفاقت راڳن سين
[2] ٻي پڙهڻي: ”ساڪئن وهي ويسلي جا سورن سهيلي“
[3] اصل. ”جي تي ڄاڪي“ اڪتي= بيرون شد.
[4] اصل ۾ هيءُ بيت حاشيي ۾ ڏنل آهي.
[5] سيل سجن
[6] اصل. لڪئاس
[7] اصل. تهين ڪي وس.

**بيت** (٢٦٦)

جَـبَـلَ سُـجَـنِ جـالَ، آڏا آريـچـن کـي
هـاڙهـي ڏانـه هـٿ کـٽـئـو ڇَـپَـر مـڙان شـال ❶
کـيـچـي وئـا کـالَ، تـي تِـي ڏُونـگـرُ ڏورِيـان.

**بيت** (٢٦٧)

کـيـچـي کـالَ کَـهـي وئـا، اديـون! آڏيَ راتِ
جـاڳـان تـان جـيـکـيـن تـئـو وهـاڻـي پـريـاتِ
ڦـوڙائـو فـقـيـر کـي ڏنـو جـتـن ذات
رَفِـيـعُ الـدَّرجَـاتِ، پَـرمَـل پـنـوهُ مـيـڙِيـن.

## وائي

ڏِينديس ماه مروئن کي آءٌ جرا جي کري-اي هوتَ!

١. ڏيـئـي بـاهِ پَـنـيـورَ کـي، آءٌ آيَـسِ تـو ڳَـري ❷
٢. آريـاڻـي پـنـوهَ ري، سَـرتِـيُـون! تـان نـه سَـري:
٣. جَـنـدِي پـايـو جـانَ ۾، ڏُکـي ڏکَ ڏَري
٤. آءُ اوراهُـون، سُـپـريَـن! وَجُ مَ، پـيِّ! پـري
٥. مُون ڏِنـي، مُون وسَـهـو، ورچـي تـان نـه وري
٦. ڏُکـيءَ جـي ڏيـکـارِيـن، ڏاران مُـنـهَ مَـري
٧. پـيـالـي پـرِيُـنِ جـي، مـوهـيَـس مـيـٺَ کَـري
٨. آرِي جـي عِـشـقَ جِـي، انَـدرِ آڳِ بَـري
٩. تـوکـي تـوءِ نـه ڇَـڏِيـان، جي وَجـان پُونءِ تَري
١٠. ڏَرُ وجَـهـنـديَـس ڏُوڙِ ۾، مَـتـو ڏارَ ڏَري
١١. هَـلَـنُ سُـڻـي هـوتَ جـو، ڏُکـي، پَـسُ ڏَري
١٢. پرِين! کَـڙِج پهنجِيُون، اکِـيُون باجهه پَري

**بيت** (٢٦٨)

سُـتِيَـس تـان سـاٿُ وِئـو، آئِـيَـس تـان اٺ نـانـهِ ❸

---

❶ اصل. ”هاري ڏاهه........ مران شال“، حاشيي ۾ بي پڙهڻي. پهچان شال
❷ ڳري= طرف.
❸ اصل. ناه

وهاڻي ٿِي ووڙيان، تان ڪيچي وئا ڪانهِ [1]
جي مُٺي جي مَنَ مانه، سي اڄُ نه اوطاقن ۾. [2]

**بيت** (٢٦٩)

جي مَن مانهِ سي ناهِ، جي ناه سي ڏِسَن گهٽا [3]
مُوڙهو مَنجهِه و ڳاهِ، هِينئڙو نولي ڍورَ جئن. [4]

**بيت** (٢٧٠)

مُوڙهو ڳنهي نه مَتّ، پَليان پَليو نه رهي
ڪاجا پييس پَت، جئن اڄ نه اُتائون پِري ڪي. [5]

**بيت** (٢٧١)

جي مون منجها رُوحَ، جي وَجي ساڄَنُ وِسَرِي؛
ته مَرُ لَڳي لُوحَ، ٿَرَ ٻاٻِيهو ٿِي مَران. [6]

**بيت** (٢٧٢)

لڳي مون ڪي لوحَ، وِره واٽون لائيون
راض جَنهين سي روح، سو وجي ڪيچ قرارِيو. [7]

**بيت** (٢٧٣)

پَسِي ڏُونگَرَ، ڏاهِ! جمَ هلَنَّ ۾ هيٺِي وَهين؛
پُڇي پُورج، سَسُئِي! بَلوچاڻي باهَ؛
لانچي لَڪَ لَطِيفُ چئي، پُٺِيءَ ڪيچيُن ڪاه
اِنَ وَڙائِتي وَرَ جِي، آسَرَ هڏِ مَ لاهِ؛
جو اَڪِنؤن اوڏو آه، سو پِرين پَراهون مَ چئو. [8]

---

1. اصل. ڪاه
2. اصل. منماه
3. اصل. منماه
4. اصل. وڪاءِ....ڍورجن
5. اصل. جن اڄ نا وتاو پري ڪي
6. ٻي پڙهڻي: ته ڪر لڳي
7. اصل. راضي جهي سين روح
8. اصل. م ڇهو.

**بيت** (٢٧٤)

پانهون، پسي پَبُ: مَتان ڪا، مُنڌَا! ڏيين ❶
اڳئان ڪَؤمَ ڪَبُ، اِيُ قالِي آڏو ڪيچ ڪَي. ❷

**بيت** (٢٧٥)

چپُون چَپَرَ ڪَٽَ، پَهَڻَ پَٽَراٽِيُ پائيان؛
سَيڻِن جِي سَهَٽَ، ڏُونگَرُ مُون ڏولِي تِئو. ❸

**بيت** (٢٧٦)

ڪيچ نہ جنبڻ جاءِ، تہ ڪا هلي هوتَ ڏي
مون سين هَلي ساءِ، جا جِيُ مِنو نہ ڪَري.

**بيت** (٢٧٧)

آتَڻَ مَنجهہ پَرياڻُ، هو سَيَني جيڏيين ❹
مون سَياڳِي سَاڻُ، ڪيرَ چُلندِي چَپَرين.

**بيت** (٢٧٨)

آءٌ نہ ورنديَس وَرَ ري، آئين وَريتيون وَرو
جاڏي هِنَ جَبَلَ جو، تانگهينديَس تَرو
جَتَنِ سَاڻُ ذَرو، نِينهن نِبيرڻُ نَہ تِيي.

**بيت** (٢٧٩)

وڃوسپ وَري، اَئين جي وَرَن وارِيُون
بُنيان جن بَري، ڏُونگر سي ڏُورِينديُون.

**بيت** (٢٨٠)

وڃو سپ موٽي، آئين جي وَرَن وارِيُون
ڪانَ هلندي ڪيچَ ڏي، ڪَرِ هومَ ڪوٽي
ڪَديَم ڪاڇوٽِي، وِڏم جوڳُ جَتَنِ ڪي ❺

---

❶ اصل. ائين
❷ قالي = زندگي.
❸ سهٽ = فراق وسڪ
❹ پرياڻ = مصلحت
❺ ڪاڇوٽي = لانگوٽي.

### بيت(٢٨١)

ڏاڍي لُڪ لَڪَنِ جي، پَٽَنِ پوءِ پَچاءُ
چَپَرَ ڪوسو واءُ، هَرِئا تو نينڻَ ڪِئا.

### بيت(٢٨٢)

دوڪَ دَهليا جت، گونرا هَلَنِ نہ گَسَ ۾ ❶
چؤسالَئِي نہ چَلَٽا، تي تَنگَ نِهاري تت ❷
سُوڏين جي، سَيِّدُ چئي، تَنِ پانچارَن پرتِ ❸
اِنَ اهڙي پَنڌَ جي، ڪا نيشَنِ پوءِ نِرتِ
سَسُئِي وَڏي سَتِ، جا ايهي پَرِ پَنڌُ ڪَري.

### بيت(٢٨٣)

ڏاگهَنئون ڏيرنّ جي، هوندَ آندا ٻَڙدَ ينيورَ ۾ ❹
ڪُڙيَ ڪُڙڪو اُن جو، سُتي سو سَيَن
ڏانَدَن سات، سَيِّدُ چئي، پيادِيون پَهُچَنّ
هَٽي چيلَ چراڪئا، وَه پَئِي وَهُڙنّ ❺
جَن جو پيرُ نہ لڳو پَٽيين، تَنِ آيم ساڻُ اُٺَنّ ❻
گُنگَنِ ۽ جُنگَنّ، مُنڌَ اَسُونهين ميڙيين.

## وائي

تُوڏَن تان نہ تَوارِئو
مهنجو لالَڻ وارِ هو، الله ڪارَڻ اوٺيا

١. ميندي جا مليرَ جي، چانگَنِ ڪي سڀ چار هو
٢. شرف لهي سسئي جي ڪنل ڪي ڪَمُ ڪارِ هو.
٣. الله ڪارِڻ اوٺيا، واڳَ وٺي وَرُ وارِهو.

---

❶ دوڪ = دواڪ
❷ تنگ= بيابان
❸ ٻي پڙهٽي: ”سوڏي آه سيد چئي“-الخ؛ پانچارن = پنج سالا
❹ اصل. ڏاڪنيو....ٻرد
❺ ٻي پڙهٽي: ”چيري چل“-الخ؛ چيل=شگاف پايه نرگاو
❻ اصل. جنين جو.

**بيت**(٢٨٤)

ڏُهلا مون ڏِينهَ ٽِئا پَيَم چامَ چَيُون
پَسِئو پَندُ پَهاڙَ جو، تيي رُوحُ رَيون ❶
لُڇُئو ٽئان، لطيف چي، ڪارڻ دوستَ دَيون ❷
ياپان لڪَ لِيُون، جي سورَ پِرِيان جا ساڙُ مون.

**بيت**(٢٨٥)

وِئا وراهي جيڏيُون، مون ڏُکيَ کي ڏُکَّ
وِيني ساريان سُکَّ، هيڪاندي هُئام جي.

**بيت**(٢٨٦)

ڏاگَهِنِ، ڏِيرَن، ڏُونگَرَين، ٽِنهي ڏِنمِ ڏُکَ
سي سَپِ پائيان سُکَ، هيڪانڊِ ڪارَڻِ هوتَ جي

**بيت**(٢٨٧)

جَتَ نہ پائِي رَتَّ، ڏاريان ڏاريين ڏِيهَ جا
وَرُ وني واٽَ ٽِئا بروئِي بُرفَتَ
مائِتي مُندَ جي هُئي جَني ساڙُ جهَتَ
هُنِ واڳِنِ متي هٿَ، آءٌ ڳُوڙان پُڇئو روئان. ❸

**بيت**(٢٨٨)

ڏاڙهيَ يَنيا ڏيرَ، وني وَرُ واٽُ ٽِئا
ڏِينديس ڏاڍايين ڏونگريين انِي لئِي اُليرَ ❹
ڪيچ پُڄَندي ڪيرَ، وِجھَ سين وَسُ ڪريان.

**بيت**(٢٨٩)

پُڄان جي نہ پڄان، تہ وجهَ سين وَسُ ڪريان
سَگِرِ مانَ سُڄان، تہ رائِي ۾ رَڙِي مُئِي. ❺

---

❶ ٻي پڙهڻي: ڪنڌي پنڌ پهاڙ جو تيم روح ريون
❷ ٻي پڙهڻي: ”لوچيو ڪيان-الخ“.
❸ اصل. پاڪوران
❹ اصل. جتن =دم:بارانو = گران بار.
❺ اصل. سڪر.

**بيت** (٢٩٠)

جَتَن جارانو، مون سين ڪيچين تان ڪو نہ ڪئو ❶
نالي سُيَس نيہَ جي، مَتِمِ بارانُو ❷
تيلاهِين طَعنُو، ڏيئي مون ڏيرَ وئا. ❸

**بيت** (٢٩١)

هوتَن ڪا نہ هُئي، مون پاڻهين پيئي پنوهَ سين
بانهي ٻاروچن جي سَگُرَ مِنجهہ سُئي
ساموٽي ڪِئن مُئي، جِنہ جوهِنيون هوتَ هِٽي وئا. ❹

**بيت** (٢٩٢)

واڪي جي نہ وَرَنّ، سَڏُ سُڄاڻي پريَ جو
ڪُڄاڙي ڪي ڪَنّ، ڪوڙي دعويٰ دوس سين.

**بيت** (٢٩٣)

ڏُڪائيندي ڏوهَڙا، مُنڌَ سيٽانين وڄُّ ❺
پَرياڻُو مَ ٻَجُ، ساٿُ چَڙهندو لَڪَين. ❻

**بيت** (٢٩٤)

ووءِ ووءِ ڪندي وَتُ، متان "ووءِ" وساريين
رَندَنِ متي رَتُ، هار تہ مِڙِين هَوتَ ڪي.

**بيت** (٢٩٥)

رَنِ ڪارَڻِ جاهُئِي، سا ووءِ ووءِ پُڻ وِئِي
پُنوهَ ڪي پيئِي، رُوندِي ڪيرَ رتَ ڦُڙا.

---

❶ اصل. جارانون
❷ اصل. بارانو: ٻي پڙهٽي: "نالي سيس هوت جي-الخ"
❸ اصل. طعنون
❹ اصل. ڪي مئي
❺ اصل. "دڪائيندي دوهرا منڌ سينائين وڄ"
❻ اصل. پريان نون=وعده- مصلحت.

**بيت**(٢٩٦)

نـڪـا تـاتِ نـہ تُـوت ڪـا، نـڪـا تـات تَـوارَ
ڪـانـهِ پـرتِ پـچـارَ، لَـئُـن ويـچـارِيَ لَـڏِئـو ❶

**بيت**(٢٩٧)

جـيـڪـي طـالـِبَ تـاتِ جـا، تـاتِ پُـڻ تَـنـي وٽّ
هـيـجُ نـہ آهـي هَـٽِ، گـهـورِ تـہ گَـهـرائـين لَـهـين ❷

**بيت**(٢٩٨)

ڪِينهي طـالـِبَ تـاتِ جـا، نـہ تـہ آهـي تـاتِ تِـيـارُ:
ڏورِيـان پـيـو ڏُڪـارُ، گـهـورِيـنـدَڙَ گـهـٽـيءَ وِيـا. ❸

**بيت**(٢٩٩)

اُتِـيـو ائـيـن اوتـاڪ، ڪـالـهـوڪـو ڪـاڏي ڳَـيـو ❹
ويـو جـاڳـائـي، جـيـڏيـون، بـرهُ، هِـيُ بـيـبـاڪُ:
ڇُر قُر ڪاري چاڪُ، سُـورُ سُـمهاري ڪِينَڪين.

**بيت**(٣٠٠)

مـاتِ مـاريـنـدِيـي پِـرِي جِي، مَـتـان، رُوئِـيـن رَت!
چـورِي! چَـڏِ مَ سَـــتُ، هِـمَـتَ هـوتُ وِڃـائِـيـو.

**بيت**(٣٠١)

ســـرتـيـون ســـيـوئـي تـئـو، انـدرُ آريـاٽـي ❺
ويـــتـي پســـان پـــانَ ۾، ڏونـــگـــرُ ڏيـــهـــاٽـــي
هُـيَـس هـوتن هـاٽـي، تي ڪـيـچـي گـڏِئَـمَ ڪَـهَ ۾. ❻

---

❶ اصل. لئس ويچاري
❷ هيج = عشق و محبت
❸ اصل. ڪٽي وئا
❹ اوتاڪ= جوئينده و رونده
❺ بي پڙهٽي: ٿو منهنجو - الخ
❻ بي پڙهٽي: ”هئي جنين هاٽي، ويئي تنين سين وندري“.

**بيت** (٣٠٢)

جَـڙَ جِـيَـري جَـنِ سـيـن مـئـي پُـڻ سـيـن تَـنّ
جي هِـتِ نہ هوتُ پَسن، سي ڪَنه پر ڪيچ پَسنديون.

**بيت** (٣٠٣)

گُـونـدَرَ گَـسُ پـريُـنِ جـو، ڏيـڪـارِئُـسِ ڏُڪَـنِ
سُـونهائي سُـورَنِ، ڪِي هيڪانڊِي هوتَ سـين.

**بيت** (٣٠٤)

سَـسُـئِيءَ جي سِـرِي سـان، ڪيچَ ڏَٽِي ڪانڊِي [1]
پـنـوهَ پـيـرانـدِي، نِـمـاڻِـيءَ نَـصِـيـب تِـيـي.

**بيت** (٣٠٥)

مَردَ جنـه مـاتِ ڪِـئـا، سَـسُـئِي لَـنگِهيو سـو
جَـبَـلُ وڏو جـو، نـوُنِ مِـڙوئِـي نِـيـه ڪـي. [2]

**بيت** (٣٠٦)

سُـمـهَـڻَ مـان سـاڙو، جيـڏيون جهوئي ٿئو [3]
هـوتُ لـنگهـئو هـاڙو، تـون انـاسِـي اوجهـريـن.

**بيت** (٣٠٧)

سُـتِي سـي نہ سِـيـاءَ، هي جي ڪوهيارا ڪيچَ جا
انـگُـهـنِ چِـڙهـو آءُ، جـان نـالـو ڳِـڌوءِ نِـيـهَ جـو.

**بيت** (٣٠٨)

غـافِـل غَفلَتَ چوڙ! تُون ڪِينءَ، اَنـاسِـي! اوجِهرين
چـپـاتـا چَـڙهـي وئـا، وِچِـي پَـهُـتـا تـوڙِ [4]
نَـيـٽـين نِـنـدَ اُڪـوڙِ، جِـمَ وَرَنِ ۾ وانـڪا ڪَـرِيـن.

---

[1] سري =لاشہ
[2] ٻي پڙهڻي: ”جبل آڏو جو“
[3] اصل. سمر مان سارو
[4] چپاتا= خاموش کننده.

**بيت**(۳۰۹)

سنجهي رَهين سُمهيو، غافل منجهہ گهَرنّ
ليڙنِ جو، لطيف چئي، ڪَرَ ڳَرُ سوءِ نہ ڪنّ
سي ڪِيئن محبّ مِڙنّ، جي سنجهيئي سُتيون.

**بيت**(۳۱۰)

توکي ڳَهرَ ڳِرو ڪيو، هوءِ تا هوتَ هَلنّ
ڳوڙها سِر ڳِلَنّ، جِم وِهاڻي وَهائيين.

**بيت**(۳۱۱)

وڏي جاڙَ ڪياءِ، سُتي جِينءَ نندون ڪَريين
جي دَرَ پَرَ اُپينءَ دوست جي تہ سُر پُرهَندَ سُياءِ [1]
پنوهَ سين پيياءِ، تون نياڳي نندون ڪريين.

**بيت**(۳۱۲)

اِيُ ڪمُ ڪميڻنِ، جِينءَ سُتين پيرَ ڏگها ڪري
نِندان نِماڻين ڪي، اويالا اچنّ [2]
ليٽين ڪيئن، لطيف چئي، هارِي ري هوتنّ
سي پنوهُ ڪوهُ پچنّ، جي سنجهي رَهنِ سُمهي.

**بيت**(۳۱۳)

مُنهُن ويڙهي مُئِن جئن سُتينءِ سنجهيي [3]
اوجاڳو اَڪيُنِ ڪيِ، چانتوءِ نہ ڏيئي
هَٿان تو پيئي، تِي ڪَچا ڪيچِيُنِ ڪي ڪَرين.

**بيت**(۳۱۴)

پَٽر پيرَ ڏگها ڪري، جڏهن سُتيون جي
تڏهن تَني ڪي، ساٿَ سُتيئي چڏئو.

---

[1] اصل. اپي
[2] اصل. نمازين ڪي
[3] اصل. سُتِي

## وائي

غَفِلَت يارُ گنوائيو، پَڙي جيڏيون!
ڪيئن ڪريان ڪوهُ ٿيو
١. سُتيَس تان ساٿُ ويو، اُٿيس تان ڏُک آئيو
٢. پُچان ٿي پنوهَ کي عَبثُ تان اَنُ کائيو ❶

### بيت(٣١٥)

تو جو ٻول ٻروچَ، ويھي ڪِيو وٽڪارَ ۾
سوئي پارج هوتَ، مون جيهي معذور سين.

### بيت(٣١٦)

پھرين تون پاريج، پارڻُ پوءِ پنوهَ تي
ٻولَ مَ وساريج، هُو جو ڪِيوءِ هوتُ سين.

### بيت(٣١٧)

سُڻِي ٻولَ سَندان، جمَ سُمهين سَسُئي!
ڪَندِينءَ ڪوهُ ڪيڻانِ، جُسي اُنِ اورانگهيا. ❷

### بيت(٣١٨)

توسين ٻولَ ٻهون، سَهسين ساڄَنُ جي ڪري؛
ڪَندِينءَ توءِ ڪَهون، جان نالو ڳِيَڙوءِ نيه جو.

### بيت(٣١٩)

سُڻ، تو سَڱَ نه واتِ، ٻانيَڻِ ٻروچَنِ سين
ليڙَن ڏٺي لڄائيا ڪاهيائون ڪُواتَ
جُهوتَي ڏيئي جهاتُ، سبب تو سُتي وِئا. ❸

### بيت(٣٢٠)

تان جي هوت نه ڪَن، جو تون سَڱُ سُٽي سَرَهِي ٿِينءَ ❹

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”پڇايو ٿيون پنوه کي-الخ“.
❷ اصل. جسي ان اورانگهيا = جه سي = بلک؛ هرگاه ٻي پڙهڻي: ”اورانگهيو“.
❸ اصل. چوٿي ڏيئي ڄاٿ
❹ ٻي پڙهڻي: ”سگ سٽي مرکي“.

ڪوڙيين ڪُنيون ڪيتَريون ٻانهيون ٻاروچَنّ
سنڌِي ذاتِ جَتنِّ، آهي اَڀاجهي گهٽون.

**بيت** (٣٢١)

جَڏهن ڪُنۡ فَيَڪُوۡنَ هو تڏهن نِيو آرِياڻِي اِرواحُ ❶
اَنگُ اَڳِهين لِکئو، مُنهنجو مِيثاقاءَ:
"مَنۡ طَلَبَ شَيۡئاً جَدَّ وَ جَدَ"، اُتو عَلِيءَ شاهَ
اَجان اِن حَدِيثَ جو، مُون آسِرو آهِ
سَرَتِيُون! دُعا ڪَجاهُ، مانَ ميڙائو مُون ٿِئي.

**بيت** (٣٢٢)

اڳِهين انگُ سندون، وَهِي جيڏاهين وئو ❷
ڪِهڙو ڏوهُ ڏِبونِ، سو مُنهُن آيو ساتيين ❸

**بيت** (٣٢٣)

لِکئو جو نراڙِ، سو انگُ ڪِيَاڙِيَ نہ ٿيي
پاڙِئو ويني پاڙ، جيڪين لاٰلَنَ لکئو لوحَ ۾ ❹

**بيت** (٣٢٤)

جتي جيتَريون، لِکِيون لوحَ قلمَ ۾
تِتي تيَتريون، گهڙيون گهارَڻ آئيون ❺

**بيت** (٣٢٥)

توڻي وِلاڙُون ڪريينِ، توڻي وِجين وِڪَّ ❻
تہ لِکِيَ منجهانَ لِڪَّ، ذرو ضايَع نہ َ ٿيي.

---

❶ ٻي پڙهڻي: "جڏهن ڪن فيڪون آرياڻي نِئو ارواحا"
❷ ٻي پڙهڻي: "قلم سندون"
❸ اصل. آئيو
❹ اصل. پارئو
❺ ٻي پڙهڻي: راتيون پارڻ پيئُيون
❻ ولاڙيون = شتاب رو، آه و فرياد؛ ٻي پڙهڻي: "توڻي هلين وڪ."

## وائي

منهنجي شـــهر پنيور ۾ ڳِلا ڪا مَ ڪَري،

ٻڙي جيـڏيون لکئو تـان نـہ ٽَري

١. جنهن وٽ هيئان هلئا سَـچڻ سـانگ ڪَري

لامون تنهن وڻ سـنديون لوڏيان لائيان ڳري.

٢. جو سـينگار سـرتيين سـو مون ناه ڳري. [1]

جهڙي تـهڙي حـال سـين وڃـان پير پَري.

٣. قضـا جا ڪريم جي ڪنه ڪان ڪين ٽَري [2]

جيڪين لِکئو لوح قلم ۾ پاريان سـوئي پَري.

### بيت (٣٢٦)

جيڪُس آءٌ نـہ تيئَن، جِيئَن پريتڻون پرينَ سـين

ڪـيچي ڪـاهي ڪَـرهَـا، مُـنَـهان وِـڃَـن ڪـيئَن

ڏوهُ مُهجي ڏِينـهُ، نـاتـہ گهڻون سَـٻاجها سُـپُرين.

### بيت (٣٢٧)

ڏيـرن ڏوهُ نـہ جـيـڏيـون، مـاءِ! مِـڙوئـي مـون

آءٌ اڻ-سُـونهين، اُوءِ سـونهان پرين سـندا پر پون

اصـل آريـچـن جـو، پـانـدُ نـہ پُـڄـتـو سـون [3]

جنـہ جو تـونهين تون، سـي پيـادِيُون پهچـائيين.

### بيت (٣٢٨)

جُـهتَ پتي، پـہُ جَهنـگ، هـاڙهي پُڄُ نـہ هوتَ ڪي [4]

سُـورُ سُـبِيلِي، سَـسُـئِي، لَـڪَ تَنهي سـين لَنگهـہ

سُـپيرِيـان جي سَـنـگِ، مُـنـدَ ميَڙائو تـو ٽِـيي.

---

[1] اصل. "ڪري"

[2] متن ۾ "ڪهڪي"؛ حاشيي ۾ "ڪان".

[3] اصل "نچيتوسن".

[4] متن ۾ "جُتي پتي"؛ حاشيي ۾ "جُت."

**بيت** (٣٢٩)

جينءَ جينءَ جهلي جَڳُ، تِين تِين مون تاڪيدُ ٿيي
ڳَهرئو تو ڳالهيون ڪري، ور سئو پوٽي وَڳ
آرياڻي آورَڳ، پنيوران ٻَهرِ ٿي. ❶

**بيت** (٣٣٠)

هلندي هوتَ پنوهُ ڏي، ڪُهجَن ڪي ڪوٽيون
پَهَڻ تني ڪي پٽُ ٿِيي، جي لالَنَ لئي لوٽيون ❷
سَپ سَهيليُون سِڪَ ڪِي، چنجون ۾ چوٽيون ❸
ٻانيَڻِ ٿي ٻوٽيون، تہ ڪُتا ڪينئي ڪيچ جا.

**بيت** (٣٣١)

ڪتا ڪينئي ڪيچ جا، سندا جي پنوهَ
اڳِهن هوندَ اَسُونہَ، جي جانارَن ياد پُوئين. ❹

**بيت** (٣٣٢)

تن پِئِي جانارَن يادِ، جي پارئلَ پنوه ڄامَ جا ❺
سَندي لا لَنِ لاڏِ، مُيانِ پوءِ مُنڌَ ۾ ٿِئي.

**بيت** (٣٣٣)

سسئي پچنِ سي، جي پارئل پنوه ڄام جا
وَڍِئو وينتي ڏي، ڪايا ڪيچَ ڪتنَ ڪي.

**بيت** (٣٣٤)

جاڳايَسِ جَنبُورَ، ڪُتي قَريبَن جي
ٻَهي ٻهڪِي اُٿئو، ڳِهڏِي مَنجهان ڳُهورَ ❻

---

❶ اصل. اور ڪه= محبت.

❷ ٻي پڙهڻي: ”لئي لالن جي“

❸ ٻي پڙهڻي: ”سپ سهيليون سڪ جون-الخ“. سهيليون آسان. چنجون ۾ چوٽيون = خيالات و تعلقات

❹ جانارن= ڪاملان

❺ ٻي پڙهڻي: ڪي جانارن ياد-الخ.

❻ اصل پڙهڻي: ڪڏي منجا ڪور

سَــــڀِ لاٽـائـون سُــورَ، ڳِـري ھِـنَ غَـرِيـب تـان.❼

**بيت**(٣٣٥)

ڏکـيَ کـي ڏکـنِ جـا، ڏاجَـنِ تــي ڏاجـا
لَڳِـــــيَـسِ نـائُـکَ نِـيـه جِـي کُـر اَنـدَر کـا جـا
ٿَـــــرَنِ منجهہ ٿـاجـا، کَـرِيَ مُـنـدَ مِرُوئـن سَــين ❶

**بيت**(٣٣٦)

لڳُــمِ بـاڻُ ٻـروچَ جـو، وَســان تــي ويــاس
پُـــرزا پــڀَ وَرن ۾، پــٿُــون تــي پــيــاس
تـوٽـي مـاءَ! مُـيـاسِ، تـہ پُـڻ کـاڍو کـيـچَ ڏي. ❷

**بيت**(٣٣٧)

لڳُــمِ پـاڻُ ٻـروچَ جـو، اَمَـرُ جـهَـل مَ مُـون
ســـڀ رڳـيـنـديَس رَتَ سَـيـنِ کـيـچـان اوري پُون
مـادرِ! مـٿـان مُـون، کـانـگ لَـمـنـدا کـڏهِـيـن.

**بيت**(٣٣٨)

جَـڏهِ سـاـتِـيَـنِ تـي سَـڏ کِـئـا، ٻـڌوءِ نـہ ٻــوڙي
هــمــراهــي هــوتَــن ســيــن جُـودان نــہ جــوڙي
نــاحــقِ نِـدورِي، مــٿــي راهَ ريــهــون کــريــينِ.❸

**بيت**(٣٣٩)

اَوجَهڙ وَتـان آنءُ، ٻيُون سَـــڀ سَـگَر ســاٿَ جي
جا نيَہَ ڳِنهَندِي نانءُ، سـا مُون جِئن پُـنـدي مـامِري.

**بيت**(٣٤٠)

مـاڳهـن جي مُـئـي، تـہ هُـنـدَ نـہ پـيـئـي مـامـري

---

❼ ٻي پڙهڻي: ”سپ لاهيندو -الخ“
❶ ٿاجا = ملاقات و مجلس و مصلحت.
❷ اصل. ماءِ
❸ ٻي پڙهڻي: ”رڙيون ڪريين.“

چڏيا چو نہ کُھي، تہ ھٿائين ھورُ وِئو ❹

**بيت** (٣٤١)

ٻَڌو کِنه ٻَڌاڻ، ھِنئڙو ھوتاڻِي سين؛
کاجا پِيَسِ کاڻِ جِنءَ، نِبيرِيانسِ، نہ نِبري!

**بيت** (٣٤٢)

کوهُ ڄاڻان کوهُ ٿِئو، کيڏانه ٿي وڃان❶
ھٿَ کرايُون آگرِيون موڙئو سپِ پيچان ❷
ٻِئنِ گھرِ ڳِچان، مون ھارِيَ ھوتُ وَڃائيو❸

**بيت** (٣٤٣)

پنوهَ سين پريتِ جو، کو جو پيچُ پئومِ
پَنيي ھنَ پَنيورَ ۾، وھَنُ وهُ ٿِئومِ؛
مَتِيُون موٽَڻَ سَندِيُون، کاکِيُون! کِيمَ ڏھومِ؛
سَرَتِيُون! ساهُ سَندومِ، ٿِئو حَوالي ھوتَ جي.

**بيت** (٣٤٤)

پورھتَ پنوهَ ڄامَ جا، اسين ذات پَرتَ
ھوتُ کتوريَ ھِيرَئون، مون ۾ سَابُڻَ ڇَٽَ
آتَڻَ منجھہ اُگھٽَ، شال کميٽيَ جي کا م ٿِيي. ❹

**بيت** (٣٤٥)

تان مون پينر! پئي ناھِہ کا، جان آرياڻِي اڳِ
کوسو کوھِياري جي، واءُ مَ لڳِي وَڳَ
ٻئا پُڻ جَتَنِ جَڳَّ، منھنجي پرتِ پنوه سين.

**بيت** (٣٤٦)

ويٿِيَنِ کو نہ وراکو، سُتيَن کونھي سَنگ

---

❹ ٻي پڙھٽي: وڏيان چو نہ-الخ. چڏيان چو نہ کھي= اوھان چو نہ کھي چڏي.
❶ ٻي پڙھٽي: کوه ڄاڻان کي-الخ.
❷ ٻي پڙھٽي: ”موڙئو ٿي پيچان“
❸ اصل. ڳِچان=يادگيري
❹ اصل. اُگَٿ= ظاھر.

هوتُ هَلندن ڪَتئو، جنِ اَنگُهن چاڙهئو انگُ ❺
پاسي پَئِيَ پَنگُ، رڙهي ڇام رَسِيُون. ❻

**بيت** (٣۴٧)

سسئي سيجَ ڦِٽي ڪري، ڏُکِي ڏِکَ وسارِ
پٽي پير نهارِ، تہ آرياڻي اُتان لهين.

**بيت** (٣۴٨)

لُڇي ڪين ڪُڇي، تي آتي مُنڌَ اوندوهہَ ۾
پَرِ ۾ پير پُڇي، لعلن جو لطيف چئي ❶

**بيت** (٣۴٩)

ڪو مُنهُ ڪُنَلِ آئِيو، آهي وَسِ نہ ويچارِ؛
هوتَ! تُنهنجي هَٿَ ري، پَهُچي نہ پارِي؛
اَچِين جي، آرِي! تہ پاندَ پُڄِي، لَکُ لنگِهيان. ❷

**بيت** (٣۵٠)

ڪو مُنهُ ڪنل آئيو، ناهِ ويچاريَ وَسّ
هوتَ! تُهنجي هَٿَ ري، گولِي ٿِيي نہ گَسّ
ڏَسُ ڏُکِي کي ڏَسّ، تہ موڙهي ڪو مُنہ ٿِيي.

**بيت** (٣۵١)

جبلُ ماري جکَّ، جو آڏو آريچن کي
توڙي لَکَنِ لکَّ، تہ سڀِ لنگهنديَس سکَ سين.

**بيت** (٣۵٢)

ڪُلهنِ قاتو ڪَنجِرو، متو اَگهاڙو ❸
مُنهنجو ڪُجاڙو، هاڻي هِنَ ينيورَ ۾ ❹

---

❺ انگ=وجود
❻ پنگ=طلب
❶ ٻي پڙهڻي: لوڪ نہ لڳي سسئي
❷ ٻي پڙهڻي: ”تہ ڪو موري مہ ٿيي، (تہ ڪو موڙهي منهن ٿئي.)“
❸ ٻي پڙهڻي: ”ڪني ڪجارو ٿيا نہ پير پنوهجي“
❹ ٻي پڙهڻي: ”اديون هن-الخ“

**بيت**(٣٥٣)

اجـا راتِ رتُـومِ، ڪـوڙ ڪـوھـيـاري ڪَـنجـرو
روئِـي پُـسـايَـومِ، سَـوارو سُـورَنِ سـيـن.⑤

**بيت**(٣٥٤)

ڏيرن آئون سـورَن ڪي، سَـئين يَتين شـابـاسِ
ھُـئـا ھَـمـاري پـاسِ، ٻـيـلـي تِـئـڙَمِ چـِـپَـريـن ①

**بيت**(٣٥٥)

سُـڪـِـيـن تِـيُ مَ سَـنَـري، پَـسـي ڏڪَ مَ ڏَرَّ
پَـتِـي ڪـرِ مَ پـاھـنـجـو گـھـورئـو اڏُ مَ گـھـرُّ ②
مـاري ھـڏِ مَ مَـرُّ، مَـڇُـڻ جِـيُّ جِـيَـارِيـيـن.

**بيت**(٣٥٦)

سُـڪـيـن تِـيـي مَ سَـنَـري، ڏُڪـيـيـن ڪِـيـنَ ڏري
اوري ھـڏِ نـہ اُيـيـي، پُـوري تـان نـہ پَـري ③
سَـرتـيـون تـو سـري، ٻـنِـھي رِيءَ ٻـانـيـڻِ ڪـي.

**بيت**(٣٥٧)

پَـسـي لَـڪ لُـڏن جي، مُـنـڌ نـہ مـنـجـھـا تَـنّ
جـا پَـرِ ڪـاھـوڙِيـنَّ، سـا پَـرِ سِـڪِـي سـِـسِـئـي.

**بيت** (٣٥٨)

چـانـڪ آيَـس آڳـاھِـيـن، تـان اُتَـھـيـن اُيِـي آھِـيَـان
پِـرتِ پَـراھِـيـن، ھـاڻ مَـران مَ جِـيَـان.

**بيت**(٣٥٩)

---

⑤ ٻي پڙھڻي ”سيوئي سورن سين“
① ٻي پڙھڻي: ”ھڪ نہ ويو ھوت سين“
② ٻي پڙھڻي: ”ڪوري ھڏ مگر“
③ ٻي پڙھڻي: پھچي تان نہ پري.

سَــنـڌيون سُــور ڪَرين، هيُون ڏکي هوت کي ❹
پرينَ جي پـاڻ ڪَـئـاسَــي سُــتـي سُــکُ نــہ ڏِين ❺
جي ماڙُهنِ کي مارِين، آءٌ تنِ سورَن کي سَڏ ڪريان.

**بيت**(٣٦٠)

ســرَتـيـون ســورَ پِـريـنِ جو، سُـجَـن ۾ شــامِـلُ
ڪـوهـيـارو ڪـامِـلُ، مـون کـي ڏُکَ ڏيـکـارِئـو.

**بيت**(٣٦١)

ڏُنـگَــــــرُ ڏَنـا ڏُونِ، مُــون پـارِکُــو پُـڇِـئـا:
هيـڪـليُون هَلَنِ جيِ، سَـي تـاڪُنِ سَـنـدِيَ تُونِ:
اِي اَهُـکِـي يُـونِ، سُـنـهَـن رِيءَ نــہ سُــتِـرِي. ❶

**بيت**(٣٦٢)

لَـکـيـن لـورائُـو، سَــهَـســيـن آهِـيـن سُـــجَ ۾:
بَـرَ ۾ بــورائُــو، ڪَـنُ، پِـيـادِي! پـاڻَ ســيــن.

**بيت**(٣٦٣)

پـاٻـوهـيـو پـيـرَ ڪـٽـي، وانـڪـئـو وانـڪـئـو وڪَ
ڏُکَ تـنـهِـين کي ڏِکَ، حُـبَّ جَـهِـين کي هوت جي.

**بيت**(٣٦٤)

رَهـيــو ويــتــي راڳِ، اَمَـنِ اورئـا نِـجـهُـرو ❷
لاتـو ڏيـهَ وَٽـنِ ســيَـن، مـون لاڳـاپـو ۾ لاڳ ❸
ڏونـگَـرُ ســي ڏوريـنـديـون، جَـنِ انـدرِ ٻَـري آڳ
هـوتـاٽِـي! هِـن مـاڳِ، مـون کـي ڇـڏِ مَ ڇِـپَـريـنَ.

---

❹ ٻي پڙهڻي: ”هڏ پڻ ڏکي-الخ“
❺ ٻي پڙهڻي: ڏناسي-الخ
❶ ٻي پڙهڻي: ”اي اهري يون-الخ“
❷ راڳ = مرمت؛ نجهرو=خانہ. ٻي پڙهڻي: نجري
❸ اصل. ورن سين.

**بيت** (٣٦٥)

مـون کـي ڇـڏِ مَ ڇَـپَـريـن، هِـنِ هـنـڌِ هـوتـاڻـي
نـيـڄ نـمـاڻـي پـاڻَ سـيـن پـنـوهَ آرِيـاڻـي!
تـو هِـيـن لـئـي کـاڻِـي، پُـوڙِـي ڏونـگـرَ ڏورِيـان.

**بيت** (٣٦٦)

مُون کـي ڇَـڏِ مَ ڇَپَـرِيـن، هِـت، هوتـاڻـي! هـاڻ؛
اوڏِي مُـنـدَ اُنـنِ کـي، اَللهَ کـارَڻ آڻ؛
پـورهـيـو کَـنـدِيـسِ پـاڻِ، اَڳِـيـان آرِيـچَـنِ جـيَ.

**بيت** (٣٦٧)

مـون کـي ڇـڏِ مَ ڇـپـريـن، هـوتـاڻـي هـن هـنـڌ
توسـيـن ٿـيـنـديـس پـنـڌِ، ڏيـنـديـسِ بـاهِ ڀنڀور کـي ❶

**بيت** (٣٦٨)

سَـڄـڻَ ميـخـون ڏونـگـريـن، ڏونـگـرَ پُـوُپـن کِـيـرَ
اِهڙا سـيـڻَ سُـڌيـرَ، کـيـنَ لـهـنـديـنءَ کـي ٻـيـا

**بيت** (٣٦٩)

اوءِ تـان اوٺِـيُـنِ نـہ کَـيـو، جـئـن اُٺـنِ آرِيءَ ڄـامَ،
ٻـرکـي ٻـاهَـرِ نِـکـتِـي، گـاذَرِ مَـنـجـهـان گـامَ؛
سـاهُ ڏِنـائـين سـامَ، سُـتِي سَـڳَـرَ پـڻيين ❷

**بيت** (٣٧٠)

اوءِ تـان اوٺِـيَـن نـہ کـئـو، آريَ اُٺـنِ جـيـئـن
کـيـچِ پـهـچـي کِـيـئـن، اِهـڙن اَٻـاجـهـن سـيـن ❸

**بيت** (٣٧١)

ٻـاروچـا ٻـئـا گـهـٽـان، مُـهـنـجـو پـنـوهُ سِـرُ سَـيَـڻِ

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”توسين پونديس-الخ“
❷ سنگهر= نام مکان
❸ ٻي پڙهڻي: ”کيچ پچندي-الخ“.

چانگي تي چڙهي ڪري ڪندو وَرِ ولَهنّ
متي معذُورِيَنّ، هوتُ رڪندو هَتڙا.

**بيت**(٣٧٢)

پاروچا پئا گهٽان، مون اَجهو آرياڻي
چونڊي رڪئم چِت ۾ ساڄنُ سڄاڻي
جا وندر وڪاڻي، تِنه جو موٽڻ ڪو مسَ ٿيي.

**بيت**(٣٧٣)

ڪِيُم وندُرَ جَنِ وٽِن سِين سَهسَين سُڪائون ❶
پنوهُ ڪِٽي پاڻَّ سِين اِينديَس جي آئون ❷
وَرندي واڇائون، ڏِيندِيس شاخَ سَيڪِهين ❸

**بيت**(٣٧٤)

سَجي هَٿ ساتينِ جي وانءُ مَ مالارِي ❹
ڏائِي جا ڏِيرَنِ جي مَٽِج سان ٽارِي ❺
مانَ ورمَنِ وچ ۾ اولاٽي آرِي ❻
اَسُونهِ ويچارِي، اِنَ پَرِ مِڙي هوت کي ❼

**بيت**(٣٧٥)

هوءَ جا گهوري گهوتِ جي، تنهِ کي چري چُونِ
اُگهاڙيون اَتَڻَ ۾ هوتَ پڇاڻان هُونَ
پَرا تَنِي پُونِ، ڏنو جَنِ اکينِ سين ❽

**بيت**(٣٧٦)

---

❶ اصل. ورن سين

❷ ٻي پڙهڻي: ”اينديس اتاهون“

❸ ٻي پڙهڻي: ”ون ون واڏائيون- الخ“

❹ اصل. بيت

❺ اصل. منج

❻ اصل. مان ورمن=توقف کنند

❼ ٻي پڙهڻي : ”کهه پر مڙي ڪيچين“

❽ ٻي پڙهڻي: ”جن ڏٺو هوت“ اکين سين.

پُنيءَ ڪيچين ڪَڪِرا، پاياٽي تي پورِ
بندي لڪ، لطيف چي، اتي ڏونگر ڏور
رائو مڙوئي رت سين، ڪارڻ ڪانڌ ڪکور
جَتُ وَڃي تو جورِ، اُپُڙُ تہ اوڏي تِيين.

**بيت** (٣٧٧)

چڙهُ چُڪِئائي چوٽيين، ٽَڪِيائي ٽَرُ ٽيل
هَلِج هوتَ پنوهَ ڏي، پئو مڙيئي پيل ❶
اُتِي رائو ريلِ، ويٺيِن تان وارِي وَرِي.

**بيت** (٣٧٨)

موتڻَ ڪان اڳي مران، موتي مران مَ ماءِ!
لُڇِي لالڻَ لاءِ، شالَ پَوندَيسِ پيرَ تي!

**بيت** (٣٧٩)

ڪيچ مَ خَبَرَ هوءِ، هِنَ مُهنجي ذاتِ جي!
مَتان پَنوهَ پوءِ، لَڄَ پنهنجي لوءَ ۾!

**بيت** (٣٨٠)

ڏنم اُتَ اکين سين، مانَ پاروچا هُون
جَنين ڏاران پُونِ، موريسَر اکيُنِ ۾. ❷

**بيت** (٣٨١)

ڏُکيَ توءِ ڏکارُ، سيڻن ڏيهُ سُڪارِئو
پاروچاڻون پارُ، سيوئي سَواءَ سين.

**بيت** (٣٨٢)

ڏکيَ توءِ ڏکارُ، توڻي وَسن مينهَڙا
صاحبَ هٿِ سڪارُ، هِنَ وسِ آهِينِ هَٿڙا.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”وهم مڙيئي پيل“
❷ اصل. امن جي تون. ٻي پڙهڻي: ”تو آڇيا سي پون-الخ“.

**بيت** (٣٨٣)

ٻـانـيَـڻ-ٻـيـٺـي آهِـيـان، پَـرٽَـڻ پـالـيـاسِ
حُـسـنَ هـوتَ پـنـوهَ جـي، مـوتُ مـارِيـاسِ
جانـڪين تـان جِينـدياسِ، پِيـئَس وَرِ وصـالَ جي.

**بيت** (٣٨٤)

سـچـڻُ ڏنـو جَـنّ، مـوٽَـڻُ تَـنِـي مـيـهَـٽـو
اِيُ مَرَڪُ معـذورِيّن، جئن مَرنِ پريـان جي پيرَ تي.

**بيت** (٣٨٥)

وَرُ لَـڪـنِ جِـي لـوڏَ، گـهـوريـان سُـڪَ پـنـيـورَ جـا
اَمَڙِ، جي تون آچيين سـپـي مون ڪمِ نـہ اچن ڪـوڏَ ❶
هِـنـيـيـن مـهـنـجـي هـوڏ، ٻَـڌِي ٻـاروچـنِ سـيـن.

**بيت** (٣٨٦)

جـيـڪُـسِ يـادِ ڪَـيـاسِ، وَرُ وِچـي وَٽـڪـارِ ۾ ❷
جَـرُدَ جَـريـدي پَـنـدَ ۾، اَڊِيُـون! آءٌ تِـيـاسِ ❸
وَڃِي ڪيچِ پُنِياسِ، ٻـاروچـاڻـي ٻـاجهـہ سـيـن.

**بيت** (٣٨٧)

آيـا آسَ تَـئـامِ، ٻـاروچـا پَـنـيـورَ ۾؛
پَـسِـي پَهَرَ پُنوهَ جَي، نَهُـہ سِـيـئـڻ نيڻَ تَرئـامِ ❹
گُـونـدَرَ وِسِـرئـامِ، سُـڪَـنِ شـاخُـون مُـڪِـيُـون.

**بيت** (٣٨٨)

ڪـو جـو آهِـسِ ڪـوڏُ، ٻـاروچـاڻـي سَـڱَ جـو
هوءِ جي چونِـس ٻـوڏُ، تـہ جي سُـٽـائي جَـڳَ ۾.

---

❶ اصل. امن جي تون. ٻي پڙهڻي: ”تو آچيا سي مون-الخ“
❷ ٻي پڙهڻي: ”ويهي وَرَ وٽڪار ۾“
❸ ٻي پڙهڻي ”اديون اج ٿياس“
❹ اصل. ”نهَسي نير ٿرئام.“

**بيت** (٣٨٩)

يَلي ڪري ٿئوم، هيَ سـگُ ٻاروچنِ سين
وچي ڪيچ ڏئوم، پُٺي لڳي جَنِ جي ❺

**بيت** (٣٩٠)

اچئو مَرُ اچنّ، ٻاروچا ڀنڀورَ ۾
نالو ڪٺي جَنّ، ڪميٺي ماڙهُو ٿيي. ❶

**بيت** (٣٩١)

جڏهن پيئي ڇَٽَ، ڇَپَر هوتَ پنوهَ جي
ڀَرَهي ويٺيون ڀَٽَّ، گوندرَ لٿا گوليين.

**بيت** (٣٩٢)

ڇپر هوتَ پنوهَ جي، جڏه پيئي ٻُوءِ
راڻين وَرِي رُوءِ، گوندرَ لٿا گوليين.

**بيت** (٣٩٣)

ڇپر پيئي ڇان، جڏهن هوتَ پنوهَ جي
راڻين رَنڪو ٿئو، دَر دَر پيئي دانهہ
ساٿَ آيو سروان، اديون شهر ڀنڀور ۾. ❷

**بيت** (٣٩٤)

ڇنَنِ تُوءِ مَ ڇنَّ، پاءِ اميري اَن سين
هُوءِ جي اَوَ ڳُڻَ ڪَنيئي سسئي! تہ تون ڳُڻان ني ڳنَّ ❸
پُٺيَ لڳي پنَّ، هنَ سُنهاري سگَ ڪي.

**بيت** (٣٩٥)

---

❺ ٻي پڙهڻي: ”تهان پوءِ ٿيوم، مشاهدو محبوب جو“
❶ ٻي پڙهڻي: ”پٺي لڳي جن-الخ“
❷ اصل. هي مصرع حاشيي ۾ لکيل
❸ اصل. ”تہ تون ڪُران ڪِن“

اديون ڪا اِينديِ، ڇپرِ مون سنگ ٿِئو [4]
لائيندي لڳنِ ڪيِ مَليرا ميندي
وِندُرِ آءٌ ويندي، آرياڻي اَجهو ڪري. [5]

**بيت**(٣٩٦)

اَجُ ملنديَس، ماءِ! ڏاڍا ڪَنديَسِ ڪَپڙا [1]
جِيجان! جوڳِياڻي ٿِيان، مون ڪِي جهلَ مَ پاءِ؛
هَوتَ ٻَاروچَي لاءِ، ڪَنين ڪُنِرَ پائِيان. [2]

## وائي

مون ڪي تان جَهلَّ مَ پائيو [3]
وو جيڏيون!، آءٌ هلندِي هوتَ ڏي

١. هيُ جو بارُ ٻنپورَ جو، لوٽِي تان سڀ لاهيو.
٢. آهي عاجُزَن ڪي پَسُ سندوني سايو [4]
٣. ڪين رَهنديسِ ڪُنڊَ ۾ نہ مون پئہ نہ پايو [5]
٤. وِهاري وطَنَ ۾ شُهدِيَ ڪي مَ سِڪاهِيو [6]
٥. ڪُتَلِ ڪجاونِ ۾ چاڙهي هِيَ هلايو.

**بيت**(٣٩٧)

ڪُهجُ مَ اجهاڪيهَ، گردَ پَس گُنگَن جِي [7]
ڏُڪِي منجها ڏيهَ، نِڪَر ناهِ ڪُلهي ڪري.

**بيت**(٣٩٨)

جِئائِين واري واڳَ، اوِتي ٿِئا چُلنگِيين [8]

---

[4] اصل. سنگ.
[5] اصل. اڄوڪري
[1] ٻي پڙهٽي: ”داسا“ (= سرخ)
[2] ڪنر = حلقه چوبي
[3] اصل. پاهيو
[4] ٻي پڙهٽي: ”سپيريان جو سايو“
[5] ٻي پڙهٽي: ”ڪين وهنديس-الخ“
[6] اصل. ائين
[7] ٻي پڙهٽي: پسي گرد-الخ
[8] اصل. چُلڪي.

مـتـي تِـنـه مـاراڳَ، پَـئِـي پُـرزا نـ تِـيـن. ⓽

**بيت**(۳۹۹)

جِين جِين تَپي ڏِينـهُ، تِين تِين تـاٽي تِـکَ ۾
ڪو اڳـانجـهو نـيـنـهُ، ٻـانـيـڙِ ٻـاروچـنِ سـيـن.

**بيت**(۴۰۰)

جِين جِين پڇي راتِ، تين تين تاٽي پنڌَ ۾
پـورِيَ ٻِـي نـ تـات، جـيـڪـا سـا جَـتـنِ جـي.

**بيت**(۴۰۱)

روجَـهـ ڏتـائـيـن راتِ، پـانءِ ڪـر اوٺـي آئـيـا
ڪـيـڇِـيَـنَ جـي ڪَـري ٿِـي تـوءِ تـنـيـن جـي تـاتِ
ٻـاروچـاٽـي ذاتِ، مَـنَـا مُـئِـي نـ وِسَـري.

**بيت**(۴۰۲)

اَوَجـهـڙ اَسُـونـهَـن، ڏيـهُ گـهـٽـو ئـي ڏورِئـو ❶
سَـڳُـرُ ريءَ سُـونـهَـن، ڪميـٽي ڪـا نـ لـهي. ❷

**بيت**(۴۰۳)

مُـسـافِـرنـئُـون، مـاءِ! وِره وهـايُـمِ وتَـرو ❸
اَچي تَـيَـمِ اوچِتي، تن سـانگـيُـن سـين سَـاجاءِ:
آيـلِ! جَـهـلَ مَ پـاءِ، هِـنـئـون هـوتَ هَـٽِـي وِئـا. ❹

**بيت**(۴۰۴)

جـيـڪـا ڪـنـدِي نـيـهُ، ٻـاروچـاٽـي ذاتِ سـيـن
سِـڪَـڻُ سـارو ڏيـنـهُ، چـڙهـڻُ چـاڙِيـڪَـنِ تـي.

**بيت**(۴۰۵)

جيـڪـا ڪـنـدِي سـنـگُ، مـون جـئن ٻـاروچَـن سـيـن

---

⓽ اصل. مارڳ.
❶ ٻي پڙهٽي: "ڏيه مڙيوئي-الخ"
❷ ٻي پڙهٽي "سڳر ريءَ سونهن پهتي ڪان پنڌ ڪري"
❸ وره=محبت و شوق. اشتياق: وترو= بسيار
❹ ٻي پڙهٽي: "هينئڙو هوت-الخ".

اَنگُهنِ چاڙهئو انگُ، رُندي سا رتَ ڦُڙا.

**بيت**(۴۰٦)

جيڪا ڪندي مَنجهہَ، مون جئَن ٻاروچَنِ سين ❺
مٿان ڳَلَنِ هَنجهہ، ڪِين لاهِندي ڪَڏهين.

**بيت**(۴۰۷)

ٻيلي ناهِ ٻنيورَ ۾ تِنه سسئي جو سُهي
ڏمر ڏيرَنِ مَنَ ۾ ڪندا اِيَ ڪُهي
لنگهائي، لطيف چي، ڪَڇ ڄام ڪُهي
هِيَ معذورِ هَڏِ مُئِي، تون ڪانڌَ مَ وجيج ڪيڏهِين.

**بيت**(۴۰۸)

تِترُ لَنئي، چِڪَ تئي، مٿا وسي مِينهَ ❶
صَبَاحَ سِڄو ڏِينهُ، اَٿَ مَ لهو اوٺيا.

## وائي

تَڏيءَ تَڪِي نہ وهي، تَتِي ڪَري تاڻَ،
وڏائِين وَڪار ۾، سَسُئِي پاڻُ سُڪاڻَ،
پُڇي پَہَ پَڪِيُنِ ڪي، پيئي مُنڌَ پَرياڻَ ❷
ڏَنسِ ڏيہَ وَٽَنِ جا، تن اَللهَ لَڳَ اُهڃاڻَ،
اَڃي آرِياڻِي وَرِي، مانَ پَرچنِ پاڻَ.

## وائي

زارِي سان زاري، ميان اَلو اَلو
ٻاروچي ساڻ، آءٌ ڪنديسَ زاري
١. ڪري ڪوهيارو وئو، مون سين قيامت ڪاري
٢. ڪين جَيندِيس جيڏيون، سورَ پريان جي آءٌ ساري

---

❺ ٻي پڙهڻي: ”جيڪا ڏيندي... ٻاروچن ڪي“
❶ اصل. تتر لئي.
❷ پہ= صلاح؛ پرياڻ= مصلحت.

٣. هِندُن جئن هولي ڪري ڏوڙ متي تان مون هاري
٤. مون کي ڳِهَر ڳِرو ڪِئو، ننڍ ندوري آءٌ ڪاري
٥. ڇُڪيَ کي چاڙهي وجو، بوتا هُئڙا ٻاري
٦. ماَنَ وِرمَنِ وچ ۾، اولاٽي آري.

## وائي

دردَ مُهنجي جا دارون، وو يارَ!
موٽُ سَپاجها سُپُرين وو!
١. مون لڳيون، مون وسهو، محبت جون مارون
٢. مائِٽنئو مون سين گهٽا، ڪُسَڻ ڪِئا ڪارون [1]

## وائي

ڪَرَهَا مَ ڪاهيو، ميان ڪيچي!
آءٌ آرِياٽي عَرَض چَوندي
١. ڪري هوتَ هلڻَ جي لوڏيَ کي مَ لچاهيو
٢. وسيلو وِلهن جو آڳانڍو ائين آهيو
٣. پَاسي ۾ پريت جي جيڪين اُت جُهڪاهيو [2]
٤. وِلهيءَ جي ويهاءَ ۾ واڃٹ سَپ وڇاهيو
٥. اُگهاڙِيون آتڻَ ۾ پَهنجون پاڻ پَراهيو
٦. ساڪِنَ تي شهر جا معذورِ کي مَرَڪاهيو
٧. سائِينءَ ڪارڻ سپرين صورت کي مَ سِڪاهِيو
٨. پنوهَ چامَ پَريتِ سين ويهي سورَ وراهيو
٩. لاهي بارُ پنيورَ ۾ ويندي گهوٽُ وَناهِيو [3]
١٠. پرٽائي پنوه کي نيڪٽي نِڪراهيو
١١. ٻيلي تِي ٻانيڻ سين ڏُکي ڏيج ڏڪاهيو.

---

[1] اصل "مائٽنئو منس ڪنا نہ ڪُسُن ڪئا ڪار"
[2] اصل. جيڪي
[3] ٻي پڙهٽي: "ويندو گهوٽ-الخ"
[4] اصل. ورال

## وائي

هُل هوتَنِ ڪارَڻِ حالَ، سَڳُر تيندينءَ ساٿَ جي

١. پيرَ پَهنجا پَري لَئي ڪَوڏ رَتائين ڪالَ
چڙهندي سِر چوٽيين سي ئي لَڪَنِ ڪِئڙسِ لالَ

٢. جي پائيين جَتَنِ جي ويجهي ٽِيان وصالَ
پُري پَبَ وَرَنِ ۾ وجهج ڪا وڙالَ ❹

٣. ڪيچان آئيو قافلو مَيَنِ مَتي مال ❶

٤. جتي جَمَاجَنَ ڪي جبلَ تينِ جنجالَ ❷
پُڇج پيادن ڪي اُتِ آرياڻي احوالَ.

## وائي

وَسان تي وياس، آيل! آيل! لَڳُمَ ٻاڻُ ٻروچ جو ❸

١. آهي آري آسري نہ ڪو پيءُ نہ ماس

٢. پُرزا پَبَ وَرَنِ ۾ پٽون ٽِي پياسِ

٣. تہ پُڻ ڪادو ڪيچ ڏي توڙي ماءِ مُياسِ

٤. آيم اَنڌي لوڪ سين، مُتي آءٌ مُنياسِ.

٥. پييم پنوهَ ڄام سين ڪُني آءٌ ڪُنِياسِ.

٦. پئم وِچُّ وصال ۾، سنجهي آءٌ سُتِياسِ

٧. اَلا اُنِ مَ وسَران، ڏني جَنّ جياس

٨. پاڻُ وَڃايمُ پيرَ تي ڇُتِي آءٌ ڇُتياسِ

٩. پيِيَس وَرِ وصالَ جي، جانڪِيتان جِينَدياسِ.

## وائي

اهُڪي آڳُهُ آهي وو آهي
مون ڪي تان نہ ڇڏيندو تِڪَ ۾

١. آرِي اُگهاڙَن ڪي، پنوهُ ڄامَ پَراهي، وو!

---

❶ هن وائي جي ستاءَ مان سمجهجي ٿو تہ هت ست هئڻ گهرجي.

❷ جماجن (جمازه=شتر)

❸ اصل. وساتي (وسان+تي= تڏهين.)

٢.  پُڇي، پوءِ پئِنِ کي لَکنِ ۾ لَـڏَ لاھي، وو! [4]

## وائي

هوتَ ســي هَلَنڙ هارا، ڪيئن ڪريان آءٌ اُن ســين

١.  کُوءِ پلنگَ، ٻَنِ پٽراٽيون کِيَنڙ ســي تئم ڪارا [5]

٢.  ڪيچَين ڪَرهَ پلاٽيا، مَيَا ســي تِئِم مـارا

٣.  سُــونـهَـنِ سُــپـيـريَـنِ جـا، اَتَـنَ وتِ اوتـارا.

---

[4] ٻي پڙهٽي: ٻن ماڙيون. اصل. ڪير سي تئم ڪارا.

[5] ساڳيو.

# سر ود سهڻي يعني توڏي

**بيت**(۴۰۹)

پـانُڙ مَر کَـٽـڇ پـانَڙ سـيـن، رِيءَ وَسِـيـلـي وَڏُ
لاَلَـڻُ تَـنِـيـن لَـڌُ، عشـــق جَـنِـيـن جـي آڳَ ۾. ❶

**بيت**(۴۱۰)

پـانُڙ مَر کَـــــٽـــــڇ پـانَڙ سـين، رِيءِ وَسِـيلي واءُ:
مَـتـان سـائِـرَ، سُـهـڻِـي! پـرتِ وتـجـي پـاءُ:
نِـيـنـه ڳِـنهـنـدي نـانءُ، واءُ پِريَـان جي پـارَ ڏي. ❷

**بيت**(۴۱۱)

پـانُڙ مَر کـڇـج پـانَڙ سـيـن، ريءَ وسـيـلـي وَڄّ
پـيـلـو پـيـري پَـڄَ، اُکَـنـدَ کَـڻُ عَـمِـيـق ڏي. ❸

**بيت**(۴۱۲)

پـانُڙ مَر کـڇـج پـانَڙ سـيـن، وسـيـلا وِجـاءِ
عشـــقَ سـانُڙ اُتـاءِ، پـيـرُ پِـريـان جـي پـارَ ڏي.

**بيت**(۴۱۳)

پـانُڙ مَر کَـــــٽـــــڇ پـانَڙ سـين، وَسِـيلا وسـارِ:
لُڙُ لنگهائِي، سُـهـڻِي! پـرتِ وجـهـنـديـنَ پـار ❶
سـي تُرتُ لنگِهـيـديُون تـارِ، اُکَـنَـدَ آڳُهُ جن سـين.

---

❶ اصل. "لالن.... اک ۾."
❷ اصل. "کڏدي ناءُ"
❸ اکنڊ =اشتياق: ٻي پڙهڻي "عميق ۾".
❶ اصل. "لر سگهائي.... وجنديين."

**بيت (۴١۴)**

آڳہ عشــــقَ وارِيــن، جَڏهــن ڪـنـيـا جَـنّ [❷]
تَـڏِهــن رَسِــئا تَـنّ، مِـهـٽا تِـنـه مِـهـارَ جـا.

**بيت (۴١۵)**

ڪـونـهـي آڳُـه اَهِـڙو، جـهـڙي مُـحـبـتَ مَـنِ؛
اُيـيُـون اوريـيـن پـارَ ڏي، ڪُـوڙِيُـون ڪَـڪَ پُـچَـنِ؛
نـنَـڍي تِـنـيـن نـيـڙ ٿـيـي، جـي رِيءَ تُـرهـي تَـرَنِ؛
سِـــڪَ رَســاٽي، سُــهـڻي! اَصُــل عـاشــقَـنِ؛
سـي جَـهـليُـون ڪـينَ ڪُـنَـنِ، پُـچَـنِ مَرُ مهـارَ ڪي.

**بيت (۴١٦)**

پُـچَـنِ جـي مـيـهـارَ ڪـي، پُـڇـي تَـنِ مـهـارَ [❸]
تُـرَهـو تِـنـيـن بـارُ، عِشـــقُ جـنِـيـن ڪَـي آڪِـرو.

**بيت (۴١٧)**

عشـــقَ جـنـيـن ڪـي آڪـرو، تُـرَهـو مـتـي تَـنّ
جي ســـاهڙَ ڪي سِــڪِن، تنين جَرُ جـنـدو ٿِـيي. [❹]

**بيت (۴١٨)**

تُـرَهـو آڇ مَ تِـنـه ڪـي، جِـنـه عـشــقَ سـيـن آگـاهـ
پـڇـي مَـسَّ مـلاحّ، ســاهَـڙُ مَـٽـي سُـهَـڻـي. [❺]

**بيت (۴١٩)**

ســو ســـاهَـڙُ، ســا سُـهـڻي، ســـائِرُ پُـڻ ســوئِـي
آهـي نِـجـوئِـي، ڳُـجـهہ ڳُـجـهـانـدرَ ڳـالـهـڙي.

## وائي

هـوئـج هُـشـــيـارّ، خـبـردارُ، تِـرڪـڻ آهـي تـڙَ ۾

---

❷ اصل. آڳہ
❸ ٻي پڙهڻي: "پچي سي مهار"
❹ جندو=دلو (اصل. جندب). جر= دنيا
❺ ٻي پڙهڻي: "سائر مٽي".

کَڏَ، ڪُوٻا، چِڪ، چِڪنديون، تان ڪين نَئي نِهار
آڏي سي اَڪُڙنديُون، اڪيون جَنِ ڪپارِ
مون سئو ملاحن ڪان، تَڙَ آڙانگا تارِ
هوتُ هَلندن ڳَٽِيو، وهَڻُ مُنڌَا! وسار
ڪُوءِ آتَڻُ، ٻَنِ جيڏيون، ڏيراڻيُون ڏُئارِ [1]
پَڪو ڪٺج پاڻ سين، پرين تُهنجو پارِ [2]
ويندي واٽاڙوئن تي پُنِي ڪيم پَچار
پونديئن مُنهِ مِهار جي، ڏمِ وٽِ ڏينه مَ گهارِ [3]
ساهڙَ ڪي سُڻ سهٽي! ٻچَل آڏِي ٻارِ [4]
تارِ تَرنديئن، لڙُ لنگهيندئَن، عَشقَ جي آڌارِ [5]
پانڌُ مَ چَڏِج پريَ جو، پهين جي پاتار
ٽيندوءِ سڏُ سَهاڙَ جو، توڏِي ٽِي تَيارِ [6]

## بيت (۴۲۰)

ساهڙَ ڏارا سُهٽِي اَڏوتِي آهي [7]
ڪُنديون جو ڪاهي، پاسي تِنه پاڪ ٿِيي.

## بيت (۴۲۱)

ساهِڙَ ڏارا سهٽي نسورِي ناپاڪ
نجاسَت ناهِ ڪا اُنِين[8] جي اوطاقَ
هوءِ جي ڪيرَ پياڪَ، پاسي تنين پاڪ ٿيي.

## بيت (۴۲۲)

ساهڙ ڏارا سهٽي هِيَ جُنُبي جوءِ

---

❶ ڏيراٽيون=عزيزان، ڏئار=ضد و دشمن
❷ اصل. ”پري تهجو“
❸ اصل. ”پوندي“
❹ اصل. سن سهٽي
❺ اص. ”ترندي..... لنگهيدي“
❻ ٻِي پڙهٽي ”ساهڙ جو“
❼ اَڏوتي= چرڪين
❽ اصل. پاڪ.

هنَ پاڻيَ سين پاھنجو مورِ نہ متو ڏوءِ
جي پِريَ پاسي هوءِ، تودِڙي تہ ڪَرَ تڙُ ڪِيو.

**بيت (۴۲۳)**

ساهَڙَ ڏارا سُهڻِي، هِي تان چُڪِي زالَ ❶
توڏِي تَپُ شرُوع ٿِيو، هَي! هيِٽي جي حالَ ❷
جَڏِي رِي جَمالَ، اڳِهي ٿِي آهُون ڪري.

**بيت (۴۲۴)**

ساهَڙَ ڏارا سُهڻِي، آهي ۾ آزارَ؛
ڏَمُ پاسي ۾ ڏُکَندو، صِحَتَ وَتِ سَنگھارَ؛
توڏِي سَندي تَنَ جي، دَوا ۾ دِيدارَ؛
جي پَسي مُنهُ مهارَ، تہ اگھئِي سَگِهي ٿئي. ❸

**بيت (۴۲۵)**

هِنَ پارِ، نہ هُنَّ، ويچارِي وَهَ وِچَ ۾
نيچُ نِهارِي نہ گِهڙِي، تنهِنَ ۾ پئس تُنَّ ❹
الا! ساڻُ اُمُنَّ، آران تون اُڪارِيين. ❺

## وائي

کھڙي مَنجِھ حساب، هوئڻُ مُهنجو هوتَ ري
گولِي! پَچُ گُناهَ ڪان، ڪونهي سُولُ ثوابَ؛
نڪِي تَقاوَتَ ۾، نڪِي مَنجِھ رَبابَ؛
خُدِيائي خُوبُ ٿِيين، لائين جي لُعابَ ❻
پَلِيتُ ئِي پاڪُ ٿِيي، جُنبِيو مَنجِھ جِنابَ؛

---

❶ اصل. جُڪي
❷ ٻي پڙهڻي: ”تو ڏي تپ شروع ٿيو هي هنين جي حال“
❸ اصل. تئڪئائي
❹ ٻي پڙهڻي: ”رَچُ نهاري-الخ“
❺ ٻي پڙهڻي: ”آرا ڪنه اڪاريين“
❻ اصل. خوب ٿيي.

هادِي سين هُنَ پارَ ڏي، رِيڙهِيين ساڻُ رِڪابَ ❶
چَنبو وِجهي چورَ کي، آءُ چَرِ، عُقابَ ❷
دِيدُ وِجايم دوسَتَ جو هَلِي مَنجِهه حِجابَ ❸
کَسَرَتَ آهي قُربَ ۾، اِدّغامين اِعرابَ؛
سو نہ کَهين شَيءَ ۾، جيڪِي مَنجِهه تُرابَ؛
جي جَرڪِئا جَرَ تي، سي تان سَپِ حُبابَ؛
فَنا وِجهي فَمَ ۾، ڪارَڻ تِيُ کَبابَ ❹
ڏي طَهُورا تن کي، جي سِکَّن لاءِ شَرابَ؛
مُتِي ڪئا مرضَ ۾، جاوا سَپِ جَوابَ.

## بيت (٤٢٦)

جَرِ ثَرِ تِکَ تَنوارَ، وَڻ تِڻ وائِي هيڪڙِي؛
سيئِي شَيءِ ثِئا، سُورِءَ سَزاوارَ؛
هَمَهَ مَنصُورَ هَزارَ، کَهڙا چاڙهيو چاڙهيين. ❺

## بيت (٤٢٧)

سَيَتِ پَچار پرِيُن جي، سَيَتِ هوت حُضُورُ؛
مُلکُ مِڙيو ئي مَنصُورُ، کهڙا چاڙهئو چاڙهيين.

## بيت (٤٢٨)

نڪو سَنڌو سُورَ جو، نَڪو سَنڌو سَکَ؛
عَدَدُ ناهِ عِشقَ، پُڄاڻِي پاڻَ لَهي.

## بيت (٤٢٩)

عددُ ناهِ عش جو، سُڻي تي ساڻي
ڪانہِ پُڄاڻِي، مَهندان مُندَ مِهارَ جِي. ❻

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”رڙهان-الخ“
❷ چور=نفس؛ آءُ= خودي
❸ جرڪيا= روشني نما؛ ٻي پڙهڻي: هي تان-الخ
❹ ڪارڻ= برابر دوست، فم=وات
❺ ٻي پڙهڻي: ”چاڙهيا“
❻ اصل. ”مهدا“ ٻي پڙهڻي: مهار ڪي.

## وائي

کهڙو سَڱُ سِياڪو، هارِي! مون هوتَن سِين
آءُ هيڪَلي هَبَ ۾ نہ مون مِٽُ نہ ناقو ❶
منڊَ پيادِي، پنڌُ گهٽو، نہ مون اُٺُ نہ ڏاگهو ❷
هوءَ جا پڪَ پَنُوهَ جِي، چَٽيان تِنه چُواڪو ❸
پَسڻَ ڏارا پريَ جي، فقير پوءِ مَ فاقو
چڙهي نہ سگهان چوٽيين ڏونگر ڪونهي ڏاڪو ❹
پرين پچنديَس پَبَ ۾، وَڻُ وَڻُ وجهنديَسِ وانڪو
وِچُ مَ پوءِ وِصالَ ۾، لِڪَ مَ پوءِ لِياڪو. ❺

### بيت (۴۳۰)

ڪيتي ٿئو مِهارُ، ڪيتي ٿو گَهندُ گُڙي ❻
ڪيتي دونهين دوستَ جِي، ڪيتي پَريون پار
جِه مون سَپُ جِمارُ، جَرَ ۾ جهوتون ڏِنيون ❼

### بيت (۴۳۱)

مَنَ اندرِ مِهارَ جيون دل اندر دُونهيون
آٽيو وجهي آرَ ۾ لوهاٽو لُوهُيون
هوءِ جي سَاهَڙَ جون سوهيون، سِيرَ سِراڙو تَنِ ڪي. ❽

### بيت (۴۳۲)

ڪيڏاهَ اُٿِي ويئيون، ڪيڏاهَ گَهندَ گُڙَن
اوڏاهَ ٿِيون چَرَنّ، جيڏاهَ پُٽِ مِهارَ جِي ❾

---

❶ نہ "نہ ناڪو" ٻي پڙهٽي: "نہ مون سڱ نہ سياڪو"
❷ ٻي پڙهٽي: "اُٺ نہ ناقو"
❸ حاشيي ۾: "ته چڪانہ"
❹ اصل. ڪونِه
❺ لِڪَ=قليل، لياڪو= فرج (گِڙڪ)
❻ ٻي پڙهٽي: ڪيڏاه ٿيو
❼ ٻي پڙهٽي: "لڏيون"
❽ هيءُ بيت حاشيي ۾ لکيل آهي
❾ اصل "پُٽِ مهار جي."

## بيت (۴۳۳)

جي قِيامَ مِڙَن، تہ ڪَرُ اوڏا سُپُرين
تِهان پَري سُجَنّ، واڏايون وصالَ جِيون.

## وائي

وجي سا راتِ وهاٽي، رِيءَ پَسڻَ پريَ جي ❶
هھڙا اوڏا سُپُرَين، توکي نندَ سُهاٽِي ❷

## بيت (۴۳۴)

ٻُڏَندي ٻُوڙَن ڪي، ڪي هاتڪَ هَٿَ وجَهن
پَسو لَجَ، لَطِيفُ چئي، ڪيڏِي ڪي ڪَڪَنِ ❸
جي ڪِنه ڪنڌيءَ ڪَنِ، ناتَ ساڻِن وجن سِيرَ ۾. ❹

## بيت (۴۳۵)

جانڪي ڪنڌيَ ڪانه، تاڻي ٻَڌِج تُرَهو ❺
هٿُ پرِيان جي هٿَ ۾ ٻي ڪِنه ڏِج مَ ٻانہَ
سندِي ڪَپَرَ دانُه، ڪِ تو ڪَنين نہ سُئي. ❻

## بيت (۴۳۶)

جا ڪَچي ڪاني ڪانهَ، سا ٻُڏا ڪدي ٻارِ مان
يا لنگھائِي، لطِيفُ چئي، يا ڏُرِئان ڪري دانه ❼
ڪما حَقُو ڪڪنِ جي آهي ڳالِ آڳانه ❽
يا ڏي ٻُڏَنِ ٻانه، ناتَ ساڻِن وجي سِيرَ ۾. ❾

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”ريءَ ڏارا-الخ“
❷ ٻي پڙهڻي: ”وهاڻي“
❸ ٻي پڙهڻي: ”ايڏي“ . ڪيڏي=ڪماحقو
❹ ٻي پڙهڻي: جي ڪي ڪنڌي-الخ
❺ اصل. تان تاڻي
❻ اصل. ڪاه، باه، واه
❼ اصل. ڏرئا
❽ اصل. آڳاه
❾ ٻي پڙهڻي: ٻڏن ڪي....نات ساڻس-الخ

### بيت (۴۳۷)

هـاواڻـا هُـلَـنِّ، ڪَـپَـرَ ڪـارونـيـارَ جـا [1]
لـهريـون لُـڙَ، لطـيف چـئـي، پـيلـي تـي پُـلَـنِّ [2]
جي ڪَچي سـاڻُ ڪَهنِّ، آنـڪوتَنِ اوبـاهيين. [3]

### بيت (۴۳۸)

آهـيـيـن هـت اُمـاڻَ، پَـنـڌُ تُـرَهـو تـارِ جـو
لَـهَـرن، لُـڙَ، لَـطَـيفُ چئي، جَهلئا جُـنـگَ جُـواڻَ
اُونـهـي تَـڙِ آگـهـتِـيـا، آڌي پـائـي آڻَ [4]
جي پِـئا مُـنـهِ مهراڻَ، تن بـانـڌِيُن بيـٽُ نـہ اُڃهي.

### بيت (۴۳۹)

ڪَـچـو ڪـان ڪـنـيـارَ، اوڳـي ڪـٽـئو اُتـيـيـن
ڪِ تـون ڪَـنـيـن نـہ سُـئي پـيـلـي تـي پُـلـڪـارَ
لوڙهئا لَـڪَ، لطيفُ چئي، ڪوڙيين ڪارونيـارِ [5]
اُڪـاريـيـن آڏارَ، آران آنـڪـي واريـون. [6]

## وائي

آتَـڻَ ۾ سـب ويـهي، دعـا ڪـريـجاهُ جـيـڏيـون
ڪـانـهِ بَـس بَـهـيـرَ ڪـي، هَـلُ چَـلُ وجـي پـيـئـي
راهَ مسـافرُ سَـيُـڪو، ڪونَ ڏِنُوسـون هِـتِ ڏيهي
سـاريـنـدا صـلوات ڪي قَـبَـرَ ۾ سـب پـيـهـي!
اللّهُ هيـڪُ محمّـد برحق شـال چوائي مـان اَيـهي
نوازيـنـدو نورَ سـيـن شـالَ نـاقِـصَ ڪي اُت نيئَي.

---

[1] ڪارونيار= دنيا و قبرو دوزخ
[2] پيلي= خام
[3] اصل. آنڪو.
[4] اصل. اونٿي تڙ
[5] ڪارونيار= بحر عميق
[6] اصل ”آرا آنڪي واري“.

## وائي

دل نهين نهين ميڏي وَسِ،

وو، بنا دلَبَر دل مانـدي

مون کي مَتِ مِهارَ جي، کانَ لَڳي ٻي کَسّ

سکان تي سِنگارَ کي، ٻابُ نہ مُهنجو بسّ

سُک نہ پُڇي سهـڻي، ڏُکُ ڏکيَ کي ڏَسَ

دَردَ دَسِي آهيان، دردُ مُهنجو دَسُ.

## وائي

مَدَتَ تيُ، مِهارَ! يارَ! ساهَڙَ سائَرَ سيرَ ۾

اُونها کُنَ، اَنانگهہ تَڙَ، اولِي هَڻُ، آڏارَ ❶

ڏِينہ ڏُهلا ڏَمَ سِينَ، آءُ آهِيان ڏارَ ❷

ٻِچَلِ ٻانڌِي ٻارِ ۾ کَرِي، اَت اُبَتا آرَ ❸

تَتي گهڙي سُهڻِي، آڳَہَ رِي آڏارَ

کاري راتِ، کَچو گهڙو، توڏي کِي توار

سَنيُوڙي سِيڙاهِ سِينِ، سِگهو رَسُ، سَنگهارَ

اوراڙ تي آهُون کَريان، پَهچان شَلَ يارَ

سُڻِئو جهانءِ جِهڄي هِنيون، سانبارا سَنِيارَ ❹

تار ترنديس، پرين پسنديس، ويندِيس وٽ وچار

پورينديس پار مٽي سهسين جي سيسار.

## بيت (۴۴۰)

وَرُ اونداهي راتڙي، کوهِ چانـدوڻي چانـدا

اوري مِهارا، مُنہ مَ پسان کو ٻئو.

## بيت (۴۴۱)

❶ اصل. اُتانگهہ=دشوار و خوفناک ❷ ٻي پڙهڻي: "آهن اوکاين ڏار"

❸ ٻانڌي= چوها؛ ٻار ۾= در ورط، "کري" (اصل ائين)= زر زر

❹ سانبارا=آنطرف دريا. سنيار= جرس. اصل. ڄاءِ جهڄي-الخ ❺ اصل. واءُ.

سدا پُـچ مَ سـهـڻـي، اونـداهـي اڏَ رات
پِـريـان ڏي پـريـاتِ، وانءُ ڏيـنـاري ڏيـهـ کـي. [5]

**بيت (۴۴۲)**

پَـلِـيـان، پَـلِـيـو نـ رهـي، نِـرتـو نـيـنـه نـبـارُ
گِـهـڙان، گـهـورِئـو جِـنـدُڙو! اُتَـلَ مُـون اَوپـارُ
جـنِـيـن مَـنِ مِـهـارُ، هَـلَـڻُ تـنـيـن حَـقُ تِـيـو.

**بيت (۴۴۳)**

جهولَ نـ جهلِي سـهـڻـي، سـائرُ سَـٽَ سـنـديـاسِ
جِنه اهڙي ڇائي عـاجزا، سـا مَرُ مَرکي مـاسِ [1]
پَـسـيـن جي پِـئـاسِ، تـ کـيـن عشـقُ آڻـيـن. [2]

**بيت (۴۴۴)**

کِـنه جِـنـه گـهيڙ گهڙي جِـيـنءَ اوَتَـڙُ اُتَـرُ تـئـوسِ
سـالـمَ ويـئـي سـهـڻـي، کُـنَـنِ کـيـنَ کِـئـوسِ
آهـسُ اَکَـڙيَـنِ ۾ پِـريـان جـو پـئـوسِ [3]
حَـقـا حَـقُّ تـئـوسِ، هُـئِـي پُـڻ طـالـبَ حـق جـي.

**بيت (۴۴۵)**

تـوڏي تُـهـائـيـن جي، سـي هِـتـهـيـن ڇَـڏِ حِـرصَ:
سـاهَـڙُ ڏارا سُـهـڻـي! کـوتِـيُـون کَـنِ کَـرسَ [4]
وَڏي اِيَ وِرسَ، جِـيـنءَ ڏَمَ وَتِ ڏِيـنـهَ گُـذارِئـيـن. [5]

**بيت (۴۴۶)**

سَـهَـسـيـن سـائِـرَ ٻـوڙِيـون، مُـنـڌَ ٻـوڙِئـو مـهـراڻُ

---

[1] عاجزا=نياڻي. ماس= ماڻس
[2] پئاس= عشق (اصل ائين پر غالبا صحيح پئاس= سندس دوست)
[3] آهس= شعاع
[4] ٻي پڙهڻي: ”ساهڙ کنا-الخ. کرس= ٻهانو ۽ منه“
[5] ورس= سهو، خطا

وَهَ وڃايو پاڻُ، هٽي ڪنڌُ ڪَپَنِ سين. ❻

**بيت (٤٤٧)**

ڪا جا ڪُنَ ڪَرين، پنيَ پُٽ جُھڻ پاڻَ ۾
اديون اُنهين آبَ ڪيَ، اڪيون اُڪيرينِ ❶
توٽي تِڪون ڏينِ، تہ اُڄَّ اُنين کي نہ لهي.

**بيت (٤٤٨)**

ڪامان، پَچان، پَڇَران، لوچان ۽ لُچان
تَنَ ۾ تَونسَ پرينِ جي، پيان نہ ڍاپان
جي سَمُندَ مُنهن ڪَريان، توءِ سُرڪيائِي نہ ٿِيي.

**بيت (٤٤٩)**

جي ٻڏان تہ ٻَنّ، مَرُ اولِجان اُنَ پارَ ڏي
متان اڇي سُپُرين مان ٻَر ٻَر ڪَنّ ❷
مُيائِي سين تَنّ، جيڪرَ اٿُي نِڪرانَ ❸

**بيت (٤٥٠)**

گهَرُ نہ وَرُ نہ وَٿُ ڪا، آهِم مَنّ مِهارُ
اِنَ اوسيئڙي اُٿيان، سنجهي ڪري سينگارُ
پرين تُنهنجو پارُ، پَسان مانَ پَر ڪَهين.

**بيت (٤٥١)**

رات اونداهي ريءَ گهڙي، نڪا سِيٽاهَ ساڻُ
وڃي وَيرَمَ نہ ڪري، پريان ڪارَڻ پاڻُ
مُحَبّتَ کي مهراڻُ، سُڪِي سَپُ پَٽُ ٿِيي.

---

❻ ٻي پڙهڻي: ”وه ونجائي جاڻ“
❶ ٻي پڙهڻي: ”اڏي اُڪيرين.“
❷ ٻي پڙهڻي: ”ڪنڌي اڇي ڪارٽي مان-الخ“
❸ ٻي پڙهڻي: ”هيڪر اٿي“

### بيت (٤٥٢)

ڏِيـنـهـاڙِي ڏَمَـرُ ڪـري، مَـتـي مُـحَـبَـتَ مُـون
تـنـه ڪـي اِڃي تُـون، پِـرِيَـمِ! ڪـوهُ نـہ پَـلـيـن.

### بيت (٤٥٣)

ســـاهـڙُ سُـــڪـيَ ۾ تـئـو، پـاڻـي ۾ پـڻـون
ســنـدو ڪَـڄَ ڪُـڻون، تِـڪَ تـرنـدو ڪـيـترو ❶

### بيت (٤٥٤)

ســپـيـريـان جـي تُـرَهـي ٻـڏيـن هـٿُ مَ لاءِ
صـــبـاحَ تــو چُـونـداءِ، اســـان تــو اُڪـارئـو.

### بيت (٤٥٥)

سُـــپـيـريـان جـي تُـرَهـي، ٻُـڏِيـن، تـوءِ مَ لَـڳُ
جـان ڪــو جـيـيـنِ ڏيـنـهـڙو پُـور اُبـتـي وَڳُ
پـاءِ تـيـڏاهِـيـن پَـڳُ، نـاهِ جـيـڏاهِـيـن نِـجُـهـرو.

### بيت (٤٥٦)

دائِـمَ جـا دَرِيـاهَ ۾، ســا مَـڃِـي ڪِـنـي ڪـوهُ
آهَــس اِيُ اَنــدوهُ، پـاڻِـي ڪِـتـي پِـيـان ❷

### بيت (٤٥٧)

جِـيـاريَـس سَـــنـيـارَ، ڪُـوهُ ڪَـرِيـنـدَمِ گـڏجـي
وِيــروتــارَ وُجُــودَ ۾، پــرِيُــنَ جــيَ پَــچـارَ
ســي ڪيئن سَـجَڻَ ڏارَ، جَي هِنيڙي ۾ حَلُ ٿِـئا. ❸

### بيت (٤٥٨)

جـڏهــن وَسِـــيــلـنّ، لــوڙهــي چـڏِي لُـڙَ ۾
پَـراڙان پِـرِيـنِ، تـڏهـن پُـڇـي ســهـڻـي. ❹

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”تار ترندو-الخ“.
❷ اصل ائين (پاڻي ڪتي نہ پيان؟)
❸ ٻي پڙهڻي: ”سجڻ هون نہ ڏار جي-الخ“
❹ ٻي پڙهڻي: ”پراڙان“

### بيت (٤٥٩)

گَھڙو يَڳو، مُنڌَ مُئي، وَسيلا وِئا
تِنهان پوءِ سُئا، سُهڻيءَ سَڏَ مهارَ جا.

### وائي

لَرڪي لَئہ نہ سڄاتو، راند پائياين رازَ ڪي
اَنڌو الوهيَّتَ ڪان، آهي اِيُّ اُماتو
صَباحَ سو نہ شُمارَ، جو ليکِئا اڄُ لاتو ❶
پيِيَس سَهوَ سيد سين، تيِس نمرودَ سان ناتو.

### وائي

آيلِ آيلِ تي جِيان، آءٌ تي جيان
جي مون سارين وو سُپرين
متان ساهڙَ صدَقو، آءٌ ڏَمين ڏَمَّ ڏيان ❷
سئون سُنهائيو پيچَرو، مون ڪي مِهارن ميان
متان ماڻڪَ هيڪڙي، آءٌ اَمُل اُٺَّ ڏيان.

### بيت (٤٦٠)

ڪَچو تان ڪوهُ پَڪو نَظَرُ پريَ جو
ساهَڙُ مُهنجو سُپرين، ڏَمَ ڏَني تيي ڏوهُ
جي چِٽو جَي چوهُ، تہ پُورِينديَسِ پارُ مَڻي. ❸

### بيت (٤٦١)

آنڪو نِيي آنڪو، ڪَچو آيُمِ ڪمّ ❹
جِيَ جَنين جا جَمّ، پَڪا سي پُڇنديون.

### بيت (٤٦٢)

ڪير ڪُنَّ، آءٌ ڪيرَ، ڪيرَ ڏمرَ سهي ڏَمَ جا

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”صباح ناه شمار ۾ ليکئا جو لاتو.“
❷ اصل. ”ڏه ڏه ڏيان“ .
❸ اصل. چِٽو
❹ ٻي پڙهڻي: ”جي آنڪو تان ڪوهہ ڪچو آيم ڪم ۾ آنڪوني آنڪو ڪچو آيس ڪم“

قضا رِيءَ ڪيرَ ڏري مـتي پاڻيَ پيرَ
پينرَ پِني پيرَ، لِڏوتي تي تي لوڙيان.[5]

## وائي

ٻئو درُ ڪو نہ سڃاڻان، تون جو آھيين توکي مڱان
الاھي عنايت سين نوازيين نماڻان [1]
انڌا ڪريين آڳ ۾، ڪوٺائيين ڪاڻان.

## وائي

جان جاڳان تان نھين ميان وي
نال ڍولڻُ دي وي، سَپَنُ-ھاري سُتي وي
اُس جاڳن سين سُمَھَنُ چڱيرا، جس جاڳنَ مان ڪُتي وي
خواب خِلوتَ پائيان، بيداريَ مان مُتي وي
جان جاڳان تان جاني ڳيو، اِن ڪاتي مان ڪتي وي.

[5] ٻي پڙھڻي: پني وير
[1] الاھي احسان سين-الخ.

# سر ودپورب ورامڪلي

## بيت (٤٦٣)

مُونا طُورِ سينا سندا سناسينّ
”فَڪانُ قابَ قَوسينَ اَو ادنيٰ“ نانگا اِيءَ نون ❶
”اَللّٰهُ وَلِيُّ الّذِينَ آمنو يُخرجهُم مِّنَ الظُّلماتِ اِلي النُّورِ“ اهڙي پَر پرينّ.
”وَ خَرَّ موسيٰ صَعِقاً“، جوڳي جُنگ جَلنّ
”ڪُلُّ مَن علَيها فان وَّ يَبقيٰ“ باقي ڪين بچن
مشاهدو محبوب جو اُتي آديسينّ
”بي يُبصِرُ بِي يَسمعُ“ بي وصال وهنّ
”بَي يَمشِي بَي يَنطِقُ“ اهڙي چال چَلنّ
”مازاغَ الَبصَرُ وَما طَغيٰ“ اهڙي سُڌ سنديَنّ
سيّد چئي سنديَنّ، ڪَلَ پچين تون ڪهڙي. ❷

## بيت (٤٦٤)

ميڙئو ياڻُ يَريون ڪِئو، جوڳي جَلائينِ
سامِي سِگڙُين سين، خودِيءَ ڪي ڪائين
هُو جي تارِ تَڳائينِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري ❸.

## بيت (٤٦٥)

نڪين ڪٽن پاڻ سين، نہ ڪو ساٽن پاڻ
اهڙو جن اهڇاڻ، آءٌ نہ جيندي ان ري.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”اُت نَمَن“
❷ ٻي پڙهڻي: ”پچين ٿَو-الخ“
❸ تار= دم-ساعت.

**بيت (٤٦٦)**

وِئا ويراڳي نِڪَري، ڳوليان آءُ ڳنڌيانِ [1]
صَحبت جا سنديانِ، آءٌ نہ جيندي ان رَي.

**بيت (٤٦٧)**

مران ۾ متو پٽيان نِهاريان نيرانِ [2]
سُخنَ جي سندانِ، آءٌ نہ جيندي ان رَي.

**بيت (٤٦٨)**

لکين ڪِئا لِسان سين، لاهوتين لوڙا [3]
گهوڙا ڙي گهوڙا، آءٌ نہ جيندي ان ري.

**بيت (٤٦٩)**

آسَڻَ وَتِ آهُون ڪَريان، وَسِ نہ مُهنجي واتُ
لَڳُمِ لاهُوتيُنِ جو، ڪينَرَ مَنجها ڪاتُ [4]
هَلڻَ ڪي هَيهاتُ! آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري. [5]

**بيت (٤٧٠)**

پَسِئو آسَڻَ اُن جا، اَدُوها اَچَنِ [6]
ڪينَرَ ڪاپَڙِيُنِ جا، صُبُحَ تان نہ سُڄَنِ
وڏي ياڳ پِرن، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري. [7]

**بيت (٤٧١)**

پسئو آسڻَ اُنَ جا اچي نہ آرامُ
ڪينر ڪُني آهيان تَنين جي تمامُ
مون ڪي ٿئو ماتام، آءٌ نہ جيندي ان ري.

---

[1] ڳنڌيان=شميدن (سنگهڻ)
[2] نيران= نيڙان= نيٽان (؟)
[3] لوڙا= فرياد و منادي
[4] ڪينر=ساز لاهوتيان
[5] ٻي پڙهڻي: ”جن جو هلڻ ۾ هيهات-الخ“
[6] ادوها=اندوه و آه سرد
[7] ٻي پڙهڻي: ”سي وڏي-الخ“، ياڳ=بخت؛ پرن=بيايند (اچن)، وڏي ياڳ پرن= باز آمدن آنها بسي مشڪل.

**بيت (٤٧٢)**

پسئو آسڻَ ان جا، اوچنگارون اچنّ
پاڻان وِڏِيَسِ پٽ تي لاهي لاهوتينّ
راڙي منجھ رهنّ، آءٌ نہ جيندي ان ري ❶

**بيت (٤٧٣)**

پَسي آسڻ ان جا، پانُهنِ وجهان واتَ
هوءُ جي کهئا ڏونه ڪلاتَ، آءٌ نہ جيندي ان ري.

**بيت (٤٧٤)**

وارُو ويراڳِيُنِ ڪي، ويلَ مَ وساريج ❷
قَدَمُ ڪاپَڙِيُنِ جا، لِيلائيَ لَهيج:
پيرَٽَ پَسيو پَٽَ جي، وَڃَڻَ ڪي وچيج ❸
رَاتو ڏينه رِڙيج، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

**بيت (٤٧٥)**

قدمَ ڪاپڙين جا، لڳا ۾ لاهوتَ
جَنين سين ياقوتَ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

**بيت (٤٧٦)**

جوڳيڙا جهانَ ۾ نُورِي ۽ ناري
بَرِي جَنِ پارِي، آءٌ نہ جيندي ان ري.

**بيت (٤٧٧)**

جوڳِيَڙا جَهانَ ۾، هُئا مَنجِھ حَمامَ
آرامَا اَرَڳُ ٿِئا، اوڏا نہ آرامَ ❹
ڪَئائون قِيامَ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

---

❶ راڙي=فغان
❷ وارو=زود. ويراڳين= فراقي
❸ پيرٽ = پيروي. پٽ=رفيقان.
❹ آرڳ=بيزار

**بيت (٤٧٨)**

صبحِ سِگَڙيون ڪٽي، وئا وڃائي وير
ڏوريان ڏوريان نہ لهان تَن بيراڳينِ بَهيرَ ❶
آسَڻَ جَنِّ عَبِيَر، آءٌ نہ جيندي ان ري.

**بيت (٤٧٩)**

واڃَتَ ويراڳِيُنِ جا، مُونکي وَڏو مالُ
مَقالان مَهَندِ تِئا، ڪونهي وَتِنِ قالُ ❷
حاصُلُ جنِين حالُ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

**بيت (٤٨٠)**

واڃَتَ ويراڳِيُنِ جا، مُونکي وَڏِي وَٽُ
سونُ سَيوئِي سَڳيُون، پَسِي ڪِينَ مَ ڪٽُ ❸
ويساهي ويلَ ڪَهين، پُورَب ويندو پَٽُ ❹
هَلُ ڪَيائُون هَٽُ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري ❺

**بيت (٤٨١)**

سُوڏو سگَڙيُن سين ڪين جو ڪَهيائون
هوءِ جي هَنيائون، آءٌ نہ جيندي اُن ري.❻

**بيت (٤٨٢)**

پاڙِهين ويتا پاڙَ سين پَرِ ۾ ڪَنِ پَرياڻَ ❼
اهڙا جَنِ اهڃاڻَ، آءٌ نہ جَيندي ان ري.

**بيت (٤٨٣)**

پاڙِهين ويتا پاڙَ سين، پَرِ ۾ پَرِياڙِينِ

---

❶ بهير=جماعت
❷ ٻي پڙهڻي: ”ڪينهي وتن-الخ“
❸ سگيون=نام ساز
❹ پٽ = جماعت رفيق.
❺ اصل. ”ڪيائون هٽ“
❻ اصل هَيائون
❼ پرياڻ= مصلحت.

سـامِـي سَــفَــرِ هَــلـئـا، آسَـــڻُ اُجـهـائـيـن
رُخِـصَـــتَ رُئـارِيــنِ، آئٌ نــ جِـيَـنـدِي اُنِ ري [1]

**بيت (۴۸۴)**

پـاڙهـيـن ويـتـا پـاڻ سـيـن پـر ۾ پـريـائـيـن
هـوءِ جـي هـلـڻَ سـنـديـون ڳـاهُـون ڳـالـهـائـيـن
وِجـڻَ وِجـائـيــن، آئٌ نــ جـيــنـدي ان ري.

**بيت (۴۸۵)**

جيـکـي مون نِهو، نـاتَ جـاتَ مَ وِجو جوڳِيـاهُ!
قـوت مُـهـنـجـو کـاپـڙي، سِــگــڙيُـنِ سِــهَـو [2]
کـا ڦِـري ڦُـوکَ ڏِهـو، آئٌ نـ جـيـنـدي ان ري.

**بيت (۴۸٦)**

جيکي مون کي ني، نـاتَ نـانگـا وانءُ مَ نکري
پَـهَ پـروڙئـمِ پَـٽَ جـا، کـيـنـر مـنـجـهـا کـي
هَـي هَـي جـي هـي، آئٌ نــ جـيــنـدي ان ري.

**بيت (۴۸۷)**

جيـکـي مـونـکـي تـاڻ، پَڳَـهُ پـائـي پـاڻَ سـيـن [3]
هـوءِ جـي هـنـيـاءِ هـاڻِ، آئٌ نـ جـيـنـدي ان ري.[4]

**بيت (۴۸۸)**

مِـٽَ نـ مَـعـذوريَـنِ جـا، جـوڳِـي جـاتَ نــ نـيـنِ
اِنــهِــيــن ۾ آهــيــن، آئٌ نــ جــيــنـدي ان ري.

**بيت (۴۸۹)**

هَـي هَـي کـئـو هـٽَ هـٽـان جـوڳِـي وِئـا جـاتَ
پـيـهـي وِئـا پـاتَ، آئٌ نــ جـيـنـدي ان ري.[5]

---

[1] رخصت=هنگام رخصت (رخصت وقت)
[2] کاپڙي= جوڳي، سهو= معرفت
[3] ٻي پڙهڻي: ”پاڻ ڏي“
[4] اصل. هيَا هاڻ.
[5] پات=سپات اي پاڪباز

**بيت (۴۹۰)**

سَـــتُـرُ سِـــڱَـڙيُـنِ سَـــيـن، لَـحظي لاتــائُـون
ڪِـيـنَـرَ ڪُـتـي آهِـيـان، اُنـيـن جـي آئُـون
مُـون ڪـي مـارِئـائُـون، آءٌ نـہ جِـيـنـدِي اُنِ ري.

**بيت (۴۹۱)**

ڪِـنـه جِـنـه ڪـيـنـرَ ڪـڍئـو مـون ڪـي پُـڇـي پَـٽَ
هـوءِ جـي هـنـيـائـون هـٽ، آءٌ نـہ جـيـنـدي ان ري. ❶

**بيت (۴۹۲)**

وَتِـنِ ويـتِـي آهِـيـان، ڏِسِـئـو ڪِـيـنَ ڏِسـان
جِـنـه جِـهو نـاهِ ڪِـينِ، سـا ڪـا سُـونهَن سَـنـدِيـانِ
پَـسِـئـو ڪِـيـنَ پَـسـانِ، آءٌ نـہ جِـيـنـدِي اُنِ ري.

**بيت (۴۹۳)**

ويـراڳِـيـنِ وَرَنَ، ڏِسـڻُ گـهـٽـون ڏُهـلا ❷
ٻـولَـڻُ ٻـوڙَنِ سـيـن، ٻـئـا سـنـدا فـانَـيـنِ فَـنّ ❸
ڪـي گـهـرَجـن ڪَـنَّ، آءٌ نـہ جـيـنـدي ان ري.

**بيت (۴۹۴)**

نـانـگـا نـانِـيَ هـلـئـا، هـئـي مـهـنـجـي حـالَ
هـوءِ جـي ڪـهـيـا ڪـالَ، آءٌ نـہ جـيـنـدي ان ري.

**بيت (۴۹۵)**

نـانـگـا نـانِـيَ هـلـئـا، چـيـلا چـيـلـهہ ٻَـڌَنّ
هـوءِ جـي تَـا هَـلَـنِّ، آءٌ نـہ جـيـنـدي ان ري.

**بيت (۴۹۶)**

نـانـگـا نـانِـيَ هـلـئـا، سـامـي سـيـئـي
وِهـڪَ مـون ويـئـي، آءٌ نـہ جـيـنـدي ان ري.

---

❶ اصل. هَياءٌ هت
❷ ويراڳين= فراقي. ورن=رنگارنگ
❸ اصل. ٻُولن ٻُورنس.

**بيت (۴۹۷)**

نانگا نانِيَ هلئا، ويراڳي وئا
هوءِ جي هِتِ هئا، آءٌ نہ جيندي ان ري.

**بيت (۴۹۸)**

”جُز“ وڃايو جوڳيين ڪُلَّ سين آهنِ ڪمُّ ❶
آسڻَ جَنِ عَدمُ، آءٌ نہ جيندي ان ري.

**بيت (۴۹۹)**

بابُو بيڪاري ٿِئا، پَڇي ڇَڏِيائُون پاڻُ ❷
نِسوروئي نِاهہ جو، نانگَنِ وَٽِ نِدانُ ❸
سِرِڪَندُ جَنين ساڻُ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

**بيت (۵۰۰)**

بابو بيڪاري ٿئا، آسڻَ وٽ نہ اَڄُ
نسوروئي ناهہ جو ساميِ ڪَنِ سَهَڄُ
هِيان تَنين سين هَڄُّ، آءٌ نہ جيندي ان ري.

**بيت (۵۰۱)**

بابُو بيڪارِي ٿِئا، اَڄُ نہ آسَڻَ وَٽِ
خودِي ڪَائِي هَلِئا، پيرُ نہ لايائون پَٽِ
هَي هَي جنِين هَتِ، آءٌ نہ جِيَندِي اُنِ ري.

**بيت (۵۰۲)**

وڃائي واٽَ ٿئا جوڳي جَڳاٽي ❹
هئا جي هاٽي، آءٌ نہ جيندي ان ري.

**بيت (۵۰۳)**

جُسي سندو جوڳيين مون نہ گهرجي ماهُ
سامي مهنجو ساهُ، آءٌ نہ جيندي ان ري.

---

❶ اصل. جزءُ
❷ بابو=جوڳي، بيڪاري= ديوانہ
❸ نڌان= نهايت
❹ جڳاٽي= اين جهان.

**بيت (٥٠٤)**

ڪيڏاهين ڪالَ وئو سندو جوڳئين جوشُ
پَچي تَهين پَٽَ ڪي هڏ نہ رهيو هوشُ
آسَڻَ ۾ افسوسُ، آءٌ نہ جيندي ان ري.

**بيت (٥٠٥)**

مون ڪي آه اَتيارئو سُتي سيجَ هياسِ
جَنين جاڳاياس، آءٌ نہ جيندي ان ري.

**وائي**

سَندَڙيان سِگَڙي،
ڳالِ ڳُجَهڙي،
مُون مارِيندي ڪَڏَهين
مُرلِيءَ ڪي ماتِ ڪري، نہ تَنه تُلِ تُنبَڙي
جا وَڄائِينِ جَتَڙا، نہ تَنه نَڙَ جَهڙي
توڏِيءَ تاري جنه تي، نہ سو گِهندُ نہ گِهندَڙي
ڏارِئو جَنهن ڏِياڄَ ڪي، تَندُئان تَنه تِڪَڙي
مرو گهانَدارَ موهِيا، هِيءَ ماڙُهو مُوهَيندَڙي
نڪا سِري سِندُ ۾، نہ ڪا هِندُ هَهڙي
ڪوڙين واڄٽ ڪيترا لڪين لاءِ هٽندڙي
جا ساراهيلَ سُبحانُ جِي، تهنجي واڪاڻُ ڪَهڙي
مِتايان مِني گَهٽو، چَندان جن چَڪَڙي
سَهَسين سُرودَن ڪي، پاٽان پوءِ وجَهندَڙي
ڪڙي ڪُلاتن ڪي محبت وارن مَتڙي
وانءُ اونائي ان ڪي، وهہ مَہ ڪڻ وڪڙي.
بي خود بابو سي تئا بُرندِي جَن بُڌَڙي
آهي، عبداللطيف چئي، هي مئا جِيارَڻَ جِهڙي.

**بيت (٥٠٦)**

جو ڪُهَندِ سُهند سامُهون پرِتِ تنه سين پارِ
نينه جنه جو نبهي تنه سين تون مَ تَوارِ
هَڏِ مَ واڻَ وسار، ٿِيُ نِرالِي نبرِي.

**بيت (٥٠٧)**

جي پائيين جوڳِي ٿِيان، تہ مَرُ پُوري، منجِهه گهارِ [1]
دائِمُا ڏُونهَين دل ۾، مَنَ ۾ مالا وارِ
سَهُہ سَيَڪا آرِ، آگَي جي اَدَبَ سين.

**بيت (٥٠٨)**

جي پائيين جوڳِي ٿيان تہ پَرِ جوڳَ جي پار
هَوائون هنگلاج ڏي ويندي سَپِ وسارِ [2]
نانگا ناٿُ نِهارِ، سامي وڏيَ سَڪَ سين.

**بيت (٥٠٩)**

جي پائيين جوڳِي ٿيان تہ ٿِيُ گُروءَ جي گَسِ
ڏکُ پاڻَ کي ڏسِّ، ناٿُ نهارِج نِينهَ سين.

**بيت (٥١٠)**

جي پائيين جوڳِي ٿِيان، تہ سَڳَ سَيِيئي چِڻُ
مٿي دَرِ دوسَتَنِ جي، نانگا ڪِيمَ نِنُ [3]
پَتِ تَنِين جي پِنُ، جِنِين پيچي نہ پُچِئو. [4]

**بيت (٥١١)**

جي پائِين جوڳِي ٿِئان، تہ سَڳَ سَيِيئِي ٽوڙِ
جي ڄايا نہ ڄاپَئا، تن تنين سين جوڙ
تہ تُون پَهُچِين توڙِ، مُحَبّتَ جي مَيدانَ ۾.

---

[1] ٻي پڙهٽي: "ڪار"
[2] هنگلاج=تيرٿ
[3] ڪيم نن= گريه مکن
[4] جنين پيچي نہ پچئو= انعام و اکرام کرده، عوض هيچ نخواسته.

**بيت (٥١٢)**

پُوري، پَئي رَهُ، اُپَتي اڄُ مَ ڪاپڙي
اُلان جي عشق جا سي تون سَهيو سَهُ ❶
پُڄُ پاڻَ ڪي پَهءَ، هنگلاجَ جي هلڻ جو.

**بيت (٥١٣)**

نسوروئِي ناه جو دِلِ ۾ دونهين پاءِ❷
آٽي آڳِ عِشقَ جي تون لاهوتي لاءِ
جِندان تِن جاڳاءِ، جِنءَ سا آتَش آبُ ٿِيي. ❸

**بيت (٥١٤)**

جيڪي جوڳُ مَ پاءِ، ناتہ نانگنِ سين ناتَ وانءُ❹
سامي سي مَلَ چاءِ، مُنڊيا جَنِ مَرڪِٽا ❺

**بيت (٥١٥)**

جيڪي جوڳي ٿِيُّ، ناتہ وانءُ نِرجا نِڪَري
تہ ڪوه ڪن ڪَپائيين، جان نہ سهندِين سيُّ ❻
يَڄُّ پَراهون ٿيُّ، متان ٻئا لڄائيين. ❼

**بيت (٥١٦)**

جوڳي تُهنجي جوڳَ ۾ ڳال گهرجي ڳَچُّ
سڳا، سيليون، چَمَڙا، اِيُ پُڻ وڏو ڪڄُّ
وَڏي ڇيري ڇڇري، پَر ۾ اُيو پڄُّ
سوئي ٻارِج مَچُّ، جنءَ ٻاهرَ ٻاڦَ نہ نڪري.

---

❶ ٻي پڙهڻي: "سپيئي سه"
❷ ناه=عدم
❸ اصل. جندا
❹ ٻي پڙهڻي: "متان لاهوتي-الخ"؛ اصل. واءُ
❺ اصل صورتخطي: "سام سي ملچاءِ مداجن مرڪنا"
❻ اصل. "سهده"
❼ ٻي پڙهڻي: "متان لاهوتي لڄائيين."

**بيت** (٥١٧)

سامِيَ ۾ سُلوڪَ کي هٿان هَڏِ مَ ڇڏِ
لڏِيندَنِ سين لَڏِ، تہ رهين تون راڄَ کري.

**بيت** (٥١٨)

ويندَنِ کي ويڪَ ٿي هوندَن کو نہِ هندُ [1]
”مَن له المولىٰ فَلَهُ الكُلُّ“ اِيُ پروڙِج پندُ.

**بيت** (٥١٩)

عاشق شهرَ فقيرُ دَر دَر هٽي سِينَ
جتي ڏسي ڪِينَ، تتي ڪري تَڪِيو [2]

**بيت** (٥٢٠)

ڪِينَ قَبُولِج ڪاپَڙِي، گُذَرَ گَئِي گُذرانُ،
عَلِي جو مَيدانُ، سَڳَرُ سَناسِيُنِ کي.

**بيت** (٥٢١)

علىَ جي ميدان ۾ وينا ڏوڙ ڏُٽي
تَرڪُ ڪِيائون تَڪيا پَريون پندُ سُٽِي
ڪندِي ڪوهُ دِٽِي طعنا ڏيئي تَنِ کي. [3]

**بيت** (٥٢٢)

جوڳِي هُون نہ جِيَرا، پائي جوڳُ مَ جِيُّ؛
هارِئَا! هُن ڪَنَنِ سين، سُڻُ سَنِيهو اِيُّ:
"وِڃائي وُجُودَ کي، پاڻا پاسي ٿِيُّ"؛
هَڏِهِن ڪونهي هِيُّ، اَسارا! "آءٌ" ڇَوِين!

**بيت** (٥٢٣)

ويٺو پُڇين پَرُ، ڪَر هِيَارَ هلڻَ جي نہ ڪريين؛
اَڄُ، آديسِي! مَرُ، صُباحَ مَرَندو سَپُڪو.

---

[1] ويڪ=جاپر آمدن؛ هوندن= خود پسند

[2] ڪين= نيستي و عجز

[3] هي بيت متن ۾ ڪونهي مگر حاشيہ ۾ لکيل آهي. (3)پاڻا=خودي

**بيت** (٥٢٤)

کَنَ ڪورائيين ڪاپڙي، جنـدان تـيّ جوانُ [1]
ڪام تـہ لڳيئي ڪانُ، نانگنِ هٿان نِيہَ جو.

**بيت** (٥٢٥)

کَنَ ڪورائيين، ڪاپڙي، جنـدا! تِيُ مَ جوءِ:
جيڪِي پُڇين، پُڇُ سو، گُنگا نِيَنِ نہ گوءِ [2]
سِرَ سِپاهيُن وڪئا، سو ڪِ نہ، سامِيين! سوءِ:
لَنگهہ لاهُوتِيَ لوءِ، عِجزَ ڪين آڏو ڪَري. [3]

**بيت** (٥٢٦)

ڪن ڪورائيينِ ڪاپڙي، اِيُ زنانو جوڳُ [4]
سامينِ سُڃاڻُ پئو ايڪ ڏهي ٻئو دوڳُ
جِنہ وَڻُ ڀانئيو ڦوڳُ، رامَ تهين کي ريبئو. [5]

**بيت** (٥٢٧)

لنگهہ لاهوتان ڪاپڙي، دونهين ڪامَ ڏُکاءِ [6]
اوريَ ڪَر مَ آسرو، پَريَ پيرُ مَ پاءِ
جَنہِ جِي جاءِ نہ ماءِ، وانءُ تَهِين سين وانڪِئو. [7]

**بيت** (٥٢٨)

سامي تيين، سُکَ طَلبيين، واريين نہ ويراڳُ
لاڳاپا، لطيفُ چئي، ڇڏي جوڳي جاڳُ
جئن تون پُوٽي جيرو، اِيُ آديسين اياڳُ [8]
جو لاهوتين لاڳُ، سو مري جي تہ ماڻيين. [9]

---

[1] اصل. هٿ توڙي هيٺ جنہ سدا جندا تي جوان=هشياري دل کن (هنين جي هوشياري ڪر.)
[2] ٻي پڙهڻي: ”جيڪو پڇين-الخ“
[3] ٻي پڙهڻي: ”واءُ لاهوتي-الخ“
[4] اصل زنانن-
[5] ٻي پڙهڻي: ”جن وڻ.... تنين کي-الخ“
[6] ٻي پڙهڻي: ”دونهيون ڪيم دکاءِ“
[7] ٻي پڙهڻي ”وڃ تهين سين واڳئو“
[8] ٻي پڙهڻي: ”پوٽي سندرو“
[9] لاڳ= واجب.

**بيت** (٥٢٩)

سامي ٿيين، سُڪُ طَلبِيين، سُڪِين نہ سامِي!
اَڄان اوريين پَنڌَ ۾، ويتهن وسامِي؛
گُرَ ڪي تُون نہ گَڏِئو، چائِيين اِنعامِي؛
دائِمُ مُدامِي، پوتو رَهِج پِرِي سين.

**بيت** (٥٣٠)

سامي ٿيين، سڪ طلبين، تسيا ڏيين نہ تَنَّ
مِهُ ڪِئو ماڙُهن ڪان پنين اتا اَنَّ
ڪاپَڙِي! توڪَنَّ، ڪِين ڇِيرايا ڇَسَنِ ڪي!

**بيت** (٥٣١)

سامي ٿيين، سڪّ طلبيين، هوندَن جئن مَ هو
توڪي ويسَ وِڄائيو، ويسُ وَڃايو تو
سامِي آهي سَو، جنه پاڻ وڃائي پُورِئو.

**بيت** (٥٣٢)

سامي ٿيين، سڪ طلبيين، هومَ هوندن هيئن
لاهوتي، لطيف چئي، هون نہ آديسيَ ائين
سي ڪاپڙي ڪيئن، جي تَعَلقُ رکن تڪيا.

**بيت** (٥٣٣)

پُوڄا ڪرمَ پاڻَ ڪي، ڪوءِ راوَلَ! بَن رُجاتُ ❶
لباسانَ لَطِيفُ چئي، پَلِ ويراڳِي! واتُ؛
مَنُ ماري ڪرِ ماتُ، تہ تِيرٿَ پَسِين تَڪِيي.

**بيت** (٥٣٤)

پوڄا ڪرمَ پاڻَ ڪي، پل پوڄا ڪان پاڻُ
لاهوتي، لطيف چئي، سڌ نہ ڪٿن ساڻُ
ڇڏِڻ خَلق تَڪيا، اِيّ آديسين اهڃاڻُ
ڄاڻِي ڇڏي ڄاڻُ، پُرِئا پوريَ پنڌَ تي. ❷

❶ بي پڙهٽي: ”پوڄا ڪار ۾“
❷ بي پڙهٽي: ”پنڌ ڏي“

**بيت** (٥٣٥)

پُوڇا ڪَر مَ پاڻَ کي، جوڳِي! رَکِج جوڳُ؛
خَلقَ خادِمُ جِئَن ڪَرِيِن، اِيُ راوَلَ! وڏو روڳُ؛
يَڳِنِ ڪونهي ڀوڳُ، نانگا وَڃَن نِڱِئا. ❶

**بيت** (٥٣٦)

هُوءِ جي ٿِئا هَرڪيسَ، تَنِ لِڳِي ڪينَ لِباسَ سين ❷
وَتَنِ وِرلِي ويسَ، لاهُوتِي لَطِيفُ چئي.

**بيت** (٥٣٧)

بُکَ اُنهين کِي بکيا، ڏُوڙِ اُنهين جو ڏُوپُ؛
ڪئائُون سو رُوپُ، جِئان لوڪَ لَڄَ ٿِيي.

**بيت** (٥٣٨)

جا ماڙُهنِ مصيبتَ، سا جياري جوڳَ کي
سامي سورُ صحتَّ جي پُورَپيا پروڙيين. ❸

**بيت** (٥٣٩)

جا بَراتَ بُتَنِ جِي، سا اُجَ بُکَ آديسيَنِ؛
روزو رِندَ رَکنِ، عيدَ نہ اوڏا ڪاپَڙِي.

**بيت** (٥٤٠)

سَٻيرِيَ، سيّدُ چئي، جي تا پُڇنِ اَنُّ ❹
تَنِ کيَ آهي کَنُّ، جوڳِي چائِينِ جاڙَ تا. ❺

**بيت** (٥٤١)

گولا جي گَراهَ جا، جُوتا سي جوڳِي؛
قِتَلَ سي قوڳِي، جَنين شِڪَمَ سانڍِئا.

---

❶ ڀوڳ=خوف، نانگا=ساک، نڱئا=شتاب.
❷ اصل هرڪيس
❸ ٻي پڙهڻي: ”سامين سور صحت“
❹ سٻيري= دو وقت (ٻہ وقت-مگر غالبن صحيح معنيٰ تہ صبوح جو سوير ئي)
❺ اصل. ”جار“ = ناحق

**بيت (٥٤٢)**

گَنـدي ۾ گِراهُ، جَنهـن سَـنـاسـيءَ سـانـڍِئـو
اُنــي کــان اللهُ، اَڃــا اڳِــاهُــون ٿِــئــو.

**بيت (٥٤٣)**

جِيـن ٿـا پُـڇَـنِ اَنّ کـي، تِـيِـن جـي پُـڇَـنِ پَـنـڌُ:
رِڙهِـي لَـڏائُـون رَنـدُ، لِـٿِـيَـنِ لُـکَ لَـطِـيـفُ چَـئـي. ❶

**بيت (٥٤٤)**

نـہ گـدا نـہ گَــــبَـري، نـہ لانـگـوٽِـي نـہ لِـيـنـگ
پُـنـگـا جـنـيـن پـيـنـگَ، صــاحـب تـنـيـن سـامـهـون.

**بيت (٥٤٥)**

نـہ گِـدا نـہ گَــــبَـري، نـہ لانـگـوٽِـي نـہ لِـکَ ❷
جيڏانـه پَـرِيـنِ وِکَ، تيـڏانـه صــاحِـبُ ســامُـهُون. ❸

**بيت (٥٤٦)**

نـہ گِـدا، نـہ گَـبـري، کَـڄَ نـہ کـاڇـوٽِـي ❹
ســامـي پـاري سـڄ ۾ بـابـوءَ بـاهـوٽِـي
جـوڳِـي جـبـروٽِـي، کُـه ڄاٽـان کِـيـن گَـيـو. ❺

**بيت (٥٤٧)**

جـوڳِـي ٿِـيَـنِ نـہ يـارَ، کِـنـه سـيـن قَـرِيـبـن ري ❻
مـونَ مُـلاقـات تَـنِ سـيـن، جَـنِ پُـورَيَ جـي پَـچـارَ:
اَتَــــئِـي پَـهَـرَ اُنِ جِـي، آهِ نـانـيءَ ڏانـه نـهـارَ ❼
لائـي وِئـا لَـطِـيـفُ چَـئـي، اَنـدَرَ مَـنـجَـهِ اُپـارَ:
ســامِـيُـنِ سـانڍُ، سَـتـارَ! لاهُـوتِـي لالُ تِـيـان.

---

❶ لک=احتجاج.
❷ گدا=دلق
❸ گبري= کفني، ٻي پڙهڻي: "جيڏانه پائين" وک-الخ
❹ ڪاڇوٽي= پر ڪنند پارچه
❺ ڪين= ڪدام طرف؛ ٻي پڙهڻي: "ڪه ڄاٽان ڪين گيا"
❻ جوڳي =سالک
❼ ناني= دل

**بيت (٥٤٨)**

ڪوءِ ڳوڙَ! ٻَنِ گَبرِيُون! نيئِي ڪِدائُون ڪانءِ؛
جيڏانهين جوڳُ ويو، نينڱَ تيڏانهين نانءِ؛
پُٺو اِنهينَ پانءِ، تہ سِڳِيون سومَتَ هَٿَ جيون. ❶

**بيت (٥٤٩)**

ڪَنُڙ ڳوڙُ، پُنڙ ڳبريون، ڪانءِ مَ ڪِدائون
جِندان وجي جوڳَ سين لَهجِ ڪي لائون
اِيَ ڪُهُ چيائون، تہ سِڳيون سو مَتَ هَٿَ جِيون.

**بيت (٥٥٠)**

جا ڳُرَ ڏِني ڳودڙِي، سا مُون ڪي تِي مَرڪُ؛
چيلا! ماري چَرَخُ، اوڍي وِهُ اَدَبَ سين. ❷

**بيت (٥٥١)**

جا ڳُرَ ڏِني ڳودڙِي، سا تِيي لاهِيندي لَڄَ؛
سندا تنہِ سَهَجَ، چيلو چوندو ڪيتِرا ❸

**بيت (٥٥٢)**

جا ڳُرَ ڏِني ڳودڙِي، سا مُون ڳَهٽو سُهاءِ؛
نيئِي رَساٽي ماءِ، اوڍِيين جي اَدَبَ سين ❹

**بيت (٥٥٣)**

اَندَرِ رَلا رَليُون، ٻَهَرِ پَٽورا
اِنَهين پَرِ ڪاپَڙِي، ڄڻ خداءِ جا گهورا ❺

**بيت (٥٥٤)**

ٻهرِ رَلا رَليُون، اندر پَٽورا
اِنَهينَ پَرِ ڪاپَڙِي ڄڻ گڏهہ جا گهورا ❻

---

❶ اصل ۾ هت توڙي هيٺ ٻئي بيت ۾: ”تسنگي سو مت هٿجي.“
❷ ٻي پڙهڻي: ”چيلا هٽي-الخ“
❸ سهج=ستائش
❹ ٻي پڙهڻي: ”نيئي پهچائي-الخ“
❺ گهورا= طالب
❻ گڏه= دنيا

**بيت (٥٥٥)**

گُلَ قُلَ پَسِي گودِڙيا، گهٽا مَ يانئيجِ [1]
سوئِي سُونهائيجِ، هِيُ هُو آهي هيڪِڙو. [2]

**بيت (٥٥٦)**

ڪري مَرِجِ ڪاپڙي گُرَ وٽ گدائِي
اِشارَتون اُنِ جيون، وانءُ ڪَپي ڪائي [3]
رَاولَ رُباعِيَ، اِيَ اِنَهِين ڳالِ جي.

**بيت (٥٥٧)**

جوڳِيُنِ جوڳُ جُڳاءِ، جوڳُ پڻُ سُونهي جوڳيين؛
جوڳِيان سَندِي جانِ ۾، ڳُجُھ ڳُجهاندَرُ آهِ؛
واءِ! مُنهِين ڪي هاءِ! جَا آءٌ جوڳُ نہ سِڪيي.

**بيت (٥٥٨)**

ويتائِي وهُسَنّ، پايو مُنهُ مُونَنِ- ۾
جوڳِي جاڻُون ڪَنِّ، جو آئِيا اُلوهِيَّتَ ۾.

**بيت (٥٥٩)**

آئيا اُلوهيتِ ۾ لاهوتُ لنگهئو جَنّ
منجها تَنِ جُسَنِّ، حرفُ نہ سُڄي هيڪڙو. [4]

**بيت (٥٦٠)**

مُونا طُور سِينا، سَندا سَناسِيُنِ؛
پُورَبِ ڪَنيو نہ پانڙَ سين، بُودُ بيراڳِيُنِ [5]
رِدا آهي رازَ جي، اَوچَڻُ آديسِيُنِ؛
قُربُ ڪاپَڙِيُنِ، نَهَہ چوٽِيءَ سِينءَ ڏِڪيو.

---

[1] اصل. ڪُل پُل پسي
[2] سنهائيج=بفهم(=سمجهہ.)
[3] اصل. واءُ ڪي
[4] اصل. سڄي
[5] اصل. ”پورپ ڪيو.... بغد“. ٻي پڙهٽي: ”بغض نہ بيراڳين“

## بيت (٥٦١)

نَڪيِن نِمَنِ ناٿَ ڪي، ناٿُ نہ نمائيِن؛
جاتَا ڪَنِ نہ جوڳَ جي، جوڳُ نہ جُهارِيِن ❶
آديسِي آڻيِنِ، اُهِجاڻِيُون اَلماسَ جُيُون.

## بيت (٥٦٢)

نانگَنِ ڪِيِنَ نِمايو، ناٿُ نِمايو نينہ
مَرِپُڻ اُتَا مِينَہَ، جوڳِيان سَندِي ذاتِ ڪَي ❷

## بيت (٥٦٣)

ڏاڳا هَڏِ نہ ڏوءِ، دل ڏوتائين ڏُکَ سين
لاهوتِي، لطيف چئي، روحان اندر روءِ
ڪڏهِ ڪو نہ ڏنوءِ، سناسِي سورَ ري. ❸

## بيت (٥٦٤)

پَٽَ چَڏِئائون پندَ ۾، ڏَندَ چَڏِئائُون ڏِسُ ❹
آلائشان اڳي ٿِئا، موتِي ٿِئا نہ مِسُ؛
هِيُ چَڏِئائُون حِسُ، وَڃِي ڪالَ ڪُلُ ٿِئا ❺

## بيت (٥٦٥)

اَسُڪُ جِن اَويرَ، اُو سانجِهيءَ رَهَن سُمهي ❻
لاهُوتِي لَطِيفُ چئي، آڏِي ڏَيَنِ اُلَيرَ؛
اَٿئو لوڪُ پَسي پيا، سامي مٿي سَيرَ؛
ڪيڏاه ڪِئائون پِيرَ، مِڙوئي مٿو ٿئو. ❼

---

❶ جاتا= طواف، جهارين=پرستش.
❷ ٻي پڙهڻي: ”مرڻ اتا ميه“
❸ ٻي پڙهڻي: ”ڪو نہ ڏنوسون ڪوءِ-الخ“؛سناسي= سالڪ
❹ ٻي پڙهڻي: ”پٽ چڏئائون پٽ ۾-الخ“
❺ اصل. هِس (=وُجود)
❻ ٻي پڙهڻي: ”اُو سنجهي رهن سمهي-الخ“
❼ ٻي پڙهڻي: ڪيڏاه ڪريان پير-الخ.

### بيت (٥٦٦)

سانجهيَ رهن سُمَهي، وِچينءِ وينا هُون
آڏيَ رات اُٿي ڪري راوَلَ رَتو رُون
وهاٽيَ واٽڙيَن تي پاسا ڪوڙئو پُون
مَهيسي مُنهُ پنهنجو ڏاران ڏوڙِ نہ ڏُون
اِيَ نہ ڪِنه ڪي چونِ، تہ اَسين آ ديسي ٿئا.

### بيت (٥٦٧)

آهي اڪڙين ۾، آديسِيُنِ اَدَبُ
تن جو حَسَبُ نَسَبُ ناهِہ ڪي، نہ اَمان نہ اَبُ [1]
سامِين ڪي سَيين پرين، رُوحَ ۾ رَهيو رب
رِيءَ لانگوٽِي لَبُ، پاڇي ڪَنِ نہ پاڻَ ڪي. [2]

### بيت (٥٦٨)

لانگوٽي لاهي، وڃُ ويراڳِينِ سامُهُون
ٻَنڌُ سورن جو سنڌرو منجها سڪَ ساهي
اُني وٽِ آهي، اوچَنُ ڳالِهہ اُگهاڙ جو. [3]

### بيت (٥٦٩)

جوڳِيَ سندي ذاتِ جي ٻولي ٻُجهارتَ [4]
ڏورَنُ گهٽو ڏاڪڙو، هلڻ ۾ حيرتَ [5]
عجب عِبادتَ، پهُہ پروڙُنُ اُنِ جو.

### بيت (٥٧٠)

جِنه ڪارڻ، جوڳي ٿئا، جان جان سو نہ پَسَنّ
تان تان سَناسينِّ، وِرَهُ وِهامي راتڙي. [6]

---

1. اصل، نا با نہ اَب
2. لب=توشہ؛ ٻي پڙهٽي: "پاڇي ڪيائونِ پاڻ سين"
3. اصل. "ڪال اُڪار جو؛" ٻي پڙهٽي: "اُڪار جي"
4. ٻجهارت= ڳجهارت
5. ٻي پڙهٽي: ڏسڻ گهٽو-الخ
6. وره= درد واندو

**بيت** (۵۷۱)

اَڪيُون، آلو ماءَ، سدا سَناسِيُن جُيون؛
وارِي نيڻَ نِنداُءَ، جانڪي جَهِليا جوڳِيين.

**بيت** (۵۷۲)

نہ ڪِلنِ نہ ڪينِ ڪين نہ ڪِين ڳالهائين
ڪِنہ جِنہ ۾ آهِينِ، سا پَرِ پروڙڻ ڏاڪڙو. [1]

**بيت** (۵۷۳)

ڪِنہ جِنہُ ڪُتا ڪاتَ، جئن سامي مُور نہ سنرا [2]
تَن ڪي ڏينهان ڏُڪي ڏِيلَ ۾، سور سڄٽائي رات
جوڳِئان سندي ذاتِ، جيجان هوءِ جَڏارَئين. [3]

**بيت** (۵۷۴)

سامِي ڪامِي پرِينءَ لَئِي، ڪُسِي تِئا ڪَبابُ
اوتِين اَرِتي ڳاڏُئون، اَڪِيُن مَنجهان آبُ؛
سَندو جاٽ جَوابُ، تُون ڪِئَن پُڇِين تِن ڪي.

**بيت** (۵۷۵)

سُواتا ڪاپَڙِي، مٿا موءِ تِئان [4]
ڪوٺي ڪَنهن نہ پُڇِئا، ڪي اَندَرِ آندوهِيان؛
جيڪا ڄمَارانِ، سَا گوندرهِينَ گُذِرِي. [5]

**بيت** (۵۷۶)

اَرَتو اڪڙين ۾، مٿي ڳَلنِ ڳاڙَ
ڪوري ڪنن وچ ۾ ڦَچَّ وڏائون ڦاڙَ [6]
هٽي توبَہَ تاڙَ، نانگا نسورا ٿِئا.

---

[1] ڏاڪڙو=مشڪل، ڏک.
[2] نہ سنرا= نہ خوش
[3] جڏارئين= غمگين، درد و الم
[4] اصل. سو آتا
[5] ٻي پڙهٽي: ”گندر منج-الخ“
[6] ٻي پڙهٽي: ”ڦج ڏنائون-الخ“ .

**بيت (٥٧٧)**

هَـيِ جـي هـئـا هـتِ، تـ مَـتـنِ هـونـدَ حـقُ تـئـو
جـوڳِـينِ جـي جُـڳَـتِ، سـارئـو تِـي سُـورَ چَـران.

**بيت (٥٧٨)**

هَـيِ جـي هـئـا هـاڻِ، تـ مـتـنِ هـونـدَ حـقُ تـئـو
پـيـهـي وئـا پـاڻِ، مَـڙهـيـون مـون مـاريـنـديُـون.

**بيت (٥٧٩)**

پُـڇـڻُ پَـرَڏيـهـيـنَ جـو آسَـڻَ تـي آهـي ❶
لڳِڻُ جـي لاهـي، تـ هُـنِ تـان (هـونـد) حـقُّ لَـهـي. ❷

**بيت (٥٨٠)**

اڄُ نـ اوطـاقُـن ۾، جـوڳِـيـان سـنـدِي ذاتِ
ڏِيـنـهـان ڏورَڻ ڏکَ سـيـن، روئِـڻُ سـڄـائـي راتِ
تَـنِ جَـنـي جـي تـات، سـي لاهـوتـي لـڏي وئـا.

**بيت (٥٨١)**

جُـوءِ جـيـڏاهـيـن جـوڳِـيـن نـيـڻُ تـيـڏاهـيـن نِـتُّ
آيـلِ! آديـسـيَـنِ کـي ڏي چـاريـکـا چِـتُّ ❸
سـامِـيَـنِ جـو سَـنـگَـتُ، سـارِئـو تِـي سـورَ چَـران.

**بيت (٥٨٢)**

جُـوءِ جـيـڏاهـيـن جـوڳِـيـن، نِـتُ تـيـڏاهـيـن نـيـڻَ
آيـلِ! آديـسـيـنَ جـا وره تـئـمِ ويـڻَ
کـرِيَ سـنـاسـي سـيـڻَ، هِـنـيـڙي حـال پـرائـيـو.

**بيت (٥٨٣)**

جُـوءِ جـيـڏاهـيـن جـوڳِـيـن اُنَ مُـنـهِ اکَـڙيُـون
سَـڳـا سـيـلـيـون سـڳِـيُـون تَـنـي سـيـن تـنَـبـڙيـون ❹

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”پسڻ پرِڏيهين جو“
❷ اصل. ٻي پڙهڻي: لَکن جي لاهي. پوئين پاڱي جي پڙهڻي: تہ هن کي هُند حق ٿيي.
❸ ٻي پڙهڻي: ”آديسين لئي-الخ“
❹ ٻي پڙهڻي: ”تنين کي- الخ“.

مـون کـي جَـنـي مـارِئـو اُن تـي اَکَـڙيـون [1]
اُن جون، عبـداللطيف چئي، مرکن مـاڳ مَڙيون [2]
کـوڙي لَـکـڙِيُـون، چُـنـدا کِـيـن چيـلَـن وِئـا. [3]

## وائي

تَـنِ ڳُـڻَـنِ ڳِـهـرَ وڃـائـي، هـو مـائِـي!
جـوڳِـيـنِ مـون سـيـن جـي کِـئـا،
هيـکـائي هيـکُ ٿئا، ٻُجهَـنِ تـان نـہ ٻِـئائـي
اِنَّ اللّٰهَ وِتـرٌ يُـحِـبُّ الـوِتـرَ، اِيَ اُنَـهيـن لـئي آئـي
نـنـدَ تَـهَـيـن کي نـاهہ کـا، جـا آديـسـيـن اُنـائِـي
اکِـيَـنِ آرَسُ چَـڏِئـو، دِل ۾ نـاه دغـائـي
رِيجهـائـي رَموزَ سـيـن، کـاهـوڙيَـنِ آءُ کـانـئـي
اشــارَتُـون اُنِ جِـيـون وانءُ کَـپِـي تـون کـائـي.

### بيت (٥٨٤)

جـوڳـي آهـيـنِ، جـوءِ ۾، وئـا نـہ ويـراڳـي
جـنـدا تـو جـاڳـي، نـانـگـا کـيـنَ نـهـارئـا.

### بيت (٥٨٥)

جـوڳـي آهـيـنِ، جـوءِ ۾ پـر نـهـاريـنَـدڙَ نـاهِ
جي مَـهِيسـي مَنَ مـاهِ، سـي ٿئي تورا کـاپڙي.

### بيت (٥٨٦)

اجـان سـي آهـيـنِ، جـي سَـزاوارَ سـڳَـنِ جـا
ويـنـا وڃـائـيـنِ، جـي سـنـاسـي سُـٽِـيـن.

### بيت (٥٨٧)

هِـي جي کَـن کَـپـارَ جـا سُـوڌو سـي تـہ سُـٽَين
انـدرِ جـي آهـيـنِ، سُـڻ سـنـيـهـو اُنِ سـيـن. [4]

---

[1] ٻي پڙهڻي: "اُن کي اُکري"
[2] ٻي پڙهڻي: "ايندا عبداللطيف چئي -الخ"
[3] اصل. چيلنکي.
[4] ٻي پڙهڻي: "سنيهو تَن سين."

**بيت (٥٨٨)**

هِيَ جيَ ڪنَ ڳـاڏُهـا وِڪـٽي ڪَنَ ڪي ٻـئـا ڪـٽيج
تَـنِـي سـيـن سُـٽـيج، سُـپـيريـان جـي ڳـالَـڙِي.

**بيت (٥٨٩)**

اَڏَ لڳيـون آهِـيـنِ، جيـجـان! سـنـديـون جـوڳـيـيـن
ويـهـي وڃـائـيـن، ڪـا قـضـانـي راتَـڙِي. [1]

**بيت (٥٩٠)**

راتيـان رُڻ جهُڻ رامَ سـيـنِ، ڏِينهـان ڪَـن سَـنـان
جـوڳِـي سـي اَنـانُ، وَتُـون جَـنِ وِراهِـيُـون.

**بيت (٥٩١)**

ڪـنـه جِـنـه ڪِـيـب خُـمـارِئـا تِـئَـن پَـوارِئـا پُـوٽَـنّ [2]
ڳَـالهـيـون ڳَهلي لوڪَ سَـيـن پَـڌّرِ پَـئِي نـہ ڪَـنّ
سَـنـڪـو سـنـاسِـيـن، آهـي پُـورَبَ پـنـڌ جـو [3]

**بيت (٥٩٢)**

پُـورَپِـئـا پُـوري وئـا آسـڻَ اُڄُّ صُـبـوح
ڪـتُـوري خُـشـبـوءِ، آهِـي آدِيـسـي گَـيـا.

**بيت (٥٩٣)**

مـتـي راهَ رَوان تـئـا پـوربُ پـورئـائـون
هـي گـهـرُ گـهـورئـائون، آ ڳـانـدِئـائـون آڳِـئـان.

**بيت (٥٩٤)**

پـرِيـنـدِهـيـنِ پِـيـرِ تِـئـا، چِـڏي گَـنـجـو گـامُ [4]
وِيـهِـي ڪَـئـو نـہ واٽ ۾، تِـنِ آدِيـسُـيـنِ آرامُ
گُـروءَ سَـنـدي گَـسَ ۾، ڪـئـائـون تَـنَ تَـمـامُ
رَهَ ۾ گَـڏِئُـنِ رامُ، پَـنـڌان چُـتـا ڪـاپَـڙِي. [5]

---

[1] اصل. ”اد لکي“ آهين-الخ ۽ ڪا ڪداني = ڳاهہ ڳاهي
[2] ڪيپ= شراب؛ ٻي پڙهٽي: خمارئا جِن-الخ
[3] ٻي پڙهٽي: ”سگيون سناسين آهين پورپ پنڌ جيون“
[4] ٻي پڙهٽي: پريده پنڌ تيا ڇڏي ڪچو ڪام
[5] متن جون پڙهٽيون: 1-تن ره ۾ گڏئن رام. الخ. 2-ان ڪي ره ۾ گڏئن رام-الخ.

**بيت (٥٩٥)**

ٻَھر ٻولين ڪِي ٻئو، رُوح ۾ رَھيئُن رامُ
پيالو پُرُ ڪري، جوپَ پيتائُون جامُ
تِھان پوءِ تَمامُ، تنِ تَڪئا تاڪي ڇڏئا ❶

**بيت (٥٩٦)**

سامينِ سَمَرُ سُورَ، گوندرَ گَبريُن ۾
جوڳيَنِ جڙئا جان سين پيغامن جا پُورَ
آديسي آسُورَ، وَڃائي واٽ تئا.

**بيت (٥٩٧)**

ڪانبو تَڪبُّر تَڪئا، حيلا ڪِئو ھلنَ
مُوران تان نہ لَھنّ، لَمين راھَ لطيف چئي.

**بيت (٥٩٨)**

ڪِن جو ڏنائون، ڏمُڪِجي ڏُوڙ تئا
وھڪ نہ ڪِئائون، اُيِنُ عَيبُ اُن جو.

**بيت (٥٩٩)**

ڪُوڙي ڪِج مَ ڪڏھين، سچي ڪام سَلاءِ
پَھچڻ پاڙينداءِ، متان رام رسائيين. ❷

**بيت (٦٠٠)**

اڱڻ آئيا نہ سَھان، ويني گَھر گُھرانَ
مُنہَ مقابلِ سُپرين پَسئو ٿِي پچانَ
وار نہ سھان وچ ۾، اُڃا دَرمِيانِ ❸
ڳرا منجھہ ڳٺان، پرين وجھبا پيٽ ۾. ❹

---

❶ اصل. ”تھان پوءِ تن تمام، تڪئا تاڪي ڇڏئا“
❷ اصل. پھُچڻ پاريداءِ
❸ اصل. اڃا در درميانِ
❹ اصل. ڳران منجھہ ڳُران-الخ.

## بيت (٦٠١)

جيا سون، جوڙَ تِي، جوڳِي ڏِنو سون ❶
مُلا تَهين مون، حاصُلُ كين حالُ كِئو.

## بيت (٦٠٢)

جياسون، جوڙ تي، نانگو ڏَسهو نتُّ ❷
جَنِ جو چُوچو هُوَڙو چِتُّ، كُلي اَجُ باغُ تَئو ❸

## بيت (٦٠٣)

جياسون جوڙ تي، جوڳِي لاتُهُون جارُ ❹
سندو پوريَ پارُ، آچئائون اِيندن كي.

## بيت (٦٠٤)

جياسون، جوڙ تي، ڏِنُهُون تارِ تَرَكُ ❺
هاٽي تَنِ هٿِ كئو هو جَني جو حقُّ
رام تَني سين رُوءِ ٿئو، سامِي آڻ مَ شكُّ ❻
سندو نَهيَ نَكُّ، اَنِ اَمرَ ساڻُ اُتارئو.

## وائي

تَنِ اَكِينِ آءٌ اڙائي، ٻَڙِي جيڏيون!
ڦَكيون ڏيئي ڦِكيُون، ويجَن آءٌ ورچائي
حُسنُ جو حبيب جو تِنه لالي آءٌ لَجائي
الفت كر مَ اُن سين قرب جا كَڙائي ❼
صُحبتَ سُپيرِين جي مِني آه مِنائِي.

---

❶ اصل. (هت توڙي هيٺ): ”جياسن جُورَ تي-الخ“
❷ ٻي پڙهٽي: نانگو ڏنو
❸ ٻي پڙهٽي: ”جن جو هو چو چو چت“
❹ ٻي پڙهٽي: ”لاتو جار“. جار= زنگ دل
❺ ٻي پڙهٽي: ”ڏنو تار ترڪ“
❻ ٻي پڙهٽي: ”روءِ هو-الخ“
❼ اصل. ”قرب جا ڪرائي“ ٻي پڙهٽي: ”الفت ڪر مَ ان سي ڪر قرب ڪا ڪرائي.“

**بيت** (٦٠٥)

ڪري، ڪانگَا! ڪُرنشُون، پيرين پِري پَئيج
آءٌ جو ڏيين سَنيهو، سو وچ مَ وِساريج
اَللهَ لَڳِ، لَطِيفُ چئي، ڳُجهو ڳالهائيج
جُوئين تِين چئيج، تہ ڪِيانتا! خوشِ هُوئين.

**بيت** (٦٠٦)

آڏءُ لڳ اللهَ، ويلو ڪَرِ مَ وچَ مِ
آءٌ جو ڏيين سنيهو سو ساندِ برابر ساه
سندِي ڳجهاندَرَ ڳاه، ڪَهج مَ قريبن کي.

**بيت** (٦٠٧)

آءُ اُڏامي، ڪانگڙا! پاڻان پاڻ پَچارِ
ويهي هتِ وصالَ جو، تان ڪو تِرُ تَوارِ
ڏِنم جي ڏيسَارِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

**بيت** (٦٠٨)

پائان پاڻ پَچارِ، متي لامَ لَطيفُ چئي
قيرِ مَ فَضيلَت تُون، جا ڪُرَ آهنجي ڪارِ ❶
ڏِنم جي ڏيسارِ، سي اُڏامِي آڻ پِرين.

**بيت** (٦٠٩)

وَهلو وَرُ، وَرِيا پرين، آءُ ڪانگا وڻ ويهُ ❷
جني ڏور چتايو ڏيهُ، سي اڏامي آڻ پرين.

**بيت** (٦١٠)

وَهلو وَرُ، وَرِيا پرين، آءُ ڪانگا لَئہ لات:
وِئا جي ڪلاتِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.❸

❶ اصل. جا ڪُرا آهجي ڪار
❷ اصل. "ورئيا پرين"
❸ بي پڙهڻي: "اُڏائي آڻ پرين."

## وائي

کاپڙيَنِ جِي پانڌي، ڪر ڪا ڳالَهڙي ❶
ڏيئَي ٻاهہ پِنيورَ کي جَتَنِ سين آءٌ جاندي
حڪايتَ هوتنِ جي، اَدا! تو ڪا آندي
مونکي پيتَمَ پيارئو، خَمرَ جي آءٌ خاندي ❷
آهيان آريچنِ جي گولي آئون باندي
ڪڏهنِ ٿينديسِ ڪيچَ ۾ هوتَنِ سين هيڪاندي
ڪَرَمَ ساڻ ڪَريمَ جي، ڪيچي ٿيندَمِ ڪانڌي.

## وائي

پريَنِ پاتا پيرَ، آءٌ ڪيرَ ڪميٽي آهيان
مَون گهَر آيا مون پرين، سنهَڙَ لڳا سيرَ ❸

## وائي

جوڳي جَڳِّ گهٽان، مون وَهُ ويراڳينِ سين
پاڇي ڪَنِ، نہ پاڻَ کي تُنِبي منجهہ ڪَٽان
جيڪي ڏانِيان ڏُوڙِ ۾ جيڪي ڪنِ ڇَٽان
ويتي واٽڙين تي، پِٽُڻ آءٌ پُوٽا ❹
سارئو سناسينِ کي ويتي هٿَ هٽان
آيل! آديسينِ جا مون کي گُڻَّ گهٽان.

## وائي

آسِرو آهي، موٽي ايندا، مون نہ ڇڏيندا، پاڻّ پسندا
پَٿرَ وار پريَنِ کي تون وهُ وڃائي
ڏُکَ لاهِيندَئِي ڏِيلَ جا ڳُجهَو ڳالائي
ڪالهَہ سناسِي سِگّيُون وئڙا وڃائي
آديسي ايندا وري دونهين دکائي.

---

❶ حاشيہ ۾ "ادا پانڌي-الخ"
❷ ٻي پڙهٽي: "مونکي پِرتَمَ-الخ"
❸ اصل. "سنهن لکا"
❹ اصل. آءٌ يونا. ٻي پڙهٽي: "پٽن مران".

# ايضا سرود پورب و رامڪلي

از گفتار تمر فقير عليہ الرحمہ

**بيت** (٦١١)

ويـراڳـي واحِـدَ سـيـن رکـج چـاءُ چـوري
هِـي جـي ڪَنَ ڪَپـارَجا سـي ڪـاملَ و جُـہ ڪوري
مـنـجـهـا ڏيـلَ ڏوري، ريـجـهـائـيـج رام کـي.

**بيت** (٦١٢)

ريـجـهـائـيـج تـون رام کـي پـِري پَـلِـيَ پَـتّ
سـنـاسـي سـنـسـار جـي مُـورِ مَ وجـائـيـج پـتّ
هٽـي آديسـي اُتّ، واءُ سـڳيون سـنـاسـي کٽـي ❶

**بيت** (٦١٣)

سـڳـيـون سـنـاسـي کـٽـي ٽـيـج پَـريـنِ پـارِ
سـڳـا سـيـلـيـون سـڳـيـون ڏاڳـا ڪـيـم ڏئـارِ
هِـيَ جـا هـاج هـٿـن جـي سـا ڪـوڙي آهـي ڪـارِ
مَـنُ مَـنـجِـهـيـن مـارِ، جـان اوڏو ٿِـي اَلـکَ کـي.

❶ واءُ=ونءُ-وڃ. اَتِّ = فرو رفتن در عميق (اونهي ۾ اندر وڃن.)

بيت (٦١٤)

ويـراڳـي واحِـدَ سـيـن، ڇُـري رڪـج ڇـاءَ
سـو خـانو ويـنـدوءِ خـاڪِ تي جِـنـه ۾ اڇي وڃي واءُ
سـدو رڪـج سـاءُ، فِـڪـرَ سَـانُ فـقـيـرُ ڇـئـي.

بيت (٦١٥)

فـڪـرَ سـانُ فـقـيـرُ ڇـئـي، هَـلُ تـون هِـيـائـيـن
پُـورِج تِـهـيـن پـيـر تـي وئـا جـوڳـي جـيـائـيـن
تـہ ڪـامـلَ ڪـيـائـيـن، مـانَ گُـروءَ جَـي گَـسِ تِـيـن.

بيت (٦١٦)

تـہ گروءَ جي گسِ تيين جي واحِـدَ مُـنـهِ واٽـي [1]
جـوڙي جـتـي جـان ۾ تـنـدون پـائـي تـاٽـي
تـہ تَـحـتَ لَـفـظـان، تـمـرُ ڇـئـي، مـيـوا سـڀ مـاٽِـي
اُلـوهِـيـتَـان آٽـي، سُـدِيـون هـنَ سـنـسـارَ ۾.

بيت (٦١٧)

سُـوڏو هـنَ سـنـسـار ۾ ويـهـي وِيـرَ وَڃـاءِ
ميخون محـبـت سـنـديـون تـنـدون تُـنـبي ڪي پـاءِ
تـہ سـامـيـڙا سـنـديـاءِ، گـر وٽ گـلا نـہ تـيـي.

بيت (٦١٨)

تـہ گَر وٽِ گلا نـہ تيي، جي مَيـل تـاريين تـان منَّ [2]
آهـيـنِ جي انـدرَ ۾، سـي ڪـامـل! اپـٽ ڪَـنَّ
سـنـاسِـي سَـمُـنَّ، رڪـج پـوريَ پـنـدَ جـي.

بيت (٦١٩)

رڪـج پـوريَ پـنـدَ جِـي سَـمُـنَ سـنـاسِـي
تـہ انـدرِ اداسِـي، تـون نـانـگـا تـيـيـن نِـڪـٽـيـن.

---

[1] واٽي= ذڪر ڪني(ياد ڪري)
[2] ميل=ڪدورتِ قلب

### بيت (٦٢٠)

جي پائيين آءٌ نانگو ٿيان نڪٽين، تہ پَر جوڳ جي پارِ ❶
گنگا، مَتِرا، گومَتِي، وڃي جَمَنا کي جُهارِ ❷
هلڻ جي هِنگُلاج ڏي وائي ڪيم وسار
سڳا سيلِيون، سڱيون، اِيَ پُڻ ڪوڙِي ڪار
منُ منجِهين مارِ، تہ تيرٿُ پسين تڪيي. ❸

### بيت (٦٢١)

جي پائيين اوڏو ٿيان الَڪَ کي، تہ وڃُ رامَ سين راهي
سناسِي سنسارَ جا، ڇڏ لاڳاپا لاهي
جتي جاتَا جوڳ جي، ات ساسي رَسُ ساهي
ڪاپِڙي ڪاهي، گنگا پيٽِج گومَتي.

### بيت (٦٢٢)

گنگا پيٽي گومتي، سامي سِيَر ٿئا
ويراڳي واحدَ لَئي، ڪنہ جنہ پَہِ پئا
مٿي تيرٿ، تَمَرُ چئي، اوءِ واڪيندا وئا ❹
تَنِ ڪاچوٽئن ڪِئا، هَٽِي گَسَ هِنگلاج ڏي. ❺

### بيت (٦٢٣)

هٽي گسَ هنگُلاجَ ڏي، اوءِ سامي ٿئا سيرَ
جتي جاتَا جوڳ جي اُتِ مَرَڪِي اُپا مِيرَ
هُتِ ڪِيائون راضي رامَ کي هت ٿا چائِين پيرَ
تان پُڻ اِيَ تقديرَ، مچندهين مَحُو ٿئا.

### بيت (٦٢٤)

ويراڳي واحدَ سين رکج چاءُ چُري

---

❶ نڪيٽن=ظاهر
❷ گنگا=نام مترا=مکان؛ گومتي= مکان
❸ ٻي پڙهٽي: ”من منجهين مار، جان اوڏو ٿيين الف کي.“
❹ واڪيندا= منادي کننده
❺ ڪاچوٽئن= لانگوٽ ٻند

نانگا پنهنجي ناٿَ کي لُهہ منجهان گهٽ گُهري
سِرَ پَرِ تون سُرِي، گنگا ييٽج گومَتِي.

**بيت** (٦٢٥)

گنگا ييٽي گومتي پُرِج پوربَ ڏاهَ
ڪاسِي ۽ ڪِروَتَ جي، رَمِي پڇج راهَ ❶
دئارڪا جي دَرَ تي تون نانگا! رک نگاهَ
ناني ۽ ناراڻ سر ساندِ منجهين ساهَ
اوڏو آهہ اللهُ، ڪوٽي سَرَ جي ڪُندَ ۾.

**بيت** (٦٢٦)

ڪوٽي-سر جي ڪندَ ۾، او رهيو آهي رامَ
جن سناسين سورِئو، تن اندر ٽئو آرامَ
ڪروڌ ۽ ڪامُ، ان جي وئو وجودان نڪري. ❷

**بيت** (٦٢٧)

ويئي وجودان نڪري اُن کي وحدَ ۽ وڏائِي
مُوڏي ٽئا مربر ۾ ماٽنائون مِنائِي
اني کي آئي، لذّتَ جا لطيفَ جي.

**بيت** (٦٢٨)

لذت جا لطيف جي، سا مَنجهن تا ماٽينِ
ثابت ٻڌئو سندرا، منجهان تِک تاٽينِ
اُهجاٽيون آٽينِ، پَسو پوربِ پار جون.

**بيت** (٦٢٩)

پَسو پوربَ پارَ جي، خبرَ ڏِينِ، کَرِي
تَکئا ناکي گڏئا، تَنِ ويراڳِينِ وري ❸
سناسينِ سرِي، پسو جاتا جوڳ جي.

---

❶ ڪاسي ۽ ڪروت= نام مکان.
❷ ڪروڌ= هوا، هوس: مراد=ماسوا الله
❸ تاکي= پيچيده

### بيت (٦٣٠)

پسو جاتا جوڳ جي، سِري سناسِينَّ
ڪيرتِ جا قُلوبَ جي ساڪي ڪاپڙين ڪنَّ
اوڏا تئا اِثبات ڪي ميم رکيائون منِّ
اوءِ وينائي وِهُسنِّ، ڪُڇن ڪِنهه سين ڪينڪِين.

### بيت (٦٣١)

ڪُڇن ڪنهن سين ڪينڪِين، اوءِ وينائي وهسنِّ
وائي واري ونگُڙي ڪِي وَسِ نہ ويراڳِين
لڳي لَئہ، لَطيف جي، اندرِ آديسِينَّ ❶
تہ ٻيون ڏيئي ٻَنِّ، پيهي وئا پاتارَ ۾.

### بيت (٦٣٢)

پيهي وئا پاتارَ ۾، تا وهُسَنِ وير وتارَ ❷
لڳي لئہ لطيف جي، تَنِ کَي اندرَ منجهہ اپار
سامِيڙا ستار، گَجِي گنگا گڏئا ❸

### بيت (٦٣٣)

گَجي گنگا گڏئا، پوريَ پُنا جي
اهجاٽيون اِلماسَ جيون تَنِ ڳِنِ تمرُ چي ❹
سامي آهينِ سي، جي لڪا يُوٽِنِ لوڪ ۾ ❺

### بيت (٦٣٤)

لڪا يوٽِنِ لوڪَ ۾، سي پَڌِرِ ڪِنهه نہ پَرِّ
پابُو سي پيڙا تئا، اوءِ دئارڪا جي درِّ
صحيحُ ڪئائون سَرِّ، هوءَ جا وائي وِنڪِڙي.

---

❶ اصل. ”لطيف چئي.“
❷ ويرو وتار=روز بروز زياده
❸ اصل. گنجي
❹ ٻي پڙهڻي: تن کي تمر چي
❺ اصل. سامين آهين.

**بيت** (٦٣٥)

ڪري وائي ونگڙي پلي ڇڏئائون پاڻ
نانگن پنھنجي ناٿ سين تي راتو ڏينه رھاڻ
ھُت پڇنڍِھين ھاڻِ، ھِتِ منجھين مَنَ محَو ٿئاَ.

**بيت** (٦٣٦)

منجھين منَ محو ٿئا وارئائون وائي
تَرڪُ الدُّنيا راسِ ڪُلِّ عبادَہ اِيَ اُنَھين لئي آئي
ٻُجھن ڪا نہ ٻئائي، اوءِ پيھي وئا پاڻَ ۾.

**بيت** (٦٣٧)

رامُ جَني جي روحَ ۾ سناسي سيئِي
ھلئا اوءِ ھنگلاجَ ڏي سالڪَ سيئِي.
تَني جي، تمرُ چئي، پرتِ پري ئي
اُنِ ڪي وھامي ويئي، عُمرِ سپ اَلَڪَ سين.

**بيت** (٦٣٨)

عمرِ سپ اَلڪَ سين ان ڪي وھامي ويئي
وئا وڃائي سگيون پوريَ ۾ پيھي
ڏِسندم ڏيھي، اوءِ نانگا نِسورا ٿئا.

**بيت** (٦٣٩)

رامُ جني جي روحَ ۾، تَن ڪئو ڪاپڙين ڪمال
جن پاتو تن پاِيو جانب جو جمالُ
تَني جو، تمر چئي، ھوءِ موچارو حالُ
اوءِ نانگا ٿئا نھالُ، پڇن گس گروءَ جو.

**بيت** (٦٤٠)

پڇي گس گروءَ جو نانگا ٿئا نھالُ
مَقالان مھندِ ٿئا ڪينِھي وَتِنِ مالُ
ڪئائون حاصل حال، پُرِي پوريِ پنڌ ڏي.

**بيت (٦٤١)**

پُرِي پورپ پنڌَ ڏي ڪئائون سجاٽي سُجودَ
وڃائي وجودُ، هيڪائي هيڪ ٿئا.

**بيت (٦٤٢)**

هيڪائي هيڪُ ٿئا اوڏا ساڻُ احدَ
هِيَ ڇڏِئائون حدَّ، وئا مُطلَقُ محُو ٿي.

**بيت (٦٤٣)**

وئا مطلق محوُ ٿي، سڃاتائون سوئي
تان آهي اهو ئي، گهٽ نہ ڏِسنِ ڪِين ٻئو.

**بيت (٦٤٤)**

گهٽ نہ ڏسن ڪين ٻئو، پَسو ڏٽيان ڏارَ ❶
سُتِ ڇڏيائون سارَ، پروڙئان پري ٿئا. ❷

**بيت (٦٤٥)**

پروڙئان پري ٿئا، هتِ ڇڏئائون هِيَّ ❷
جوڳين پنهنجا جيءَ، پُوئي ڇڏئا پِريَ سين.

**بيت (٦٤٦)**

پوئي ڇڏئائون پريَ سين ٿئا هيڪائي هيڪُ
ساه ڏيئي سيڪُ، اُهو ئي اڪسيرُ ٿئا.❸

**بيت (٦٤٧)**

اُهوئي اڪسيرُ ٿئا، جيڪي ڏٽيَ ڏُئا
جوڳي هِنَ جهانَ ۾ سامي سي سُئا
تَني جي پُئا، مَڃُّ ماتائِي نہ ٿئا.❹

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”پس نہ-الخ“
❷ ٻي پڙهڻي: ”پروڙئائون پري ٿئا“
❸ ٻي پڙهڻي: ”ساه ڏنائون-الخ“
❹ اصل. پوا= پس پشت

### بيت (٦٤٨)

سچ مائٽائي نہ ٿئا، جي جلايا جوڳين
جئن عمر گذري اُن کي ٿئن تَپُ تيزَ مان ڪِنّ [1]
دونهان ٿا دُکِنَّ، تني جا تمر چئي.

### بيت (٦٤٩)

تني جا، تمر چئي، دکِن ٿا دُونهان
جني چوري ڏنا چِتَ کي لاهوتين لُوهان
سامي ٿئا سوَنهان، اَواٿا واٿَ کهي.

### بيت (٦٥٠)

اَواٿا واٿ کهي، سامين لڌو سيرُ
پُرِئا پري پيرُ، سپيئي سونهان ٿئا [2]

### بيت (٦٥١)

سپيئي سونهان ٿئا، واقِفُ ٿي وينا
پاٽيَ جئن پينا، پَسو سَپَکنِهين شيءِ ۾.

### بيت (٦٥٢)

پسوِ سپکهين شيءِ ۾ ڪنه هَندَ نہ چئبو هاڻ
”ڪُلَّ شَيءِ مُحِيطُ“ اِيُ اُنهين جو اُهڃاڻُ
ڪنين ساڃارَنِ ساڻ، ٿو ڳالهيون ڪري ڳجهيون.

### بيت (٦٥٣)

ڳالهيون ڪري ڳجهيون، پَسوسين پنهنجنّ
سڃاتائون سُپرين محبُّ ڪٽائون مَنّ
ٻِي نہ ڪِئائون ڪَنّ، آهِن اُوءِ اُنهين سين.

---

[1] اصل. ”جي عمر گذري اُن کي تن تپ تيز مه کن“. تپ= اقتدا.
[2] اصل پرئا پري-الخ.

**بيت (٦٥٤)**

آهِيـنِ اُوءِ اُنـهيـن سـيـن، تـئـا نـ وسـيـلا وِيـرَ
تَسِـيـا ڏيـئـي تَـنَ کـي سـاڙئـائـون سَـرِيـرَ
تـيـلاهَ تـئـا پِـيـرَ، جـوڳـي هِـنَ جـهـان ۾.

# سر ود ڪامو ڏ

**بيت (٦٥٥)**

تُون سَمون، آءٌ گَندِرِي، مُون ۾ عَيبَنِ جُوءِ
پَسِي راڻِيُنِ رُوءِ، مَتان مان گهرِ مَتِيين ❶ ❷

**بيت (٦٥٦)**

تُون سَمون آءٌ گَندِرِي، مُون ۾ عَيبَ اَپارَ
پَسِي لِيءَ لَڳارَ، متان مان گهرِ مَتِيين ❸

**بيت (٦٥٧)**

تُون سَمون آءٌ گَندِرِي، مُون ۾ عَيبَن ويهَ
پسي مئہ ڪي ڏيءَ، متان مان گهر متيين ❹

**بيت (٦٥٨)**

تو سمون آءٌ گندري، مون ۾ عيبنِ لَکَّ
هِنَ مهنجي حالَ جي توکي سڀ پَرَکَّ
ڪارڻِ ربَّ اَلَکَّ، متان مان گهر متيين. ❺

**بيت (٦٥٩)**

تون تَماچِي تَڙَ ڏَڻِي ، آءٌ مُهاڻِي مي؛
مُون ڪي ڏُهاڱَ مَ ڏي، آءٌ جا نالي سُئِي تهنجي.

**بيت (٦٦٠)**

تُون تَماچِي تَڙَ ڏَڻِي، آءٌ گَندِرِي غَريب؛
تون سو ڄامَ! قرِيبِ، ڪِي ڏَنُ ڇَڏائي ڏيج مُوَن. ❶

---

❶ گندري=ذات ملاحان
❷ اصل. ماگر=ملاحاني
❸ ساڳيو
❹ ساڳيو
❺ ساڳيو
❶ ٻي پڙهڻي: "توسين-الخ"

### بيت (٦٦١)

ڪاڄُ جَنـي جو ڪِـڪـيُـون، مـالُ جَـنـي جا مَـڏَّ
سـمـي سـي سِـيـڻَ ڪـئا، هـيـڻا جـنـي هـڏَّ
ڄامَ! پَرِتيَي لَـڌَّ، سـانگينِ جي سـيّـد چئي.

### بيت (٦٦٢)

ڄـارا ۽ ڪـارا، مـالُ جَـنـي جـو مَـڪُـرِيُـون ❷
تـمـاچـيَ جـي تَـڪـيـي اچـنِ سَـوارا
مِـيءَ مـچـيَ مـارا، سـمـي سـي سـيـڻَ ڪِـئا.

### بيت (٦٦٣)

ڪِـڪـيءَ هـاٺِـيُـون ڪـارِيُـون، چِـچـيءَ هـاٺـا چَـڄَ
پَـانـدُ جـنِـي جـي پـانـدَ سِـيـنَ، لَـگُـو تِـيـي لَـڄَ
سَـمـو ڄـامُ سَـهَـڄَ، اُيـو ڪَـري اِنِ سـيـن. ❸

### بيت (٦٦٤)

ڪاٺيون، ڪوجهيون، ڪُوڙِيُون، مُورِ نہ موچارِيُون ❹
وَتِـي وِيـنِـيُـون واٽَ تـي، ڪِـڪـيءَ جُـون ڪـارِيُـون
اُنِـيـن جـيـون آرِيُـون، سـمـي رَيَ ڪـيـرُ سـهـي.

### بيت (٦٦٥)

ڄاريون ڪاريون ڇچ ڇپريون، جَن جي مَحبت مچيَ ساڻُ
رهـنِ وِهَـن سِـر پـانـڌِيـين سـيـيـئـي بـدبـوءِ هـاڻُ
لـڌڙن جـئـن، لَـطـيـف چـئـي، پـاٽـي وجـهـنِ پـاڻُ
تَـنِ ملاحنِ جو مـاڻُ، سـمـي سِـرِ، ڪـئو پـهـنـجـي. ❶

### بيت (٦٦٦)

گَـنـدُ جِـن جِـي گـوڏِ ۾، پـاپـوڙا پـوشـاڪَ

❷ مڪري=ڪشتي خورد (=ننڍي ٻيڙي).
❸ سهڄ= انعام و اڪرام
❹ اصل پڙهڻي: ”ڪانري ڪوڄي ڪوري“-الخ
❶ اصل. مان.

اڄُ اُني جِي اوطاقَ، راجا رِيجِھي آئِيو.

**بيت (٦٦٧)**

گندَ جنَي جي گوڏِ ۾، پاپوڙا پي نامَ
تَنِ اُگھاڙِن انعامَ، منڇَرُ مڙوئي ٿئو.

**بيت (٦٦٨)**

ٿئا تَماچِيءَ جامَ سين، مُھاڻا مَحرُومَ؛
نَنڍِيءَ وَڏِيءَ گَندرِيءَ، مَٽي ماڙِيءَ ڏُومَ ❷
جي ڪِنجُھرَ، جي رُومَ، سي سَبِ اِنعامِي ٿِئا.

**بيت (٦٦٩)**

نه وَڏي، نه وڪِٽي، نه ماري نه ڏاري؛
ڪارو وڏائينَ ڪُوهَ ۾، نِرتُون نِھاري
سائي پَرِ پاري، جا گَھرِ سَمي جي سَپَجي ❸

**بيت (٦٧٠)**

نه وَڏي نه وڪِٽي، نه ڪَٽي ۾ ڪاري؛
اَھجَ، سَھجَ سَاھميُون، ڏُرِئان نه ڏاري؛
سائي پَرِ پاري، جا گَھرِ سَمي جي سَپَجي.

**بيت (٦٧١)**

پاپوڙو پيشِ ڪَئو، نَئِي نُورِي نيئِي
حاضُرُ ھُيُون ھَڪيُون، سَمِيُون سييئِي
نَوازي نيئِي، گاڏِيءَ چاڙھِي گَندرِي ❶

**بيت (٦٧٢)**

مُھاڻِيءَ جي مَنَ ۾، نه گِيرَبُ نه گاءُ ❷
نيڻَنِ سِين نازُ ڪَري، رِيجھايائِين راءُ

---

❷ اصل. دُومَ
❸ اصل. ساپر
❶ ٻِي پڙھڻي: ”گاڏي“
❷ گيرب = تڪبر؛ گاءُ=پندار.

سَمون سَيِنِ مُلاءُ، هيرِيائِين حِرفَتَ سين.

**بيت (٦٧٣)**

نورِيءَ جي نِيازَ جو، عَجَبُ اَجَلُ هوءِ
اَچيو اُپِيَن پوءِ، حُجَتَ پَڳِي راڻِيين.

**بيت (٦٧٤)**

مي مچيَ ۾ هتَڙا، ويٺي ڪري وَرَنَّ
راءَ اَکِهين رکي مُهاڻِي منجهہ مَنَّ
تماچيَ جي تَنَّ، ڳالهيون ڇَپُسِ ڳُجهَّہ جيون.

**بيت (٦٧٥)**

هَٿين پيرين آرڪَٽين، مُنه نہ مُهاڻِي
جِئَن سَڳو وچ سُرندَڙي، تِئَن راڻِيُن ۾ راڻِي [3]
اَصُلُ هُئِي اُنَ ڪي، اَهِلَ ڄاماڻِي
سَمي سُڃاڻِي، پيڙو بَڌِسِ ٻانهَن ۾.

**بيت (٦٧٦)**

تَهڙو ڪِنجُهرَ ۾ ڪِينَ ٻيو، جهڙي سُونهَن سَنديا سِ
مَڏِ مِياڻِيُون، مَڪُرا، مِڙئِي مَعافُ تِئاسِ
ريسون راڻين ڇڏِيون، وهي ڪا نہ وِتاس
مورِڇَلَ مَتاسِ، اِيو تَماچِيءَ هَٿي.

**بيت (٦٧٧)**

تَڙُ تماچي ڄامَ جو تماچي تڙ راءُ
تماچيَ جي تڪيي تون تماچي ڳاءُ [1]
تہ تون تماچياءُ، تماچي تون لهين.

**بيت (٦٧٨)**

ڪوءِ سَمِيُون سُومرِيُون جي اَچَنِ اُوچي ڳاتِ
وَرُ سي ڪِنجُهرَ ڄائِيُون، جِن تَماچِيءَ جِي تاتِ

---

[3] اصل. 'جِنَ سڪو وچ سُهِدرِي تِنَ رانُينم راني'
[1] اصل. ڪاءَ.

راڻِيُــن مُــلان راتِ، مــاڻِــڪُ مــي پِــرائِــيــو.

## وائي

هِــيــري هَــٿُ وِڌائِــيــن، هــيــري هــٿ ڪــيــائــيــن،
ويهي ســـاٿين وچَ ۾.[2]

نَــوازَشِ نُــوريءَ جــيِ، آهــي تَــمــاچِــيءَ تــائِــيــن.
گَــنــدَگِــيءَ گــوشـــو ڪِــيو، عَــطُــرَ اوتَ اوتِــئــائِــيــن.
اَنــدا مَــنــدا آئــيــا، سَـــخــا سَـــڏُ وِڌائــيـــن.
پَســو جُــودُ جُــوانَ جــو، ڪــو هَــنــدُ ڪــونــہ ڏِنــائــيــن.
قِــيــمَــت ڪَــمِــيــڻَــن ســيــن، جَــهــڙيءَ وَٽَ وَتِــئــائِــيــن.
مــوتِــي مِــچِــيءَ هَــٿَ تــي، ڪُــوڏِيــن جِــيــن ڪَــڍِئــائِــيــن.
مــاڻِــڪَ مِــيــاڻــن ۾، چِــلــرَن جِــئــن چِــتــئــائِــيــن.
ڏيــئــي ســـونُ سُـــوالَ ۾، رُپــي رانــدِ ڪَــئــائِــيــن.
پاڻـــيـــٽَ آٽــي پاڻَ ســيــن، لَــعــلــون سَــپَ لُــٽــئــائِــيــن[3]
فِــيــروزا فَــقِــيــرَن تــان، گــهــوري سَـــپ گــهــورِئــائِــيــن.
اُتــي عَــبــدُالــلَّــطِــيــفُ چــئِــي، اُچِــلــي اُمُــلَ ڏِنــائِــيــن.

### بيت[4] (٦٨٠)

ســرُ صـــلابَـــتَ سُـــپرين، مَــرَڪَــڻَ! تُــون مَ مَــرِيــج[5]
آهِــيــيــن نــارُ اَڪــــيُــنَ جــو، وَتــان مُــون مَ وَجِــيــج؛
تَــمــاچِــي تڳِــيــج، ڪــو ڏِيــنــہُ ڪِــنــجُــهــرَ ڪَــنــدِيـــيـــن.

### بيت (٦٨١)

ڪــو ڏِيــنــہُ ڪــنــجــهــرَ ڪــنــديــيــن تــون تــمــاچِــي تــڳُ
اوچِــو تِــئُــم اڳُ، مُــنــہُ ڪَــرِ مــلاحــن ۾.[1]

### بيت (٦٨٢)

---

[2] اصل. ڪيائين
[3] پاڻيٽ= مرواريد
[4] هن بيت کان اڳ ٻيا ٽي بيت "ايڪ پيالو ٻہ جٽا-الخ" جي عنوان سان هئا جي ٽپائي سرود "ڪلياڻ" هيٺ رکيا ويا آهن. [5] ٻي پڙهڻي: "اٽي جي-الخ" [5] اصل. سلابت. ٻي پڙهڻي: سڪر سلابت-الخ.
[1] ٻي پڙهڻي: "ملاحن ڏنه"

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَجَرُ، پاسي پرين سَندامِ ❷
ڪوڙيين ڪاڄَ سِڏامِ، اَڱَ سِڏو ڪونہ رهِيو.

**بيت (٦٨٣)**

هيٺِ جَرُ مَٿي مَجَرُ، پاسي ۾ وَٽراهِ
اَچي وَڃي وِچَ ۾، تَماچِيءَ جي ساءِ
لَڳي اُتَرَ واءُ، ڪِنجُهرُ هِندورو ٿِئي.

**بيت (٦٨٤)**

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَجَرُ، ڪنڌِيءَ ڪَوَنرَ ٽِڙن؛
واري واهُوندَنِّ، ڪِنجُهرُ ڪَٿُوري ٿِيي.

**بيت (٦٨٥)**

سَمِيُون ڪَري سينگارُ، راءُ رِيجهائِڻَ آئِيُون
ڄامَ هَٿَ ۾ ڄارُ، ڄُلي جهبيرن وِچَ ۾. ❸

**بيت (٦٨٦)**

مي هٿَ ۾ مَڪُري ڄام هٿ ۾ ڄار ❹
سڄو ڏينہُ شڪارُ، ڪِنجُهر ۾ ڪالهہ هو.

**بيت (٦٨٧)**

نُوريءَ جي نَوازئو، ٿِيو تَماچي تي ❶
گاڏي چاڙهي گَندِري، ماڙهُو ڪَيو مي
ڪِنجُهرِ چُوندا ڪي، تہ سَچُ سَيائِي ڳالهڙي.

**بيت (٦٨٨)**

---

❷ جر=آب؛ مجر= ٻور، درختان

❸ اصل. ڄبيرن= ذات ملاحان

❹ مڪري=ڪشتي خورد (=ننڍڙي ٻيڙي)

❶ نوري=دل؛ تماچي=طالب.

ڄامان اَڳِي جي ڄائِيُون، تِن جِي نِرتِ نُورِيءَ ڪياءِ ❷
نہ مَنَهن نہ مارِڪي، نہ ڪنهن وِجي ويهاءِ ❸
سي ڪِنجُهرَ ڪَندِيُون ڪاهِ، جِن جو تَماچِي تَڪِيو. ❹

❷ ٻي پڙهڻي: ”تن ڪي نرت نوري جي نام“
❸ ٻي پڙهڻي: ”ناه منه“
❹ ٻي پڙهڻي: ”سي ڪنجهر ڪنڌي ڪاه، جن جوٿيو تماچي تڪيو.“

# سُر ڪاريھل

**بيت (٦٨٩)**

”وَحَدَهٗ“ وائي، چُڻندي چَيائيون [1]
سو لُڙُ لَنگِهيائون، جِتي پارَکَ پَکِيان.

**بيت (٦٩٠)**

پکن سين پاڻُ هَڻي، اُڏاڻو آڪاسِ
سو سُر مَٽي هَنجَڙو، جِتي پِرِين سَنداسِ.

**بيت (٦٩١)**

اکڙيُون اوڙاهَ ۾، اُيو تَڪي تارِ
پِٽُون جو پاتارِ، هَنجُ تنِين جو هيرَئُون. [2]

**بيت (٦٩٢)**

وَڃِين نہ پيهِي، پِٽُونءَ لئي پاتارَ ۾
ڪنڌِن ۾ ڪيهِي، هَاجَ تُنَهِنجِي هَنجَڙا.

**بيت (٦٩٣)**

اونهي ۾ اوڙاهہ جو، هنج تِتهين هوءُ [3]
اِيَ ڪانيرو ڪوہُ، جو ڇاڇَر ۾ ڇيرون ڪري [4]

**بيت (٦٩٤)**

تئو حُضُوري هاڻ، سوجها پيَسِ سَرَ جي؛
ڪُندي لَڌِي ڪاڻِ، پَکِيَڙي پاتارَ ۾.

---

[1] اصل. چُرندي

[2] ٻي پڙهڻي: ”پٽون منجهہ پاتار-الخ“

[3] ٻي پڙهڻي: ”اونهون جو اوڙاهہ ۾-الخ“

[4] ڪانيرو=نام مرغ عام.

### بيت (٦٩٥)

تـہ وائيَ کي ويجهو تيين، لَئين لطيفي لاتِ ❶
واري پـاءِ وجـود ۾ سـنـدِي جُـنـگَـنِ ذاتِ
هِٽي کَرنگهُرُ کاتِ، پڌرِ پئو تون پِريَ سين. ❷

### بيت (٦٩٦)

ويـنـو جـئـن ومـاسـيـيـن حيـرتَ پَـئـو مَ هَـڏ
لاتـيـون جـي لـبـاسَ جـيـون سـي چپائي چـڏّ
آءُ اسـيـن کـنِ جـي، پـاسـي تَـن مَ اڏِ
تن طـالـبـنِ گـڏِّ، تـہ ويجهو تيين وصـال کي.

### بيت (٦٩٧)

ويـنـو جـئـن ومـاسِـيـيـن، حـيـرَتَ پـئـومَ هـور
اونـهـون جـو اَچـو وَهـي گِـهـڙِي تـئـائـيـن گـهـور
ڏَنيون هـڏِ مَ ڏورِ، گهورئو کَپُ کَسَـنِ جو. ❸

### بيت (٦٩٨)

ويـنـو جـئـن ومـاسـيـن حـيـرت پـئـومَ هـاڻ
لَـلَـنِ کـي، لـطَـيـف چـئـي، اچِـي سـاڻُ اراڻ ❹
کـنـگَنِ لـتـي کـاڻِ، گـڏئـو هـنـجُ حـبـيـبَ کَي.

### بيت (٦٩٩)

پَـکِي پـيـهـي نِـڱـئـا، مـنـجـهـان لِـتَـڙِيُـن لَـکّ
کـنـي مـاڻـکُ ميَـڙئـا، کـنـي مـيـڙيـا کـکّ ❺
پُـتـيَ لائـي لـک، گـڏئـو هـنـجُ حـبـيـبَ کـي.

### بيت (٧٠٠)

هنجـان سـين هيـکـار، جي ڳُڻُ کـري نهـارين

---

❶ ٻي پڙهٽي: ”جي لئين-الخ“
❷ اصل. ”هٽي کر کرکاٽ“؛ ٻي پڙهٽي: ”کر ڳل-الخ“. کرگهر=وجود؛ کاٽ= فنا ڪن.
❸ اصل. ”کوروکپ کسنجو“
❹ للن= هنج؛ ٻي پڙهٽي: ”اچي پيئي آران“
❺ ٻي پڙهٽي: کني رتا پک.

ٻگان سين ٻيهارَ، هوندَ ٻيل نہ ٻَڌين ڪڍهين.

**بيت (٧٠١)**

هارِئا هنجَ ! ٻگنِ سين ڪيهي ٻَڌيِن ٻيلَ
ميرو متائيجِ تون، اچي ڪي اُڪيلَ
ڪنگنِ سين ڪُويلَ، لَلا جم لَڙُ پيين.

**بيت (٧٠٢)**

اچو پيو اچاهُ، تہ ائين اچائي اُبَهو
وَهَنڙُ وَڙُ نہ اهِنجو لُڙَ پاڙي لَلاهَ
سُسَرِ ڏجي ساهُ، ڪُسَر ڪنگن قَبرون.

**بيت (٧٠٣)**

ڪُسَر ڪنگنِ قبَرون سُسَرِ سانگا هيج
هنجَ هُتي جي ڳالڙي ٻگن سَين مَ ٻوليج
ماري تون مريجِ، چئج مَ ڪِنہ چُنجَّ سين.

**بيت (٧٠٤)**

سَرَ سُڪي سالَ ٿئا هنجَ هَرتوئي پيرَ
ڪنگُ ويچارو ڪيرُ، جو رَسي اِنَ رَمُوز ڪي.

**بيت (٧٠٥)**

آءُ اڏامي هنجڙا، سَرَ ۾ سارِينئي
مَچُنڙُ مارينئي، پاريڙي پَہُ ڪري [1]

**بيت (٧٠٦)**

سَر ۾ پکي هيڪَڙو، پاريڙي پنجاه
سندي آسَ اللهَ، لُڏي لَهرن وِچَ ۾.

**بيت (٧٠٧)**

دَلبو منجِهہ درياءَ، پکي پَسي آئيا [1]

---

[1] ٻي پڙهڻي: مَتان مارينئي.
[1] اصل. دلو

هيـٺ ڪـرڳـر ڪـاٺ جـو مـٿـي پـڪـنِ پـاهه[2]
ويـچـارا ويـســاهَ، آٽـــي اُتِ آڙائـــيـــا.

**بيت (٧٠٨)**

پـڪـي جِـنـه پُـڄـائـيـا، تِـنـهِ ۾ سـاهُـه نـه مـاهُـه
ويـچـارنِ ويـسـاهُـه، مَـٿـي پـڪَـنِ آئـيـو.

**بيت (٧٠٩)**

اُڏُءُ اَڏُتُ اُيَـرِئـو، وِهـاٽـي واءُ پُـورَ [3]
سـي چـيـتـارِجِ چِـتَ ۾ جـي ڪـنـڊا ڏاري ڪُـورَ
مـتـان مـارِيـنـئـي تُـورَ، تـو لَـڱُـهه لڳـو جَـنِ سـيـن.

**بيت (٧١٠)**

ڪـونـرَ پـاڙون پـاتـارَ ۾ پَـونـر پـري آڪـاس
ٻـنـي سـنـدِي ڳـالـڙِي رازقَ آنـدِي راسِ
تِـنـه عـشـق ڪـي شـابـاسِ، جِـنـه مُـحَـبـتـي مـيـڙئـا.

**بيت (٧١١)**

ڪـونـرَ پـاڙون پـاتـارُ ۾، پـونـئـرَ پـري ۾ سُـجِ
ٻـنـي سـنـدِي ڳـالـڙِي، عـشـقَ اي اُهـجَّ
تـوءِ نـه لـهـي اُجَّ، جـي پـيـو پِـيَـنِ پـاڻ ۾.

**بيت (٧١٢)**

ڪـڪـن ۾ ڪـوهُ قـريـنِ، گَـســڙَ ۾ مَ گـذارِ [4]
وحـي وحـدتَ ويءَ ۾ گـهـونـو چِـڏي گـهـارِ [5]
شـريـعـتَ جـو سَـرُ لـهـيـن تـه تـون تِـئـائـيـن تـارِ.
حـقـيـقـت هـنـجَـنِ سـيـن طـريـقـتَ تـوارِ
مـنـجـهـا مـعـرفـتَ سـيـن انـدرَ ڪـٽـي اُجـارِ

[2] هيءَ سِٽ حاشيي ۾ لکيل آهي. اصل. ڪرگل= شڪل مرغ از پرها
[3] اصل. اُڏُوءَ
[4] اصل. "ڪنڪم ۾ ۽ ڪَسَرَ ۾"
[5] اصل. "ڪون" چِڏي ڪار.

تہ پاريڙِي اِنَ پارِ، ڪو نہ ڏسين ڪڏهين.

**بيت (٧١٣)**

جيھَرَ لوڪُ چپ ڪري، اوهيرَ اُڏامَنِ
پتُون جي پاتارَ جا، چيتارِيو چُٽَنِ
ڪَوهُ ڪَندا ڪي تَنِ، پاريڙِي پَہُ ڪَري.

**بيت (٧١٤)**

سَرُ وِجايو سُرَهو ڪوڙن ڪانيرَنَّ ❶
آڏيَ رات اتي ڪري دَدا دَانهون ڪنَّ
سندي ذاتِ هنجنِ، مُنہُ ڪوڙي موتي چُٽي.

**بيت (٧١٥)**

ماڪَ چُوٽو جَنِ جو هنجَّ حُضوري سي
چلُڙ ۾ چُنجَّ هٽي مچي ڪين نہ اي ❷
لَوڪَ نہ لڪئا تي: جيلاهَ پُوٽنِ پَکنِ گڏئا.

---

❶ ٻي پڙهٽي: 'وِجايم سُيرو'
❷ چڪڙ= چشمه خورد و گنده

# ايضا سرود ڪاريهل

از گفتار تمر فقير عليہ الرحمہ

**بيت** (٧١٦)

جـتـي هـئـا هـنـجـڙا تـتـي ٻـگـا ٻـئـا تـئـا
ڪُـوڙن ڪـانـيـرن سـيـن پَـسـو پَـهِ پـئـا
سـي پاَريڙي وئا، جَنِ تي سَـتون ڏنيون سَـرَن ۾ [1]

**بيت** (٧١٧)

سَـر سُـتـيـئـي چـڏئـو پَـسـو پـاريـڙيـنّ
وتـيـن سـاڱ وجـائـيـو ڪـوڙن ڪـانـيـرَنّ [2]
سـنـدي ذاتِ هنجنِ، ڪِـنـه ڏوراٽَين ڏيـهِ وهيَ [3]

**بيت** (٧١٨)

هنجنِ سـيـن هـيـج ڪـري ڪـنـدِيـسِ ڪـيـن ٻـئـا
جَنِ تي سَـتون ڏنيون سَـرن ۾ سـي پـاريڙي وئـا
مَـاڳـو مـاڳ تـئـا، ڪـوَڙا ڪـانـيـرا گـهـٽـا.

---

[1] ٻي پڙهڻي: ’سَرَ ۾‘
[2] ٻي پڙهڻي: ”وجائيا-الخ“
[3] ٻي پڙهڻي: ڏيه وهيا

**بيت** (٧١٩)
پـاريـڙي پـري وئـا خـبـرَ ڏيـنـدم ڪـيـرُ
هـنـجَ ڪـالـوٽـون پـيـرُ، لڳـو آهـي نَـ لَـهـي.

**بيت** (٧٢٠)
لڳـو آهـي نـ لـهـي پـئـو چـٽـڪـي چِـتّ
هـاٽـي ويـنـي هـتِ، گـهـنـگـهـرِ گَـهـاريـان ڏيـنـهَـڙا.

**بيت** (٧٢١)
گـهـنـگـهـر گـهـاريـان ڏيـنـهـڙا، اُنَـهـيـن ريءَ آئـون
اوتـارِ جـي اڄ وئـو، گـونـدَرِ، گـڏئـائـون
پـيَـيـون مـون جـائـون، چُـٽـنـدي چِـلـڙ ۾. ❶

**بيت** (٧٢٢)
چُـٽـنـدي چـلـڙ ۾، جـائـون پـيـيـم جـي ❷
جَنِ تـي لِمئو لاتـيون ڏنيون ويـنـي سـاريـان سـي
هـاٽـي انـهـيـن ري، ڏکـيـا ڏيـنـهـن گـذاريـان.

**بيت** (٧٢٣)
ڏکـيـا ڏيـنـهَ گـذاريـان تَـنِ هـنـجـنِ ري هـاڻ
ڪـوڙن ڪـانـيـرن سـيـن تـيـي نـ روح رهـاڻَ
تَـنِ پـکـيـنِ ڏارا پـاڻِ، جُـهـرِي مـن جِـهـيـٽـو تـئـو.

**بيت** (٧٢٤)
جُـهـرِي مَـنُ جـهـيـٽـو تـئـو هـاٽـي هـنـجـن ري
لالـونَ لَـلَـنِ ري، ڪـو نـ ڏيـنـدو ڪـو پـئـو.

**بيت** (٧٢٥)
ڪـو نـ ڏيـنـدو ڪـو پـئـو لـلـنِ رِيءَ لالـون
تـنـي ريءَ، تـمـر چـئـي، تـئـون جـانِـئـون زوالـون
سـارئـون سـنـيـالـون، انـي جـيـون اڄ ڪـري.

---

❶ اصل. چُرندي چلر ۾.
❷ ساڳيو.

**بيت** (٧٢٦)

اُنـي جيـون اڄُ ڪـري سـنـيـالـون سـارئـو ❶
مـاٺ نـہ ڪـري مـون هـيـون ڏتـئـو ڏُتـارئـو
محبـت جو مـارئو، سـو ڪينءَ سـگھو جِنـدَڙو.

**بيت** (٧٢٧)

سـو ڪينءَ سـگھو جنـدڙو سـڄڻ جو سـاري
اونهي عشـقَ عميقَ جي وڏو محبـت هِي مـاري ❷
پـارئـو تـو پـاري، رضـا جـا رحـيـم جـي.

**بيت** (٧٢٨)

رضـا جـا رحـيـم جـي، سـا پـاري هِـيءَ پـئـو
عشـقَ اُگـهـتـي جـنـدڙو جَـرا جِـيُّ ڪـئـو ❸
سـڙي سـاهُ وئـو، سـنـيـاري ڪَـي سـڄـڻـين.

**بيت** (٤٢٩)

سـنـيـاري ڪي سـڄـڻـيـن سـڙي وئـو سـاهَ
ويـتـي وَڳـرُ نـهـاريـان جَـنِ پـوجَ ڏِنـو هـو پـاهَ ❹
آڻـيـنـدونِ اَللهُ، آسَـرَ يَـرِي آهـيـان.

**بيت** (٧٣٠)

آسـر يـري آهـيـان وڳـرَ مـانَ وَرَنّ
ٻـيـلـون ٻَـڌَئـو ٻـپُـڙا مـتـي ڊنـدَ ڊِرنّ ❺
سـانـيـي منجهہ سَـرَنُ، اَلا! سـيـئِـي آڻـيـنَ. ❻

**بيت** (٧٣١)

اَلا! سـيـئـي آڻـيـن وڳـر آڻ واري
ڦـوڙائـيَ فـراقَ جـي، وڏا ڳـڄَ ڳـاري
محبـتَ هِـيُ مـاري، جهوري پـاڻَ جُهُـنو ڪئو. ❼

❶ اصل. سارئو سنيالون
❷ ٻي پڙهڻي: ”عميق ڏانه-الخ“
❸ اصل. اُڪتي.
❹ پوج= بسيار
❺ اصل. ”متي ڊنڊ ڊرن“
❻ سانيي= رفيق
❼ ٻي پڙهڻي: ”جهوري پاڻ جُهونَ ڪئو.“

# سُر ودجمن ڪلياڻ

**بيت (٧٣٢)**

پـابـوهِـيـو پُـڇَـنِّ، ڪِـٿـي هَـٿ حَـبـيـبَ جـو
نـيـزي هـيـٺـان نِـيـهَ جي، پـاسـي پـاڻُ نـہ ڪَـنِّ
عـاشِــقَ اَجَـلَ ســامُـهـان، اوچـي ڳـاٽ اَچَـنِّ
ڪُـسَــڻُ قُـربُ جَـنِّ، مَـرَڻُ تَـنِّ مُشــاهِـدو.

**بيت (٧٣٣)**

ڪـوٺـي ڪُـهـي سُـپـرِيـن، ڪـوٺـي ڪُـهـڻَ ســاڻُ
نـيـزي هـيـٺـان نـيـه جي، پـاســي ڪـر مَ پـاڻُ
ڄُلُ، وِڃـائـي ڄـاڻُ، عـاشِـقَ! اَجَـلَ ســامهُـون. ❶

**بيت (٧٣٤)**

اَصــل عـاشــقـن جـو، سِــرُ نـہ ســانـديـڻُ ڪـمُ
سَـئـہ سِـسِــنـئـان اڳـرو، سَـنـدو دوسـان دمُ ❷
هِـيُ هـڏو ۽ چـمُ پِـڪَ پِـريـان جِـيَ نـہ پَـڙي. ❸

**بيت (٧٣٥)**

اصــل عـاشــقُ پَـھنجِيُـون سِـسـيـون نـہ ســانـدِيـن
لاهـيـو سِـرُ، لطيف چـئـي، ســاهُ سَـلاڙِئـو ڏيـن
ڪـلـنـئـون ڪـاٽـيـن، پـوءِ پـچـن پـريِـتَـڻـون. ❶

---

❶ اصل. عاشق
❷ ٻي پڙهڻي: ”سندو دوسن دم“
❸ اصل. نہ پري
❶ اصل. پريتن=محبت را

**بيت (٧٣٦)**

سِــســـي ســـي گـهـرنّ، جـي واريـنـدَڙَ وچ ۾ ❷
اَوءِ ڪِـيـن ٻـئـو پـڇـنِّ، سَـروجَـنِ سـنـيـاهِـيـو. ❸

**بيت (٧٣٧)**

جان اَتيئي سَـدَ سُـرڪَ جي، تہ وَنءُ ڪلالين ڪاتي
لاهـي رڪ، لَـطـيـفُ چـئـي، مـتـو وَٽ مـاتـي
تـڪَ ڏيئي پـڪَ پيُ، گـهُـٽ مـنـجـهـان گـهـاتـي
جو وَرَنَہَ وِهاتَي، سَـو سِـر وَٽ سَـرو سـاهَنگو. ❹

**بيت (٧٣٨)**

جي مـٽي وٽِ مِـڙَن، تـہ سـيـڪـنـهـن سَـدَ ٽـئـي
سِـرَ ڏنـي سَـــٽ جُـڙي، تـہ عـاشـــقَ اِي اچـنِ
لِـڌا تـي لَـيَـنِ، مُـل مَـهـنـگـا سُـــپـريـنِ.

**بيت (٧٣٩)**

مُـل مَـهـنـگـو قَـطَـرو، سِـــڪَـڻُ شَـــهـادت
اَســـان عِـبـادتَ، نَـظَـرُ نـازُ پِـريَـنِ جـا.

**بيت (٧٤٠)**

سِـــڪـڻُ ۾ ســوِري، ٻـنـهـي اَڪَـرِ هـيـڪـڙو
وَهَـــڻُ واٽَـــڙيُـــن تـــي، ڪـــارَڻُ ضـــرورِي
اَن ٻِـنـهـي جِي پُـورِي، جِـيءَ ڏنـي رِيَ نـہ جُـڙي.

**بيت (٧٤١)**

جان عـاشــقَ مـٽي رَتُ، تان دعويٰ ڪري مَ نينہَ جي
ســائو مُنہ، سُـنہ ڳـــئِـي، سِـڪَڻ اِيُ شـرطُ
نَـڪِـي گـوڏِ گَــــرَٽُ، مـتـا سِـرَ سـودا ڪـري. ❶

---

❷ وارينڌڙ = دلال
❸ ٻئو=صدق و عشق و حب، دوست؛ سر= شراباً طهورا.
❹ اصل. ساهڪو
❶ ٻي پڙهڻي: ”سودا ڪريين.“

**بيت** (٧٤٢)

عاشق آرام، ڪڏهه ڪني نه ڪئو
طعني ڪئا تمام، حبيباڻي هيڪڙي.

**بيت** (٧٤٣)

عاشقَ اِيئن نہ هُونِ، جئن تون سَچين آڱڙين ❷
وِجي در دوستن جي، رَتُ ڏِهاڙي رُون ❸
بِيَ پَرِ ڪِنه نہ پوَن، ماڪُرِ محبوبن سين. ❹

**بيت** (٧٤٤)

ڪِنه چيوءِ تہ پاءِ، پيرُ پريان جي پيرَ ۾
سيڻن سُورُ سُهاءِ، تون سُکِن جيون سڌون ڪريين.

**بيت** (٧٤٥)

سَدَڙيا شراب جون، ڪُهُ پَچارُون ڪنّ
جُه ڪَاتَ ڪَلالِن ڪيئا، تہ موتيو پوءِ وِجنّ
پِڪُون سي پِينّ، سِرَ جَني جا سَٿِ ۾.

**بيت** (٧٤٦)

مَ ڪَرِ سَدَ شراب جي، جان تون تارِيين ٿُوهُ
پيتي جنه پاسي ٿيي، منجهان رَڳُن رُوح
ڪاتي چَکُ ڪڪُوهُ، لاهي سِرُ، لَطِيفُ چئي.

**بيت** (٧٤٧)

ناڻي ناهِ ڪَڪُوهُ، ڪِہ مل مَهَنگو مَنڌُ
سَنباهِجِ، سيّد چئي، ڪاتڻ ڪارڻ ڪَنڌُ
هِيُ تنِي جو هنڌُ، مَٿَن پاسِ مَرَنِ جي.

**بيت** (٧٤٨)

اجان تو منجهاءَ، ڪَکَ چُتي رتُ نکري

---

❷ اصل صورتخطي: "اي نہ هون جن "تون".
❸ اصل. وجن
❹ ماڪر = قبول.

مُنـه ۾ محبوبـن جـا، ڪيئن جَهلِينـدي گهـاءَ
سـو تون ڪُڇاڙاءَ، سِـڪَڻَ جون سَـڏُون ڪريين.

**بيت** (۷۴۹)

جيڪِي سِـڪَڻُ سِـڪُ، نـاتَ پَسُ سِـڪنـديون
پـاسـي تـنـي مَ لِـڪُ، نِيـنـهُ نـه سُـڃاڻـن جي.

**بيت** (۷۵۰)

سـڪَ نـه آهـي سُـتـري، ڪـڻُ پـروڙي پـيـرُ
ڪُسـڻَ ڏاران ڪـيـرُ، ڪَري سَـڏَ شـرابَ جـي.

**بيت** (۷۵۱)

اُپـي عـاشـقـنِ ڪـي سـوري سـڏَ ڪـري
جَان ڪا اٿيئي سـڏَ سـڪڻ ۾ تـه ڪڻُ مَ پيرُ پري
سِـسِـي ڏارَ ڏري، پُـڇـج پـوءِ پِـريـتَـڻـو.

**بيت** (۷۵۲)

سـوريَ سـڏُ ٿـئـو، ڪـا هـلـنـدي جـيـڏيـون
وجـڻُ تَـنِ پـئـو، نـالـو نـيـنـه ڳِـنَـنِ جـي.

**بيت** (۷۵۳)

سُـوريءَ جي سَـؤ وارَ، ڏيهاڙي چَـنـگ چڙهين ❶
جِـمَ ورچـي چِـڏيـيـن، سِـڪـڻ جي پَـچَـار
پِـرت نَـه پِسِـيـن پـارَ، نيـهن جِـئـان ئـي نِـڱـئـو ❷

**بيت** (۷۵۴)

سِـرُ ڏيـئي سَـتِ جوڙ، ڪـنـه پَـر ڪَلالَـن سـيـن
مـرَڻـا مُـنـهُ مَ مـوڙ، وتِـي ڪِـيـن وَڏِّ لـهـي.

**بيت** (۷۵۵)

قـاتـلَ ڪـمـائِـي ڪـري، وِهُ مـاڪـي جـي ڪـن

---

❶ اصل. چنگ چري
❷ اصل. نينه

وٽـان ويـهِـي تـن، ڪـي پِـيـڻُ سِــڪُ پـيـالـيـون.[1]

**بيت** (٧٥٦)

اڪـيـون اوڏاهـيـن ڪـري قـاتِـل جـيـڏانـه ڪـوڙَ[2]
وِهُ تـنـي جِيَ ووڙَ، جَني سـاَنـگُ نـہ سـاهَ جو.[3]

**بيت** (٧٥٧)

جـيـڏانـه قـاتـلَ ڪُـلُّ، اڪـيـون اوڏاهـيـن ڪـري
مـتـو ڪَـنِ نـہ مُـلُّ، پِـڪَ بـرابـر پـهـنـجـو.

**بيت** (٧٥٨)

وِٽـي واٽـاڙوئـنِ ڪـي، تـان تـون پـيـاري پَـرَڪُ[4]
سـا لِـڪَ لـهـي لَـڪَ، جـا تـو پُـنـدِي تَـنِ سـيـن.

**بيت** (٧٥٩)

هُـنـدو هَـڏِ مَ سَـنـڌِ، لاءِ پـيـا ڪَـن پـهـنـجـو
پـوجَ پـيـارج پَـهـيـڙا، ويـنـدا وٽـيـو ڪَـنـڌِ[5]
تـہ هـتَ تُـهـنـجـي هـنـڌِ، موڪي! ڪو مـانُ لهين.[6]

**بيت** (٧٦٠)

وجـهـج واٽـاڙوئـن تـي، مـيـخـانـي جـي مـاڪَ
ٽيـنـدي سُـڌ سـيـڪـنـهـين، هـنـڌ هـنـڌ پـونـدي هـاڪَ
ٽـيـنـدا پُـرَ پـيـاڪَ، جُـه سـي اڳـڻ آئـيـا.[7]

**بيت** (٧٦١)

---

[1] ٻي پڙهڻي: ”ويهي وٽان تن، پيج ڪي پياليون.“
[2] اصل. جيڏاهين ڪور. ڪور= خواهش
[3] اصل. وور
[4] اصل. واٽاروئن
[5] پهيڙا=مسافر
[6] موڪي= شراب دهنده، ٻي پڙهڻي: ”ڪو مان ٽيي“
[7] ٻي پڙهڻي: ”ٽيندا پي پياڪ-الخ“

جُه سي اَڳِڻ آئيا، تہ سَرو ڪندا سُجَ ❶
سائِي ٽِيندين اُجِ، هي پِيتو! هُوءِ آڻ ڪِين.

**بيت** (٧٦٢)

ڪَنڌ ڪَتارو، مُنه وڻي، جن جي عادت اِيَّ
تني تِڪُون ڏنيون، جُنبي منجھان جِيَّ
سرو تن سَبِيّ، سر جَنَي جا سٽ ۾. ❷

**بيت** (٧٦٣)

سِرَ جدا ڌڙَ ڌارَ، دوڳَ جَني جا ديڳ ۾ ❸
سي مَرُ ڪَنِ پچارَ، حاضُرُ جَني هٿَ ۾.

**بيت** (٧٦٤)

اڳيان اَڏِن وَٽِ، پويَن سِر سنباهيا❹
ڪاٽ نہ پَوين قبولَ ۾، مَڃُڻ پائيين گهٽ
متا مُهايَنِ جا، پيا نہ ڏِسين پَٽ ❺
ڪلالڪي هَٽِ، ڪاٽَڻ جو ڪوپُ وَهي. ❻

**بيت** (٧٦٥)

هَڻُ حبيبَ هٿَ ڪِٽي، تيڪَ مَرِ، تورو لاءِ
پرين تهنجي گهاءِ، جي مران تہ ماڻُ لهان.

**بيت** (٧٦٦)

هٽي جي حبيبُ، مَحَبتي مَيا ڪري
پُڇان ڪينَ طبيبَ، گهائَن سين ٿِي گهاريان.

**بيت** (٧٦٧)

---

❶ سرو = شراب.
❷ اصل. سبي = في سبيل الله
❸ دوڳ=پاره ڪلان از گوشت (گوشت جا وڏا ٽڪرا)
❹ اصل. سياهيا
❺ مهاين= پهلوان= طالبان؛ ٻي پڙهڻي: پئڙا نہ پسين يا ڏسين
❻ ٻي پڙهڻي: "ڪسڻ جو ڪوپُ-الخ".

جِتي حبيبَ هٿن، پري ناٺُڪَ نِيهَ جي
تِتي طبيبنِ، وڃا وِجي وسَري.

**بيت** (٧٦٨)

چوري چَنگُ ٻَنگُ لهي، حبيبنِ هنيوس ❶
ٻُجهان پاڻُ لڳوس، ڪانارئو ڪَرُ ڪٽي. ❷

**بيت** (٧٦٩)

ڪانارِئا ڪُٽڪَنِ، جنين لوهُ لڳَن ۾
محبتَ جي ميدانَ ۾، پئا لالَ لُڇَنِ
پاڻهين ٻَڌن پَٽيُون، پاڻهين ڇڪِئا ڪَنِ
وَتان واڍوڙَئَنِ، رهِي اَڇجي راتڙي.

**بيت** (٧٧٠)

رهي اَڇجي راتڙي، واڍوڙين وَتاءُ
جن کي سورُ سريرَ ۾، گُهتَ مَنجهاران گهاءُ
لِڪائي لوڪاءُ، پاڻهين ٻَڌنِ پَٽيُون.

**بيت** (٧٧١)

ويچارا واڍوڙَ، سدا شاڪرَ سورَ سين
تاڻينِ متي توڙَ، اوري ڪنِ نہ آسرو.

**بيت** (٧٧٢)

ديڳين دوڳَ ڪَڙهنِ، جتي ڪَڙي ڪٽُڪو نہ لهي
تتي طبيبنِ، چاڪَ چِڪندا ڇڏِئا.

**بيت** (٧٧٣)

جانڪي ڪري طبيب، دارون هنَ دردَ جا
هٿئو سي حبيبُ، اُڪوڙئو اَڏَّ ڪري.

---

❶ ٻَنگُ= جائي نشان، چست ديده
❷ ڪانارئو= تير زده.

### [1]بيت (٧٧٤)

ايڪُ پيالو ٻـہ ڄڻا! عشقُ نہ ڪري اِيئَن
ليڪئا جي لِکَڻَ ۾، سي قرب رسندا ڪيئن
هُئڻ ڪِئا هِيئَن، وانجيا، پَسُ! وِصال ڪان. [2]

### [3]بيت (٧٧٥)

ايڪُ پيالو ٻـہ ڄڻا، عشقُ نہ ڪري اَدَا!
اِيَ تان، سائِر! سَـدَ، ڪَيِيَ جا قَوال سين.

### [4]بيت (٧٧٦)

ايڪ پيالو ٻـہ ڄڻا! عشقُ نہ ايئن ڪري [5]
آتِي سي ايڪ ٿئا، گَتا نيہ ڳري [6]
دئِي ڏار ڏري، جو خُلّت خنجرُ آئيو.

### بيت (٧٧٧)

وَحدَہ جي وَڍِئا، ڪِئا ”الا اللّٰہُ“ اَڏَّ
سي ڏڙ پَسِي سَڏّ، ڪِنہ اَياڳِي نہ ٿيي.

### بيت (٧٧٨)

وَحدَہ لا شَريڪ لَہ، جان تو چُوئين ايئن
مَجُّ محمّد ڪارڻي، نِر تون منجها نيهن
تان تون وجئو ڪيئن، نائيين سِرُ ٻين ڪي. [7]

### بيت (٧٧٩)

وَحده لا شريڪَ لہ، جڏهن چيو جَنّ
تن مڃيو محمّد ڪارڻي، هيجان ساڻُ هِنيَن
تڏهن منجها تَنِ، اَوتَرِ ڪو نہ اوِلئو.

---

[1] اصل متن ۾ هي ٽي بيت ”سرود ڪاموڏ“ هيٺ قلمبند ٿيل هئا جتان ڪٽي هت آندا ويا آهن.
[2] هن بيت جي قافين جي اصل صورتخطي: اي، ڪي، هي.
[3] اصل متن ۾ هي ٽي بيت ”سرود ڪاموڏ“ هيٺ قلمبند ٿيل هئا جتان ڪٽي هت آندا ويا آهن.
[4] ساڳيو. [5] اصل. اي ڪري
[6] اصل. ڪتا نيہ ڪري، ٻي روايت: ”جي ڳتا نيہ ڳري“
[7] هن بيت ۾ قافين جي اصل صورتخطي: اي، نيہ ڪي.

**بيت (٧٨٠)**

وَحْدَهٗ لا شَريڪَ لَهٗ، جن اُتوسين ايمانَ
تن ميڙئو مُحمَّدُ ڪارڻي، قَلبَ ساڻ لِسانَ
اُوءِ فائِقَ ۾ فَرقان، اَوَتڙ ڪنهن نہ اولئا. ❶

**بيت (٧٨١)**

اَوَتڙَ ڪنه نہ اولئا، سُتَڙ ويا سالِمَ
هيڪائي هيڪُ ٿيا، اَحَدَ سين عالِمَ
بي بها بالِمَ، آگي ڪِئا اگِهين. ❷

**بيت (٧٨٢)**

آگي ڪئا اگِهين، نسورو ئي نُورُ
لَا خَوفٌ عَلَيهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُونَ، سڄڻ ڪونهي سُور
مولي ڪِئو مَعمُور، اَنگُ اَزَلَ ۾ اُنِ جو.

**بيت (٧٨٣)**

تون چئو الله هيڪَڙو، وائي ٻي مَ سِکُّ
سچّو اکَرُ مَن ۾ سوئي لکئو لِکُ.

**بيت (٧٨٤)**

مروئان، مُوران، پڪٽان، وائي ٻي مَ پُلُّ ❸
هُو هُلاچو هُل، بِاللهِ سندو سڄڻين.

**بيت (٧٨٥)**

سوئي هيڏاهَ، سوئي هوڏاهَ، سوئي مِنّ وسي
تَهين سندي سوجهري، سوئي سو پسي.

**بيت (٧٨٦)**

سو ئي راهَ رَدِّ ڪري، سو ئي رَهَنُماءُ
وَ تُعِزُّ مَنۡ تَشَاءُ، وَ تُذِلُّ مَنۡ تَشَاءُ آهي سڀ اُتا.

❶ ٻي پڙهڻي: ”منجهہ فرقان“
❷ بالمر = لا اُبالي
❸ اصل. مروئا، مورا، پڪنان-الخ.

**بيت (٧٨٧)**

ســو ئي صــلحُ ســڄڻين، ســوئي قوڙائـونِ
وَاللّٰهُ خَيـرُ الـمـالـكِرِيـنِ، اهـو مـيـڙائـونِ.

**بيت (٧٨٨)**

اَڻ کـي عَـيـان نـہ ٿِـي، کـي پـروڙي کـو نـہَ
سَـچِي جِهَڙي سـونَ، مُـنـه نـہ پـيئي ماڙهوئين.

**بيت (٧٨٩)**

اَڻَ کِـي عَـيـان نـہ ٿـيـي، کـي پـروڙي کـونـہَ
اَمُرُ عـطـا جنـه جو، جـان سُـنهونَ ٿيي سـو نـہ.[1]

**بيت (٧٩٠)**

جِنـه سَـرَ سـنـدو نورُ، جيلاهَ سـو سُـنهون ٿيي
تَـيـلاه لَـيـنِ، سُـپـريـن، ڳـالـهہ لـهجي مُـورُ.

**بيت (٧٩١)**

حـبـيـبـنِ هـيـڪـارَ، مـنجـهان مِـهرَ سـڏُ ڪِـئو
مـون ڪـي ســيَ چـمـارَ، اورڻُ اُهـو ئـي ٿـئـو.

**بيت (٧٩٢)**

پِـاپـوهـي هـيـڪـارَ، مـون ڪـان پُـڇـئو سَـڄَـڻين
اَلَسـتُ بِـرَبِّـكُـمْ، چَـيـائـون جـنـهـن وارَ
سَـنـدي سَـورَ ڪِـنـارَ، تَنَ تَـڏاهَـڪُـون نـہ لهي.

**بيت (٧٩٣)**

عشــقَ جي اَسـبـابَ ڪـي پَـر ۾ پـڇـئـائـون
آخَـرُ ”والـعَـصــرِ“ جــو اِيـهَـيـن اُتـائـون
تِـهـان پـوءِ آئـون، سِـڪـان ٿـي ســلام ڪـي.

---

[1] ٻي پڙهڻي: ”جان سو سُنهون سو سون.“

**بيت (٧٩٤)**

سِڪين ڪُه سَلامَ کي، ڪَرين ڪُه نہ سَلامُ
ٻِئا دَرَ تن حرامُ، اِيُ دَرُ جَنِي ديکئو.

**بيت (٧٩٥)**

مِتايان مِنو گهٽو، ڪَڙو ناه ڪَلامُ
سُڪُوتُ ئِي سَلامُ، پِريان سَندي پارَ جو. ❶

**بيت (٧٩٦)**

پِريان سَندي پارَ جي، مِڙئا مِتائي
ڪانهي ڪَڙائي، چَکِين جي چيتُ ڪري.

**بيت (٧٩٧)**

قُربُ ڪِبرياءَ، ماءَ مُلاقِي نہ تيي
صوفيَ جي صُلحَ ۾، پورو اِيُ پَرياءَ. ❷

**بيت (٧٩٨)**

صوفِي سالم سي ٿيا، جي اَکثر سين اَڏيارَ ❸
بازي بازيدن کي، آهي اَويسارَ
پِريا سين پَهڪارَ، رِندِيءَ رَساٽي ڪئا ❹

**بيت (٧٩٩)**

”صوفِي لاڪوفِي“، ڪونَ ڀائيس ڪيرُ
منجهيان ئِي مَنجهه وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ
جنين ساٽس ويرُ، تيي تنين جو واهَرُو.

**بيت (٨٠٠)**

صوفِيءَ سيرُ سين ۾، جئن رڳن ۾ ساه
سا نہ ڪري ڳالهڙِيَ، جئن پريون پروڙي پساه

---

❶ اصل سڪوتوئي. ٻي پڙهڻي: ”سڪوتان-الخ“
❷ پرياءَ = سراغ
❸ اڏيار = مخالف
❹ پهڪار = معرفت.

آهِــس اِيُ گـنـاهہ، جـي ڪـا ڪَـري پَـڌِري.

**بيت (٨٠١)**

ڏِنـي ڏُڪـويـا، اَڻ ڏِنـي راضـي ٿـئـا
صـوفِي تي ٿئا، جئن ڪِينَ ڪنيائون پاڻ سـين.

**بيت (٨٠٢)**

ٿُـنـدُمَ ٿَـاءِ ڪُـٿـاءِ، ٻـوڏُ چـوئـنـي جِـيُ چـوءِ[1]
جي يـائـيـيـن پـري مِـڙان، تـہ ڏُوهـنـئـون گُـنَ يـاءِ.

**بيت (٨٠٣)**

جـنـي سَـنـديءَ ٻـوڏَ ۾، يَـتـو يَـتـيـن جـيُ
اوڏا اڏي پَـڪَـڙا، تَـونَ تـنـي سـيـن تـيُ.[2]

**بيت (٨٠٤)**

جـنـي سـنـدي جِـيَ ۾ يَـتـو يَـتـيـن ٻـوڏُ
کـهـڙو ڪـريـيـن ڪـوڏُ، هِـيَـان پَـسـي تَـن ڪـي.

**بيت (٨٠٥)**

ويـتـي جـِنـي وَتِ، ڏُڪَـنـدو ڏادو تـيـي
سـا مَجِلس ئِي مَـٿِ، جي حـاصـل هوءِ هَزارَ جو.

**بيت (٨٠٦)**

وَيـتـي جِـنـي وَٿُ، ڏُڪَـنـدو ڏُور تـيـي
تـون! تِـنِـيـن سـيـن ڪَـٿِ، اوڏا اَڏي پَـڪَـڙا.

**بيت (٨٠٧)**

ڪـوئـڻُ قَـريـبَـنَ جـو، عـيـنُ تَـڙڻُ آهِ
اِيَ اُلـتـي ڳـالَـهـڙِي، سِـڪَ وَرَنـدِي سـاهِ

---

[1] ٻي پڙهڻي: ”ٻوڏ چوئنين“ ٻي پڙهڻي:
”ٿـنـڏ مَـٿـاءُ ڪـٿـاءُ، ٻـوڏ چـوئـي جي چـوءِ
جي يـائـيـيـن پـري مـڙان، نَـڏوهَـن گـن يـاءُ.“

[2] ٻي پڙهڻي: ”تون تني سين پيُّ“.

آسَـــرَ هَــڏِمَ لاهِ، چِــنَــڻُ ڳَــنــدِيَــڻُ اُنِ جــو.

**بيت** (٨٠٨)

ڪَـمُ! ڪَـــــمَــنــدنِ ڪــتـيــو، هــارايــو هــورنِ ❶
چڪـئو نـہ چُـنـدنِ، هو جو ســاءُ صــبرَ جو. ❷

**بيت** (٨٠٩)

ڪَـــــمَـدَڙَن گَـر ڪِـن، چُـنـدڙ چگَّـا نـہ ٿـئا
ويـرنـئـون ويـڏُ پَـئـي، هـٿِ نـہ اَچـي ڪِـيـن. ❸

**بيت** (٨١٠)

ڪَـمـي ڪَـمـي نــهـارِ تــون، ڏمــرَ پــاســـو ڏُڪَّ
مَـنجهـان صَـبرَ سُـڪَ، جي سَـوارئـا سُـجهين.

**بيت** (٨١١)

نَــمِــي ڪَــمِــي نــهــار تَــون، ڏَمَــرُ ڏو لائــو
ٿِـــيَـين ســاچـائـو، جي اُپِيين اِنهيءَ پيرَ تي ❹ .

**بيت** (٨١٢)

ڏمـرَ پـاســو ڏڪَ ســيـن، ڪــانــد ڪــٽوري هــوءِ ❺
وَاللهُ مَـعَ الصَّــابِـرِيــنَ آگــو اِيَــهِـيــن چــوءِ.

**بيت** (٨١٣)

وِجــڻ دَرِ دوســـتــن جــي، هَــرَ هَــرَ هَــرڙائِــي،
پــاڙي ڏانــه پــريــنِ جــي، اُجــهــ مَ آوائِــي ❻
اَلــڙِ ٿِــي مَ آچِ تــون، واتــاڙُوئــن وائِــي

---

❶ ڪم=صبر ڪن، ڪمندن= صبر ڪننده
❷ ٻي پڙهڻي: ”هي جو ساءَ-الخ“
❸ اصل. ويرن
❹ ٻي پڙهڻي: ”اهو ساچائو-الخ“
❺ ڪاند=حلم
❻ اصل. ”اجم اوائي“

لائيـنـدي، لَطِيفُ چئي، سُـــوران سَـــرهـائِـي ❼
ڳُـجـهـو ڳـالِـهـائِـي، پِـرتِ وَتـجـي پـاڻ ۾.

**بيت (٨١٤)**

جي تَتو تَنُ تنُورَ جئن، تہ چَندي سـاڻُ چَماءِ ❶
آٽــي آڳ اَدب ســيـــن، ٻـاري جـانِ جـلاءِ
ٻُـرقـئـان اَنـدر ٻـازيـونِ، پـنـهـنجـون سـبِ پـچـاءِ
لُـچَـڻُ لـئي، لَـطِـيـفُ چـئي، پَـڌرِ هَـڏَ مَ پـاءِ
مـتــان لــوک لَـکـاءِ، وصـــالان وڃ پَـئـي.

**بيت (٨١٥)**

ڏُوڏا! تــون نــہ ڏَئِـيــن! آڳ اوڏو تـي نــہ وهـيــن
اُلان جي عشــق جـا، ســيَ تـان تـون نـہ سَـهـيـن
اجـا تـــو چَـوئِـيــن، تـہ آئـون آڳـرو آهـيـان.❷

**بيت (٨١٦)**

ڏءُ ڏءُ ڏَمـــڻَ وارِ، اڄ پـــڻ آڳـــڙيـــن ۾
ٻـاري مـــڇ مَـجـاز جـو، اوتـئـائـون اڱـارَ
ڏُوڏئـان تِـيُ مَ ڏارَ، جِمَ کَچو رُکُ کـٽِيُون تـيي.❸

**بيت (٨١٧)**

اُجـهـايـو ٻـاريـنِ پـريـنِ، ٻـارئـو اُجـهـائـيـنِ
مـون کـي تـا مـاريـنِ، لُـونـهـان لُـهـارَن جـا.

**بيت (٨١٨)**

ڏُکـيـن ڏاتِ پـئـو، هِـيـنَـڙو لُـهـہُ ســانـڌاڻ جـئـن
وِرچِي تـان نـہ وئـو، ســنـيـاري کـي سـڄَّـٽـيـن.

---

❼ اصل. ائين.
❶ اصل. ننور...... چماءِ
❷ اڳرو= پيش رو
❸ ٻي پڙهڻي: ”متان کچو رک کڙيون کري.“

**بيت** (٨١٩)

سُرُ سانداڻ ڪري، پڇج گھرُ لھارَ جو
ڏَڪنِ هيٺ ڏري، ماڻ گڏينيئي رُڳَّ سين.

**بيت** (٨٢٠)

سَهي جئن سانداڻ، ڏُکِن متي ڏَڪَڙا
وَهِ وڃايو پاڻُ، ڏيان ڏُوائون ڏونگرين ❶

**بيت** (٨٢١)

آئَ پَرِ اڳارنّ، بَڏائِين بَرن جي ❷
اجان لُهارنّ، ميڙي رکيا مَچَ کي ❸

**بيت** (٨٢٢)

چڙهيو چَڪاسِين چاءِ، آگ بَرنِدي آئيا
وهُسَنِ واڙي قُلَ جئن، مَحبّتي مَچَ لاءِ
آٽي پاڻُ اڙاءِ، ڪٽي ڪوري وچَ ۾.

**بيت** (٨٢٣)

ڏڳايوم ڏَئين، جيرو اندرِ جندَڙي
لڳي شَيخَ وُجودَ ۾ سَندي نيه نئين
مُشاهدي تَهين، مون ڪي وڌو مَچَ ۾.

**بيت** (٨٢٤)

اجا تَنُورا، ڪالهه ڪڍيائون سڄٽين
پڻ تاٽيائون تڪڙو، وحدت جي وَڍا
محبتين متان، مچُ مُورائينِ نه لهي،

**بيت** (٨٢٥)

پَتنگن پَهُ ڪيو، مِڙئا متي مَچّ
پَسِي لَهسَ نه لِچئا، سَڙئا مَتي سَچّ

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”ڏي ڏٻائون ڏونگرين“ ڏوائون= جستجو
❷ ٻي پڙهڻي: ”آءٌ ٻر-الخ“
❸ ٻي پڙهڻي: مچ لئي.

سندا ڳِچين ڳَچ، ويچارن وچائِيا.

**بيت (٨٢٦)**

پُڇُ پَتنگن کي، سنديُون کامَڻَ خَبَرُون
آٽِئو وجَهِن آڳِ ۾، جيءُ پَنهنجو جي
جيري جِنين جي، لَڳا نيزا نِيهَ جا!

**بيت (٨٢٧)**

جي پتنگُ چائيين پاڻَ کي تہ ٻيري پئو ٻاٽي
تان تاٽج تيڏهين جان آڳ نہ اجهاٽي
وِسَہُ وِهاٽي، آڳِ نہ ڏج عامَ کي.[1]

**بيت (٨٢٨)**

جي پتنگ چائِيين پاڻَ کي، تہ اَچي آڳ اُجهاءِ
پَچَڻَ گهڻا پَچائِيا، تون پَچَڻَ کَي پَچاءِ
واقُف ٿِي وِساءِ، آڳِ نہ ڏِجي عامَ کي.

**بيت (٨٢٩)**

هَي هَي وَهي هُوءِ، مَنَ ۾ محبوبن جي
جيرا جوشن کانئيا، ٻُکِن مُکِي ٻوءِ[2]
اچي پَسو روءِ، جي آئِين ويساهِ نہ وِسَهو.

**بيت (٨٣٠)**

هَي هَي وَهي هاءِ، من ۾ محبوبن جي
جيرا جوشَ جلائيا، ٻکِن ٻري ٻاهِ
پسو مچَ متاءِ، جي ائين ويساهہ نہ وسهو.

**بيت (٨٣١)**

کاندين ٿاندين ٻاٻُرين، مَرُ جان پچان پيئِي
جيرا، جِگَرَ، ٻُکِيُون، سيخُنِ ۾ ٽيئِي
ويجَنئون ويئِي، ٿِي وهِيٺِي سَڄَٽين.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”هو وهاٽي-الخ“

❷ ٻي پڙهڻي: ”جيرا جوشن چلائيا-الخ“.

**بيت** (٨٣٢)

هارِئا ويڄَ مُياسِ، جِئَن تون خبر نہ لهين
پِريان کي چُونديا سِ، تہ تَرَسُ طبيبن جِڏئو.

**بيت** (٨٣٣)

ترسُ طبيبنِّ، آهي اَگَهن جو گهٽو
کِئوسُ ويڄنِّ، تان کِريَ ري کِينَ ٿئي.

**بيت** (٨٣٤)

ويڄنِ سين وائيَ پئا، کِري نہ کئائون
جي پَندُ پاريائون، تہ سِگهائِي سَگها ٿئا.

**بيت** (٨٣٥)

ويڄن سين وائيَ پئا کِري کَنِ نہ پاڻَ
اَگها اِنَ اُهڃاڻَ، پَسو سُور سِجهائيا.

**بيت** (٨٣٦)

پاڙي ويڄَ هئامِ، تان مُورِ نہ پُڇئا
تيلاهين پئامِ، موريسَرَ اکين ۾.

**بيت** (٨٣٧)

تَرَسُ طبيبنّ جو جَڏَهِن کِئو نہ جاتِ
جو ويڄنِ جي واتِ، دارون تِهين دُور ٿئا.

**بيت** (٨٣٨)

وهَڻّ ويڄن وٽِ، جي سِکين تہ سگهو ٿيين
اَڳين عادتَ مَٽِ، تہ اگها عاجُزُ نہ ٿيين.

**بيت** (٨٣٩)

اگهائِي سَگها ٿئا، جي ويتا وٽ ويڄنّ
تہ تَرسي طبيبنّ، چيتي هونَدَ چڱان کِئا.

**بيت** (٨٤٠)

گهايَلُ گَهران کَڍئو، تڙي طبيبنِّ

تِنه جا چِڪئا چاڪَ چِيھُون ڪري، ڪَڙيُون مور نہ ڪَنّ
دوســـتَ درســـنَ تـهـنجـي، وڌو نـارُ تَـپَـنِّ
وِرِچِـيـو ويـجَ وَجِـنِّ، آءُ پِـريَـمِ تـہ اُٿـيـان.

**بيت (٨٤١)**

جـان جـان نـاهِ ضـــرورُ، تـان تـان نـاهِ طـبـيـبُ
جُســـي سَـرِئـو ســورُ، تـہ ڪَـرُويـجُ وَرِ پـئـو ❶

**بيت (٨٤٢)**

ويـجِـنِ ويـنـيـئـي، دوســـت پـيـهـي دَرِ آئـيـو
صِـحَّـتَ جـي ســـريـرَ ۾ ڪَـلَ ڪَـريـن پـيـئـي
پِـيـڙِ پـري ويـئـي، اچـڻَ ســـاڻَ عـجـيـبَ جـي.

**بيت (٨٤٣)**

اُٿـيـاري اٿـي وئـا، مَـنـجـهـان مُـون آزارَ ❷
حـبـيـبَ ئـي هَـٿِـي ويـا، پـيـڙا جـي پَـچـار ❸
طَـبـيـبـن تـوارَ، هَـڏِ نـہ وَٽـي هـاڻِ مـون. ❹

**بيت (٨٤٤)**

هَـڏِ نـہ وَٽـي هـاڻ تـو ويـجِـنِ جـو وصـــالُ
هِـنَ مـهـنـجـي حـالَ، حـبـيـب ئـي هـادِيَ تِـئـو.

**بيت (٨٤٥)**

حـبـيـبُ ئـي هـادِي تـئـو رَهـنَـمـا راحـتَ
پـيـڙا نـيـائـون پـاڻ ســـيـن لائـي ڏيـئـي لَـتَ
سُـــپـيـريـان صِـحَّـتَ، ڏِنِـيَـمِ مـنـجـها ڏُڪـنـدي.

**بيت (٨٤٦)**

ڏُورِ ڏُڪَـنـدو اُو تـئـي، هـادِي جـنـه حَـبـيـبُ ❺
تـرُ تَـفـاوتُ نـہ ڪـري، تـنـهـنـڪـي ڪـو طَـبـيـبُ
رَهَـنُـمـا رَقِـيـبُ، ســـاتَـرِ آهـي سُـــپِـرِيَـن.

**بيت (٨٤٧)**

ســـاتَـرِ صِـحـتَ سُـــپِـرِيـن، آهـي نـہ آزارُ

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”جو سرئو سور-الخ“ ❷ اصل. آزار
❸ اصل ”پيڙائي جي پچار“ ❹ ٻي پڙهڻي: هاڻ ٿي. ❺ اصل. ”اور ڏکندو آوتيي“

مجلسَ وير مِتو ٿئي، ڪونينديَ قَهارُ
خَنجرُ تنه خُوب هٽي، جنه سين ٿيي يارُ
ساڄن مون ستارُ، سوجهي رڳون ساهَ جيون.

**بيت (٨٤٨)**

تو جني جي تاتِ، تن پڻ آهي تُهنجي
’فَاذْكُرُونِي اَذكُرَ كُمۡ‘، اِيَ پَرُوڙج بات
هَتِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پرين جي.

**بيت (٨٤٩)**

سيئي سورَ طبيبَ، تَني سُورَن سَجَّ ڪِئي ❶
جو لڪئو هُتِ، لطيفُ چئي، سوئي ڪَنِّ قريبَ
جي نوازِئا نصيبَ، دارونءَ سي دُرِستُ ڪِئا.

**بيت (٨٥٠)**

چاٽي ٻُجهي جَنّ، توسين سورَن سَجَّ ڪئي ❷
تون ڪئن سنديون تَنِّ، پَرَ سين پچارون ڪريين.

**بيت (٨٥١)**

جيڪِين ڏنائون سو سِرُ ڏيئي سَهُہ جندَڙا
مَ چئو چنائون، اِيُ پُڻ ڳنديئو سجڻين.

**بيت (٨٥٢)**

جيڪين ڏنائون، سو مون ڳُٽِنِ ڳَندِ ٿئو ❸
مون ڪي پچئائون، ٿوڪي اِنهين ٿوڪَ سين ❹

**بيت (٨٥٣)**

ڪُهي سو ڪَرَ لَهَي، ڪوني سو قَريبُ
اِها عادتَ سِڪئو، هَر زمان حبيبُ
تِجي سو طبيبُ، سوئي راحتَ رُوحَ جي.

---

❶ اصل "سور سج ڪئي."
❷ ساڳيو.
❸ اصل "ڪن ڪندِ ٿئو"
❹ اصل. "ٿوڪي اِنه ٿوڪس."

**بيت (٨٥٤)**

ڪُهَنّ تان ڪَرَ گهران، جان ڪَرَ لَـــهَنِ تان ڪُهَنّ؛
ســيِئِي مون! مُهنِ، ســيئي راحتَ رُوحَ جِي.

**بيت (٨٥٥)**

ڪُهي ســو ڪَرَلهي، ڪوٺي ســو ڪَهي
ســو ئي مون مُهي، ســو ئي راحتَ روحَ جي.

**بيت (٨٥٦)**

وَڄَنِ ويلَ سَـيَڪَنهين، رَڳُون تيون رباب
لُڇَنُ ڪُڇَنُ نـ ڀَئو، جانبُ ري جَوابُ
سو ئي عينُ عَذابُ، سو ئِي راحَتَ رُوحَ جي.

**بيت (٨٥٧)**

ڪُـتيس ڪُوپچَنّ، تَنَ طبيبَ نـ گڏئا
ڏيئي ڏنيَ ڏڏَنّ، پاٽان ڏِيلُ ڏڪوئِيو.

**بيت (٨٥٨)**

حبيبُ تون، طبيبُ تون، تونهين دارُون دَردَن
تون ڏيين، تون لاهِين، ڏاتَارَ! ڪي ڏُکندَنَ
تڏهن ڦَڪِيُون فَرَقُ ڪن، جڏهن اَمرُ ڪرهو اُنِ ڪيَ.

**بيت (٨٥٩)**

حبيبُ تون، طبيبُ تون، تونهين دَردَ جي دَوا
جانِبَ! مهنجي جيءَ ۾ آزار جا اَنواع [1]
صاحبَ! ڏيين شِفا، ميان! مريضنِ ڪي.

**بيت (٨٦٠)**

حبيب تون، طبيب تون، تونهين دردن دَبُّ
تون ڏيين، تون لاهيين، تونهين هادي رَبُّ
آهِمِ اِيُ عجبُ، جئن وارئو ويچَ وهاريين.

**بيت (٨٦١)**

[1] ٻي پڙهڻي: ”ميان! منهنجي من ۾“

حبيب تون، طبيب تون، تونهين دردَ جو دارون
دوا آهين دل کي، تُهنجون تَوارون
ڪريان تي ڪارُون، جئن ٻُڪي ٻئنون نہ ٿيي ❷

**بيت** (٨٦٢)

ڪئو سڏُ صحتَ ڪي، آگهن مِڙي اڄُ ❶
ڏُورِ ڏُڪندا يَجُّ، مِهرَ مُنهُ ڏيڪارَٽو ❷

**بيت** (٨٦٣)

عاشقَ! معشوقن جِي، وِٽي ويهُ ڳَرِي
جمَ ورچي چِڏيين، سَنڌِي دوست دَرِي
ڏِيندءِ ٻُڪِي ٻاجَه جِي، ويندءِ تَپَ ٽَرِي
اَسان تان نہ سَرِي، توکي سَرِي سپرين. ❸

**بيت** (٨٦٤)

عاشقُ معشوقن جو وِٽي وهج دَرُ
پرين پڇندءِ پاڻهين لهندءِ سَرُ سُيَرَ
اُني جو اَثَرُ، رهبرُ تيندوءِ راهَ ۾.

**بيت** (٨٦٥)

عاشق معشوقن جو، وِٽي وهج سيرُ
اڇي پڇندءِ پاڻهين، پَرئان يَري پيرُ ❹
پرين يري پيرُ، رهبرُ تيندوءِ راهہ ۾.

**بيت** (٨٦٦)

عاشِق معشوقن جو، وِٽي وهج گهٽُّ
جمَ ورچي چِڏيين ڪَلالَڪو هَٽُّ
اَيِيجِ وِجي اُتهين، جت موکيَ سندو مَٽُّ

---

❷ ٻي پڙهٽي: ”ڪيم تي ڪارون-الخ“
❶ ٻي پڙهٽي: ”اگهن اڇي اڄ“
❷ ٻي پڙهٽي: ”مهري= کننده“
❸ ٻي پڙهٽي: ”توکي سري سپرين.“
❹ ٻي پڙهٽي: ”پري پري پير“
❺ اصل، سِرُ جو

ڪري سِرَ جو سَٽُّ، پَيِج ڪي پيالون. ❺

**بيت (٨٦٧)**

عاشق معشوقن جو، وٺي وهج رَنُّد
پياريندءِ پاٽهين ميخاني جو مَنڌُ
سَرو اُن جو سَقرو سُپَڪُ آهي سَنڌُّ
متان ڪَڌهين ڪنڌَّ، اوڏو ٿي اُن ڪي.

**بيت (٨٦٨)**

عاشقَ معشوقن جو، وڃِي ويهہ دُڪانُ
پَئيج پيش پريُن جي، پُنِتي وجهي پاڻُ
تہ تون تنِين ساڻُ، سدا رهِين سُرخُرو.

**بيت (٨٦٩)**

ڪاتِيَ ڪونِہ ڏوهُہ، گُنُ وڍِيندڙَ هٿَ ۾
پَسئو پَرِ عظيمَ جي لچئو وجي لوهہ
عاشقِ اَندوهُہ، سدا معشوقِن جو.

**بيت (٨٧٠)**

جان وڍِيين تان ويهہ، ناتہ وٺئو وات وانءُ تون ❶
هي تني جو ڏيهہ، ڪاتي جن جي هٿ ۾ ❷

**بيت (٨٧١)**

ڪاتي جَنِ ڳَري، مان لَئُہ لڳو تَنِ سين
محبت جي ميدانَ ۾، وَڃَهُون پيرُ پري
اڏي سِرُ ڏري، مان ڪُهَنِ سُپرين.

---

❶ اصل. ”واءُ تون“
❷ ٻي پڙهڻي: ”ڪات جني جي هٿ ۾.“

### بيت (٨٧٢)

مـحـبـت جـي مـيـدانَ ۾، اچـي پـيـرَ پـاءِ
سِـرُ وڍِڻ، ڏَڙُ ڏارَ ڏَرَڻُ، اي سـيـنـگـار سـنـداءِ
ڏِيـنـدا مـون ڏِنـاءِ، مـتـان مـعشـوقـنِ لـئـي. ❸

---

❸ اصل. ڏنا.

# سر ودسراڳ

**بيت (٨٧٣)**

پاڻِـــيَـتَ جي پَرَکَـڻا، وڃن مَ وينجهارَ ❶
ڪجل پائي اَکِـــيين، لَـــهَن سَـيَکَنهن ســارَ
مـوتِـيءَ جي مِـزاجَ جـو، قَـدرُ مَـنجهہَ ڪِـنارَ
صَـــرافَـنِـئُون ڏارَ، ماڻِـڪَ مُلاحِظَـو ٿِـيـي ❷

**بيت (٨٧٤)**

اَمُـلَ آڇِ مَ اُن ڪـي، جـي نـہ پَـرُوڙيـنِ مَـت
جـتِ گَـڏِجي جوهَـرِي، ماڻِـڪُ ٽـتَـهـيـن مَـٽِ
جنِي سـونَ سـين سَـٽِ، تِن ريءَ هَٽِي رَدِ ڪيو.

**بيت (٨٧٥)**

جُـه صَـــرافَـنِ لَـڌِيـو، تـہ تُـون پڻ لَـڌِ ســونَ
قَـدرُ لَـــهَـندُءِ ڪونَ، نيئِي گَـڏِينـدَءِ گَـڏُوءِ سـين.

**بيت (٨٧٦)**

سـونـا، وانءَ صـرافَ سـين لـڏو هَـڏَ مَ لاهـہ ❸
آهـي تَـنِ اُنـداهِـہ، جَـنِ جـواهَـرَ ضـايَـع ڪِـئا.

**بيت (٨٧٧)**

هِـيرو لالَ ونـڌِيـنِ جي، وئا ســي ويـنـجـهـارَ
تَـني سَـنداَ پـوئِـيـان، سِـيهي لَـــهَـنِ نـہ ســارَ
ڪُـٽِـيـنِ ڪُـٽِ لُـهـارَ، هـاٽـي اُنـي پـيـٽـيـين.

---

❶ پاڻيت=مرواريد
❷ اصل. ”سرافن ڏار“
❸ اصل. واءُ.

**بيت (٨٧٨)**

ماڻِڪُ، مُندَ هَٿان، پيتيءَ ۾ پُرزا ٿئو
سَچو جان، سَيِّدُ چئي، لَهي لَڪُ سَوا
ڀَڳي ڀُڄاڻا، ڀَڏمائين ڀَري ٿئو.

**بيت (٨٧٩)**

اَمل اساري ڀَئي، ڀوري ڀڳوءِ جت
ڪُه نہ رنوءِ تِتِّ، ڀئي اَڏَ هٽِ ڪري.

**بيت (٨٨٠)**

اَملُ اساري ڀئي ڀوري ڀڳوءِ جيئن
وانءُ صرافِن سينئن، ڀئي آڏَ هٽِ ڪري ❶

**بيت (٨٨١)**

جتي ماڻڪَ ماڳُ، تتي چوران تَڪيو
سنئون تَنِ سياڳُ، املُ جَنِ اوباهِيو.

**بيت (٨٨٢)**

ماڻڪن موٽَ تي، اگهئو ڪائو ڪَچَّ
پَلئي پايو سچّ، آچيندي لَچَّ مَران. ❷

**وائي**

عُمرِ سڀ عَبَثّ،
ويرَ وڃايَمِ، وقتُ وڃايم پهنجو
ويتي لڪئو لوڙيان، جيڪِين ڪِئو مَسَّ
اچي اَياڳِڙ ڪي رَهبر اَچي رَسَّ ❶
حال مُهنجو هھڙو تان تون پريَمِ پَسَّ
قلب ڪارو جو ٿئو سو تون ڪاتِبَ لاهج ڪَسَّ.

---

❶ اصل قافيا: "جي-سي"
❷ بي پڙهڻي: "آڻيندي لج مران"
❶ اصل. رسج اچي رس.

## بيت (٨٨٣)

جو ڪَپَرُ سوءِ ڪَنَنِ سين، اَڇي سو ڏٺوءِ
سُتي لوڪ لَطِيفُ چئي، سو ياد نہ ذرو ڪيوءِ ❷
غافِلُ ٿي غُرابَ ڪي، اوڙاهَ تي آندوءِ
سو ڇتَرُ ڇُهي ڪان رَڪِين! جو پيو پُراڻو پوءِ ❸
جهازُ ضَعيفَنِ جو، پاڻيءَ ۾ پَرتوءِ
سَيِّدُ! ساٿُ سندوءِ، پُر بَندَرِ ۾ پهچائِيين.

## بيت (٨٨٤)

موتِي مون نہ وَٽِجئا، ڪائو ڪَمايومِ،
سيهي جو سَيِّدُ چئي، وَڪَرُ وهايومَ
هَهڙو حالُ سندومِ، توهَ تُهنجي اُبهان.

## بيت (٨٨٥)

يَڳَمِ عَهدَ اَللهَ جا، ڪَچُ ڪَمايمِ ڪوڙُ
پچرو جو پاپَن جو، سو چوٽِيءَ تائين چُورُ
مَعلومُ اَٿئِي مُورُ، ڳُوڙها! اِنهين ڳالِ جو. ❹

## بيت (٨٨٦)

اُتي اورِ اَللهَ سين، ڪُوڙُ ڪَماءِ مَ ڪَچُ
ڪَڏُ تُون دَغا دِل مان، صاحِبَ وٽي سَچُ
مَنَ ۾ محبتَ جو، ماڻِڪَ! بارِجِ مَچُ
اِنَ پَرِ اُتي اَچُ، تہ سَودو ٿِيي سَقرو.

## بيت (٨٨٧)

سودو اِهو ئي سَقرو سو مون پَلئہ پاءِ
وسُ ويچاريَ ناهہ ڪو، آگا عرضُ اوناءِ
رءَ همراهي هادي جي مورِ نہ مِڙين ماءِ

---

❷ بي پڙهڻي: "ذرو نہ زاد ڪيوءِ"
❸ بي پڙهڻي: "ڪان رکي"
❹ ڳوڙها=سڳورا

لُطفَ ساڻُ لنگهاءِ، لَهرون لَهرن وچؚ مان.❶

**بيت (٨٨٨)**

منجهان پيي مَڪُري ڪا جا پاڻيَ پڳَ
وڪَرُ هَٽِي وَٽِڪَ، ڳَتِجي ڪارو ٿئو.

**بيت (٨٨٩)**

منجهان پيي مَڪري، ڪا جا پاڻي بوندَ
سيئي ڏَنَم رُوندَ، وڪرُ جَنِ وڃائيو.

**بيت (٨٩٠)**

وَڪَرُ سو وهاءِ، جو پَئي پُراڻو نہ ٿِيي
ويچيندي ولاتَ ۾، ذَرو ٿيئي نہ ضاع
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آڳِہ جَهين اُبَهين ❷

## وائي

ڪَنڊِي سارِيان ڪانَ، يا اَمَنُ اَمانَ!

اي اِلٰهي، يا الٰهي، ٻاجهہ ٻيلاتِي ٻائِيان.
ڳَڻَڻَ ڳاڻيٽو ناه ڪو، اَپَر ٿَيا عِصيانَ
خَبرَ ناه خَبرَ جِي، نِسورا نِسيانَ
والِي! رَسج وَهِلو، اَرَڳَ ٿئا اَنسانَ ❸
سُڻُ تون سَپاجها سُپِرين، نَعرو نِگهبانَ
مَنڊِيُون پَسي مهنجون، شَرمايا شَيطانَ
هِنَ مهنجي حالَ تي، هَي هَي ڪَن حَيوانَ
سائِين! سُڪاڻِي آهِيين، سامُونڊِي، سُبحانَ
تُرَهو چِنُو تارِ ۾، رَسج تون رَحمانَ
ٻيلِي جو ٻُڏنِ جو، مون تي موٽي مانَ

---

❶ لهرو= ڪشتي خورد.
❷ ٻي پڙهڻي: 'جهني ابُهان'
❸ اصل. 'اركہ ٿئا'

ويتو پني پنڌو، ڪَر پيرو متي پانَ[1]
خالِقَ تان خُوبُ ڪيا، گولِن جا گُذرانَ
آئُون پڻ اَندوه اُن ۾، ويتو پنان پانَ
سُوالِي سَمَگِيا، داتا ڏيئي دانَ
ولها سڀ وَنهيا ڪِيا، تهنجي جُودَ، جُوانَ
مَتان مُونکي ڇَڏِيين، ٻيلِي سندا ٻانَ
ويرَ! وَسيلو آهيين، داڙوُ ۾ دِيوانَ
لَاءِ ڏوهارين ڏينه ڪي، خِيمو اَڏئو خانَ[2]
اُتي عَبۡدُاللّطِيفُ چئي، سُٽِج ڪا سُلطانَ!

**بيت (٨٩١)**

ڪرقُلَ قوتا، پارچا، پاٽيَتَ پاتائُون
ڪونيُون قِيمَتَ سَندِيُون، تَرَ ۾ تاڪئائُون
لاجُئن مَنجهه، لَطِيفُ چئي، ٻيڙا ٻَڌائُون
نَظَرُ نَبِيءَ ڄامَ جو، ڇَڙهنديَ ڇَيائُون[3]
جي ڇُهي ڇوڙئائُون، سي ٻيڙيُون رَکِين ٻاجهہ ۾.

**بيت (٨٩٢)**

ٻيڙي تُهنجي ٻاجَ، وکرُ تِنه وصالَ جو
کُوها اولا تو ڪيا سڀ سونَهارا ساجَ
اُتِ ڪا مُعَلّمَنِ مجالَ، جِتَ پُورَڻَ وارو پاڻهين.

**بيت (٨٩٣)**

مُعَلّمَ ميڙئو خبرون اورئائين آڻين
سا سُدِ ڪا نہ ڏِينِ، جتي وَهُ ويدَ ڪري.[4]

**بيت (٨٩٤)**

---

1. اصل. 'ڪو پيرو.'
2. ٻي پڙهڻي: "ڏيهِمِي" (1-ڏينه ۾ 2- ڏيهہ ۾؟)
3. ٻي پڙهڻي: نظرَ نبيان جو-الخ
4. ٻي پڙهڻي: "سا سڌ ڪَنهين نہ ڏين"

کهڙو سُکُ سِريہَ تو دَرياءَ کَنڌِي دسَّ [1]
پاڙُون پَنَّ پَهَسَّ، کڏهن کِٽي هٽندوءِ تارَ ۾.

## وائي

ساٿِينِ نَندا بارَ، تن پانڌِينِ نَندا بارَ [2]

تـوکي آرِسُ اَکَـڙيُـنِ ۾!
پاتا پاڙِي وارِيـــــين، پُـکا ۾ پاتـارَ [3]
پَتـنُ ٿـو پُـورَ کـري، آئِي تُـنهـنجـي وارَ
سَجِيُون راتيُون سُمهين، کِيو منجهہ خُمارَ
کِ تَو کَنـين نـہ سُـئِي، کِپر جِي کوکارَ
سائينءَ مُکين سَچَ کي، تون کُوڙو منجهہ قَطارَ [4]
کِ تـو کَنـين نـہ سُـئِي، هلڻَ جي هاکارَ
تـائِـبَ ٿِـي تَـکِـڙو پـروڙ اِيَ پـچـارَ
نـندَ نـہ کـجـي ايـتـرِي، سُـٽِـج اَدا يـارَ
گِهـڙان ٿِـي رِيءَ گَـهـڙِي، الا تُـو اهـارَ
هِي جو شَـکُ شـارِکَ جو، تِهان رَکُ سَـتارَ
کُلُّ نَفْسٌ ذَائِقَةُ الْـمَوْتِ، پَڙهو اِيَ پَچارَ
شِـکارُ تون شَـهبازَ جو، تون تان مَنجهہ شِـکارَ
يَوْمَ يَفِرُّ الْـمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ، جِت پَجَندا پارَ [5]
تُـرَهـو چِـنـو تـارِ ۾، اَچِـج جـئـن اوسـارَ [6]
لَـکَ مِـڙِيـئِـي لُـٽـئـا، هُـنهـيـن وئـا هَـزارَ
ڏِنـــــئي جي اَللهَ کَي تـہ هُـونـدَ پـرئـا بـارَ [7]
جـوتَـنِ مَـتـان جُـٽِ ٿـي، دُنِـــي تُـهـنجـي دارَ

---

[1] اصل ائين. ٻي پڙهڻي: ”درياءُ کندءِ دس.“
[2] نندا = روانہ ساختہ
[3] پکا = خانہ؛ پاتار = قبر
[4] اصل. ”سائي مکه سجکي تن کورو منج کتار“
[5] اصل. پائر
[6] اصل ”جن اوسار“
[7] ٻي پڙهڻي: ”پريئي پار“

جِـيـفـو آهِـي حَـديـثَ ۾، آنـدِيءَ اِي آچـارَ
وَتِـئـوءِ کـيـن ولـهـن سـيـن، کَـنـبـي پَـر قَـهـارَ ❶
سـا کِـئَـن هَـلَـي تـو سـيـن، جـا پَـگِـي کَـان پَـتـارَ
جِـيَـڻ جَـالَ نـہ نِـبَـهـي، سُـٽـــج اِيَ پـچـار ❶
جِـمَ وِسـارِيـن ويـسِـرا پِـتِـيُـن جِـي پُـلـکـارَ.

**بيت (٥٩٥)**

نَـکـو سُـک نَـکَـتـين، نـہ ويـسـانـدِ نَـئـين
جيـکـا اَچِـي سـامُـهـين، پـائِـيـين سـا سَـئـين
مُـوڙِهيين کُہ مَهين، جِئَن سَجِيُون راتِيُون سمهين ❷

**بيت (٥٩٦)**

سُـکـاٽِـيـاه مَ سُـمـهـو، بَـنـدَرِ جـان پَـئـي ❸
کَـپَـرُ تَـو کُـنَ کـري، جِـئَـن مـاتـي مـنـجـهـ مَـهـي
ايـڏو سُـورُ سَـهِـي، نـنـدِ نـہ کـجـي، نـاکُـوئـا!

**بيت (٥٩٧)**

مَـکِ ڏيـهـاٽِـي مَـکُـري، تَـنَ تُـنـيـنـدو واءُ ❹
سـانـبـاهِـي سـمـنـدَ جـي مَـنـان مُـورِ مَ لاه
اَڄُ کِ سـنـجـهـ صَـبـاحَ، اُهـرنـدين اَتـانگـهـ تَـڙِ ❺

**بيت (٥٩٨)**

پُـتـي پـاڙَ مَ مَـکُـري، مـون تـي چـيـوءِ کـانـدَ
سِـڙَه پـراٽـا پـانـدَ، لَـهـريـون صَـحـيـحُ لـگـنـديـون.

**بيت (٥٩٩)**

❶ ولهن= مسکينن.
❶ ٻي عبارت: ”سٽج اي سبحان“
❷ ٻي پڙهٽي: ”که مئي“
❸ اصل. سکاٽياه
❹ ٻي پڙهٽي: ”تن تنيدو آئِ“
❺ ٻي پڙهٽي: ”اج کِ سنجهه سندياءِ“

ڪَپَرَ ڪُنَ ڪارا، لَهرن ليڪو ناهِ ڪو
آچاڙا عَميقَ جا، اَچَنِ اويارا
اُتي اَسارا! وِيرِ وِڙهنديئَ ويسِرا.❶

**بيت (٩٠٠)**

وير وڙهنديئَ ويسرا، اُتي توهُ طَلَب ❷
سَائِرَ ڪِنهِ سَبَبِ، ڪالَ نہ وِڌِ هِن ڪُنَ ۾.❸

**بيت (٩٠١)**

ڪال وڏائِين ڪُنَ ۾، جاڏا جُنگَ جَهازَ
تُهنَجِي اَجُ تَرازَ، آهي آرَ اَڪِنِ ۾ ❹

**بيت (٩٠٢)**

آهي آرَاڪن ۾، ناڪوئا ڪرِ نگاهَ
وڏا ٻيڙا ٻوڙئا سائرَ ڏيئي ساهَ
مَلاحظو ملاحَ، ڪيچِ ڪو اِنهين ڪُنَ جو.

**بيت (٩٠٣)**

مُلاحظو مَهراڻَ جو، مُورِ مَ لاهِ مَنا
سامُوندي! سياڳَ ڪي! سُمَهڻَ آئيو ساءِ
جاڳِي جَرَ مَتا، تاري وانءُ تَرازَ ڪي.❺

**بيت (٩٠٤)**

تاري وانءُ تَرازَ ڪي، مَنجهان مَوجَ، مَلاحَ
دانهُون ڪَنِ درياهَ جيون، اُونهي جا آڳاهَ
سُونهَنِ جي صَلاحَ، وَٽُ تہ وِيرِ لَنگهي وَڃِيين.

---

❶ اصل. وير ورندي
❷ ٻي پڙهڻي: "اتي تون طلب"
❸ اصل. وڏه.
❹ تراز= ڪَشتي خورد؛ ٻي پڙهڻي: "آرا اکن ۾"
❺ اصل. واءُ

### بيت (٩٠٥)

اِنَ ديواني درياهَ جيون، سُونهان سَڏِيون ڏِين
کُوڙَ اوڏائِي ڪِينَڪِين، رُڳو سَچُ سودِين ❶
عِجِزَ جو اَڌَ راتِ ڪَي، وَڪَرُ وِهائِين
سودُ نِباهِيو نِينِ، ثابِتُ اِنهِيءَ سِيرَ ۾.

### بيت (٩٠٦)

لَهرِن لوڏِئا ڪِينَڪِين ثابتُ لنگهئا سِيرَ
وِچي پَهُتا پارَ ڪَي نرتان منجها نِيرَ
ماءِ پَهُتا مير، ٻارِ لنگهئائون ٻاجهَہ سين.

### بيت (٩٠٧)

سوداگر سمندَ جا لاجُو لالَ وٺيج
سڙهہ سنياهي سَغلاتَ جا، کُوها خوبُ ڪٽيج
اَڄا اولا عاجَ جا چِڱا چٽائيج
سَتُ سُڪاٽيين سنباهِ تَون ڇهہ ڇَڄهريون اڏيج
مُلا مُعَلم خبرون پُڇي پروڙيج
سَتِ ساري، سيد چئي، پورِي پُڄائيج
ٻارهن، تيرهن، پندرهن، سترهن سينگاريج
”وَ سَقٰهم ربُّهم شرابًا طَهُورا“ پاڻي پاڪُ پئيج
جِنهن ڪي سڪي سَپُڪو پرين سو پسيج
لُڙَ ۾ ڪِيم لَڏيج، تہ سُتَڙ ٿيين سامنڊي. ❷

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”سيوئي سچُ“.
❷ ٻي پڙهڻي: ”لڙ ۾ ڪيم لُنڊ.............“

# سر ودسامونڊي

**بيت (٩٠٧)**

آئـي اُتـرَ مُـنـدَ، هِـيـيـن اُڏَڪـو نـہ لـهـي
وَٽِـيـنِ لاڄُـوبـنـد، ٻِـيـهـرَ مـڪـيـنِ ٻـيـڙِيـون.

**بيت (٩٠٨)**

لاهِـيـان جـي نـہ چِـتـان، اَلا! اُنِ مَ وِسـران!
مَـڙِهـئـو مَـنجـهـاران، جِيُ مُـهـنجـو جـنَ سـيـن.

**بيت (٩٠٩)**

لاٺُون وايُون ڪَن، ڳـالـهـيـون هلـڻَ سـنـديـون [1]
ڏيـنـدا مـون ڏڪـنِّ، وَهِ وجـهـنـدا چِـنـدَڙو.

**بيت (٩١٠)**

وانءُ وجـي وائـٺِ، هِـنـيَـڙا مـاڳُ پـريـنِ جـو [2]
چُـمـئـو چـم چـائُـٺِ، هـوءَ جـا سـنـدي سـڄـڻـين.

**بيت (٩١١)**

ڳِـريـو جَـهـلـئـو روءِ، مُـهُـري مَـٽـي هَـٽـڙا
ڳَـوءِ! سـودو سَـنـدوءِ، جو تون، ڍوليـا! سِـڪِـئـو

---

[1] ”لاٺُ وايُ“ : ٻي پڙهڻي: ”لاهيدائي ڪن“
[2] ٻي پڙهڻي: ”پرين جا“

**بيت (٩١٢)**

جان وَڻجارو ڪانڌُ، تان مُون هَڏِ مَ لائون لَڏيُون!
پَرَڏِهِ مٿي سانگُ، اَئِي پَهَرَ جِنهِ جو. [1]

**بيت (٩١٣)**

وَڻجارِي ڪانڌاءِ، وَرُ مُون وينِي گهارِئو [2]
لَڳِي اُتَرَ واءُ، ڍولِو هَلڻَ جيون ڪري.

**بيت (٩١٤)**

جي اُهِرئا اڄُ، سي ڪڏهن ايندا مان ڳَرِي
پريان جي هُنَ پارَ ڏي وجي ڏنڪي ڏَڄُ
سامُونديڪو ڏنڄُ، ماءِ مارِيندُمِ ڪڏهين.

**بيت (٩١٥)**

وئا اُهِرِي اوءِ، مُونکي ڇڏي ماڳِهين [3]
جُڳَنِ جا جُڳَ وئا، تِئان نہ موٽيو ڪو [4]
ڳُوندَرُ مارِيندو، ويچارِيَ وِئِنِ جو. [5]

**بيت (٩١٦)**

اُهِرئا جئائِين، ڍُڪَنِ تِن ترائيين!
سامُوندِينِ، سائِين، سُتَرُ ڪريين سامهون.

**بيت (٩١٧)**

اتر لَڳي اُهِرئا، واهُوندي مانَ وَرَن
آئُون گهٽو ئِي گهورِيان، سوڌو سامُونڊِيَن [6]
اَڳَڻِ جن اَچَنِ، عِيدَ وَرتِي اُنِ کي [7]

**بيت (٩١٨)**

اَڳَڻِ آئِيا جان، سَرَتِيُون تان مون سُکَ ٿِئا:
اَمُلَ پِرِيَ هَٿان، ٻَرڪئو ٻئن ڏيان. [8]

---

❶ ٻي پڙھڻي: ”انئي پهر اُن جو.“ ❷ ٻي پڙھڻي: ”وڻجارئا ڪاندا“
❸ اصل قافيا: اوءِ، ڪوءِ مارِيندوءِ ❹ جنڪنجا جنڪ وئا ❺ ٻي پڙھڻي: ”ويچاري“
❻ اصل. سُودُو ❼ ٻي پڙھڻي: ان جي ❽ اصل =ائين.

**بيت** (٩١٩)

نـہ سـي تڙ خوراڪَ، نـہ وايُون وَڻجارَن جُيون [1]
سَـرتيُون سَـامُونـدين جا، اَڄُ پڻُ چڪَئُم چاڪَ
مـارِيـنـِمِ فِـراقَ، پـاڙيـچيُـون پـِرِيُـنِ جـا. [2]

**بيت** (٩٢٠)

سـيئِي جويَنَ ڏينهَن، جڏهن سَـجَڻَ سَـفَر هَلئا
روئـان رَهـنِ نـہ سُـپـرين، آيَـل! ڪَريـانِ ڪِيئن
مُـونـکي چـاڙهي چِيئَن، ويـو وَڻجـارو اُهـِري [3]

**بيت** (٩٢١)

وَرُ وڏائـيـن وَنـجَـهـہ ڪـي، اُلـوڙَنَ نـہ ڏِي
وَڄُ مَر ڦـوڙائـي، ايـڏي سَـفَـرِ، سُـپـرِيـن.

**بيت** (٩٢٢)

پَڳَهـہ پـاسـي گهارِ، آيَـل! سـامُـونـدِيُـن جـي
وِجـهي جِيُ جَـنجـارِ، جِـمَ وَجَـنِـئي اُهـِري [4]

**بيت** (٩٢٣)

پَڳَـهَـہ پـاسـي پَـڄُ، آيَـل! سـامُـونـديُـن جـي
مَـنَ ۾ پـاري مَـڄُ، جِـمَ وَجَـنِـئـي اوهِـرِي.

**بيت** (٩٢٤)

وانءُ وَهـلِـي نِـڪَـرِي، نـنـگُـر جـان نـہ ڪـٽـنّ [5]
مَـڃُـڻ ڏيـهـہ وجـنِ، اَو نـاريـون پـوري نـاڪـوئـا.

**بيت** (٩٢٥)

نـنـگـرَ ۾ نـاريـون، پڳـهَـہ ڪـٽـي پـنـڌ تـئـا
بـنـدر بـازاريـون، سـجـا سـامـونـدِيـنِ ري.

---

[1] خوراڪ = دوستان.
[2] ٻي پڙهڻي: "مارِيندم"
[3] اصل: 'چِيَّ' = وعده
[4] اصل. جنجال
[5] اصل. 'واءُ وهلي.'

**بيت (٩٢٦)**

ننگريو نيٽنِّ، مَنُ اُولِيَ نہ اُهري ❶
سپاجهنِ سيٽنِ، پائي ڳُڻَ ڳرو ڪِئو. ❷

**بيت (٩٢٧)**

هِنيڙو ٻيڙيَ جان، ڏُتڙيي ڏِينہَ تئا ❸
پڇئو تان نہ پِريان، ڪَرَ لاهو تي ڪڏهين.

**بيت (٩٢٨)**

ٻيڙيَ جي ٻُوٽنِّ، نِيہُ نہ ڪِجي اُنِ سين
اُيا ڏکّ ڏِسنِّ، جو سڙهہ ڏيئي سيرَ تئا. ❹

**بيت (٩٢٩)**

وئڙا ڪالَ ڪري، ٻارهين ماه نہ موٽئا
لَڳِي تَنِ ڳَرِي، کِهڙيون هنجهون هاريان.

**بيت (٩٣٠)**

جيڪرَ اچين هاڻ، تہ ڪريان روحَ رُچنديون
آيل ڍولي ساڻُ، هوَند ڳِرِ لڳي ڳالهيون ڪريان.

**بيت (٩٣١)**

جي اچي تہ جهيڙيان، آيلِ ڍولي ساڻُ
لائيئين ڏينہ گهٽا، مون سين ڪِيئين تورڙا ❺

**بيت (٩٣٢)**

ڪُوها ڪالَ ڪٽِّي، وڌائون اُتَرَ آسَري
اَلا جُهري مَر اُن جي، اولي جي اِٽِي
وَٽجارَنِ وَٽِي، وَڪَرُ وِڌو ٻيڙِين.

❶ اصل. "ننگريون نيرن"
❷ اصل. "پائي ڪن ڪرو ڪئو." ٻي پڙهڻي: "پائي ڳڻ ڳهرا ٿيو"
❸ ٻي پڙهڻي: ڏتڙي ڏينہ تيا
❹ ٻي پڙهڻي: "ايا ڏک ڏسن، جو سرُ ڏيئي سير تئا"
❺ ٻي پڙهڻي: "لائيئين ڏينہ-الخ".

**بيت** (٩٣٣)

سِڙهَ تي سِبئائُون، بَندَرَ جَن تَڙن ۾
مُلا مُعلِمَ خبرون، پُڇي پُورئائُون
سُتَڙُ سِوِنائُون، اَوَتِڙ کَنهن نہ اولِئا.

**بيت** (٩٣٤)

سِڙهَ سِجاڻئو چوءِ، ماءِ ساموندي آئيا ❶
مانِ مهنجو هوءِ، جاني هِن جهازَ ۾.

**بيت** (٩٣٥)

ساموندي ساري، ماءَ! مهنجو چنڊڙو
بندرِ ويچاري، وجي لائيا ڏِينهڙا.

**بيت** (٩٣٦)

ساموندي کو سگُ، آهي گوندرَ گاڏَئون
اَنگهنِ چاڙهي آگُ، وئو وڻجارو اُهرِي ❷

**بيت** (٩٣٧)

جا جَرَ جاتون نہ مُهي، ڏِيا نہ موهي ❸
سُڌون کوهُ کري، سا پهنجي کانڌَ جيون.

**بيت** (٩٣٨)

جَر تَڙ ڏيا ڏي، وَڻ ٿَڻ پنڌي وائُٽيون ❹
الا کانڌُ اچي، آسائتي آهيان.

**بيت** (٩٣٩)

اسان اُڏارا، آٽي آوَنگَ چاڙهِئا
مُنه ڏيئِي مُون آتِيا، سَمُهان سِيارا
اُپِرَنِ سيِکارا، پَسُو وَرَ پئن جا.

---

❶ اصل پڙهڻي: ”سر سجانرو“
❷ بي پڙهڻي: ”انگهين چاڙهئو“
❸ جاتون=سکائون، نمهي= ندهد. ڏيا = چراغ
❹ اصل. جرتر.

### بيت (٩٤٠)

پُران، مانَ پُڄان: بَندَرَ مون ڏُورِ ٿيا
نہ مُون هَڙَ نہ هَنجَ کِين، چَڙِي جو چَڙهان
تِهين کِڄ، پاتِڻي! جنهہ پَرِ پِري مِڙان ❶
کارُون تي کَريان، تو دَرِ اُپِي، ناڪَئا.

### بيت (٩٤١)

مون اُپِي تَڙَ وٽِ، پرِين پَڳهہَ ڇوڙِئا
کا مُونهين ۾ گهٽ، نا تہ سَڄَڻَ سَباجهو گهٽو.

### بيت (٩٤٢)

مون اُپِي تَڙَ جَهلَّ، پرِين پڳهہ ڇوڙئا
کا مونهين ۾ آلَّ، نا تہ سڄڻ سباجهو گهٽو. ❷

### بيت (٩٤٣)

سفر سُکيرون، هُون سلامتَ سُپُرين
چڙهئا جو چِتُ کري، پُنو سو کاڇون ❸
تِئان مَ ياڳُونِ، جِئان مون ڏيئي هلئا.

### وائي

کَرَهَل پائي لَڄو، کوهُ نہ ويئينءَ اُن سين ❹
پريان جي هن پار ڏي، وڃي ڏَنکَي ڏَڄو ❺
اُڄارئائون اولِيون، ڏئارئائون ڏَڄو
متان وهين ويسَرِي، اتي يورلَ يَڄو ❻
کالَ سَبائيوءِ کَنجِرو، انگهين پاتُئي اڄو ❼
کيرُ سِندِيندو تُهنجو اڏوراٽو اڄو.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ملان ❷ هي بيت حاشيه ۾ لکيل آهي ❸ اصل چر تا جو چت کري
❹ اصل. ويئي هت حاشيي ۾ ”لڄو“ بدران ”لڄ“ لکيل. اهڙيءَ طرح اڳتي ٻيا قافيا: ڏڄ، يڄ، اڄ ڄاڻايل.
❺ اصل. ’ڏَنَکِي ڏڄو‘
❻ اصل. وهي ويسري.
❼ .......

# سر ودکنيات

### بيت (٩٤٤)

پُورُ نہ چَري ٻورُ، پسئو تُورُ تَڪون ڪَري
مُونَنِ لائي موٽئو ڪَرَھو راتِ ڪَپورُ [1]
مَيو ٿئو مَعمورُ، چَندُن چڪي آئيو.

### بيت (٩٤٥)

جٺائين ڪوڙ ٻہ ڪاٺيون، پنجين لڪين پَنُّ
چانگي تِٺائين چڪيون، مَيي رَتو منُّ [2]
تِنه وَلِ سندو پَنُّ، ڪُماٽو ڪوڙيون لھي.

### بيت (٩٤٦)

جِٺائين ڪوڙِ ٻہ ڪاٺيُون، پَنجين لَڪين پاءُ
مَيو تنهن ماڳاءِ، ڏِيھاٽي ڏارَ چَري.

### بيت (٩٤٧)

ڪَٿُورِيءَ ڏارَ چَري، وھي مَنجھين وَڳَ
ماءُ! مھنجي ڪَرَھي، پَدَرِ پَڳَ نہ لَڳَ
وڳَ سين جِھو وڳَ، هِنيين سين هُتِ چَري. [3]

---

[1] ٻي پڙھٽي: ”موني هٽي“
[2] ٻي پڙھٽي: ”تٺائين چاري-الخ“
[3] ٻي پڙھٽي: ”جڳ سين جھڙو جڳ-الخ“

**بيت (٩٤٨)**

نيتَ چِنائي نِتُّ، ڪَرِهو ڪُنگُوءَ ريتَ تي
چانگِي رکئو چِتُّ، پَرمَلَ جي پساهہ تي. ❶

**بيت (٩٤٩)**

ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتِيُ منجِهہ مَهارَ
چاَنگا چندن چاريئين انئي پهرَ اَپارَ
سندي پِي پچار، جي مُون رات رَساٽِئين.

**بيت (٩٥٠)**

ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتِيُن ڳُتيَس مال
ڪَتيفي جِي ڪَرَها، هيڊِي پايئين حالَ ❷
چَندَنُ چارِيئين جالَ، جي مُون پِهري پَهر رَساٽِيين.

**بيت (٩٥١)**

ڪاءِ نہ ڪَٿُٺهارُ، چَندَنَ جا چُوپا ڪري
اُگَرَ اوڏو نہ وَ هي، سِرڪَندَ لَهي نہ سارَ ❸
لاٽِي جي لَغارَ، مَيو مَتارو ڪِئو. ❹

**بيت (٩٥٢)**

چانگي چَئِي چُڪياسِ، مَتان اَڪَ نہ اُلَهي!
جِنہ وَلِ گهٽا وهائئا، اَنَ سين آرِ لَڳياسِ؛
چوڏارِي چَندَنَ وَڻَ، پَچي پُوجَ پئاسِ؛
راڙِي رَتُ ڪَئاسِ، هِنَ ڪُڌا تُوري ڪَرَهي.

**بيت (٩٥٣)**

مِٺيون لهي مُهاءِ، جي تو چانگا چڪيون ❺
سي وَلڙيون وِهَ ساءِ، اجا توءِ مُهندڙيُون.

---

❶ پرمل=دوست حقيقي.
❷ اصل پڙهڻي: ڪتيفو=گياهي است برگزيده هيدي= پلان از گياه کہ بران يک آدمي نشيند
❸ اگر= شک
❹ لاٽي= اشياءِ ممنوع، اي لذاتِ نفساني
❺ ٻي پڙهڻي: "چانگا چِنيون"

**بيت (٩٥٤)**

پَسِــــي ڳـاڙهـا گُـلـڙا ڪـرهـلَ ڪـيّـم تَـرَسُ
سـي تـان هِلي پَسُ، جي اِنَ وَلِ گهٽا وهاتيا. ❶

**بيت (٩٥٥)**

لَڪين سَـئين چَون، ڪرهـا ڪُنگوءَ ريـٽ ۾
تِئائين ويسَـــرِيَنِّ، هـٽِ نـہ آئيـو هيـڪَڙو.

**بيت (٩٥٦)**

ڪِين جو ڪيڏاهين، چانگو چڪِي آئيو
تاڻئو تيڏاهين، نيـٽِ چـنـائيـو نـڪـري.

**بيت (٩٥٧)**

نـاســيـنـدي نـگـاهَ، پَـهـريـن ڪـج پـريَ ڏي
ســنـيـهـا سـيـڻـن ڪـي چـئـج چـنـدَ اپـارَ
سـاجنَ! سـبَ ڄمارَ، اڪيون اوهان جي آسـري.

**بيت (٩٥٨)**

نـاسـيـنـدي نِـگـاهَ، پـهـريـن ڪـج پـري ڏي
اَحـوالَ عـاجـزن جـا، آڪـــــج لَـگِ اللهَ
روزُ نِـهـارينِ راهَ، اَڪــــيُـون اَوهـانجي آسِـري.

**بيت (٩٥٩)**

نـاســيـنـدي نـظَـرَ، پـهـريـن ڪـج پـري ڏي
قـمـرَ! چـئـج قـريـبَ ڪـي، نِسَـــتُ آءُ نِـبَـرُ ❷
ٻـي پـيـٺـي نـہ پـر، اڪـيـون اوهـان جـي آسـري.

**بيت (٩٦٠)**

نـاسـيـنـدي نـرتِ، پـهـريـن ڪـج پـري ڏي
قـمـرَ! چـئـج قـريـبَ ڪـيَ ســاري ســاڻُ سُـرتِ
ٻـئـو پـروَسـو نـہ پِـتِّ، اڪـيـون اوهـان جـي آسـري.

❶ هي بيت حاشيہ ۾ لکيل آهي.
❷ ٻي پڙهٽي: ”هي نبر“.

**بيت** (٩٦١)

سَنيها کي سَجَڻين، چَڱا چَندَ چِئيجِ
اَڱڻ مَتان اُيري، پِريُن جي پَئيجِ
جِهيڻو ڳالهائيجِ، پِيرين وِجهي هَتڙا.

**بيت** (٩٦٢)

آءٌ جو ڏِيئين سِنيهو، چندَ تون پَلَئہ بَندُ
چِئج حالُ حبيبَ کي نَئي نوڙائي کنڌُ
تو تيڏاهِين پنڌ، جيڏانہَ عالَمَ آسرو.

## وائي

الٰهي مون سارينديِ سُپرين،
مشڪ عطرَ مون پرين وارَ وِچائيان سَيِئي

## وائي

سَڏين سيڻَن نہ هُون، نِيہَ نياپي نہ تيي
ڪاري راتِ رَتَ ڦڙا جان جان نيڻَ نہ رُون
مرڻُ جَني مِٺو، پِرَ تي سيئي پُونِ.

## وائي

هي ہِ ڳالهڙيون، ميان سڄڻ! آءٌ اوريندِيس پريَ سين
ڳالهيون پرين تنهنجيون وَڏي وڻَ تيون
گوشي پرينَ نہ گڏِئا، پَرَ سين مون نہ ڪيون. ❶

**بيت** (٩٦٣)

ڪَنيا تَڙي تَڙ وَرِي، اُپي تَڙَ واجهاءِ❷
مانَ اِڇُون ڪاءِ، سُواڏائي سڄڻ ❸

**بيت** (٩٦٤)

ڏَٽي! ڪَرِينده ڪَڏهِين، حياتِي هيڪاندِ

---

❶ ٻي پڙهڻي: "ڪرسين مون نہ ڪيون" ❷ اصل. "ڪنياتري تر وري ايي تر واجاءِ"
❸ ٻي پڙهڻي: "مان ڏينهون ڪا"

مَنَ ۾ مُشتاقَن جي، ڪي رنجائي راندِ ❶
پِرين ڏيسان‌دَرَ پاندِ، ڳُجُهہ ڳرهيان ڪن سِين.

**بيت (٩٦٥)**

هنيَڙي سَجَڻَ سارِئا، ڪِتي هُندَم هيرَ
لالَنَ اَچي نہ ڏِيين، مَتي پَلنگَن پيرَ
تِي ورُوهڻ ويرَ، آءٌ آر ڪريندِيس ڪن سين.

**بيت (٩٦٦)**

مون جَني لئي ڪئا، چاريڪا نيٽين
سپاجهي سيٽين، ڳِڻ ڪري ڳِهيو هِنيون. ❷

**بيت (٩٦٧)**

مَرُ هيڪاندا هُون پرين، سانگِ مَ وجن سيڻَ
رهئا آهِين روحَ ۾، نتُ جِنين جا نيڻَ:
وِماسِئا جِن ويڻَ، تو تارِيءَ تِن تڳِي هِنيون ❸

**بيت (٩٦٨)**

پيشانيَ ۾ پرينِ ڪي پلائيَ جو پيرُ ❹
اگڻِ اُڪَندِين جي ڏي پَرچِي پيرُ
قمرُ پاڙي ڪيرُ، شمسُ سُپرينِ سين. ❺

**بيت (٩٦٩)**

پاڙيان تان نہ پرينِ سين چندَ تُنهنجي ذاتِ ❻
تو اچو ۾ راتِ، سجڻَ نتُ سوجهرا.

**بيت (٩٧٠)**

چوڏهِينءَ چَندَ اُڀري، سَهسين ڪَرِيين سينگارَ ❼

---

❶ اصل. رجائي راند. رجائي=گريه.
❷ ٻي پڙهڻي: ”پائي ڳڻ ڳهيو هنيون“. اصل. ”ڪن ڪري ڪهيو هي“
❸ وماسئا=غمگين
❹ اصل. پلائي جا
❺ اصل. پاري، پاريان ❻ ساڳيو. ❼ اصل. ”چندڀ اپري سهسين ڪري-الخ“.

پَلَڪَ پريان جي نـہ پَڙين، جي جِيلا ڪَريين هَزارَ
جهڙو تُون سَـــــيَ ڄَمارَ، تهڙو دَمُ دوســـت جو.

**بيت** (٩٧١)

ســـهسيـــن سِـــجَنِ اُيـري، چـوراسِـــي چَـنـدَنِ
بِـالله ري پِـرِيَـنِ، سَـــيَ اُونـداهِـي يـائِـيـان.

**بيت** (٩٧٢)

اڄُ پُـڻ اويـارو، چـوڏهـيـن مـاهَ چَـنـدَ جـو
مـون گـهـرِ مـون پـرِيـنِ جـو، اڄـڻَ جـو وارو
سـڄـڻُ ســويـارو، پِـيـچ پِـنـي گـهـرِ آئـيـو.

**بيت** (٩٧٣)

تـوڏانـهَ گـهـڻـو نـهـاريـان تـارا تـيـلاهـيـن
سـڄـڻُ جيـڏاهـيـن، تـون تـيـڏاهـيـن اُيـريـن.

**بيت** (٩٧٤)

تـارا تـيـلـي-روءِ، تـوڏانـهَ گـهـڻـو نـهـاريـان
جـانـبُ جَـهِـيـن جُـوءِ، تـون تـيـڏاهـيـن اُيـريـن.

**بيت** (٩٧٥)

تـــارا تـــيـــلـــي-رُو، لُـــڏا لالَـــڻِ اُيـــريـــن
جِهڙو تـون صُـــبوحِ، تِهَڙي صـــافي ســڄـڻـين.

**بيت** (٩٧٦)

راتِ ســهائِي، پُون ســئين، پرتِ نئين، پنڌُ پُورِ [1]
مــيـا مـحـبـوبـنِ جـي هـلّـي وانءُ حضـــورِ
جي چُـڻـڪَـنِ چِـتَ ۾ ســي ڪـئـن سـڄـڻَ ڏُورِ
اَللهَ لـگِ آســـورِ، اُتـاهِـيـن تـي آءٌ تـون.

---

[1] نئين= جديد.

**بيت** (٩٧٧)

راتِ سَهائِي، پُون سَئِين، پائِي گُهرجي پَلُ
آهُرَ ۾ الاچِيُون، چَندَن چَري چَلُ
مون توهين سِين ڳالڙي، ٻي کَهين مَ سَلُ
هاهُرَ کندو هَلُ، تہ کِجاهَيون گَرَنِ کي.

**بيت** (٩٧٨)

راتِ سهائي، پون سئين، پَتِيَ گهٽو پنڌُ
هلندي حبيبن ڏي کرها موڙ مَ کنڌُ
سوئي ٻَنڌڻُ ٻنڌ، جو پَهچائي پِريَ کي.

**بيت** (٩٧٩)

راتِ سهائي، پون سئين، پرتِ نئين پنڌُ پَسُّ
هلندي حبيبن ڏي وڃڻ کِجي وَسُّ
راتين وڃي رَسُ، تہ خبرَ کَرَنِ نہ ٿيي.

**بيت** (٩٨٠)

اَڄ مهنجي کَرَها، مَيا مَڃُ مِنتَ ❶
جهاڳيندي جَرَ پَٽيُون، مَتان کَريين کَٽَ
سُپيرِيان جي سَٽَ، مُون کي نيئِي ميڙيين.

**بيت** (٩٨١)

کرها کُرُ سجاڻُ، هڪ پيَکو ٻيو پَهنجو ❷
اَصل آهي آهنجو ناليرو نِڌاڻَ
کرها اَسان ساڻُ، کي چانگا کِج چگّائيون.

**بيت** (٩٨٢)

کرها کَسرَ چِڏِ، وکون وجهہ وَڌنديون
مَڃُڻ پُونئي هَڏِ، آهَيون اُکنديِن جيون.

---

❶ اصل. منج. کرها= وجود
❷ کرها= تن و وجود

## بيت (٩٨٣)

ڪَرَهو نہ ڪيڪاڻُ، پيرين آئُون نہ پُڄِڻيِ [1]
جو مون راتِ رَساڻي، نيئِي ساجَنَ ساڻُ
مُون نہ وَهِيڻو پاڻُ، ويئِي نيڻَ نِچوئِيان.

## وائي

وَهلِي وَانءُ مَرِ وهامِي، رَهُ رات، رائِينديس سپرين [2]
شَمع ٽِينديَس شَب ۾، اِن خوشيءِ ڪان ڪامِي
بابُوئن سنڌِي باه جِئَن، بَران شال اُجهامِي [3]
پرتِ جا پيتَم جِي، ڪِينَ پروڙي عامِي [4]
مونکي مون پرِيُن جو، آهي دَردُ دَوامِي
آهيان يارُ سَيِّدَ جو، ڪانَ رهِي ڪا خامِي
هُو جو لَئُہ لَطِيفُ جو، مونکي آهي مُدامِي.

---

[1] ڪيڪاڻ=اسپ.
[2] رائينديس=رنگ دادن پارچها را در شادي
[3] بابو= جوگي
[4] پيتم=دوست.

# سُر ودبروءِ

**بيت** (٩٨٤)

اَڄُ پُڻ اڪـڙيُـنِ، پـهـنـجا سـڄـڻَ سـارئـا
ڳِلـن تـان ڳـوڙهـنِ جيـون بـونـدون بسِ نـہ ڪـنِ
ســنـدَي ســڱَ پـريـنِ، لـوڪَ ڏتـي نـہ لـهـي.

**بيت** (٩٨٥)

صـورتَ سـنـديَن سـالِ، پاڻَ مُصـاحِبَ سُـپرين
مـولـي ڏنَـنِ مُـنـهَـنَ ۾ نـورِي نـيـڻَ نِـهـالَ
سـنـدي خواَبَ خيـالَ، مون مَن متوالو ڪِئو.❶

**بيت** (٩٨٦)

جڏهـن پـوي يـادِ، صـحـبتَ سُـپـيريـنِ جي
فـريـادون فـريـادُ، نـاگـہَ وجـنِ نـڪـرِي.

**بيت** (٩٨٧)

صـورتَ گهـڻـو سُـنـهـڻـا، تـاڻـان سـنـدَن تـوهَ
ريلـو ڏيـئـي روحَ، جو ڪـائـي سـو ڪـامِـي مَري.

**بيت** (٩٨٨)

تـون صـاحبزادو سُـپـرين، آءٌ نسـورو نـوڪـرَ
بـيـحـد ڪـريـان بـنـدگـي هـٿَ ٻڌي حـاضُـر
مـون تـان مِـهـرَ نـظـرُ، پـريـن لاهـِ مَ پـاهـنـجـو.

❶ اصل. خاب خيال.

**بيت (٩٨٩)**

مـاڙهُو گُهرن مـالُ، آءٌ سَــپ ڏِينـه گُهران سُــپرين
دُنيـا تَنهن دَوسِــتَ تـان، فِـدا کَريـان فِي الحَـالُ
ڪـئـڙو نـامَ نـهـالُ، مـون ڪـي مَـحـبـوبـن جـي.

**بيت (٩٩٠)**

هـيـرائـي هـتِ، ڪـئـو، هِـنـيـڙو حـبـيـبـنِ
ٻَـڏِي ڪـچـي تـنـدُ ۾ سـلـهـاڙهـئـو سـيـٽـنِ
جُـه وڏا پـيـچ پـريـنِ، تـہ هِـنـيـڙو هـٽـيـڪـو ٿـئـو.

**بيت (٩٩١)**

ڪَڏَهن تـاڪيون ڏين، ڪَڏَهن ڪُلَنِ دَرَ دوسِــتَنِ جا
ڪَـڏَهن اَچـان، اَچَڻُ نـہ لَهـان، ڪَـڏَهن ڪونئو نِينِ
ڪَڏَهن سڪهون سَڏَ ڪي، ڪَڏَهن ڳُجهاندَرَ ڳَرَهين
اَهـڙائِـي آهـيـنِ، صـاحِـبَ مُـهـنـجـا سُـپـريـن.

**بيت (٩٩٢)**

عِشَـقُ اَهـڙِي ذات، مـانجِهـي مُنجهـائي مَيَن ڪي
ڏِيـنـهـان ڏورَڻُ ڏونـگـريـن، روئَـڻُ سَـڄـائِـي رات
اُٿـي ويـنـي تـاتِ، مِـيـان، مَـحَـبُـوبَـنِ جِـي.[1]

**بيت (٩٩٣)**

ڇـا ڪـي وَڃـئـو ڇـو، ٻـيـلِـي رهـيـن ٻــئِـن جـو
وَٽُ ڪَـنـجَـڪَ ڪَـريـمَ جـي، جَـڳَ ۾ آهـي جـو
سَــهُـڪـو هُـونـدو سـو، جِـنـه جو عِشَـقُ اَللهَ سـيـن.

**بيت (٩٩٤)**

جِـنـه جـو ڏَٽـيـا ڏارَ، ٻـيـلِـي نـاهِ ڀـنـيـور ۾
ڪَـمـيـٽـي جـي ڪـان ڪـي سـات لـڏيـنـدي سـار
عـالَـم جـا سـرداره وارج واڳ فـقـيـرَ تـي .[2]

---

[1] ٻي پڙهٽي: "ميان آهي محبوب"
[2] اصل. فقير تي.

### بيت (٩٩٥)

جَڏِيءَ وَتِ جالي، مانَ اَللهِ خاطِرِ لِڪَ سِيئن
آهي آريءَ ڄامَ جي، هتِ هُتِ حوالي
عَيبَ مُون ۾ اڳرا، مانَ نِرمَلُ نِڪالي
پَرِتياڻي پالي، ڪامِلُ نِيندو ڪيچَ ڏي.

### بيت (٩٩٦)

ڏارُ نہ يڪدل يارُ ٿيي، مَتيون ڏنيون مَنَّ [1]
ڪِين ٿئوءِ تَسلّوتَنَّ، پَرو وڌوءِ پراوَنِ مان. [2]

### بيت (٩٩٧)

يارُ سڏائي سيُڪو، ظاهر زباني [3]
آهي آساني، ڪمَ پيِيي ڪَلَ پئي. [4]

### بيت (٩٩٨)

آدميُنِ اِخلاصُ، مَتائي ماتو ڪَئو
ڪونہ ڪائي ڪنہ جو، سَندو ماڙُهوءَ ماسُ
دِلبَرَ! هِنَ دُنيا ۾، وَڃي رَهندو واسُ
ٻئو سَڀُ لوڪَ لِباسُ، ڪو هِيڪَڙِل هُوندو هيڪڙو.

### بيت (٩٩٩)

جي هو پائِين ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ سِينو سِپَر رکُ
مُنہ ۾ معشوقن جا، چاڪَ چُٽڪا چَڪُ
سوري ياڻءِ مَ شڪُ، عاشقُ تِيُ تہ اُبِهين.

### بيت (١٠٠٠)

جي هو پائِين ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ سِينو سِپَر ڏيِجِ
منہ ۾ معشوقن جا، جهالُو تي جهلِيجِ
پاهان پَڳَ مَ ڏيِجِ، عاشقُ تِيُ تہ اُبِهين. [5]

---

[1] ٻي پڙهڻي: "مت ڏني من"

[2] اصل. ڪن ٿئوءِ-الخ

[3] ٻي پڙهڻي: "جاني زباني"

[4] ٻي پڙهڻي: "ڪم پوي ڪل پئي"

[5] پاهان= پس پشت.

### بيت (١٠٠١)

جي ھو پائِنِ ڪان ڪمان ۾، تہ ڏجينِ سينو
ڪِجي نہ ڪِينو، وڃي درِ دوستنِ جي.

### بيت (١٠٠٢)

عُقابيلَ اکينِ ۾ توکي تکا تيرَ
ساجنَ اِنھين سِيڱ سين ڦٽيئي گھٽا فقيرَ
ٻِئو م مارڄ ميرَ، تُھنجو پھرو ئِي پورو ٿئو.

### بيت (١٠٠٣)

ٻحري توکي بانَ، عقابيلَ اَکين ۾،
اُيو اَڳرايُون ڪرين، ماڳ ھَٽئو مَستانَ
جانبَ! تون زيانَ، اَکين سَين ايذائي ڪريين.

### بيت (١٠٠٤)

عقابيلَ اکين سين تيرَ چلايا تو ❶
ٻئو مَرُ ماري سو، جِنھ جو پھرو پورو نہ ٿيي.

### بيت (١٠٠٥)

جاني مُھنجي جيءَ ۾، جي طَمَعَ پوءِ
وَتُ ڪاتي، وَڍِ اڱڙو، اَدَبُ ڪَرِ نہ ڪوءِ
پائيان پالُ سَندوءِ، جي ساجَنَ! سَنئون نِھارِيين.

### بيت (١٠٠٦)

شُڪُرُ گَڏئاسُون، سپرين! جاني جيري يارَ!
ويتي جن وَتِ ۾، ڪَوڙيين ٿِئا قَرارَ
ڏِٽِيَ! ڪَرِ مَ ڏار، پاڙون پِرينِ سين. ❷

---

❶ ٻي پڙھٽي: ”عوقابي اکين ۾“
❷ اصل ائين (پاڙو ھوءِ پرين سين؟)

### بيت (١٠٠٧)

گُهوري، ڪَڻُ مَ سُپِرين! ڪَنيَئِي تان ڪوڙِ ❶
اهل اکڙين جي نِيئي نِباهِج توڙِ ❷
مُون ۾ عيبَنِ ڪوڙِ، تُون پاڻُ سُجاڻِج سُپِرين ❸

### بيت (١٠٠٨)

جَڏاهَ ڪَرَ جاني، سَڄڻَ سانگِ سِڌارئا
راتين راحت ناهِ ڪا ڏينهان حيراني
هيَ رضا رباني، ناتَ ڪريان وَسَّ وصال ڪي.

### بيت (١٠٠٩)

جڏاهَ ڪَرَ تئام، ساجاءِ سُپرين سين
تڏاهَ ڪَرِ تر جيترو ويلَ نہ وسرئام ❹
اندر روحَ رهئام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

### بيت (١٠١٠)

اکيون پرين تهنجون گهليُون ۽ گهوڙا
لاهين نَہ لوڙا، جي تو هاجي هيريون. ❺

## وائي

ٻاروچي جي ذات، سڄڻَ! ٻاروچي جي ذات
اُت گُنگائي هلئا، وائي ڪَن نہ واتِ
جاني جَتَ وني وئا تَن تُهنجي تاتِ
ڪهي ڪميڻي هلئا اديون آڏيَ راتِ
آئُ سُتي هوءِ هلئا رَهَ ۾ پيين راتِ
مِلان محبوبن کي وهاڻيَ پرِيات.

❶ گهوري=نظرانداخته.
❷ ٻي پڙهڻي: "عادت اکڙين جي نج نباهي توڙ"
❸ اصل. ن ۾ عيبن کور
❹ اصل. ذري جيترو
❺ لورا= غارت.

# سر سورٺ

### بيت (١٠١١)

اَللهَ جي آسَ ڪري، هَلئو هِيائِين
چارَڻَ ٻَڏا چَنگَ ڪي، جُهوڙا ۽ جهائِين
ڏولِي راءَ ڏِياچَ جي، ڏُوران ڏِٺائِين
وينتيون واحِدَ دَرِ، تنه ويرَ ڪِئائِين ❶
سَپاجها سائِين! راءُ رِيجهائِين راڳَ سين.

### بيت (١٠١٢)

اَللهَ جي آسِ ڪري هلي آيو هِتِ ❷
سو جاچِڪُ اُيو جِتِ، سِرَ جيون صدائون هٽي. ❸

### بيت (١٠١٣)

الله جي آس ڪِري هلي آيو هِيُّ
سو مالُ نه مڱي مڱڻو تو جاچِڪُ مڱي جيُّ
وَدِ وَهلو تِيُّ، ساعَتَ صَبرَ نه سهان.

### بيت (١٠١٤)

سارِي راتِ صاحبَ ڪي ڳڙهه پَرِ ڳايائين ❹
اُنَسِ ماڻڪَ مينهَ جيئن هٿُ نَه ڇُتائين
تي لائقُ لَڏائين، جئن هو مِيراثي مڱڻو.

---

❶ وينتيون=مناجات-نياز؛ ٻي پڙهٽي: ”وينتيون واحد سين“
❷ اصل. آئيو
❸ اصل. ”سدائون“
❹ ڳڙه= قلعہ.

### بيت (١٠١٥)

جي ميراثي مَڱڻا، آءٌ پُڻ مڱان تَن
ڪِي ڪَهُ مُهنجي ڪَنِ، حرَث مَنجهاهُن جي. [1]

### بيت (١٠١٦)

ٻيلي! ٻَئي پارَ، جان مُون نينءَ هَٿِي نهارِئا
چوري رَڪِيَم چِتَ ۾، ڏِسِيُنِ جا ڏاتارَ
هِيُ سِرُ تهان ڏارَ، ٻيجي ڪِنه نہ ٻولِئو.

### بيت (١٠١٧)

ٻيجَلئا ٻُڌاءِ مُون ڪهہ جا ڳال ڳَري [2]
پَيتهين جِئَن ڳرنارَ ۾، تَندُن تانُ ڪَري
ڪِ تو پَنڌُ پري، ڪِ مَڱَ جهلِيندَهن مَڱڻا [3]

### بيت (١٠١٨)

مڱ نہ تُسي مڱڻو نہ مِلڪَ نہ مالِ [4]
آهي اِنَ خيالِ، تہ ڏيتِي تيان ڏاتارَ سينَ. [5]

### بيت (١٠١٩)

چارَڻَ! تُهنجي چَنگَ جو عَجَبُ آهِم اِيُ
جئَن هَٿِي اُيو هَٿَن سين، جِئَرو رکيو جِيُ
راتِ مُهنجو رِيحُ، ڪاتِئو تو ڪُماچَ سين.

### بيت (١٠٢٠)

چارڻَ چنگُ ٻَنگُ لهَي وڃايو وڏاڻُ [6]
سِرَ جو هَڏِ آساڻُ، پَر مڱڻهارُ متي وَهي.

### بيت (١٠٢١)

---

[1] ٻي پڙهڻي: حرث منجها ان جي.
[2] ٻيجلئا=اي مطرب
[3] اصل صورتخطي: "ڪمنگ چليد، منگنانہ"
[4] اصل. مال
[5] ٻي پڙهڻي: "اتس اي خيال، تہ ڏيني تيي ڏاتار سين"
[6] چنگ ٻنگ=چست بستہ؛ وڏاڻ=ساز

راجا رَنگ محلَ ۾، جاجڪُ سِر زمينَ
جا هنيائين هٽن سين سا سُئِي بالائين بين ❶
جتِ اچن نہ اُڙادبيگيون، اُتِ ڪوٺايو امَنَ ❷
تازِي ڏيوس تَڪَڙا جَوَهَر پائي زينَ ❸
تان هيُ ٻئو مڱي ڪينَ، ڏاران سِرَ سيّد چئي. ❹

**بيت (١٠٢٢)**

سِرَ جي هُئائِين هَليو، چارڻُ چتائي
سو مُوڙا جهلي نہ مالَ جا، تو ماڳڪَ موٽائي
تو دَرِ آيُسِ تي، جِئَن تو ناهِ نہ سِڪئو.

**بيت (١٠٢٣)**

آءُ مٿاهُون مَڱٽا چڙهي ۾ چَوڏولَ
توکي گهوٽَ گُهرائِيو، راجا مَنجهہ رَتولَ
ٻيجَلَ! توسين ٻولَ، وِهاڻِيءَ وَڏَنَّ جِا.

**بيت (١٠٢٤)**

ڪِين جو ٻيجَلَ ٻولِئو، پِنِي ويهي يانَ ❺
راجا رَتولِن ۾، سيباڻو سُلطانَ
آءُ مٿاهُون مَڱٽا! مُقابِل مَيدانَ
گهوريان لَکَ، لَطِيفُ چئي، تُنهجي قَدَمَن تان قُربانَ
مَتو هِيءُ مِهمان! هَلِي چئو تي هُتِ ڏِيانِ. ❻

**بيت (١٠٢٥)**

وڏِ سِرُ تِيُ سَرَهو، مَ ڪِين آءٌ مَ گِاءُ ❼
جاجڪَ تو مٿاءُ، مُلڪُ مڙوئي گهوريان.

---

❶ ٻِي پڙهڻي: ”سا سئي منجهہ-الخ“. بالا ءِ ٻِين= مرکب محلات و مکان خاص.
❷ اُردابيگيون=هجوم، لشکر. ٻي پڙهڻي! ”اُت گهرائيو امين“
❸ هي مصرع حاشيه ۾ لکيل آهي
❹ ٻي پڙهڻي: ”تان هي ٻئو مڱي ڪين“، سرجو سوالي مڱڻو“
❺ ٻي پڙهڻي: ”پيٽي ويهي“. يان=مڱڻهار
❻ ٻي پڙهڻي: ”چئي تہ هت ڏيان“
❼ اصل. ”مڪ آءٌ اي مکاءُ“. ٻي پڙهڻي: وڏي سر سهو تي مَ ڪين آءُ مکاءُ.

### بيت (١٠٢٦)

جاڄِڪُ جُهوناڳَڙهَہ ۾، ڪو عَطائِي آيو [1]
تنہ ڪامِلَ ڪَڍِي ڪِينَرو، ويهِي وَڄايو
شَهرُ سَڄو ئِي سُرَ سين، تَنَڊُن تَپايو
دايُوَن دَرِمانڊِيُون ٿِيُون، ٻايُن ٻاڏايو
چارَڻَ تنهن چايو، تہ مارِي آهي مَڱڻو [2]

### بيت (١٠٢٧)

جاڄِڪَ! تو جُهارُ، ڏَهَ پيرا ڏِياڄُ چئي [3]
جِنہ ۾ مالُ نہ مِريءَ جيترو، تِنہ تون طَمَعَ دارُ
جَي اڇي ڪَمِ ڪَپارُ، تہ وِيهَہ پيرا وڏِيان. [4]

### بيت (١٠٢٨)

جِي مڱڻا مَ هوءِ، جُہ تو مٿي سِرَ ستوہُ ڪِئو [5]
جو مون مُل مورِ نہ سَپَجي تان جِي سو گُهريوءِ [6]
تہ جُڳان جُڳِ ڏنوءِ، هوندَ ڏُنگو ڏاتارِن ڪي.

### بيت (١٠٢٩)

موٽي مڱڻهارَ، شالَ مَ اچين ڪڏهين
اَنئي پهرّ، عزيزُ چئي، تُنهنجو ڪُنڊو منجه ڪَپارَ [7]
جِيہ تو سَپَ جَمارَ، هَنيا چَٽَ پَٽَن سين.

### بيت (١٠٣٠)

سَردِيءَ سالمُ نہ رَهان، گَرمِي ٿِيان گُدازُ
اَمَنُ ڏيج اَمانَ تون، سائِلُ هَٽي سازُ
رَبابِيءَ ڪي رازُ، خالِق ڏيج خَلِيلَ جو.

---

[1] اصل. آئيو   [2] اصل. چائيو
[3] جهار =خوش آمدي
[4] ٻي پڙهڻي: ”ڏهہ پيرا وڏي ڏيان“
[5] ٻي پڙهڻي: ”جي مڱڻهار مَ هوءِ، جو تو مٿي سر ستو ڪيو“
[6] اصل. گهروءِ
[7] حاشيہ ۾ لکيل پڙهڻي: ”انئي پهر عليل ڪي-الخ“

### بيت (١٠٣١)

سِــرديَ ســـالمُ نـہ رهـان کوسـي سَـهـان کـانَ
امــن ڏيــج امــانُ تــون دورِ کــري ٻــئا دانَ
پـانـدوَ کـائي پـانَ، کـا وجهِ پِـکَ پينـارَ تي. ❶

### بيت (١٠٣٢)

تــو دَرِ آئــيــو راڄــيــا، جــاچــڪُ وتــي جِــيُ
کَــنــا ’نــارُ حــامِــيَــه‘، هــاڻِ بَــچــائِــجِ هِــيُ
والــي! ڏِيــارج وِيُ، جِتِ آهــي جَــنّــاتُ عَــدِنِ ❷

### بيت (١٠٣٣)

تــو درِ آئــيــو راڄــيــا، هِــهــڙو وتــي حــالُ
اُونــائــيــج عَــلــيــلَ جــو ســـپــاجــهــا ســـوالُ
اڳــڻَ مــتــي انــهــيــن جي کــهــي کــيــن قــوالُ
يــلا کــري يــالُ، آئِــيــن اَمــنُ ڏِهــو اِنَ کــي.

### بيت (١٠٣٤)

تــو درِ آئــيــو راڄــيــا، ٻــئــا دَرَ کــري دُورِ
ســـائــلُ تــو ســيــنَ هــٽــي هــر دم آن حضــورِ ❸
ٻــئــو نــہ مــڱــي مــورِ، آئــيــن امــن ڏهــو اِن کــي.

### بيت (١٠٣٥)

ٻــئــا دَرَ ڏيــئــي ٻَــنِّ، آيُــس تُــهــنــجــي درِ ❹
ســـونــهــارا ســـورتِ وَرَ کــا مُــهــنــجــي کــرِ
يــلا! يــيــري يَــرِ، پــالــهــو پــانــدُ پــيــنــارَ جــو.

### بيت (١٠٣٦)

تــو درِ آئــيــو راڄــيــا، ٻــئــا درَ ڏيــئــي ٻَــنِّ

---

❶ حاشيي ۾ ”پاندو“ ۽ متن ۾ ”پاندب“. پاندو=در زبان گوجري بمعني سردار
❷ ٻي پڙهڻي: ”والي ڏيارين ويءُ، جتي آهي جنات عدن“
❸ ٻي پڙهڻي: ”هر دم تو حضور“
❹ ٻي پڙهڻي: ”ٻئا در ڏيئي ٻن کي“.

ڪَهان جو ڪُماچَ سين سوسُڻ سپاجهي ڪَنَّ
جا مَڱَ مهنجي مَنِّ، سا توکي معلومُ سَيَڪا.

**بيت** (١٠٣٧)

مَڱَ نہ جَهليان مُورَهِين، نہ مُون پَنڌُ پَري
ڳنهي آيُسِ ڳالَڙي، ڳُجهي تو ڳَري ❶
سا سَمجِهج سورَتِ ڏَٽي! ويندُسِ ڪينَ وَري
پَرئان پيرَ پَري، تو لَئہِ آيو آهِيان.

**بيت** (١٠٣٨)

مَرُ تہ آئين، مَڱٽا! مامَ پَرُوڙي مُون
جيڪا ڳاهَ ڳالهائِي، سا سَپ سَمجهي سُون
تِنہ تي تُسِجِ تُون، جيڪِي پَوَئِي پَٽَ ۾.

**بيت** (١٠٣٩)

پائي پَٽِ ڪٽان، تان مون مورِ نہ مڱئا
تازي طبيلن ۾ گهوڙا گهرِ گهٽان
هاتيَ ڪارڻ هيڪَڙي آءٌ ڪا تَندُ هٽان
جا متي تو مَٽان، تِنہ آءٌ سِرَ جو آيُس سيڪَڙو.

**بيت** (١٠٤٠)

جانِ تندُ برابرِ توريان سَئو سِرَن پائي
تان اُتَلَ اوڏاهِين تي جيڏانہ بيجلُ بُرائي
اَسَنج هَڏِ آهي، هِنَ سِرَ ۾ سَنجڻُ ناهِ ڪِين. ❷

**بيت** (١٠٤١)

تيئي پَرتا پاڻَ ۾، تَندُ، ڪَتارو ۽ ڪنڌُ ❸
تنہ جهوئَي ناهِ ڪِي، جو تو، چارڻَ ڪئو پَنڌُ
اِيُ شُڪُرُ اَلحَمَدُ، جِئَن مَتو گهرِئوءِ مَڱٽا.

---

❶ اصل. ”ڪن-آيس ڪالري ڪُجي تو ڪري“
❷ ٻي پڙهڻي: ”سڪٽو هڏ آهي-الخ“
❸ ٻي پڙهڻي: ”تيئي پرچئا.“

**بيت** (١٠٤٢)

ڏاتارَ ۾ مَڱَڻي، ڪونـہ وسِيلو وِچِ
سائِي تالَ تَندُن جِي، سائِي چارَڻَ چِتِ
جي هُتي جي هِتِ، تہ ڳالهِ مِڙيائِي هيڪِڙِي.

**بيت** (١٠٤٣)

چارَڻَ ٻولِج ڪِين ٻئو، گُهرئوءِ سو گهورِيان
ڳِڙهہ، سورَتي نـہ پَڙِي، جان تَنَدُ بَرابَر تورِيان ❶
ڳُجهي آهِم ڳالِڙِي، آءُ اوري، تان اوِرِيان
ڪِ ڪُلهنِئُون ڪورِيان، ڪِ، جاجِڪَ! جُسي سين ڏِيَئِين.

**بيت** (١٠٤٤)

ڪَنجهي ڪيرَتِ ڪِينَرو، اي واڄو ولاتي
هَنئِي تَندُ حُضُورَ ۾، تَنهن پارِسَ پيراتِي ❷
ڏسَندهين ڏِياڄَ ڪي، ظاهِرُ ٿِئو ذاتِي
ڪَڏِي تِنه ڪاتِي، وِڌو ڪَرَٽُ ڪَپارَ ڪي. ❸

**بيت** (١٠٤٥)

مٿو مَٿاءِ گهوريان مٿو تو مَٿاءُ
سو مون ٿي نہ هَٿاءُ، جنه تون لائق مڱڻا. ❹

**بيت** (١٠٤٦)

مَٿو مُورِ نہ پاڙِيان، تُهنجي تَندُ تَنوارَ
سِرَ ۾ سَيجَڻَ ناهِ ڪِين، موٽُ مَ، مَڱڻهارَ
ڪِينه منجِهہ ڪَپارَ، لَڄيندو ٿو لاهِيان.

**بيت** (١٠٤٧)

مٿو مٿاءِ گهوريان، مٿو تو مٿاءُ

---

❶ اصل. ”ڪر سورٿي نپري“
❷ اصل. پارٿ پيراتي
❸ ٻي پڙهڻي: ”ڪپار ڪٽان“
❹ ٻي پڙهڻي: ”مڱئو“.

هَـڏو هـيُ هـٿِ ڪـري، جـاجـڪ وهـلـو جـاءِ
تـوســيــن آنـيـراءُ، جِـمَ واڇـا ۾ وِلـو وَهـي. ❶

**بيت (١٠٤٨)**

مـٿي اُتي مـهـنجـي جي هـئـا سِــرُن سَــوَ هـزارَ
تـہ تُهـنجي تـنـد تـوارَ، هَـر هَـر وِڏئـِمِ هـيـڪَڙو ❷

**بيت (١٠٤٩)**

نـرتـي تـنـدّ نـيـازسـيـن ٻـيـجـلَ ٻُـرائـي ❸
راڳـا رتـولـنِ ۾ ســار وَرنـائـي وائـي
ڪـوتـيـائـيـن ڪـوٽَ ۾ پـارتُ ٻـاجـهـائـي ❹
راڳـا راڳـائـي، هـر دوئـي هـيـڪُ ٿـئـا.

**بيت (١٠٥٠)**

نـرتـي تَـنـدُ نـيـازَ ســيـن، ٻُـرائـي ٻـيـجَـلَّ
راڳـا رَتـولَـنِ ۾، اونـائـي اَمُـلَّ
رازُ ڪَـئـائـيـن راءَ ســيـن، ڪَنهن موچـارِيءَ مَحلَّ
"اَنَـا اَحـمَـدُ بـلا مِـيـمِ". سَــيَـنَ هَـنـئـي سـائـلَّ
ڪَـنـہ ڪَـنـہ پَـيـئي ڪـلَّ، تـہ هَـردوئي هـيـڪُ ٿِـيـا.

**بيت (١٠٥١)**

ڪِـنـي ڪِـنـي ماڙُهـوئـيـن، پـيـئِي ڪَـلَ ڪـائِـي
رَســيـا جـي رَمُـوزَ ڪـي، تـن پـارسـي پـائـي
"اَلاِنْسَــانُ سِــرِّيَ وَ اَنَـا سِــرُّہٗ" ورتـي اِيَ وائِـي
راڳـا راڳـائِـي، هَـردوئِـي هـيـڪُ ٿِـئـا.

**بيت (١٠٥٢)**

جو تـو ڏِيَـڻُ، ڏِيـاچَ پـائِيو اِي سِـرُ سَـيـڪو ڏي ❺
ڪِين ناہ جَھڙو ني، جو سَنَدَ ٿِـيـين سوالِيـين. ❻

---

❶ ٻي پڙهڻي: "ولو ٿيي"
❷ ٻي پڙهڻي: "تهنجي ساڻ توار"
❸ ٻي پڙهڻي: "اچي ٻيجل ٻرائي"
❹ ٻارت= مڱڻهار؛ ٻاجهائي= ٻاجھ سان
❺ ٻي پڙهڻي: "ڏياچ لائيو"
❻ ٻي پڙهڻي: "ڪين نا جهڙو ڏي."

**بيت (١٠٥٣)**

ڏيڻ آهي ڏُهلو، سِسي ڏيڻ سُکُ
سو تان ڏياچ ڏکُ، جو تعلق رکي تند سين. [1]

**بيت (١٠٥٤)**

جو تعلق رکي تند سين سو مون پلئہ پاءِ
مون کي مَ موٽاءِ، آءٌ اڳاهون آئيو. [2]

**بيت (١٠٥٥)**

پاسِنگُ جِنہ پيشِ کِئو تِنہ ڏنو کينءَ ڏياچَ [3]
متو نيئِي ماچَ، وجي ڏُورِ ڏکُ تئو. [4]

**بيت (١٠٥٦)**

ڏنو کينَ ڏياچَ، تو سائلَ سِکائي
مُنهَ تي موٽائي، متو هنيُسِ مگِٽي.

**بيت (١٠٥٧)**

اِيُ تالُ ناهي تَندُ جو، رُون رُون کري رازُ [5]
هَٽَندَرَ سَندا هَتَرا، سَيکو چوي سازُ [6]
سَتَ ڏيئِي شَهبازُ، تِيُ، تہ توکُ پِرائِيين.

**بيت (١٠٥٨)**

رِيءَ مَصلحَتَ مَگَٽا! ات قَصَر کِينَ اَچَنّ [7]
نُورُ تَجَلّي نُورَ سين، نِيو نَيَنَّ پَسَنَّ [8]
خِيمي ۾ کَنگهارَ جي، چاندُوٽا چَمِکَنِ

---

1. ٻي پڙهڻي: ”جو تعلق رکڻ تند سين“
2. ٻي پڙهڻي: ”آءٌ اڳاهون آئيو آهيان“
3. پاسنگ= هستي و خودي
4. ماچ=مطرب
5. ٻي پڙهڻي: ”ناهي تند جو-الخ“
6. ٻي پڙهڻي: ”سيکو پائي ساز“
7. اصل. ”هت کسر کين اچن“؛ کسر= خانہ
8. ٻي پڙهڻي: ”نور تجلي نور کي“

لَذائين لَطيفُ چئي، سَندا ڏانَ ڏسيَنّ ❶
تيلاهہ مُلڪَ ڏِٽينّ، مَحِيو مَگّٽهارَ کي.

**بيت (١٠٥٩)**

ڳِجُهہ پهنجو ڳجَهہ کي، رِندَ رَساٽي لاهِ ❷
اَجلُ اَيو ئِي آهِ، پُٽيَ تو پلاٽئو.

**بيت (١٠٦٠)**

سورٺ مئي، سڪُ ٿئو، خيما کنيا کنگهارَ ❸
نڪو راڳُ نہ روپُ ڪو، نڪا تند توارَ
متو مگّٽهارَ، ڏنو سِر ڏاتارَ کي.

**بيت (١٠٦١)**

سورٺ مئي، سڪ ٿئو، خيما هنيا کنگهارَ
ٿئو راڳُ روپ سو، لڳي تند توارَ
پئي ڍَٽِ پَٽِ اِيَ پچارَ، تہ راجا جِي راضي ٿئو. ❹

**بيت (١٠٦٢)**

راجا جي راضي ٿئو تنہ ڏنا وڏا ڏانَ
تڏہ موتِي ڪارئا مگّٽين طَرح تنبيَ کي تانَ
تہ مون وٽ مال متاعَ جي ڪمي آهي ڪانَ
ڪارڻ ربَّ رحمان، سر وَڍي سلطان ڏي.

---

❶ اصل. ”سندا نان ڏسن“. ٻي پڙهڻي: ”سندي ڏات ڏسن.“
❷ ٻي پڙهڻيﷲﷲ: ”ڳجهہ پهنجو ڳجهہ سين“
❸ سورٺ=اين جهان
❹ ٻي پڙهڻيﷲ: ”سوڍٺ پٺ اي پچار، پسو راجا جن راضي ٿئو.“

# ايضا سرود سورٺ

## از گفتار کسي ديگر

### بيت (١٠٦٣)

پاٽَ پھرِيَ راتِ ۾ ڳڙهَ پاسي ڳايو ❶
سالِڪَ سَاز سرود سين ڪين جو ڪَمايو ❷
تئو ڳُلڳلو گرنارَ ۾ تہ ڪو عطائي آيو ❸
تڏهن ٻيجل ٻولايو، تہ آهيان سِرَ سوالي مڱڻو.

### بيت (١٠٦٤)

ٻيجلَ ڪي ٻيَ راتِ ۾ سڏايو سلطانَ
تہ اڳي ڪو نہ آئيو پيرِ تنهنجي پانَ
جانيان جيءَ جدا ڪيو طَرح تُنِبيَ جي تانَ
مون وٽ مالَ متاعَ جي ڪمي آهي ڪانَ
روحَ رُچَندا مڱڻا تون دِس ڏيندِس ڏانَ ❹
ميان مهربانَ، تون چوري تند چئيج ڪين.

---

❶ ٻي پڙهٽي: "اڇي ڳڙھ پاسو ڳايو"
❷ اصل. ڪئجو ڪمايو
❸ اصل. آئيو
❹ ٻي پڙهٽي: "تو ڏس ڏيندس- الخ"

### بيت (١٠٦٥)

تـڏهـن راجـا کـي ٽِـيَ رات ۾، ٻـڌايـو ٻـيـجـلَ ❶
تہ سـهـسـيـن هـئـا سـنـســار ۾ ٻـئـا پُـڻ داتـا دلَّ
آيُــسِ مــن اُچــلَ، تــيــلاهــيــنَ تــو ڳــري.

### بيت (١٠٦٦)

چـارڻَ! چـوٿـيَ راتِ ۾ آءٌ نِـتُ آئـيـن جِـيُّ
تهنجو قـدمُ پـدم نـہ پـاڙيـان جي تون ٿيين جَمِيُّ.
دانَ ڏلّـوچـا ڏِل وَڏئـا، تـون وٺـي راضـي ٿـيُّ
هـيـرَ اٿـيـئـي هـي، صـبـح سـوايـو ڏيـيـن.

### بيت (١٠٦٧)

پـلـٽـئـو پـنـجـيَ راتِ ۾ رُپـو سـونَ سـبـيـلَ
پلنـگَ پٽراٽيون پـالـکيون نو لـک نـاٽي نيـلَ
داتـا! وٺـان نـہ دان ۾، وڄُ ڦـيـرائـي فـيـلَ
آکِئمَ جو اصـيلَ، سـو ڏي سِـرُ تہ سـرهو ٿيين. ❷

---

❶ اصل. ٻڌائيو.
❷ ٻي پڙهڻي: ”سو ڏي تہ سر سرهو ٿيين.“

# سر ود کاھوڙيان

**بيت** (١٠٦٨)

وِيُون پَٻ پَـــئِي، ڪيرُيون ڪاهوڙِيُن جُيون ❶
آئِيُ تـن ڏوٿِـيُـنِ ڪَـي، پُڇان ڪـيرُ، پَـهي ❷
رُجُـنِ ۾ رهـي، جَـنِـي ڏونـگـر ڏورِئَـا ❸

**بيت** (١٠٦٩)

تُون هَـڏِ ڪُڄاڙِئـا، سَــنجهي سَـعيو نـ ڪَرِيين
سَـــوارا سَـــنـدَ ڪَـــٽـي، ڪـاهـوڙِي وِئـا
آٽِــنـدهــن ڪـئـا، ڏُٿُ ڏَوراٽــي ڏيـهَـ جَـو.

**بيت** (١٠٧٠)

ســاجُـهـر ٻِـڏا سَــنـدرا ڪـاهـوڙيـن ڪـٽـي ❹
ڏورِيـنـدي ۾ ڏُونـگـرين، ڪَـيـائُـون پـاڻُ پَـــٽِـي
ڏَڪَـنِ ڏِيـلُ هَـٽِـي، ڇـيـهُ لَـڏائُـون ڇَـپَـريـن. ❺

**بيت** (١٠٧١)

تـان وجـي ويـــــهِـي آءُ، اڳَـڻ ڪـاهـوڙِيُـنِ جـي
جـوشَ ڏِنـائُـون جَـيءَ ڪـي، لـڪـائـي لـوڪـا
ڏوتِيُـنِ ڪِـنه ڏُڪـا، سُـمِهي سُــڪ نـ ماٽِـيو.

---

❶ پٻ=جبل
❷ پهي =قاصد
❸ ٻي پڙهٽيلله "رنجن رات رهي-الخ"
❹ اصل. سانجر ٻڏا
❺ اصل. ڇيه

**بيت** (١٠٧٢)

پـاڙئـان پُـڇـي آئِـ، خـبـرَ ڪـاهـوڙيـن جـي ❶
ڏوٿـيـن ڏونـگـرا، ڪِـنـہ پَـرِ ڏورئـو ڏٿَ ڪـي.

**بيت** (١٠٧٣)

مـون سـي ڏٺـا مـاءِ، جَـنـي ڏٺـو پـريَ کـي
رهـي اڄـجـي راتـڙي تـنِ جُـنـگـنِ سـَـنـديَ جـاءِ
تَـنـي جـي سـاجـاءِ، مـانَ تُـرَهـو تـي تـارِ ۾.

**بيت** (١٠٧٤)

مـون سـي ڏٺـا مـانُ، جَـنـي ڏٺـو پـريَ کـي ❷
تَني سـنـدِي آن، ڪا ڪري نہ سـگهان ڳالهڙي ❸

**بيت** (١٠٧٥)

ڏوٿِـي سـا ڏورِيـن، جا جُـوءِ سُـئِـي، نـہ ٻُـڌِي
پـاسـا مَـتـي پـهَـٽـيـن، ڪـاهـوڙي ڪـوڙيـن
وِئـا تـتِ ووڙِيـنِ، جِـتِ نِـهـايَـتَ نـاهہ ڪـا.

**بيت** (١٠٧٦)

مُـون ڪـاهـوڙِي لَـڪِـئـا، گَـهـريـن نـہ گـهـارِيـنِ
واحِـدَ لَـڳِ وِلـــنِ ۾، رويـو رت هـارِيـنِ
گُـونـدَرِ گُـذارِيَـنِ، تـن ڏوتِـيـن ڏڪـوئـي نـہ لـهـي.

**بيت** (١٠٧٧)

مـون ڪـاهـوڙي لـڪـئـا، ويـهـي ويـرم نـہ ڪَـنّ
ڏيـنـہَ تـتـي ۾ ڏونـگـريـن ڪـارڻ قـوت ڪَـهـنّ
جهنـگـل ۾ جُـهـٽـڪَـنّ، جو ڏوتي ڏَٿُ گـڏَ هـئـا. ❹

**بيت** (١٠٧٨)

هـوءِ ڏوتـي هـو ڏيـنـہ، هـوءِ ڏونـگـر هـوءِ لـڪـيـون
ڪِـنـہ جـنـہ لَـڌا نيـنـہ، جئن پـئـا لُـوسَـنِ لُـڪَ ۾. ❺

---

❶ اصل. ”پارئا پچي آئِ“.
❷ اصل. ماءُ
❸ اصل. آئِ
❹ ٻي پڙهڻي: ”جهنگل جهنگارن“
❺ ٻي پڙهڻي: ”لُڇن لڪ ۾.“

### بيت (١٠٧٩)

ڏوري ڏوري ڏيهَه، ماءِ! ڪاهوڙِي آئِيا
مَيَنِ پيرين ڪيهَه، نہ ڄاڻان ڪَنهن نارَ جِي. ❶

### بيت (١٠٨٠)

پيرين پراڻا ڪيترا، سُڪا مُنهَ سَندَنّ ❷
ساجُوءِ ڏوري آئيا سُونهان جتِ منجهَنّ
ڳِجهان ڳجهيون ڪَنِّ، تهان پَرين پندَ جيون ❸

### بيت (١٠٨١)

يَڪُلِئا پُوٽنِّ، دَلقَ گَڏئو ڏوڙِ ۾
راتيون رِجُ رَهنِّ، ڏيهان ڏورينِ ڏونگرين.

### بيت (١٠٨٢)

سُڪِ نہ ستا ڪڏهين ڪَرڪَٽا لاهي
اوسيڙو آهي، ڪاهوڙين انَ پندَ جو.

### بيت (١٠٨٣)

ڪَتنِ نہ ڪرڪاڻ، پَندَ پَراهين هَلِئا❹
ڏوتَيڙا ڪنه ڏٽ ڪي، جُنبئا ڏونه جابانڻ❺
ڪاهَوڙِيُنِ اُهجاڻَ، اَنگ نَہ سَجِي اَڳِڙي.

### بيت (١٠٨٤)

ڏينه ڏهائين ناهِ، جتي پيرُ نہ پَڪِيان ❻
تِتي ڪاهوڙِيان، وَرَ ڏيئِي وَڻَ چُوندِئا ❼

### بيت (١٠٨٥)

ڪاهوڙِي ڳِرا، سُوڏِي خَبَرَ پَڪِيان ❽
سوجهي جن ڪَئا مَتي اَنگهن آهِرا ❾

---

❶ ٻي پڙهٽي: ڪوه ڄاڻان. نار=وادي

❷ ڪيترا=ڪرڪڻ يا ڪفش

❸ ٻي پڙهٽي: ’تهان پرانهين پنڌ جيون‘.

❹ اصل. ڪتن نہ ڪرڪٽا

❺ اصل. جابان=بيابان

❻ اصل. ”ڏيه ڏهائين ناهه، جتي پير نہ پڪيان“

❼ اصل. تتي ڪاهوڙين.

❽ ٻي پڙهٽي : ”ڪاهوڙي ڪرا، سوڏي سڌ پڪٽا“

❾ ٻي پڙهٽي: ”متي انگهن آنڪيرا“

**بيت** (١٠٨٦)

ڏٿُ گھٽائي ڪنِّ، اِنَ اوراھين پنڌَ جو
سندا ڪاھوڙينِّ، پري سُڄنِ پيچرا.

**بيت** (١٠٨٧)

جتِ نہ پَکِيءَ پيرُ، تتِ ثَمَڪي باھِڙي
بِيو بارِيندو ڪيرُ، ڪاھوڙي ڪِي ڪيرَ ري.

**بيت** (١٠٨٨)

ڪُپيريءَ ۾ پيرُ، ڪَني پاتو پيرِيين
جئائين مُنجھنَ ماڙُھوئين، سَڄَڻَ تئائين سيرُ
اُنَ يُون سَندو پيرُ، ڪوڙِن مَنجھان ڪو لَھي.

**بيت** (١٠٨٩)

پيئِي جن پَرڪَ، گَنجي ڏُوگَرَ گامَ جي؛
واري سي وَرق، لوچي لاھُوتِي ٿِئا.

**بيت** (١٠٩٠)

جَني پيئي بوءِ، گنجي ڏونگر گام جي
ڏوري ساجُوءِ، لوچي لاھوتي ٿئا.

**بيت** (١٠٩١)

گنجي ڏونگر گام ۾ کھڙو اٿيئي ڪام
پَسِي تنہ پھاڙَ کي، اَچي نہ آرامُ
مَتان ڏونگرَ ڏورِيين، اُجھين ڪُہُ عَوامُ
ھَڙان ڪَري حَرام، ڪاءُ تہ ڪاھوڙِي ٿِيين ❶

**بيت** (١٠٩٢)

ڏوري ڏسي ڏونگرين، واٽ وِجائي جن
اُوءِ بصيرَ بَرّن ۾، اَنڌا ٿئو اَيِنِ؛
ڪَنَن آڏِيُون تاڙِيُون، گُنگَن جِئَن گُھمَنِ؛
فِراقِيءَ فرمان جو، آھي بَرُ بوڙَنِ؛

❶ اصل. ”ھران ڪري حرام -الخ“. حرام =خشم.

لڱا تئا لاهُوتَ کي، سُتا پئا سِکَنِ ❷
کَپِتِ کاهوڙِيَنِ، آهَہ اُتي پِي پئي نہ لَهي ❸

**بيت** (١٠٩٣)

سي اُجهي پئا اُٿَ ۾، واٽ وڃائي جن ❶
کُرَندان کين پَرُوڙِئو، رَنڌُ نہ سي رڙهَنِ ❷
پِيئِي دارَ ڏَيُون ڪِئو، پيرَتِ تان نہ پُڇَنِ ❸
ڏُوڙِپريان لِئي ڏارِ تِئو، ويچارا وِڃهن
خَبَرَ کاهوڙِيَنِ، آهي اجان لِکَ لاهُوتَ جي ❹

**بيت** (١٠٩٤)

وِيجهو وانءُ مَ واٽَ کي، کَهِڄ ڏُونہُ کُواٽَ
اُجهي منجها اَٿَ، اُو يسي تِي آءٌ تون.

**بيت** (١٠٩٥)

سُونهَپَ ۾ سَپَ گهڻا، مُنجهڻُ ماکِي هوءِ ❺
پَرو تِهين پوءِ، جو اُجهي پوءِ اَنَ تان.

**بيت** (١٠٩٦)

وَرُسا کارِي راتِ، جِنہ ۾ راهَ گُم ٿِيي
هيُ پُڻ وڃي وسَري، هِنَ هُنَ جي ئي تاتِ. ❻

**بيت** (١٠٩٧)

مُئي هاتِي سين مامِرو اَچي پَئو اَنڌَن
مَنازِين هَتَن سين، اَکِيؤن کِينَ ڏسَن ❼
"فِي الحَقِيقَةَ" فِيل کي، سَڃا سُڃاڻَنِ ❽
سَندِي سَرِدارَنِ، بَصِيرَتَ بِينا کَري ❾

---

❷ اصل. لنڪا تئا. حاشيي ۾ "سڪاتا"
❶ اَٿ = گمراهي
❸ پيرت=راه
❺ سپ=خطرات
❼ بي پڙهڻي: "کين پسن"
❾ بي پڙهڻي: "بصيرت بيناه ٿي"

❸ بي پڙهڻي: آه اتهين پي نہ لهي.
❹ بي پڙهڻي: "ڪرنداڪاپڙي رندن ڪين" رڙهن
❻ بي پڙهڻي: "آهي لک"
❽ بي پڙهڻي: هي پڻ وڃي وسري "نڪا هن جي تات".
❽ بي پڙهڻي: "فيل جي کي-الخ".
❿ بي پڙهڻي: سي نہ پون

بيت (١٠٩٨)

جَهنگَلِ هَلِئا، سي نہ پُلِيا، راهَ هَليا ڦُرجَن
اَوَجَهڙَ او نہ پَوَنِ، جنِي ٻيئِي ڇَڏِيُون ❿

بيت (١٠٩٩)

جَهنگَلُ آهيِڙيُنِ کي، پَنَڻُ ڪَئو رُوءِ
نہ ڪُتا، نہ ڪوڙِڪُون، چَڙهِئو تو چُوءِ ❶
هاٽي انهان پوءِ، لڳي لوئو نہ تيان.

بيت (١١٠٠)

جَهنگَلُ آهيِڙيُنِ کي، پَنَڻُ ڪَيو رُوندو
نہ ڪُتا، نہ ڪوڙِڪُون، چَڙهِئو تو چُوندو ❷
هَڏهِن نہ هُوندو، تهان پوءِ عالَمَ ۾ ❸

بيت (١١٠١)

تحقيق جي يري تون متي ريءَ ڪٽيج
ٻانهون ٻئي لاهي ڏيئي، ڪُشتي ڪمائيج
سنڌن ساڙي، ٽنگون ٽاري، ڄنگهن ري جُليج ❹
جا هاڄُ هٿِن ري نہ ٿيي، سان ننتو ٿي ڪريج ❺
هڪلَ حقيقت جي ٻوڙو ٿي ٻُڌيج
انڌو ٿي پسيج، مُشاهدو محبوب جو.

بيت (١١٠٢)

وائِي وجيم شالَ، ڪنِ سين ڪِيم سَٽِيان
پَلو ڪري پالَ، تہ اکينِ سين انڌو ٿيان.

---

❶ اصل. ”چرؤ تو چوءِ“
❷ اصل. چرؤ تو چندو.
❸ اصل. هُندو
❹ اصل ”سنڌن ساري تنگن“ تاري ڄنکن ري جلج
❺ اصل. ٽُنتو.

## وائي

جاڳي اڪِيُن، ڪوهُ اوجاڳو نہ ڪئو
اکيون پرِيَنِ ڪيِ، ٽاٽا ڪئو ٽِمنِّ [6]
جي سنجهيئي سُتيون تي پلاٽئو پرينِّ
جي سنجهيئي ستيون تہ مَرُ سورَ سَهنِّ.

[6] اصل ائين.

# سر ودرپ

### بيت (١١٠٣)

گُوندَرَ هَٿَ نہ پيرَ، ورِهُ مَنجهينِ وَهَٽون
ڪُرَ ۾ قطارُون ڪَري، سُورَن لايا سيرَ [1]
مُون جِئَن گهاري ڪيرَ، هيڪِلي رِيءَ سَجَٽين.

### بيت (١١٠٤)

گُوندَرَ ڪَئو غَرَقُ، ماءِ ! مُهنجو چِندُڙو
ڏُڪويُنِ مَرَڪُ، مَتي سَڳَرَ پَندڙَو.

### بيت (١١٠٥)

گُوندَرَ گَڏِياسِ، صِحَتَ نِئَڙِيَمِ سَجَٽين
مادَرِ! مارِياسِ، ڦوڙائي پِرِينءَ جي.

### بيت (١١٠٦)

اُتي جِئَن مورَنِ، اويَڙ وَلَهرَن ۾ [2]
سا پَرِ گُوندَرَ ڪَنِ، جُه ڦوڙائو سَجَٽين [3]

### بيت (١١٠٧)

ڪامي ڪُوري وچَ ۾ جئن سو تيَ ترو [4]
مون ڪي ڏنو سجٽين منجهان سِڪَ سرو.
ورُ جهيٽو ٻَرو، ڪُه ڦوڙائو سجٽين [1]

---

[1] اصل: لائيا سير
[2] ولهرن)=وادي وترائي زمين
[3] اصل. جو ڦوڙايو
[4] ٻي پڙهٽي: جئن ري تي ترو
[1] ٻي پڙهٽي: ورسو جهيٽو ٻرو، مَ ڦورائو سجٽين

**بيت (١١٠٨)**

پـڌرِ وجُهـہ مِ پـريَ رِي، ڳَـرَه مَ، ڳـجهـو رو ❷
ســـورنِ سُــيَرُ هـو، هِـنـيـڙا كـمَّ كَـٽـنِ جـئـن.

**بيت (١١٠٩)**

ڳَـرَيـنِ مَ ڳَـرَهـيـج، روئـي كَـر مَ پَـڌِرا ❸
تـان سُــوران ئي سَــهيج، جـان لا هِـيندَڙُ كولِهين ❹

**بيت (١١١٠)**

كَـهـڻُ تـہ كـچـائِـي، ســورَ نـہ ســانـديڻُ سُــتِـرا
اجـان تـان آئـي، ڏيـل مـهـنـجـي ڏُک ســيـن.

**بيت (١١١١)**

ســجـڻَ ســيـرئـام، پـيـم كَـلَ كـپـارَ ۾
جـهـڙي تِـهـڙِي حـالَ ســيـن پـريـن نـہ وســرئـامَ
هَـرئـا هـتَ تـئـامِ، نـيـٽـنـئـون نـيَـرُ وَهـي.

**بيت (١١١٢)**

جُسـي سَـنـيرِجَنّ، سَـهُـہ جَـنـي ســيـن واريـان ❺
لـئـن لـئـن هـيـتِ وجِـنِ، رڳـون ربـابـن جِـيـئـن.

**بيت (١١١٣)**

وســاريـان نـہ وسَــرن، چـيـتـاريـان چُـٽـكَـنّ
ويـرو تـار ڏكـنِ، ســڄـڻَ يـڳـو هَـڏُ جـيـئـن. ❻

**بيت (١١١٤)**

ســنـيـرئـو جِـيـان، ڳـالـهـيـون پـريـن تـنـهـنـجـيـون
ڳُـڻَ كـيـتَـرا ڳـٽـيـان، ٿـورَنِ مـٿـو نـاهِ كـو.

---

❷ اصل. روءُ.
❸ ڳرين=كوچه. ٻي پڙهٽيلله: ڳرن (=كين). ڳرهيج= زباني.
❹ ٻي پڙهٽي: ”كو سوران“ .
❺ ٻي پڙهٽي: سور جني سين-الخ، سهہ= محبت
❻ ٻي پڙهٽي: ”سڄڻ يڳي هڏ جئن.“

### بيت (١١١٥)

چَتُرَ رهي نہ چِتُّ، ويٺَنِ واڳَئو نہ رهي [1]
رَئِي لَٽجي نِتُّ، هِنيڙو واٽَ وِرکَ جيئن. [2]

### بيت (١١١٦)

چيتاريان چُونديَاسِ، ڳالِهيُون کي سَڄَڻين [3]
جُو مُقابِلِ ٿِياسِ، تہ سَڀِ وَڃَنِمِ وِسِري.

### بيت (١١١٧)

جِئَن سي کُوهِي نارَ، وَهَنِ واري ڳاڏُئان
هِنيَڙو پِرِيان ڏارَ، نِبيرِيانسِ نہ نِبِري.

### بيت (١١١٨)

اَندَرِ اَندَرِيُون، جِيئَن سي وانجِهي لَٽِ ۾ [4]
جو ٿَن تي تَرِيُون، تہ کِيئَن مِلِبو سَڄَڻين.

### بيت (١١١٩)

نيڻَ نہ نندون کن، پڳو آرس اکيين
اُجهامِئو ٻَرن، توکي سارِئو سُپِرِين.

### بيت (١١٢٠)

سُتي لوکِ اُڌَ نکِئا نيڻَ نِهائي جان [5]
اُجهامئو ٻران، توکي سارئو سپرين.

### بيت (١١٢١)

نيه نيهائي جيئن، ڏَکِئو کوهُ نہ ڏِکِيين
جُه جَر جيري چِڏي، تہ رَڇَ پَچَندا کيئن
تون پڻ ڪريج تيئن، جئن ڪنپار ڪرين ڪم سين.

---

[1] اصل. واڪئو نہ رهي
[2] اصل ورک(=درخت).
[3] ٻي پڙهڻي: "چيتاريو"
[4] اصل. جو تن تِي تريون؛ لٺ= عصا، بانس
[5] ٻي پڙهڻي: "اُڌ هئا".

**بيت (١١٢٢)**

نيہُ نيِھائيَ جان، ڏَڪَئو ڪوه نہ ڏيکين
جو جر جيري ڇڏي تہ ڪئن پچندا تانءَ
سندي ڪنياران، ڪَنِ ڪريجاه ڳالھڙي.

## وائي

جو نوازي ڏڏُّ، آسَرَ لاه مَ اُنَ جي
اوڏايان اوڏو گھٽو، کِھڙا ڪريين سڌُّ
وھہ داتا جي در تي لنگھا لاھي لڏُّ
اَگلن کي اوڏو وھي، گندا ڪري گڏُّ
سمي سي سيڻَ ڪِئا، ھوءِ جي بَڏن مڏُّ
جي جيُ تماچي ڪري سُٽي نورِيَ سَڏُّ ❶
آَدمُ تِئائين خلقيو ھوءِ جا ڪِجي منجھا ڪڏُّ ❷
کھڙا جَڏُّ جَڏوئيين جُودَ مَنھدان جڏُّ ❸
اڳئان ڪريمن کي مشڪل ڪانھي مڏُّ ❹
ھوءِ جُنبا جابانَ ڏي، تون سُتي ساھيين ھڏُّ
غافِلِي ڪُفرِي، ايڪُ نہ سُئَي سڏُّ.

**بيت (١١٢٣)**

جَرُ نيٽنئون نہ لھي، ڪڪرُ منجھہ ڪَپارَ
اَڄُ مُنھنجي چِتَ ۾، اُتا پريَن اَپارَ
آءُ سَاڃن! لَھُہ سَارَ، وِره ويڙهِي آهِيان.

**بيت (١١٢٤)**

جھڄي جھانءِ ڪري، ماتِ نہ اُڃھي مون ھنيين
سڄڻ ھي ساري، ھو جني جو ھيرئون.

---

❶ اصل. ائين
❷ ڪڏ =يعني قبر، مراد خاڪ
❸ جڏ جڏوئيين=شڪ و شبہ؛ جڏ= اي ضعيف
❹ مڏ= ڪار عظيم

### بيت (١١٢٥)

جهورِي جهجَڻُ جهانءِ، مون جَني جي نہ لِهي ❶
آيلِ اِيَ مَ پانءِ، تہ آءٌ ڪا جيندي اُنِ ري.

### بيت (١١٢٦)

اَيرئام انگورَ، ستي سُپرينِ جا
ڪايو ڪَايو سورَ، لوچئو لچئو اٿيان.

## وائي

سرتيون سُتڙيون، آءٌ پيرُ سارِيان ٿي پهنجو
منهنجو ڪمُّ ڪريم سين، ٻئا ڪن ٻيون
حُسنُ راهو مَنجئو، مُنهنجو آهِ مِيُون ❷
ڪوه ڪِبو تَنِ ڪَي جني منجهہ ڪِيون
ناهي هندُ هيڪڙي ميمڻ جو هيون
توبهَہ آهي تَنِ ڪان جي هٿان مون ٿيون
مون ڪي ڏيج مَ مُنهَن ۾ جي مون ڪالهہ ڪِيون.

---

❶ ٻي پڙهٽيﷲ: "مون جني جو نہ لهي".

❷ "حسن" جي هيٺان ڇڻ معنيٰ طور لکيل "نام سعيد وجه الدين" (ائين) "راهو منجئو" (اصل ائين) جي هيٺان لکيل "راهوم ذات از قوم سمه".

# سُر ودگهاتو

**بيت (١١٢٧)**

مَتو وَهَڻُ ڪُنَّ ڪري پڃي سانُپوين ساڄَ [1]
مون وجهندي واڄَ، پِرين پئا نہ پَنَ ۾.

**بيت (١١٢٨)**

گَهنگَهرئا گَهٽَڃاڻَ، موڙهِي مَتِ مَهائِيين [2]
وئا گَڏِجي وير ۾، پئا مُنه مَهراڻِ
اَڳِئان پوئِيانَ ٿانَڻ، وِئا ويچارَنِ وِسري.

**بيت (١١٢٩)**

ماڪَ پڃايَنِ مولِهيا، مٿان راتِ پئِي [3]
اُجَهڻَ لَڳِيون اوليون، وئن وَنجَهہ وَهِي [4]
ڪَلاچِئَان ڪَهي، ڪَڏَهِن ڪونہ آئِيو.

**بيت (١١٣٠)**

ڪو جو قَهَرُ ڪلاچ ۾، جو گِهڙي سو نِي
خَبَرَ ڪونہ ڏِئي، رَڃَ ڪُڃاڙي رَندِئا.

**بيت (١١٣١)**

ڪالهہ ڪَلاچِي وئا، ڇَتِيُون ڪٽي ڇُڳِيرَ
پائِنِ پيرو نہ ڪَئو، اَڏَن ڪِي اَويرَ
اهِڙي خاصِي ڪيرَ، ڪُنّ ورائي جَهلِئا.

---

[1] ٻي پڙهڻي: "سيپيون ساڄ"؛ وَهَڻ=دريا

[2] اصل. ڪڪرئا ڪن چار-الخ

[3] اصل. راتِ پيئي

[4] اصل "اُجن لکي اُولي".

**بيت (١١٣٢)**

سڏُ نـہ سُجي سـاتِيين ڪُنَ ڪلاچِيَ پار[1]
گهاتوئنِ سندا مَڪرا، ڪِنهُ ٻي تَڙِ نهارِ.

**بيت (١١٣٣)**

تَريُ پَسان نـہ تارِ ۾، جُنگا جاءُ نـہ ڪَنِ
مادَرِ! مَلاحَنِ، ماڳِ نـہ ڏويا مَڪُرا[2]

**بيت (١١٣٤)**

ڏيهاڙِي ڏنَمِ ڪيترا مارِيائون جنِي موڪَ
گَهرَ ۾ گَهاتُوئَڙَنِ جا تا مارِينَمِ توڪَ
لَڏي وِچان لوڪَ، اُونهي وئا اُهِرِي.

**بيت (١١٣٥)**

ڪالهہ ڪلاچِيَ وئا، گهاتو ڪري گهور
مادر! ملاحن جا، ويتي سهانِ سورَ
مون ڪي ڪري ملورَ، اونهي وئا اُهُرِي.[3]

**بيت (١١٣٦)**

اُيي اوسِڙان اُسَ ۾، جَهلئو ڪُنّ ڪِنارَ[4]
گهاتُو گهر نـہ آئِيا، وَڏي لَڳيَنِ وارَ
هُيَسِ جنِي هارَ، سي موڙي چرئم مَڪُرا.[5]

**بيت (١١٣٧)**

ڪِلي جان ڪينڪاريان تان ساتي سڳُ نہ ڪَنّ[1]
وارئو وهتَ وجنّ، ڪِنِ سياڳِنِ سامُهان.

---

[1] ٻي پڙهڻي: سڏ نہ سجي ساتيين، پريا پراهين پار: پريا = رفتہ.
[2] اصل بيت ائين.
[3] ملور = ملول و ضعيف
[4] اصل. اوسراڻ. ٻي پڙهڻيءَ لاءِ ”اُيي او سڙڪان“.
[5] ٻي پڙهڻي: چُريا
[1] ٻي پڙهڻيءَ لاءِ: ”ساتي سڏ نہ ڏين“.
[2] مٽ=خريدار

### بيت (١١٣٨)

جِتـي گـهـاتـوئـيـن گـهـورئـو تـتـي واريَ بُـٺَّ
سَـر سـڪـا، سـاقِي گيا، سَـهَـسـين سـاٽين مٽَّ ❷
نـڪـا بـوءِ بـازار ۾ نـڪـا ڇُـلـرَ ڇـٽَّ
جـتـي ڏنـيـريَـنِ جـي اڳـي هـئـي اُڳـهـٽَّ ❸
سـي پِـڙَ پَـسـئـو پَـٽَّ، وِجـن مـارو مـوٽـئـا.

### بيت (١١٣٩)

مُـون اُڏارِئـا مَـڇَـڙا، الا! گـهـاتُـو آڻ ❹
مِـيـان! مُـدارَنِ سـيـن، مـونـڪـي، وجهہ مَ ڪَـاڻ
هَـٺَ مُـهِـنـجَـي هـاڻِ، قَـدُرُ لِـڌو جِـنِ ري.❺

### بيت (١١٤٠)

اوري هـئـا تـہ آئـيـا، جـيـڪُـسِ وئـا پـري
سـاٿـي سـڏَ ڪـري، مـاڳَ نـهـاري مـوٽـئـا.

### بيت (١١٤١)

اِيَ پَـر گـهـاتـوئـڙن جـي اَئـيـن جـا لُـڌو لـوڏَ
ڪَـنَّ ڪَـلاچِيَ ڪـوڏَّ، سَـڪِ نـہ سـتـا ڪـڏهين.

### بيت (١١٤٢)

گـهورينـد هـين گـهورِ پـئـا، اگـهورِ گهورِئـائُـون ❻
مَـيـگَـرُ مـارِئـائُـون، مَـلاحَـنِ مُـنـه سَـنَـرا.❼

### بيت (١١٤٣)

گـهـورُ نـہ اڇـي گـهـاتـوئـيـن ڇـاڇَـر ڇُـڳـيـرَنّ
اڳـي اونـهـي سـنـديـون ڪَـنـدا ڪَـرُون پَـچـنَّ.

---

❸ اصل. اُڳٽَ ❹ گهاتو= ملاح که جست و جو در ورط کنند-اي طالبان حق جلشانه

❺ هٺ= وجود ❻ بي پڙهٽيِ لله: ”اگهور گهورئائون، گهڙندي گهور پئا“.

❼ ميگر = نفس. سنرا= سرها اي خوش.

**بيت (١١٤٤)**

جان گهڙنداءُ گهاتوئا، تان رچَنِ ڏهو رَڳُ [1]
سَڳايُون ۾ سَڳُ، ڪلاچي ڪينَ ڪَري. [2]

**بيت (١١٤٥)**

جئَن جُهڳا پائيين جهولَ ۾، اِيئَن نہ مَرَن مَڇِّ [3]
سَبَرَ ڏارِ سَمُندَ جا، ڪي راٽيون رَڳُيُ رَڇِّ [4]
هِي چارُون ۾ چَڇِّ، اجا اوڙاهُ آڳاهُون تِئو.

**بيت (١١٤٦)**

تلهو تو تونا هٽي، مَتو آهيين مڇَّ
باب تُهنجي رِڇَّ، لِکئا لوحَ قلمَ ۾.

**بيت (١١٤٧)**

جئن تون هڏ نہ موتئو پلو پلو مڇ
جا تو ڏِني اَچ، تَنہ پاٽِيءَ پُنا ڏِينهَنڙا.

**بيت (١١٤٨)**

تان تون مَڇَّ نہ موتئو جان جر هُئڙو سِيرَ
آڏا هٽِي ڪِيرَ، گَهتَ ٻئي جَهلِئي گهاتوئين.

**بيت (١١٤٩)**

تان تون مڇ نہ موتئو جان جرُ هئڙو جالَ
پُونيئِي اجُ ڪِ ڪالَ، سَپُيون ساکُنِ ۾ [5]

---

[1] ٻي پڙهٽي: ”آئين تا گهڙو گهاتو تا تہ رچن ڏجاءِ رڳ“
[2] سڳايون =خوشي؛ سڳ = عزيزي
[3] جهڳا= نام رچ
[4] ٻي پڙهٽيلله: ”راهو رڳي رچ“
[5] ٻي پڙهٽيلله: ”سپويون ساخن ۾ (سنڌي ڪليون).“

# سر ليلان چنيسر

**بيت (١١٥٠)**

ڍَڪَڻَ مـتـي ڍولَ جـا، پُـوچـا ڏِنَـمِ پـــــيـرَ
مون پـانيئو تنَـه ويرَ، ڪوجھي ڪَنـدو پَرِيتڙِي. ❶

**بيت (١١٥١)**

جـڏهـن جرُ هـارئـو تـي جڪري، رُنوءِ ڏيري دارَ ❷
ڍولـي تـڏهـن ڍيلـي سـوپـي تـيئـي نـہ سـارَ ❸
چـنـيسـر پـتـار، حـيلـو ڪـيـو هـارَ جـو.

**بيت (١١٥٢)**

سـورِيَ سُـتَـريـاءَ، پـڪـو سـهـو وِلارئـو ❹
چـنيسـرَ ڪـانـڌاءَ، تـان مـون هِئِن نـہ پـانـئيو.

**بيت (١١٥٣)**

چَنيسَـرَ سـيـن چـاڳُ، مَجُـڻ ڪـا مُـنـڌَ ڪَـري
ڏُمِرئـو ڏُهـاڳُ، سِـگهـو ڏِيي سُـهـاڳِـيـن.

---

❶ اصل پڙهڻي لله: "پريري"
❷ ٻي پڙهڻي لله: "ڏيرنيون ڏار"
❸ ڍيلي= ترڪ داد؛ سوپي= اي فيروزمند
❹ ٻي پڙهڻي: "سوري سڌريا پڪي سهي ولاڙئو"

### بيت (١١٥٤)

چَنيسَرَ سين چاءُ، مَتان ڪا مُندَ ڪَري
ڪانڌَ ڪَهين جو نہ وَٽي، نہ گِيرَبُ نہ گاءُ [1]
جي ٿِڙي ٿورَڙِياءُ، تہ دوسَت دَسائي داد لا. [2]

### بيت (١١٥٥)

چَنيسَرُ چَؤرَنگُ، ڀہ رَنگو لوڪُ ڀئو
تنہ سين چِنِئو سَنگُ، وَڃِئو هارَ هَٿُ ڇُهِين!

### بيت (١١٥٦)

نَهيو ٻَڌيو روءِ، اڱڻِ جهوڪيو ڪر هو [3]
ڪو چنيسر چوءِ، تہ وڃي ليلان لڌِئو.

### بيت (١١٥٧)

ليلان لڪڻ پهنجا سارج سيئي
وَرَسين وڙهيو اٿيين ڏوراپا ڏيئي [4]
ڪُہ ڄاڻان ڪيهي، آهي چنيسرَ چت ۾. [5]

### بيت (١١٥٨)

ڏهاڳان سهاڳڻيون سِدا تيون ڪَنبِن
ڪوهُ ڄاڻان ڪي ڪَنّ، وارو ڏيندو وَلهوَ!

### بيت (١١٥٩)

جي وارو نہ ڏي، توءِ مهنجو ولهو
آءُ تِنہ يلي ڪي، پاڻُ پَرنِئان ڪيترو.

### بيت (١١٦٠)

سهاڳان ڏهاڳڻيون کهڙي ڏوه تينّ [6]
وَرُ وِڏو هي اِيهَن جئن هوءِ پاڻُ پُسنّ.

---

[1] گيرب = تکبر؛ گاءِ= تکبر
[2] هي بيت حاشيہ ۾ لکيل آهيَ.
[3] ٻي پڙهڻي: "نهي ٻڌي روءِ، اڱڻ جهيڪئو ڪرها"
[4] ٻي پڙهڻي: وڙهئو اٿيين ورسين
[5] ٻي پڙهڻي: "نہ ڄاڻان ڪيهي"
[6] ٻي پڙهڻي: "سهاڳان ڏهاڳڻيون ڪنہ جنہ ڏاه ڏين"

**بيت** (١١٦١)

ڏوري لڌُم ڏاگُ، جنھن ڪَر لاھُو داسَڙو ❶
گھورئو سو سھاڳُ، جنھ ۾ پَسين پاڻَ کي.

**بيت** (١١٦٢)

ڏُيَريون ڏاڳٽيون ميرا منھ سندان
ويھي ورَ سيٽانِ، ڪانڌ نہ اورئو ڪڏهين. ❷

**بيت** (١١٦٣)

داغُ تھنجو داسڙا جيري مٿي جَنِّ
تون ڪئن مٽان تَنِّ، چنيسر چِٽُ ڪٽين.

**بيت** (١١٦٤)

داغُ تُھنجو دائما، ماري مَعذُورين
سائيَنءَ ڪارَڻ سُپرين! وَڃج مَ ڏُورين
آءٌ تو حُضُورينَ، مَٽِيو وِجھان مَچَ ۾. ❸

**بيت** (١١٦٥)

مٽيو وجھان مچَ ۾ ھائيَ وجھان ھارُ
پِري جي پتارُ، تہ ميريائي مانَ لھان.

**بيت** (١١٦٦)

لِيلان حيلا چَڏِ، جي تُون سوپي سِڪئي
پائي پاندُ ڳچيءَ ۾، پاڻُ غريبيءَ گَڏِ؛
هَڏِ نہ چُندوءِ لَڏِ، جي ڪارُون آئڙيان ڪانڌُ کي. ❹

**بيت** (١١٦٧)

لڪَڻَ ڪيمَ ڳٽيج، جي مورائين ناهِ مون
مون کي ملھائيج، وارو ڏيئي وَلَھا. ❺

---

❶ ڪرلاھو=خبر يابنده.
❷ سيٽان=بہ اوشان
❸ اصل. حضوري؛ مٽيو = زيور
❹ اصل. ”جي ڪارو آرِئا“؛ ڪارون= خصلت. آئڙان= پسند آمده
❺ اصل. ”لڪن ڪيم ڪَٽيج، جي موراءِ ناه من، منڪي ملائيج، وارو ڏيئي ولھا.“

**بيت (١١٦٨)**

جي مان موڙهي مَتِ، تہ تون پاڻُ سڄاڻج سُپرين
اَصلِ اَوايَنِ جا عِيبَ، ڏَکين تون اَتِ ❶
اِيَ پرِيَن تُهنجِي پَتِ، جئن وِلهيون ڍڪڻُ ولها.

**بيت (١١٦٩)**

ڍولا! ڍيل مَ مون، ڪانڌَا! ڪميٽي آهيان
سڪ تهنجي سپرين، پيري وڌيسِ پون ❷
مون وَرُ تونهين تون، تو وَرَا! ونيون ڪيتريون. ❸

**بيت (١١٧٠)**

اَوَڳُڻ ڪَري اَپارَ، تو دَرِ آيَسِ داسَڙا!
جئَن تو رُسَڻَ سنديون رُوحَ ۾، تئَن مون پيٽِي ناهِ پَتار!
سائِينءَ لَڳِ، سَتارَ! ميٽِ مَدايُون مُهنجيُون.

**بيت (١١٧١)**

ڍولا اولا نہ سهان آڏا آڏيئي جي
تو ور وَهون ڪيتريون مون ور تون وَري
پِرتان پيرَ پري، ملهائيج مسڪينِ کي.

**بيت (١١٧٢)**

اُتي سورِ بُهارِ، ليلان لَڄُ مَ ايترو ❹
ڍولو اڳڻ بَهارِ، ڪانڌُ ڪميٽيَ آئيو.

**بيت (١١٧٣)**

ليلان لَڄُ مَ ايترو اتي اڳڻُ سورِ
ابو ڏاڏو گهورِ، پاڻَ سوڌو پِريَ تان.

---

❶ آواين= عيب دار؛ ات=نهايت، بيحد، اتم
❷ ٻي پڙهڻي: ”پيري هنيس“
❸ ٻي پڙهڻي: تو ور وهيون ڪيتريون
❹ ٻي پڙهڻي: ”لَڄُ مَ ايترو.“

**بيت (١١٧٤)**

چَئِي چَنيسَرَ چامَ سين، لِيلا تُون مَ لکاءِ
دوسُت تُهنجو داسڙو، ڪاندِ وَڏيائِي ڪاءِ
ڏولو ڏکُ سَندياءِ، تون عَيبن ڪَي آڏو تيين. ❶

**بيت (١١٧٥)**

چَئِي چَنيسَرَ چامَ سين لِيلان لکاءِ مَ تون
جو تو پانئيو پنهنجو تنه سين "آءٌ" نکا "تون"
رُئندِيُون ڏِنيون مُون، اِنَ دَرَ مَتي داسڙي.

**بيت (١١٧٦)**

چئي چنيسر چام سين، ليلان لَکايوءِ
جو تو پانئيو پهنجو تِهنجو پَرو کو نہ پيوءِ
ڪونروءَ ڪانڌُ سندوءِ، ڪٹي دَستِ ڪيو آهي داسَڙو.

**بيت (١١٧٧)**

ليلان جهہ لکائيين، چئي چنيسر ساڻُ
وَرَسين وڙهئو اتيين موڙهي مُنو ۾ پاڻُ
پوري ڪئو ۾ ياڻُ تي آئيو ڏنءَ ڏهاڳ جو.

**بيت (١١٧٨)**

لِيلان جِمَ لکائيين چَئِي چَنيسَرَ ساڻُ
جو تو پانئيو پهنجو، او رِيساٹو راجاڻُ
پاٹان ڏارَ پِرياڻُ، ڪانڌَ ڪهين جو نہ وَٹي.

**بيت (١١٧٩)**

پوتا دُرَ ڪَنَنِ ۾، ڳِچيءَ ڳاڙها هارَ
بانهُوتا بانهُنِ ۾ سَيندِ سَٹيا وارَ
تڏهن پِيّ پَچارَ، ڪانڌَ مُهنجي چِڏِيين.

---

❶ اصل. "تہ عيبن ڪي آڏو تيين"

## بيت (١١٨٠)

نـڪيـن ٻـاھَـريـنِ ۾ نـڪـيـن گـھَـرِ ھـئـوم ❷
تـڏھـن پـريـن ســـنـدوم، رُڳـوئِـي رَيِ ڳـٽـي ❸

## وائي

آءُ پـريـن گـھـرِ پـيـھـي، مـيـان چـنـيـســـرَ!
ھـــارَ ھـــتـــان مـــون چـــڏِئـــو
پُـچـنِ لـيـلان، اوءِ ڪـنِ حـيـلا، ٻَـھـران اچـي ٻـيـئـي
دوســـت نـئـائـون داســـڙو ويـســـاھـي وَرُ ويـھـي
اوڳُـڻ عـيـب مَـنـائـيـون مُـھـنـجـون ڍولا ڏَڪِ ســيـئـي
تـو درِ اچـي داســـڙا آر ڪـريـنـدِيـسِ ڪـيـھـي.

## وائي

مـــون ڪـــي وَرَ وَري، وارو ڏيـــيـــن وَلَـــھَـــا
تـوڪـي ســـاري سُـــپـريـن آءٌ پُـنـديَـس مـا ڳ مـري
تـوڪـي ســـري سُـــپـريـن، اســـان تـان نـہ سَـرِي.

❷ اصل. ”نڪين ڪر ھوم“.
❸ اصل. ”رڪوئي ريءَ ڪني“.

# سر ودپرپاتي يعني جاجڪاڻي

**بيت (١١٨١)**

مُوڙهو پُوٺي مَگَـــڻا! ڪيڏانہ هُئين ڪالَ
لَنگها ڇَڏِ، لَطِيفُ چئي، اُجَهڻَ جا اَفعالَ ❶
سَـــبِرَ دَرِ سُـــوالَ، ڪَرِ تہ قيمَتَ آڻِيين. ❷

**بيت (١١٨٢)**

چارَڻُ لَڱون، پَنڌُ گهڻو، ڪِين چوٽاڻِيءَ چَئِيج ❸
هِتِ ڪِين هلائيج، اُتي آءٌ نہ اچڻو.

**بيت (١١٨٣)**

اُٺيو اَپوجهاءُ، سَـبِر جو سَـڏُ ٿِئو
جِئَن اَئِين ڪِيرَتَ ڪَٽَ نہ سکئا، تِئَن پاٽا رِيڏو راءُ ❹
مَنگو مون مُلاءُ، آءٌ اَواهنجو آهِيان. ❺

**بيت (١١٨٤)**

ڏاتِ نہ آهي ذاتِ تي، جو وَهي سو لَهي
ريُءَ رونجهاڻي راڄيي پئو ڪير ڪري ❻
جو راءَ وَٽِ راتِ رهي، تَنہ کي جُڪِي جانکيتان نہ ٿيي. ❼

---

❶ اجهڻ =ڪاهلي ❷ سبر = حق تعاليٰ
❸ چوٽاڻي= حق تعاليٰ يا مرشد ❹ ڪيرت= نياز. اصل. ڪٽ نہ سکئا. ڪٽ = ذره
❺ ملا= از من ❻ راڄيي= خداوند حقيقي ❼ بي پڙهڻي: "جان تان نہ ٿيي."

### بيت (١١٨٥)

ٻـولـيـون ٻـيـلـي جـيـون ڪـري پـاسـي پَـرِ پـئـو [1]
سـڻـائـي سُـتـنِ ڪـي وهـاڻـي وئـو
جـاڳـي ڪـيـن پـئـو، سُـرُ سِـڪـيـو ئـي هـيـڪـڙو.

### بيت (١١٨٦)

ڪَـڙَهَ اڳـئـان ڪَـپُ، ڏِيـهـاڙي ڏاتـارَ جـي [2]
لَـنـگـهـا لاهِ مَ لِـڪَـهـيـن، مَـتـان چـانـئُـتِ چُـپُ
مَـگَـڙهـارَنِ مَـپُ، ڪِـيـرَتَ ري ڪـونـهـي ٻِـيـو. [3]

### بيت (١١٨٧)

ڪـا ڪِـيـرت سَـنـبـاه، چـارڻ چـوتـاڻـيَ مَـٽـي [4]
وائِـي جـاڳـي سـيّـڪـا جـيـڪـا ڪـريـيـن سـا
لـنـگـهـا تـون لـيـلاءِ، اڳـئـان اُنـڙ ڄـامَ ڪـي. [5]

### بيت (١١٨٨)

ٻُـجـهـان ٻـاجَـهـه تِـي، ٻـاجـهـاڻـو ٻـيـلـي ڏٺـي [6]
سَـبـر سـا سُـئـي، جـا چـارڻِ جـي چـتَ ۾ [7]

### بيت (١١٨٩)

سَـبـر سـاهُ پَـسـاهـه، جـاجـڪ! جـمَ وسـارِيـيـن
رِيـهـي رُپـي سَـنـدَيُـون، تُـنَـدُون تُـنَـبـي پـاءِ [8]
لَـنـگـهـا تـون لِـيـلاءِ، اڳـيـان اُنـڙَ ڄـامَ ڪـي. [9]

---

1. اصل. ڪريين
2. ڪڙهہ=دروازه؛ ڪپ= نياز
3. مپ=شيوه؛ ڪيرت=نياز
4. چوتاڻي مٽي= پيش مرشد رسيدن
5. اصل. ”لنڪانہ تو ليلاءِ؛“ ٻي پڙهڻي: ”ڄام جئي“،
6. ٻجهان= فهميدم؛ ٻاجهہ تي= رحم شده؛ ٻاجهاڻو= رحم ڪننده؛ ٻيلي= اين جهان
7. ٻي پڙهڻي: ”چارڻ سندي چت ۾“
8. اصل. تنبي ڪِي پاءِ
9. ٻي پڙهڻي: ”اُنڙ ڄام جي.“

**بيت (١١٩٠)**

ميرا پَسِي مگَّڻان، سبِرَ سڏَ ڪِئا
سَبوجهنِ سُوا، ابوجَهنِ (ڪي) آسرو.

**بيت (١١٩١)**

تُون سَبِر، آءٌ سيڪَڙُو، تُون ڏاتر آءٌ ڏڏ
سٽي تُهنجو سڏ، ڪُلهي پاتُمِ ڪِينَرو.

**بيت (١١٩٢)**

تون سبر آءٌ سيڪڙو، تون پارسُ آءٌ پينارُ ❶
ڏِسندِهين ڏاتارَ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

**بيت (١١٩٣)**

تُون سَبِرُ، آءٌ سيڪَڙُو، تُون صاحبُ، آءٌ سَگُ ❷
پُڄي تُهنجو پَگُ، ڪُلهي پاتُمِ ڪِينَرو. ❸

**بيت (١١٩٤)**

تُون سَبِر، آءٌ سيڪَڙُو، تُون ڏاترُ، آءٌ ڏوهُ
تُون پارِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَڃين تہ سونُ ٿِيان.

**بيت (١١٩٥)**

پاڻان مَتي مَگَّڻي، تي ڏاتارَ ڏُکَ ڪِئا
"مُون دَرُ ڇَڏِئو، مَگَّڻا! مَگِين ڪوهُ ٻِئا
تيلاهين پئا، تو سين وچي وِلها ڏينهڙا. ❹

## وائي

ٻي دِرِ وانءَ مَر ڪيڏاهين،
ميان الا، جو تون ڄامَ مَگَدِهِن مگّڻا

---

❶ پينار = درويش
❷ اصل. تڪہ
❸ اصل. پڄي تنهنجو پڪُ
❹ وچي= ابن جهان.

ڦيرمَ هِيون ڪنڌُ ڪياڙِي، ٽيندِيئي هاجَ هيائين.
ماڻڪَ موتي مالُ خَزينو، ڏيندوءِ ٻيلي سائين ❶
ورچي تون وِهاڳَ ڪَي متان ڏيين پانهين
دَرُ داتا مڱُ منگتا اندا هوئِج اوڏاهين
مُذَڪَّرُ متان ڇڏيين هتان هيڪڙائي
اچج اَلوهيت ڏي، ٻارتَ ٻارِ ٻيائي ❷
ٻيون ڏيئي ٻنَ ڪي ڪڻُ سمون سَوائي ❸
اِنَّ اللّٰهَ وتر يُحِبُّ الوتِرَ، وحدتَ واڳَ وڏائين
پهنجي طَرف پاڙهيين سائلَ سپ سڏئائين
پينارن جي پٽَ ۾ پهنجو پاڻ وڏائين ❹
جتي جَوانن ڪي ڪوني پاڻُ ڪتائين
اُتي عُشاقنِ ڪي الفت اُهجُ ڏنائين
تَنُبو ڪڻُ مَ تيڏهِين جُوفو آهِ جيڏاهين ❺
ڪيرَت ڪري قرب سين خُلَّتَ ڪاجُ ڏنائين ❻
اَلاَ نسان سِرّي وَ اَنا سِرَّه، ان پَر اُتائين
ڳجهَہ ڳجهاندرَ ڳالهيون، رازُ نہ رکيائين.

## وائي

وڏڙا ڏانَ ڏنائين، ڪنيائين رَختُ ريزالَنِ جو
ڏاتيون ڏي ڏڏن ڪي سو نہ ساراهيِن سائين
اندا مندا آئيا سخا سَڏُ وڏائين
ڪينَ منجهان ڪين ڪري سو نہ ساراهيينَ سائين
وَ تُعِزُّ مَنّ تَشَاءُ، وَ تذِلُّ مَنّ تَشاءُ، آهي سپ اُتائين.
نوازئائين نُطفو منجهان ڪينَ ڪيائين

---

❶ ٻي پڙهڻي: ’خزانون‘
❷ اصل. هيڪڙائي. / ٻي پڙهڻي: ’ڇڏ ٻارت ٻيائي؛ ٻارت= مڱڻهار
❸ سمون سوائي= نام اولياء، مراد حق تعاليٰ
❹ ٻي پڙهڻي: ’پسو پينارن جي پٽ ۾- الخ‘
❺ اصل. تَنَبُو
❻ اصل. ’ڪاجُ ڏنائين.‘

حرفتَ حريفنِ جي يَجي سڀَ يَڳائين
حاسِدَ سڀ حُزنَ ۾ مُدَّعي پاڻُ مُنائين.

**بيت** (۱۱۹٦)

جاجڪَ! جيڏا پَسُّ، وئا سَويرا سازَ ڪٽي
تو گِهرندي مَسَّ، لڄَ لَنگهَڪي چَڏِئي. ❶

**بيت** (۱۱۹۷)

جئن تو تئو ڏُڏُّ، تئن لنگهي تِي لڄَ مري
سُيان سِياڪو سَڏُ، صحيح مِڙندُون مگٽا. ❷

**بيت** (۱۱۹۸)

ڏِڏو قِڏو ڏَڏُ، پاڻُ ڪوتائي مگٽو
نہ ڪنهن نِيو پاڙَ سين نہ ڪنهن ڪيو گڏَ
ڪري سَبَر سڏُ، ڏِڪي ڏوليَ چاڙهئو. ❸

**بيت** (۱۱۹۹)

پيو ليٽِيين لُٽَ، سَڄِيُون راتِيُون سُمهين ❹
اُٺِي آڏِيءَ نہ ڪَرئين، سَپَڙَ ساڻُ سَهَٽَ ❺
رُونجهي راتِ اُپَٽئا، پيتينئُون پاٽَيٽَ ❻
تِئائين ميڙي مَٽَ، چُوندي پَرِيا چارٽين.

---

❶ مس=سياه ريش
❷ اصل. ”صحيح مرندون مگٽا“
❸ ٻي پڙهٽي: ”ڏکي ڏيلي-الخ“
❹ لٽ = ڪاهل
❺ سهٽ= رضامندي ساختن. فقط هن سٽ ۾ ”سپڙ“ (ائين) آهي.
❻ رونجهي = حق تعاليٰ؛ پاٽيٽ= جواهر.

# سر ودڏھر

**بيت** (١٢٠٠)

مِرون ڪين وَلَنّ، پڪي ڪِن نہ پورھئو
تون ڏيندڙ تَنّ، تہ آسَ اسانھين نہ لھي. ❶

**بيت** (١٢٠١)

منو جئن نالوءِ، تئن مون وڏو آسَرو
ڪو دِر ناهِ جِھوءِ، مون ٻيا دَرَ گھٽو نھاريا. ❷

**بيت** (١٢٠٢)

ڏَٽِي! سو وارِيين واءُ، جو ميڙائو سَجَٽين
وَهِيءَ واٽَ مَتاءُ، هِنيڙي آسَرَ مَ لَھي.

**بيت** (١٢٠٣)

اِڄُ پُڻ اَڳَنُ ڪيٽان، آسَرَ لَڳِي سورِيانِ ❸
ڏُونگَرِ ڏِينه لَڳانِ، مانَ وَرِڪَنِ سُپرِين.

**بيت** (١٢٠٤)

ڪَرِ ڪو پيرو ڪانڌَ! نِماڻِيءَ جي نِجھري
پڪَي چِنان پاندُ، ڳَنڍِ نہ ڄاڻي ڪو ٻئو.

**بيت** (١٢٠٥)

جِئن تون قائِمُ ڪانڌ، تِئَن آءٌ وَرَ وِلَھي مَ ٿِيان
پَرين تنھنجي پاند، ڏولا ڏِڪَي آھيان.

---

❶ ٻي پڙھٽي: ”جان تون ڏيندڙ تن، تان آس اسانھين نہ لھي“
❷ ٻي پڙھٽي: تو در تان نہ جِھو، مون در گھٽو نھاريا
❸ سيٽان: براي دوستان.

**بيت** (١٢٠٦)

سَـــتُرُ كـرِ سَـــتّـارَ! آءٌ اُگـھـاڙِي آھِـيـان؛ [1]
ڍَكِـئـيـن ڍَكَـڻَـھـارَ! ڏيـئِـي پـانـدُ پَـنـاهَ جـو.

**بيت** (١٢٠٧)

مـون ورُ وڏي وٽُّ، كـانـدَ بـئـنـون كـيـتـرا
مـتـان ڏيـئـي ھـٽُّ، جِـنـه عـيـبَ مـھـنـجـا ڍكـئـا.

**بيت** (١٢٠٨)

مـو ورَ وڏِي ذاتِ، كـانـد بـئـنـون كـيـتـرا
عيبَ نہ اچي واتِ، جي ڏسـي ڏوھہ اكين سـين . [2]

**بيت** (١٢٠٩)

مـون ورُ وڏي جُـوءِ، كـانـد بـئـنـون كـيـتـرا
عيبَ نـہ اَچي اوءِ، جي ڏسـي ڏوھہ اكين سـين. [3]

**بيت** (١٢١٠)

مُـون وَرُ وڏِي كـانـدِ، كـانـدَ بـئـنـون كـيـتِـرا
پاڻا ڍَكي پاندِ، جي ڏِسـي ڏوهُ اَكِــيُن سـين. [4]

**بيت** (١٢١١)

جھـڃـان پسـئـو جھـوكَ، آيـل! سـنـگھـارن جي [5]
جَـنـي پَـھـي پـيـارئـا مـنـجـھـان مَـٿَـنِ مَـوكَ [6]
لــڏي وڃــان لــوكَ، اُنــي وئــڙا اُكِــري.

**بيت** (١٢١٢)

جھـوكـون نـہ جُـھـڻـكَـنّ، وڳَ نـہ پسـان وَٿِ ۾ [1]

---

[1] ٻي پڙھڻي: ’اڳَ اُگھاڙي آھيان.‘
[2] ٻي پڙھڻي: ”لوڪ نہ اچي-الخ“
[4] ٻي پڙھڻي: ”متان ڏئي پاند-الخ“
[5] جھوڪ= مكان كاملان
[6] پھي= راه مسافر
[1] نہ جھڻكن= آواز نمي آيد

[3] ساڳيو.
[2] چٽاڻو چت كئو= نقل كردن.

آيـل! ســنگهـارنّ، جيڪِسُ چِٽـاٽوچِـٽِ ڪِئو. [2]

**بيت** (١٢١٣)

جيَنِ ســي سَــنگهـارَ، اَجهي جنِ جي گهـارِيـان
مـانَ لَهَـنِئُون ســارَ، وِچيـنءَ وِلَهيـن ڏِينـهَڙِين. [3]

**بيت** (١٢١٤)

اَجهي جن جي گهـاريـان، جيـن ســي ســنگهـارَ
ٻـاجِـهـ جَـنـي جِـيَ ٻـارَ، اَنِـئـي پـهـرَ اگـنـدِرا.

**بيت** (١٢١٥)

ڪَيرَ ڪَريـنـدِي رِيسَ، آيَـل! سَــنگهـارَن ســين
جـنِـي جـي خَـمِـيـسَ، واڙِيـئـون واري چِڏِئـو. [4]

**بيت** (١٢١٦)

سُــنـهـارِي ســانجـاڻ، وَهِـيَـن ســنگهـارن جـي [5]
پـهـريـن پـيـاريـنِ پَـهِـيـڙا پـوءِ پـيـنِ پـاڻَ [6]

**بيت** (١٢١٧)

وانءُ ڪُـنـديـون ڪـاهـي، سـهـي ســنگهـارن جي
مِـيـنـه نـه مَـتـائـي، جَـنـي ســنـدا پـڳَـڙا.

**بيت** (١٢١٨)

جي پـائِيين وَسَ چَران، تـه سَــنگهـارَنِ ســين گهـار
جـنـي ســنـدي وارَ، چـور نـه چِـهـي ڪـڏهـيـن.

**بيت** (١٢١٩)

اَجُ پـڙ هَـلَـڻَ هـارِيُـون- روهِ رامـاٽـا ڪَـن
ڪَـرڳِـلُ ڪُـونـجَـڙِيَـن، رائـي ۾ راتِ ڪَـئـو. [7]

**بيت** (١٢٢٠)

ڪـالَـهُـونـڪَـرَ ڪُـونـجَ ڪَـري، اُتَـرَ ڏي آلابَ

---

[3] اصل. ”وچي ول ڏيهر“
[4] اصل ”وانريءَ واري چِڏئو“.
[5] سانجاڻ =پختن و خوردن و نوشيدن
[6] پهيڙا = راه مسافر [7] ڪرگل= گريہ و فغان.

پِرينَ پَسِي مَنجِهہ خوابَ، وِهاڻِي وايُون ڪَري.

**بيت** (١٢٢١)

چُڻي نہ پئن گڏَّ، وِڏي وڳَرَ هيرئين ❶
ڪونجَ ڪريندي سڏَّ، ويئي وهامي راتڙي.

**بيت** (١٢٢٢)

چُڻي نہ اُپي روءِ، سارئو سارئو پرينِ کي
هِنيين جهڄندي چوءِ، تہ آءٌ ڦوڙائي آهيان.

**بيت** (١٢٢٣)

ڪُونجَ! نہ پَسين ڪَکَ، ڏِبُ جني سين ڏِڪئا ❷
مارِي ماري لَکَ، وَڳَرَ سڀ ويڇُون ڪئا. ❸

**بيت** (١٢٢٤)

ڏِبَ وَجَنَئِي ڏِبِيُون، مارِي مَرين شالَ
جِه تو اَڃِي ڪالَ، وِڏو وِڇُ وِرهَنِ ڪي. ❹

**بيت** (١٢٢٥)

بغلَ منجهہ بندوق، ماريَ ميرا ڪپڙا
مارِئو مير مَلوڪَ، لتاڙئو لَکِ چڙهي.

**بيت** (١٢٢٦)

ڪالَهہ تُهنجا ڪُونجَڙِي، وَڳَرَ وئا وَهِي
ڪَندِينءَ ڪوهُ رهِي، سَر ۾ سُپيرِيُنِ ري.

**بيت** (١٢٢٧)

ڪُونجَڙِيءَ ڪالَ لَنئي، سَڄَڻَ وڏم چتِ
جني رِيءَ آءٌ هِتِ، گهنگهرَ گهارِيانَ ڏِينهڙا.

**بيت** (١٢٢٨)

---

❶ ٻي پڙهڻي: "گهڻي وڳر-الخ"
❷ ٻي پڙهڻي: "ڏڪئو"
❸ ٻي پڙهڻي: "وڳر ڪٽي ويڇون-الخ: ويڇون= جدا
❹ ٻي پڙهڻي: "جه تو اڃان ڪال-الخ."

پـکـو اَڏُ مَ لانـڊَ، ڊگـهـي اُڏ مَ مَـنـهـيـن (1)
لـڏئـو تَـنِ وِرانـڊَ، جَـنـيَ صَـبـاحـڙيَ آڏئـو. (2)

**بيت (١٢٢٩)**

نـئَـن ۾ نـنـدون کـنّ، ويـر وَرَنـڊِيَ ويسـرا (3)
اتـان اســارنّ، وجِـيِ وَهُ وانـکـا کِـئـو.

**بيت (١٢٣٠)**

اي نـ سـنگهارن سِـٽَّ، جئن ڏنُ ڏاريين ڏارَ رهين (4)
کـاهـي ايـنـدا کـڏهـيـنِ مـٽـي وانـڊِ وهـٽَّ (5)
جي هـاڻون هُـو نـيـئي مِـٽَّ، تـہ اُڌو لاهِ مَ اُن جو.

**بيت (١٢٣١)**

خـبـرَ پـيـئـي کِـلّـنِ، پَـسِـي پـيـئـو نـہ پـڇـڻـان
چـارِيَ مـتـان چـَتـريـون پـاڻـان اُيـا کـنّ (6)
لاکـو مـتـان تَـنِ، اَڻَ سَـنُـيـوڙي آئـيـو. (7)

**بيت (١٢٣٢)**

لاکو لـکِـيءَ تـي چَـڙهي، لَـکِـي لاکـي هـيـٿِ (8)
سـونـهـاريُـون سِـرِ کَـئـو، پِـيـڙئـو بَـنـڌي بيـٿِ (9)
کَـنـدو ڏَمَـرَ ڏيـٿِ، صُـبـاحَ سَـاڻُ سَـيَـکَـنهِين. (10)

**بيت (١٢٣٣)**

سُـتـا اُٿـي جـاڳُ، نـنـڊَ نـہ کـجـي اِيـتَـري
هيُ ماجهانـدي جو مـاڳُ، جو تو سـاٽيهہ پـائـيو.

**بيت (١٢٣٤)**

کِـين سـمهہ کـين جـاڳُ، ننـڊَ نـہ کجي ايتري

---

(1) ٻي پڙهڻي: "پکو وجهہ مَ لانڊ-الخ"؛ لانڊ=دراز
(2) ورانڊ= شام. ٻي پڙهڻي: "جني صبح اڏئو"
(3) نئن= جواني (4) سٽ = دستور (5) وانڊ= ديه خورد- وسين= مراد وجود؛ وهٽ = اسپان
(6) چاري= انبياءَ (7) لاکو= اجل (8) لاکو مثل نام راءِ؛ لکي= نام اسب ماديہ
(9) سونهاريون= شمشير با ساز طلا (10) ڏيٺ= به عام ديدن، اي روبرو شدن.

سلطاني سهاڳُ، نندون ڪَرِيندي نہ ٿيي.

**بيت (١٣٣٥)**

جاڳَڻَ مَنجهان جَسُ، آهي الله جن کي
لاٿائون، لَطِيفُ چئي، مَٿان قَلبَ ڪَس ❶
وَرنهَہ ڪَجاه وَسُ، صُبُحَ ساڻ، سَيّدَ چئي. ❷

**بيت (١٣٣٦)**

مَدِيني جا مِيرَ! سُڻُ مُهنجا سَڏَڙا
جي لڳا تُنهِنجي سِيرَ، سي پارِ لَنگهائِج پِهيَڙا. ❸

**بيت (١٣٣٧)**

مديني جا ڄامَ، سُڻ مهنجا سڏڙا
جي لڳا تنهنجي لامَ، سي پار لنگهائج پِهيڙا. ❹

**بيت (١٣٣٨)**

مديني جا گهوٽَ، سڻ مهنجا سڏڙا
جي لڳا تنهنجي چوٽَ، سي پار لنگهائج پهيڙا. ❺

## وائي

اي مهنجي نندَ نہ نيڻِن نيڻن، ڪالهو نڪَرَ لڪَن ۾ ❻
اي مهنجو سکُ نہ سيڻِن سيڻن، ڪالهہ نڪر لڪن ۾ ❼
ڪالهُوڻِيان اَڄُ گهڻِي، جهورَي ڪيڻِن ڪيڻن.
هوءِ نہ نينمر پاڻ سين، آءٌ جا ويندڙي سيڻِن سيڻِن.
ٻِيُون سَبُ واڳِيون وَرَن سين، آءٌ جا واڳِڙي ويڻِن ويڻِن.
هِنيڙو ڏاڙهُوَنءَ گُلَ جِئن، روئي رَتمر ڪيڻِن ڪيڻن.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”لاهي ٿو لطيف چئي-الخ“. لاهي ٿو = اي بيداري
❷ ٻي پڙهڻي: ”ورنهہ ڪجاه وس، سونهاري صبوح سين“
❸ ٻي پڙهڻي: ”عالم جا امير، پار لنگهائج پهيڙا“
❹ ٻي پڙهڻي: ”جي سرن تنهنجي سام-الخ؛ سرن= پشت پناهہ“
❺ ٻي پڙهڻي: ”مانجهي ڪج ڪا موٽ، عاصي مٿي اُس ۾.“
❻ ٻي پڙهڻي-ڪالهونڪي لڪن ۾. ❼ ساڳيو.

# سر ود ڪاپائتي

**بيت (١٢٣٩)**

توڙي تُون ڪاتارِ، جمَ هيڪلِي پيرئين [1]
ڏِني ڪا ڏُئارِ، صَرافَ اِن سُٽَ ۾.

**بيت (١٢٤٠)**

جَني هيڪلو پيرئو، تَني ميڙئو ماءِ
تندُ اِهَڙي ساءِ، مون اَتَڻِ هِڏِ نہ آئي.

**بيت (١٢٤١)**

چرڪو چوري هٿ ڪر، هِيءَ هَڏِ وهاڻِي
ڪاپائِتي سَيَڪا، ڪِتي سيَباڻِي
ڄانتو جِن ڄاڻِي، (تِنِ) هَٿان پَهِي نہ ڇَڏِي.

**بيت (١٢٤٢)**

هيءَ هَڏِ وهاڻي، جان ڪَتيندينءَ تان ڪَتُ [2]
ڪو پهَنجي عِيدَ ڪي پيري ڪَڄ برتُ [3]
مَتان رِوئِيين رَتُ، صُباحَ وِچَ سَرتِيين.

---

[1] ٻي پڙهڻي: ”توڙي تون-الخ“
[2] اصل. ڪتندي
[3] اصل. برٿُ

**بيت** (١٢٤٣)

ڪَتَڻَ جي ڪا نہ ڪَرِيين، سُتي ساهين هَڏُ
صباحَ ايندَيئي اوچِتي عيدَ اُگهاڙَن گَڏُ
جِتِي سَرِتيون ڪَندَيئي سَڏُ، اُتِ سِڪَندِينءَ سينگارَ ڪي.

**بيت** (١٢٤٤)

پائي ڏور اَرَٽَ ۾ ڪَتين نہ ڪوڙِي
ويهاءِ جي واڏائيين پسوٽي سَنيوڙِي
مٿي جِنہ مُوڙِي، سا ڪئن وهي ويسري.

**بيت** (١٢٤٥)

اَڄُ پڻ اُجَهڻَ ڪي مَرِين، نَڪِين ڪِيتوءِ ڪالَ
پوري توسين پالَ، ڪانڌُ ڪَرِيندو ڪيترا.

**بيت** (١٢٤٦)

سي تو وهي وِڃائِيا، جي ڪَتَڻَ جا ڏينهَن
اَرِٽَ اوڏِي نہ ٿِيين پورِي پوري سِيئَن ❶
تند پسندينءَ ڪيئن، هاٽي تون وڏي ٿي.

**بيت** (١٢٤٧)

توٽي تون وڏي ٿي، اُٿي آتڻ آءُ
ٿيُ بيڙِي پيرَڻَ وارِيين ٻي هڏِ ڪَرِ مَ ڪا
تہ صرافُ تو صباحَ، ڪوٺي ڪاتارِنَ سين.

**بيت** (١٢٤٨)

تو هٿڙا سون جا، ڪه ڪَتين رَڏُ ❷
ويهِي ڪُندَ، ڪاپو ڪَر، گُهتُون گوهِيُون چَڏِ ❸
تہ صَرافاٽين سَڏِ، مَرَڪِئو تَون مَٿائِيين.

---

❶ اصل. ”پوروسي“. پورو =قدري ساعتها
❷ اصل. ”کهن کتين“. رڏ= ساده
❸ اصل. ”کُٽ کُوهئي.“

**بيت** (۱۲۴۹)

ٽـلـهـو سـنـهـو اڳـهـيـو، ڪِـيـنِ جي ڪِـتـائِـيـن
مَـرَڪِـئـو مَـٽـائـيـن، صَـبـاحَ وچ سـرتـيـيـن.

**بيت** (۱۲۵۰)

ٻَـڳـو ڙِي ٻِـيـرِ، جـان سـيـنءَ رَتـو راسِ ٽِـيـي
ٻُـرِي ٻـيـڪـارِي سـيـن، هـارِي! پـاڻُ مَ هـيـر
ڪِـتُ ڪَـتِـنـديُ ڪـيـرِ، نَـئي سـيـن نچـاڻ جي. [1]

**بيت** (۱۲۵۱)

ٻـيـرِيـيـن ۽ پـائـيـيـن، ايـڏانـه اِيـئـن مَ آءُ
اِنَ سُـرَڪِـي سـاءُ آهـي عَـزازِيـل کـي. [2]

**بيت** (۱۲۵۲)

ٻـيـرِيـيـن ۽ پـائـيـيـن، اِيـئَـن وڏُوٽـو ڪـانـڌُ [3]
ويـتَـي اورِ اَرَٽَ سـيـن، پـايَـو ڳـچـي پـانـڌُ
تـہ تُـهـنـجـو وِٽـوانـڌُ، ڪِـتـو وِتـوَ نـہ ٽِـيـي [4]

**بيت** (۱۲۵۳)

مَـچُـڻ ٻـاڳَ ٻَـرُ ڏِيـيـن، ڪَـتُ ڪَـنـبـنـدِي آءٌ
جـڏهـن تـڏهـن مـاءُ، ٻـرَنِ ٻـيـرَمَ واريـون [5]

**بيت** (۱۲۵۴)

ڪـو جـو وَهُ ڪـاپـائِـتـيـيَـنِ، جـئَـن ڪـتَـن ۽ ڪَـنـبـنِ
ڪـارَڻ سُـودَ سَـوارِيُـون، آتَـڻَ مَـنـجـهـہ اَچَـنِ
اُن جي سُـونـهَـنَ، سَـيّـدُ چـئي، صَـراف ڙِي سِـڪَـنِ
اَڳـيـان سُـتُ سَـنـدَنِ، پـائـي تـرازِي نـہ تـورِئـو.

---

1. اصل. "نئين س نَگانر جي". نئي= محبت
2. ٻي پڙهڻي: "پيچ عزازيل کي"
3. وڏوٽو= خشمناڪ. ٻي پڙهڻي: "اي وڏوهي ڪاند"
4. اصل. وٽواد= ضايع
5. ٻرن= رد شوند.

**بيت** (١٢٥٥)

سُــتُ اُنــي جــو سَــقُرو، جي پَـرِ ۾ پـچـائـيـنِ
آوازُ اَرَٿَ جـو، سـاهَ نـہ سُــٽَـائـيـنِ
لِـكـايـو، لَطِـيـفُ چـئـي، كَـنـبـئـو كَـتَـائـيـنِ
جي مـاڻـكَ مـوتـائـيـنِ، تـوءِ مُـلُ مَـهـنـگـو اُنِ جـو.

**بيت** (١٢٥٦)

تُـنـبـائـي تـاكـيـدَ سـيـن، جِـنـي پـچـايـو پـاءُ
لَســي تَـنـدُ، لَـطِـيـفُ چـئـي، هَـلـيَ تِـنِ هَـتـاءُ
ميل مل منجهان ماءَ، جي سكيون تن سون كِئو. ❶

**بيت** (١٢٥٧)

كي اونـيـنِ عَـرَبَ ۾، كي كـابُـلَ تـيـون كـتَـنِ
سُــتُ اُنــي جــو سَــقُرو، مَـتـئـو مـاڻـكَـنِ
قـادرَ كِـيـمَ كَـدَنِ، تـيـلـي تُـلـهـي وارِيُـون.

**بيت** (١٢٥٨)

پـلـئـہ پـايـو پُـوٽـيـون در در پـيـرا ڏي
كـاپـائـتـي آهـيـان كـا مـون كـتـائـي.

**بيت** (١٢٥٩)

تَـكُ وِنـگـي، وَرَ گـهـٽـا، كَـتـان كُـچـاڙو
كـاپـي مـتـان كـيـتـرو آٽـيـان اُڏارو
جي وَرُ ڏئـي وارو، تـہ سـونـهـان وِچ سـرتـيـن.

**بيت** (١٢٦٠)

كـيـڏانـہ كـتـڻ واريـون اولاريـنِ ارٿَ
لُـڙجَـنِ لاكـيـٽـيـن جِـيـون پَـهـيـون مـتـي پـٽَ
اوپَـڻُ ۽ اُكَـٿَ، چـڏي پـيـتـيـون چـپـريـن. ❷

---

❶ ململ=صاف كردن دل؛ ٻي پڙهڻي: ململ منجهاراءُ، جي سكيين تہ سون ٿيي
❷ اُكٿ= ستر ظاهر كردن؛ ٻي پڙهڻي: ”اوبڻ ۽ اُكٿ، شال كاند كهجي مَ كري.“

**بيت** (١٢٦١)

ســـي اڄُ نــ آتــڻ آئـيــون جَـنـي ڪِـتـو ڪـالَ
ارتَ اُ□ڪـلِـي مـالَ، ڪـٽـي چـرڪـا ويـئـيـون.

**بيت** (١٢٦٢)

نــ ســي وَنـئـڻ وَرن ۾، نــ ســي ڪـاتـارِيُـون
پَسِـــيـو بـازارِيُـون، هِـنـيـڙو مـون لُـوڻُ لـهـي. ❶

**بيت** (١٢٦٣)

چـرڪـو ڏي نــ چَـسَّ، پـيـريـان پـيـنـرُ! نــ پـري ❷
مـون ڪـي مـاري مَـسَّ، ڪَـتـائـيـنـديـون ڪَـيـترو.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”لوڻ“ ٿيي
❷ اصل. نَير.

# سر ودتناسري

**بيت** (١٢٦٤)

سَـيّـدُ پِـيـرُ سـمـنـدُ هي اُتِ نـہ ڇـاڻـي ڪـوءِ،
ڦِـر ڦِـر سَـيـوا جـو ڪـري مـاڻـڪ پـاوي سـوءِ.

**بيت** (١٢٦٥)

سـيـد پـيـر سُـپـيِـر هـي ڇـامـن سـنـدو ڇـامُ
اَڳـهـئـو دِرِ اَللّٰہَ جـيِ تِـنـہ ڪـامـلَ جـو ڪـلامُ
اوڏو تـئـو عـظـيـم کـيِ "لا" سـيـن پـري لامُ [1]
پُـري پـڇـو پـانـڌيـاهُ سـنـدو گـوهـرَ گـامُ
جـَن ڏنـو لالَ لـطـيـفَ کـي آئـيـو تـنِ آرامُ
ڪو نہ رهئو ڪو خامُ، سڀ سڪي ٿئا صالح ڇئي.

**بيت** (١٢٦٦)

صـالـحُ ٿـيُ سـڌيرُ، سـڻ هِـيـن سـيـن هيڪَڙي
مـنـجـهـيـن لَـئہ لـطـيـفَ جـو، پَـر ۾ پـڇـج پـيـر
ڏاران مَـنـہَ مـرشـد جـي ڪـوءِ ڪـنـڌون ٻـن ڪـيـرُ
جـو اِسُـم جـوءِ امـيـرَ، وهُ تَـهِـيـن سـيـن واڳـجي.

**بيت** (١٢٦٧)

سـيـدُ سـچـاڻـي، ڪُـہ نـہ پُـريـن پَـهـيَـڙا
جـو اهـڪـي ۾ آڏو ڦِـري سـچـن ۾ سـاڻِـي
لائـقُ لَـلاڻِـي، پـيـر ولايـتَ وِتَـرو.

---

[1] ٻي پڙهڻي: "لئي سين پري لام".

**بيت** (١٢٦٨)

واءُ لــلاٽـــيَ لــوءِ، جــتِ ولايــتَ وَتِ تـــيـــي
مــعــرفــتَ مــڪــانَ ۾ وڻُ تــڻُ وائــي چــوءِ
ســـاتــيــڙي ســـيــڪــهــيــن پــانــد پــنــيــو تــو پــوءِ
ســيــدُ پيرُ ســنــدوءِ، مــانَ پــســي حــالُ هــٿ ڪٽي.

**بيت** (١٢٦٩)

ســـيــدُ پــيــاري ســـي، لُــڪُــنِ جي لَــهــســـئــا
مــجــازان، مــيــون چــتـــي، مــورِئــا ڏارَ ڪَــري
هــاٽــي تــنــي ڪــي، مشـــاهــدو مــحــبــوب ســـيــن.

**بيت** (١٢٧٠)

وَلــيــن ڪــوهُ ڪَــمــانــدَ، ڳُــڙُ پــيــرَ نــؤن سَـــپَــجــي ❶
هَــلُ تــہ هَــلــهُــون ڪــانــدَ، آڳــرِ لائــي ڳَــيُــرو.

**بيت** (١٢٧١)

مــون پــيــراٽــي گَــنــجَــڙي هَــل تــہ هــلــهــون ڪــانــدَ ❷
يــري ڪــتــوريَ پــانــدَ، جــئــائــيــن اچــي سَــيُــڪــو.

**بيت** (١٢٧٢)

پــنــبــٽــيــون پــيــرَ ڪــري ڪــر پــنــاهَ ڏي پــنــڌُ ❸
نــمَ ڪــتــوري ڪــيــوڙيــن وٽــيَــن مُــڪــو ڳَــنــڌُ
آهِــمِ آســـابَــنــڌُ، پــيــراٽــي پــيــزارَ ســـيــن.

**بيت** (١٢٧٣)

پــنــبــٽــيــونِ پــيــر ڪــري پُــرُ پــيــراٽـــي پــارِ
ڏنـــي جــن ڏُئــارِ، رهــي نـــہ رتــي جــيــتــرِي.

**بيت** (١٢٧٤)

---

❶ اصل. ڪماند
❷ اصل ڪنجري=مڪان و "وسي"
❸ پناه= نام دوره آب.

پنبڻيون پير ڪري، پُرُ پيراڻيَ لوءِ
جي آيا اڳي پوءِ، سي رسئا حقَّ حبيب چئي.

**بيت (١٢٧٥)**

مُنه مُناري سامُهون، توڙي ڪافِرَ ڪنّ
تہ مَگّر متان تنّ، ڏيهاڙِي ڏورِ تي.

**بيت (١٢٧٦)**

مُنهُ مناري سامهون پَٽَنِ متي پيرَ
پيرُ نہ ڇڏي پهنجا توڙي ڏڏ ڏقيرَ ❶
شَرَفَ تهنجي شيرَ، نالائقِ نوازِئا.

**بيت (١٢٧٧)**

مُنه مُناري سامُهون اکيون متي راهَ
شرفَ تُهنجي شاهَ، نالائق نوازيا.

**بيت (١٢٧٨)**

مُنهُ مناري سامهون ڏِسَهون نوري نِيلَ
ٻَرَنِ ٻاهِرِ منجهہ تا ڪوڙين جت قَنديلَ
حضَرتَ جي حضورَ ۾ زاريون ڪن ذليلَ
سيد پِيرُ سبيلُ، تو پوجَ پياري پَهِيڙا.

**بيت (١٢٧٩)**

لڳو تو لهريون ڪري نورُ نِيلَڪُنِ ساڻُ
مون تان ڪنڻُ مَ پاڻُ، پُرياڏا پِيڙهيَ ڏٽي!

**بيت (١٢٨٠)**

لڳو تو لهريون ڪري، نورُ نيلڪن وٽ
مون تان مِهر مَ مٽِ، پرياڏا پيڙهيَ ڏٽي.

**بيت (١٢٨١)**

❶ ٻي پڙهڻي: "توڙي ڏاهہ-الخ".

پيرانديَ پيرن جي جُنبي ڪِجي جاٿَ
جني سندي واٿَ، ماڻڪ ليِنِ مڱئا.

**بيت** (١٢٨٢)

ڪُبا ڪاملَ پيرَ جا مِهتِ موچارا ماڳَ
جِنه ڪوڙين لائا ڪيترا متا لڱنِ لاڳَ
تِوڪي تني سين ڪيو سينڌو ڪنه سياڳَ
جي اهڙا اجهاڳَ، سي مَن ۾ رکُ مِيون چئي.

**بيت** (١٢٨٣)

ڪوجها پس ڪريمَ، جي آهينِ تُهنجي آسري
پائي پهنجي پاٿِ ۾، سگهو ڏي سليمَ
هتان تو حليمَ، روڙَ پڻ وجَنِ واسئا [1]

**بيت** (١٢٨٤)

ڪر قادري ڪَرَمُ، متي پازيَ پهنجي
جو ميان مَنجهِ مَرَمُ، سو غمُ گيلاني ڪاٽيين.

**بيت** (١٢٨٥)

ميران شاهَ مدتَ تيُ، تون جيلاني جاڳُ
غوثَ خطائون گُمِ ڪري پير اسان ڏي پاڳُ
سگهو وارِ سهاڳُ، سائينءَ لِڱ سيّدُ چئي.

**بيت** (١٢٨٦)

تون پيرن جو پاتشاهُ تون پيرن جو پَرَمُ [2]
الله لِڱ احسانَ سين ڪِي نهارِج نرمُ
بغدادي، بلال چئي، رکيين شيرَ شرمُ
هيُ جو گوندرُ غمِ، سو ميران لاهِ مريد تان.

**بيت** (١٢٨٧)

[1] اصل. "ورپڻ وجڻ-الخ"
[2] پرم=سردار.

پـيـرَ مـهـنـجـا مَـلِـهـٽـان واهَـرَ ڪـر وري
اســـان تــوريءَ نــاهِہ ڪـا ڳـجـهـانـدر ڳَـرِي
دســـتـگـيـرَ دِرِي، اُپَـتِ ڪـا احســـان جـيِ.

**بيت (١٢٨٨)**

جـان آســـائـو آهـيـن تـان ڪـر پـٽَ تـي پـيـرو
ســـونـهـاري ســـيـدَ جـو ديـڪَ وجـي ديـرو
تـہ تـرت ۾ تـيـرو، مـطـلـب مـڙوئِـي ٿـيـي.

**بيت (١٢٨٩)**

جـان آســـائـو آهـيـن، تـان پـري پـٽ تـي وانءُ
ســـونـهـاري ســـيّدَ جـو نـنـگُ مـوچـارو نـانءُ
تہ سَـــجَّ ڪري تو ســانءُ، ســدا هوئين ســرخرو. [1]

**بيت (١٢٩٠)**

ميـان صـــاحبَ پيـر مهنجا ســـڏ ســـڻ تون شـــاهَ
آءٌ اواهـنـجـو آهـيـان ڪـا مـهـرَ ڪـرهـو مـون ڏاهَ
اڪـيـون لـڳِ اللهَ، ڪـٽـو پـازي ڏي پـهـنـجـيـون.

**بيت (١٢٩١)**

ڪـڻ پـازي ڏي پـهـنـجـيـون اڪـيـون پـري ٻـاجَـهـہ
مـهـرَ ڪـري مـريـد تـي ســـيـيـن پـريـن ســـرتـاج
اڪـيـون پـري ٻـاجـهـہ، ڪڻ پـازي ڏي پـهـنـجـيـون.

**بيت (١٢٩٢)**

اگـهـائـي سَـــگـهـا تـئـا جـي پـئـا آهـنـجـي پـارِ
ٻـئـي ڪِـٽـي ٻـاجَـهـہ ســـيـن نـرمـل تـون نـهـارِ
ڪـامـلَ! آهـنـجِـي ڪـارِ، اصـــل آهـي اهـڙي.

**بيت (١٢٩٣)**

[1] اصل. تسنج ڪري تو ساءُ

اَصـــل آهـي اهـڙي ڪـامـل آهـنـجـي ڪـار
ســو بـازي پـهـنجي پـار، جي وجهو تـہ وَڙ ٿئي.❶

**بيت** (۱۲۹۴)

مـون تـهـنـجـو آسِـــرو مـون تـهـنـجـو ڏِڍُ
مـتـان مـون مَ ڪـڍُّ، پـيـر پـهـنـجـا هـتـڙا.

**بيت** (۱۲۹۵)

مـون تـهـنـجـو آســرو، مـون تـهـنـجـي آسِ
ڪـريـيـن ڪـيـمَ نـراس، جـنـي تـهـنـجـو آســرو.

❶ اصل. "جي وجو تور پئي."

# سر ودعمر ومارئي

**بيت (١٢٩٦)**

ڪرئو مُهاڙ مَلِيرَ ڏي، رويو اُپي چوءِ
سُهج سُوري پائيان، سُومرا سَندوءِ ❶
مِلڪَ مارُوءَ جي آهِيان، جورِ نہ تيان جوءِ ❷
سو قَلَبُ ڪوٽ نہ هوءِ، جو هُتي جَنِ هَتِيڪو ڪِئو.

**بيت (١٢٩٧)**

ڪرئو مهاڙ ملير ڏي، اُپيائي آهي
جا متي ڏنيَس ماروئين سا لوئي نہ لاهي
سومرا ساهي، تنه ستي وجُهہ مَ سنگهرون. ❸

**بيت (١٢٩٨)**

جا، عُمَرَ! تو مُلِ عِيدَ، سا اسان سُوءَ ورتِي سُومِرا ❹
ويئِي ويچارَن وِسري، خوشِي ءِ خَريدَ
سِڪَڻَ ڪِئا شَهِيدَ، مارُو جي مَلِيرَ جا.

**بيت (١٢٩٩)**

عمرَ! اچا ڪپڙا ڪاڻياريون ڪئن ڪنّ
جني جا ترن ۾ وَرتا ويڻ سهنّ
هوءِ جي حقَّ پچنِّ، سي ڪئن ستيون سومرا.

❶ پسنديده: سڄي سر ۾ ”سومرا“ کي ”سنمرا“ لکيو ويو.
❷ جور=زور
❸ سنگهرون= زيور
❹ مل= نزد، خانہ.

**بيت (١٣٠٠)**

ڪئُن ڏئاريان ڏڀرا، ويندِيسِ ڪنہ ويهاءِ ❶
مون مُلِ مارو ناهِ، اچا اوڍيان ڪَنِ ڪي. ❷

**بيت (١٣٠١)**

آءٌ ڪئُن اوڍي سوڙيون سُمهَان، مون ورُ گهاري ولَ
ڪتيريَ تان ڪِلَ، عمر اهڙي مَ تيي. ❸

**بيت (١٣٠٢)**

مون ورُ گهاري سُڃَّ، آءٌ ڪئُن اوڍي سوڙيون سمهان
وَرُ اباڻن سين اَڃَّ، ڪوءِ شربت تهنجا سومرا. ❹

**بيت (١٣٠٣)**

وَرُ سي وَطَنَ جائِيون، صحرا سَتُرُ جِنّ
گولاڙا ۽ گُگريُون، اوڃَڻَ اَباڻَنّ ❺
ويڙهئا گُهمَنِ وَليين، جهانگي مَنجهہ جَهنگَنّ
مُون ڪي مارُوئَڙَنّ، سُڃّ ڳَڻائِي سيجَ ۾.

**بيت (١٣٠٤)**

اسين تئائين آئِيون، جت ڪُهنبو ناهِ
جي وجهُون وِيهاءِ، تہ پُڻ مِتهُون لوئِيون.

**بيت (١٣٠٥)**

سُڻُ جي اُهجَ اُڪَرِئا سومرا سندان ❻
لَڪيين ڀِڏن لوئيون ويڙِيين واهيرانِ ❶

---

❶ اصل. "جئُن ڏئاريان". ڏبرا= پارچه ها
❷ مل= خانہ نزد
❸ بي پڙهڻي: "عمر ڪرم اهڙي"
❹ ور= گو باشد
❺ گولاڙا= نام ڏٿ: گگريون= نام ڏٿ
❻ اُهج= نشاط ها (نشان ها؟) اڪرئا= ياد آمده. بي پڙهڻي: "اهج اُڪتيان"
❶ ويڙيين= جنگل، هجوم درختان

سـئي سـنيـرئـانِ، عـمـرَ آءٌ آتـيـو مـرانِ. ❷

**بيت (١٣٠٦)**

پـالُر پيَن، اوچَڻ اُنَ، جَنِ جا پيرَ متي پَٽ پاڪَ ❸
وهَـنُ وَراچَـنِ ۾ اُن جـي اجـوڪـي اوطـاقَ ❹
پَـاڻُ نـہ پَسَـنِ پـاڻَ کـي ويـچـارا بـيـبـاڪَ
عـمـرَ اِيَ نـعـاقَ، ڏُڪـئـا جـم ڏڪـوئـيـيـن. ❺

**بيت (١٣٠٧)**

ڪـارا ڪـپـڙَ ڏيـهـہ ۾، پـئـا واريَ مـنـجـهـہ وتـاڻُ
سـاتـيـن کـي، سـيـد چئـي، پـرئـو ڏيـن پـاڻَ ❻
عـمـرَ! اِيَّ اُمـاڻَ، ثـابـتُ رکـجِ سـومـرا.

**بيت (١٣٠٨)**

جُـه سـي لـوڙائـو تـئـا، جَـنـي پَـرِ رهَـنّ ❼
مـارو مـنـجـهـہ تـرنّ، ڪِـنـه در ڏيـنـدا دانـهـڙي.

**بيت (١٣٠٩)**

جُـه سـي لـوڙائـو تـئـا، جَـنـي سـنـدي ڏِيـرَ ❽
مـاروئـڙا فـقـيـرَ، ڪـنـه در ڏيـنـدا دانـهـڙي.

**بيت (١٣١٠)**

مـهـنـجـو تـورُ تَـلِـنِ ۾ آءٌ هـتِ بـنـديـاڻـي ❾
مـون ڏاڏاڻـي ڏيـهـہ ۾ قَـڙهَ ۾ لاڻـي ❿
ڪـنـديس رهـاڻـي، شـالَ مـاروءَ پـاسِ ملـيرَ ۾.

**بيت (١٣١١)**

---

❷ ٻي پڙهڻي: ”آتي مران“.
❸ پالر= آب باران کہ در ريگستان جمع شود و چشمه چشمه خورد گردد
❹ وراچن= بمعنيٰ ”ويڙ“ اي هجوم جنگل ❺ عمر اي نعاق (اصل ائين)
❻ پاڻ= تسري ❼ اصل. ”جسي.“ لوڙائو= غارت كننده؛ ڏير= پشتي
❽ تلن ۾ = زمين کهني ❾ اصل. قره.
❿ ..............

حقاڻو هُت تئو هِيَ هت بنڌياڻي
ساري ساڏوهين کي ڪوتُين ڪوماڻي ❶
لڳين لوهَ، لطيفُ چئي، ويتيس وساڻي
مُنڌَ ماروءَ جي نہ لهي ڪَپَتِ ڪجاڻي ❷
سَمُنَ سَچاڻي، اُتي آهِم اُنَ سين.

**بيت (١٣١٢)**

وطنُ مون مليرُ، قضا آنديس ڪوٽَ ۾
چانڪ پيَنديس پرينءَ سين، پائُرَ جو پنيرُ ❸
هاڃا ڪِئو حميرُ، باللّٰه ني تو بندَ ۾.

**بيت (١٣١٣)**

باللّٰه آهيان بندَ ۾ ڏُنئان تي ڏبَرُ ❹
وينڌَ وراڻي ناهَ ڪا، سومرو سبُرُ
ميان مهربانُ ڪريين الاهي! عمرُ
ويڙِ پسان سو ورَ، جيڏانہ عالمَ آسرو. ❺

**بيت (١٣١٤)**

سُهمَ پسان ٿي سومرا پرين ري پيئي ❻
مل رساڻي ماروئين مون کي جو نيئي ❼
تہ ساٽُنِ سيئي، ڳجُهہ ڳرهيان ڳالهيون.

**بيت (١٣١٥)**

جي گهر گهارئِم ڏينهڙا، هيڪاندي حُضورِ

---

❶ ساڏوهين =درخت چام شيرين
❷ منڌ= عورت، اي مارئي را.
❸ چانڪ= اميد مي داشتم
❹ بي پڙهڻي: ”ڏ آريا ٿي ڏبر“؛ ڏبر= پارچه
❺ ويڙ= جنگل؛ ور= شوهر
❻ سهم= زجر
❼ مل= نزد، خانہ

سيئي سڪان ساريان، پڇان پائُرَ پورِ ❶
حميراڻا هتڙا ڪينَ مجيِنديسِ مورِ
سنجهي سَتِ گذاريان اڇي شالَ اسورِ
ڏَران ٿيان مَ دورِ، مارو ڄامَ مليرَ جا.

**بيت (١٣١٦)**

اَت اُگَلي آهيان، عمر آءٌ اَڪاڄَ ❷
سومرا سَڪاڄَ، جهلِ مَ بندڏ جهجَنديون.

**بيت (١٣١٧)**

ويتي ڪوٽَ وَٽِ ۾، ڪامَڻ ڪُواري ❸
مليرُ سارئو مارئي، زويو رئاري
الا! اوتاري، منڌ ماروءَ ڪي ميڙئين. ❹

## وائي

رويو رويو رات وهاءِ،
مون ڪي روندي روندي رات روهاءِ، عمر ميان سومرا
آءٌ بنادياٽي بند ۾ ڪِ ڪي بند ٻئا
ماروئنئون نڪري ٻہ ٿي ٿوڪَ ٿئا ❺
هيڪ عمرَ منڌئا مامرا، ٻئو مارو ڏيهہ وِئا.

**بيت (١٣١٨)**

ميِنڌيا ڌوءِ مَ مارُئي، پيِيَسِ پَنهاريون ڇِتِ ❻
راڄَ رُئاري، هَنجُون هاري، هِيءَ هُتي جي هِت
آهِسِ پائُرَ پارَ جو، ڪِجَڻُ ءِ ڪَپَتِ ❼

---

❶ پور= طرف.
❷ ات=اتم
❸ ڪامڻ = عورت؛ ڪواري=عتاب خطاب، فرياد و زاري
❹ اوتاري= اوطاق؛ منڌ = عورت
❺ اصل. ٻئتي
❻ ميِنڌيا= موءِ
❼ پار= طرف

ونگسِ ويڙيچَن رِي، مَسَ سُٽي ڪا مَتِ [1]
سُومِرا! سُپَتِ، ڪَرِ تہ ڪوٽيان نِڪَري.

**بيت (١٣١٩)**

ميندا ڏوءِ نہ مارئي، آهس من ملير
ڪڏي تہ ڪاڻ لهي هتان هيَّ حمير
ڪائُرَ پِيَنِ ڪِيرُ، جي اَمانَتَ اُتِ وَجي. [2]

**بيت (١٣٢٠)**

ميندا ڏوءِ نہ مارئي، نہ ڪِلي نہ ڪاءِ
عمرَ جي انصاف جا ويني واساما ڳاءِ
هي جا ڪِيَئي هاءِ، سا مهندا اينديِئي منهن ۾.

**بيت (١٣٢١)**

ميندا ڏوءِ نہ مارئي، تيس گهنديون وارَ
سُتي سي سارئا جي پائرَ جا پَنهارَ
عمر اُنهون ڏارَ، مورِ نہ وهي ماڙيين.

**بيت (١٣٢٢)**

ميندا ڏوءِ نہ مارئي محليين ماروئان ڌارَ
پايو ميٺُ ملير ري منڌ نہ ويڙهي وارَ
جا هُتيجَن هارَ، سا ڪينَ وِهندِي ڪوٽ ۾.

**بيت (١٣٢٣)**

ميندا ڏوءِ نہ مارئي، ڪونهي اِنَ اوجاهُ [3]
عمرَ جي انصافَ جو پيس ڪن پَڙاهَ
ويِني چوءِ اللهُ، مون تي مِتَ نہ موٽئا.

---

[1] ونگس= عورت نامدار و نيڪ ڪردار.
[2] ڪائر=نام "تڙ". باشنده مڪان "ڪائر" شير بنوشند اگر مارئي انجا رود-اي شادي ڪنند
[3] اصل ائين

**بيت (١٣٢٤)**

مـحـلـيـن مـانـدي مـارئـي، ڏٿَـيـمِ مُـنـهِ مـلـورَ
اڻيو سـٽيو نـہ ڪري، سـونهن وجـايس سـورَ [1]
پئس لوهـ، لطيف چئي، لٿس ڪوڏ ڪپور [2]
چت جني جا چور، سـي سَـڪي مرڪ نہ ڪنديون.

**بيت (١٣٢٥)**

سُـــونـهَـن وجـايَـمِ سُـــومِـرا! مـارُو مَـسَ مَـجِـيـنِ
ڏُنـگـا ڏاڏَي پـوٽِـيـيـن، ڪِـنِ ڏنـا، ڪـي ڏِيـنِ
جي مـان لـوهَ لاهِـيـنِ، تـہ ڪـوٺَـنِ ۾ ڪِـيـنَ هُـئـان.

**بيت (١٣٢٦)**

سُـــونـهَـن وجـايَـمِ سـومـرا! مـيـرو مُـنـهُـن ٿِـئـومِ،
وَجَـڻُ تِـتِ پِـيـومِ، جِـتِ هَـلَـڻُ نـاهِ حُـســـنَ ري.

**بيت (١٣٢٧)**

سـونـهـن وجـايـم سـومـرا، سَـڪَـرَ جهڙي سـونـہ
دل ۾ دکـي ڏُونـہ، مـهـنجـو مُـنـهـن مـيـرو ڪِـئـو.

**بيت (١٣٢٨)**

ســـونـهـن وجـايـم ســـومـرا، هـتـي اچـي هـاڻ
ڪـئـن لـهـنـديَـم ڪـاڻ، حُـســـن مـون هِـتِ وئـو.

**بيت (١٣٢٩)**

سـونـهن وجـايـم سـومرا، ڪوٺيين اچي ڪـال [3]
ڪئن پســنديَسِ پال، مون حسـن هِتِ وڃائيو. [4]

---

[1] ٻي پڙهڻي: سونهن وڃايم سور.
[2] ٻي پڙهڻي: ”پڳس ڪوڏ ڪپور؛“ ڪپور=خوشي.
[3] اصل. ”ڪُوٺي“ (ڪوٺيين)؟
[4] اصل. ”حسن مون هت وڃائيو“

**بيت** (١٣٣٠)

سونهن وڃايم سومرا، ڪوجهو ٿيم ڪمالُ ❶
وڃان ڪئن وطن ڏي هيڙو وٺي حال
جي مان ڏِين جمالُ، تہ پسان منهن پنهارَ جو.

**بيت** (١٣٣١)

سونهن وڃايم سومرا، وطن وڃان ڪيئن
حُسن ڏاران هيئن، پسان ڪيئن پَنهار کي.

**بيت** (١٣٣٢)

سونهن وڃايم سومرا، پسان ڪئن پَنهارَ
ڏٺي جا ڏَرارُ، تِنہ رُوءِ رِيءَ رُڃَڻُ ناهِ ڪو.

**بيت** (١٣٣٣)

سُونهَن وڃايَم سُومرا، تيندِيَس ڪِيئن قَبُول؟
ڪونهي سُهڪُ نہ سُولُ، پُوڇي مُنهَن پنهارَ سين ❷

**بيت** (١٣٣٤)

سونهن وڃايم سومرا، عمرَ ٿيَسِ اسيرَ
مارو منجِهہ مليرَ، مون سين هتِ هِيئن ٿئو. ❸

**بيت** (١٣٣٥)

تَنِ منهَن موچارا مارئين مليرُ جَني ماڳُ
ناقص نوازي ڳهٽا سندو تَنِ سهاڳُ
اڪَرِ مون اياڳُ، حُسنُ تي هيئن ٿئو. ❹

**بيت** (١٣٣٦)

ڪونهي قادرَ ڪو ٻئو اُني جو اياڳُ
سيوئي سياڳُ، مارئيَ مَساوِي ٿئو.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”ڪيڏاهه ويم ڪمال“.
❷ پوڇي=چرڪين ❸ اصل. ”هي ٿيو“
❹ اصل. ”ٿي هئن ٿئو.“ ٻي پڙهڻي: ”تيلاهه حسن مون هي ٿئو“

## وائي

منجهہ رهِي مليرَ، آڙي مونَ کوهُ ڪِئو ❶
مون هٿان مهنجا ڏٺي، سهسين ٿِئا صغيرَ
پکي منجهہ پَنهارَ جي ڪوڙين ڪِئَم ڪبيرَ.
تون ڏيين، تون ڏٺي، دلاسو دلگيرَ
ٻُڙو لاهہ مَ ٻاجهہ جو مون تان مهنجا پيرَ
تڏيون وليون ترن ۾ ڪوڙين ڪِرڙَ ڪريرَ.

### بيت (۱۳۳۷)

اوٺِي! ڳوٺِي آٽِيين، ڪو هُتِي جو هِتِ هيرَ؛
تہ ڪِنا جي ڪوٺَن جا، ٿِيَن سَرها سيرَ؛
آءُ تہ اکِيينِ اُگهان، جي پائُر ڏِنَئي پيرَ ❷
لِلّٰهِ لَڳِ لَطِيفُ چئي، لاءِ مَ تُون اَويرَ؛
ڪوٺِيين گهاري ڪير، مَحَلين مُنجهي مُون هِنيو!

### بيت (۱۳۳۸)

الله اوٺي آٽيين جي نياپا نينِ
آءٌ اُنَهين جي آهيان جي مون نہ مڃينِ
مس مهنجي هٿ ۾ ڪاغذُ ڪي آٽينِ
لڙکَ نہ لکڻُ ڏينِ، ڪرئو پُونِ قلمَ تي.

### بيت (۱۳۳۹)

جئَن اَمُرُ هٽيو اَڏَ ڪري، سي ڪاغَذَ لِکان ڪِيئَن؟
واڳِيُون جي وصالَ جيون، تنِي چاڙهي چِيئَن ❸
روئَان راتون ڏِينهَن، جِئَن اُن جي وائِيءَ ۾ وَرَ گهٽا.

### بيت (۱۳۴۰)

تَنِ وَنهيَنِ ويڙيچَن کي، روئين نہ راتو ڏينهن

---

❶ اصل. ”آري مون.“
❷ اصل. ”آءٌ تہ“
❸ ٻي پڙهٽي: ”تني چاڙهيس“

ڪالهہ پنهارن لڏئو مون ڪي چاڙهي چيئن
آءٌ جيندي ڪيئن، جه ان ٿر وچي ٿاٽا ڪئا.

**بيت** (١٣٤١)

تاڇا ٿَرَ بَرَ جَهلّ، پَٽَ پائُــــرَ وَٽِ ۾ ❶
سيئِي سنيرئو، سومِرا! اَڇي آبَ اُڇَلّ؛
تَنِ سانپِيَنِ ڏِنَمِ سَلّ، ڏِٺي جِن ڏِينہ ٿِيا. ❷

**بيت** (١٣٤٢)

نہ ڪي ڏؤنرا ڏيهُہ ۾، نہ سرتيون، نہ سِيرُ ❸
ڪوٺيين ڪُٺي آهيان، ٻئو زوراٽو زنجيرُ
مارو سارئُمِ ميرَ، ويٺي ڳوڙها ڳاڙيان.

**بيت** (١٣٤٣)

ڳچيءَ ڳانا لوهَ جا، زيريُون ۾ زنجيرَ ❹
پَيڪَڙا پَيرن ۾، ڪوٺِيُن اندَرِ ڪِيرَ ❺
چارِي چؤگانَنِ ۾، واهِيَتَ ڪَنِ وَزِيرَ؛
چَنِ نہ چَڄي آهيان، اهڙيءَ سِٽَ سَريرَ ❻
مارُو ڄامَ مَلِيرَ، پُڇِج ڪِي پَنهَارِ ڪي.

**بيت** (١٣٤٤)

چن نہ چڄي گهارِيان، ڪُچَنِ ۾ ڪوٺنّ
ايندهين پئم اُبتا پَيڪَڙا پيرنّ
هٿَڙيون هٿنّ، ڄنگهون ٻانهون ڪاٺَ ۾.

**بيت** (١٣٤٥)

ڪُچن آهيان ڪوٺَ ۾، چَنِ نہ چَڄي هيٺِ

❶ اصل. ٿاچا.
❷ اصل. ساپين =ساٿن
❸ اصل ڏورا
❹ زيريون= ”ٻيڙي“ از قسم زنجير
❺ پيڪڙا= ”ٻيڙي“ آهن از قسم زنيجر
❻ چن= چڇهري؛ چڄي= بنگلا

لوئي سين، لطيف چئي، پيرئو ٻنڌان بيٽ
هتِ سَپجي اُنَ سَلسِ جي، هتِ رَچائِي ريٽِ ❶
سَرَهيون سي سرتيون وطنِ جني ويٽِ ❷
ماڻيان شال مليرجي منڊائتي ميٽ
ڏيهي مون سين ڏيٽ، ڪا مدت ڪجاهہ ماڙيين. ❸

**بيت** (١٣٤٦)

زيريين ٻيڙيين لوهَ ۾، ڳُتَنِ ڪَيَسِ ڳاهُ:
سَنڪي سَندي سُومِري، هَڏَ نہ چاڙهِيُمِ ماهُ ❹
سَرَتِيُون! دُعا ڪَجاهُ، تہ پَرَمُ پاروڙِيءَ رَهي.

**بيت** (١٣٤٧)

پَرَمُ پاروڙِيءَ رَهي، جَنہ ۾ اچِي اُنَّ:
تہ پڻُ ويني ونڊيان، توڙي پَوَنسِ تُنَّ:
غافِلُ رَکُ غَرِيب کي، عُمَرَ! مَنجهہ اَمُنَّ ❺
سَرتِيُنِ ساڻُ سَمُنَّ، آهِمِ اُنين مِينهڙين.

**بيت** (١٣٤٨)

آهِمِ اُنين مِينهڙين سَمُن سرتينِ ساڻِ
ڪنہ پرِ لاهيان ڪاڻِ، وڃين ويڙيچنِ سين.

**بيت** (١٣٤٩)

ماڙيَ چڙهي سومرا آءُ هَڏِ لڄاڻي
هتان مون مَ هارجي پائر جو پاڻي ❻
ٻولي ٻاٻاڻي، وني شالَ ويڙ پِهان. ❼

❶ سلس = موي دنبه (؟)؛ رچائي= موي دراز: گوسفند که آنرا "ريچه" گويند؛ اصل. ريٽ= نرم
❷ اصل. ويٽ.
❸ اصل. ماري
❹ سنڪي =خوف؛ ٻي پڙهڻي: "لنگن نہ چاڙهيو ماهہ"
❺ اصل غافل
❻ ٻي پڙهڻي: "هتان مون مر هاريين"
❼ ٻي پڙهڻي: "ويڙ وجان"

**بيت (١٣٥٠)**

جَي تـهـڙي وِجـان تـن ڏي جـهـڙي آيـس جـيـئـن
لالائِي لَطِيفُ چئي، ڪَرَ مُـنـدُيِن اُنـا مِـيـنـهَـن [1]
تِـــــيَـسِ ڪاڙيـاري ڪانڌَ جي، هِـتي اَچي هِـيئَـن
ڪَـنـڌُ ڪَـٽَـنـدِيَسِ ڪِـيئَن، مَـنـهَـن مـارُوئَـڙَنِ جي.

**بيت (١٣٥١)**

ٻئو ڄـاپَـنـدهـين مـران، هـيـڪُ جـئـن نـہ ڄـايـاسِ
گـهـنـگـهـرُ گـهـٽـو تِـيـاس، ڄـاپـي مـاروئـڙن کـي.

**بيت (١٣٥٢)**

جـي هـتِ گـهـارئـمِ ڏيـنـهـڙا وطـنَ ري ويـهـي
اُوءِ مـارو ڏيـنـدمِ مُـنـهـن ۾ ڏاڏاٽـا ڏيـهـي
پـکـن ۾ پـيـهـي، شـــالَ مـحـلـنِ جي مَـر ڏئـان.

**بيت (١٣٥٣)**

مـــارُوءَ پـــاسِ مَـلِـيـرَ ۾، ڏوئِـي مَـرُ مَـران!
پـاڻِـي واري پـهـنـجـو، ويـنـدِيـائِـي وَران!
ٿـورو مَـنـجِهـہ ٿَـرانَ، هـونـدَ لَـڳِـي لووَڙِيـارِيـــين!

**بيت (١٣٥٤)**

مـــارو پــاسِ مــلــيــرَ ۾، هــمــيــشـــہ هُـــئـــان
پـيـريـن تِـنـہ پُـئـان، نَـئـيـن وِهـاڻِـي نُـورَ سـيـن.

**بيت (١٣٥٥)**

تِـنـہ پَـر اُتَـنِ مـيـنـهـڙا جِـنـہ پـرِ گُـهـريـائـون
رَضـــا جـا رحـيـمَ جـي پُـڄِـي پـاريـائـون
مـلـيـرُ مـاڻـيـائـون، حُـرمَـتَ ســاڻُ حـبـيـبَ جـي.

**بيت (١٣٥٦)**

هِـنَ مُـنـدَ مـارُو سَـنَـرا، ويـڙِهـيـن وَڳَ وارِيـنِ:

---

[1] ٻي پڙهڻي: ”اُنس مينہ“.

ڇڇين ڇيڪاريو ڇيلڙا، پَٽين پَهرائِين؛
نيڻَ مُهنجا اُن ڪي، جَهجهو جَرُ هارِين؛
تاڙا تَنَوارِين، مِينه وَسَندا موٽُ تُون.

**بيت** (١٣٥٧)

هِنَ مُندَ مارو سَنَرا، ڪائُڙ ۾ خُوشحالَ؛
سانئون، سِيارِڇُ، مَڪَٽِي، جيڏيُون! آٽِن جالَ [1]
سَتيءَ جي سَيِّدُ چئي، ڪا ساٽيهَ مَنجهه سَنيالَ
لڳَن تان، لَطِيفُ چئي، لوئِي لاهِ مَ لالَ!
پَلو ڪَندو پالَ، مِينه وَسَندا موٽُ تُون.

**بيت** (١٣٥٨)

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ڍَنگَرَ ڍارَ رَهَنّ؛
پاٽِي پُوجَ پَٽَن ۾، پَڪي پاندِ پيَنّ [2]
هِنَ ڪي لوهَ لَطِيفُ چئي، هُوءِ ڪائُڙ مَنجهه ڪِلَنّ [3]
ڪاٽُونبا ڪاڇَنّ، مِينه وَسَندا موٽُ تُون. [4]

**بيت** (١٣٥٩)

هن مند مارو سنرا، ساٽيهَ منجهه سُڌيرَ [5]
هِنَ ڪي لوهَ، لطيفُ چئي، ڪوٽُين اندرِ ڪيرَ
مها منجهِ مليرَ، مينه وسندا موٽ تون.

**بيت** (١٣٦٠)

هن مند مارو سنرا، ”جيائي“ جالين [6]
چارئو لَنبَ، لطيف چئي، ”واڳهين“ وهارِين [7]
”ڪيٽائي“ ڪاهِين، مينه وسندا موٽ تون. [8]

---

[1] سائون، سيارچ، مڪٽي= ڏٿ
[2] پوج= بسيار؛ پڪي پاند= نزديڪ
[3] ڪائڙ= تر
[4] ڪاٽونبا= ڏٿ مثل ”ڳاڱي“
[5] ساٽيهه= وطن
[6] حيائي= ”تڙ“
[7] لنب= ڏٿ؛ واڳهين= تڙ
[8] اصل. ”ڪيٽائي ڪاهين.“

### بيت (١٣٦١)

پَنَهارَن پابوهيو، وَريا واهُوندا ❶
سارِئمِ سَيڻَ سَيَّدُ چئي، گاڏيليُون گُوندا ❷
پِٽُن پَرِ هوندا، پُنگا پَڙَ پَتارَ جا.

### بيت (١٣٦٢)

پَنهارَن پابِوهِيو، ڪي وَسَ واهوندَنّ ❸
لِتو سيُّ لَطِيفُ چئي، بَدو ڦَن ڦَرَنّ
پائُر ڏَنيُون پُنِيُون، نَندَن نوراپَنّ ❹
عُمَرَ! اُنَّ اگوندرِي، پاسي ڪَانڌَ ڪَتَنّ؛
ڪائُڙ ڪَٽيُون خاصِيُون، اُوچيُون اُتِ اُچنّ ❺
ڪَڍِيو پيڻُ ڪَهَنِ: "مَلِيرِ گُهرجي مارُئِي!

### بيت (١٣٦٣)

پنهارن پابوهيو، ڪي واهوندنِ وَسَّ
عمر انهين ڏيهَ جا ڏوٽين ڏنمَ ڏَسَّ
وليون وڻ ڦُلارئا لُلِرُ نگّئو لسَّ
آٽئو وجهنِ آهرين سندا ٽوهن ٽسَّ ❻
ميوا مچر ماڪيون سيڪا چگّنِ چسَّ
ماڙي وهي مس، ملير ويندي مارئي.

### بيت (١٣٦٤)

آٽِينِ ڪين چاڙهِينِ، ڪين ويڙيچا واٽينِ
سَتا ڪَئو سومراَ، سانئُون سُڪائِينِ

---

❶ اصل. واهُندا

❷ بي پڙهٽي: "سارئم هت، سيد چئي، گاڏيلي ۽ گوندا". گوندا= که در آن بچه هاي بز و ميش محفوظ کنند.

❸ اصل. واهندن

❹ پائر=در "ٿرپارکر". پنيون= موي ڏاس و پشم قطع کردن؛ نوراپن= بچه که کلان شد

❺ بي پڙهٽي: "اوچيون ات اچن"

❻ ٽس= پشتاره و سيد از چوب

مَنجهان لَنبَ لَطِيفُ چئي، چاڙُ ڪَئو چاڙهِين ❶
پُلاءُ نہ پاڙِين، عُمَرَ! آراڙِيءَ سِين. ❷

**بيت** (١٣٦٥)

تن وَهيَنِ ويڙيچَن ۾، سَدائين سُڪارُ؛
چُونڊِئو، آٽِئو چاڙهيُون، سَندو ڏَؤنرَنِ ڏارُ؛
جن جو ويڙنِ سين واپارُ، سي ڏوتِي هوُنِ نہ ڏُبِرا.

**بيت** (١٣٦٦)

مَتِنِ تُوه تُسڪرا، چنگهندڙا اَچَنِ ❸
ڪُڙيُون ڪيهَ يَڪُلِيُون، پَگهرُ سِرِ پيرَنِ
اِي وَر ويڙيچَنِ، مُون لوڏائين لَڪِئو.

**بيت** (١٣٦٧)

توري قُوتَ قَرارِئا، رَهَنِ سَبَرَ سَتّ ❹
ڪَتِيءَ ۾ ڪِهَ يَڪُلِيا، پُوٽَنِ اهَڙِيءَ پَتِّ ❺
پَنهارَڪِي پَتِّ، پيهِي پُڄُ مَلِيرَ ۾.

**بيت** (١٣٦٨)

آءٌ ڪئَن چَڏِيان، سومِرا، تن پنهارَنِ پَچارَ
جَڙَ جني جي جان ۾، لَڳِي رِيءَ لُهارَ
ميخُون مُحبَتَ سَنديُون، هنيين مَنجهہ هَزارَ
ڪارو پاٽِي ڪوهرين سنجيان آءٌ سوار ❻
ٻڪر شال ٻيهار، عمر! چاريان ان جا.

**بيت** (١٣٦٩)

عَمرَ! ماروئڙِن جو تَرَ تَرَ اندرِ تاءُ

❶ اصل. ”چارين“.
❷ اصل. آراري سين.
❸ اصل. ”چڪندرا اچن“
❹ ٻي پڙهڻي: ”رهن سبرست“
❺ هي ست حاشيه ۾ لکيل آهي
❻ سنجيان=ٻڪشمر

سـڀ تـهـنجـو سـومـرا ويـنـا ڳـنـهـن نـاءُ
اتـي وَيـنـديـس آءٌ، لـوئـي لـڄَ مـٽـي ڪـري.

**بيت (١٣٧٠)**

عُـمَـرَ! ماروئَڙَن جو تَـرَ تَـرَ اَنـدَرِ تـاڪ ❶
لاتـائـون لَـطِـيَـفُ چئـي، مَـتـان لـوئِـيءَ لاڪ
عُـمَـرَ! اهـوئـي آڪُ، پَـهـرِئـو تـي پَـنَ چَـران. ❷

**بيت (١٣٧١)**

ڪـانـڌُ نـہ ڪَـنـديَـسِ ڪـو ٻـئـو، ڪَـتـيروئِـي خُـوبُ،
مـيـروئِـي مـحـبُـوبُ، اَسـَان مـارُو مـجـئـو. ❸

**بيت (١٣٧٢)**

مُـنـه مُـهـنـجـو سُـومِـرا! مَـرُ مـيـروئِـي هـوءِ!
مـتـان مَـارُو چـوءِ، تـہ ڏوتـوءِ ڏور هـرَنِ ۾. ❹

**بيت (١٣٧٣)**

لـوڻ لڳـن لائـيـن چـيـري چـيـري چَـمُّ
مـون ڪُـرُ اڳـي نـہ ڪـئـو اهـڙو ڪـوجـهـو ڪـمُّ
جـان جـان دعوي دمُّ، تـان تـان پرتِ پنهـارَ سـين.

**بيت (١٣٧٤)**

سَـنِهيءَ سُـئِيءَ سِـبئو، مُون مارُوءَ سـين سـاهُ ❺
ويـنـَي سـارِيـان سُـومـرا! گـولاڙا ۾ گـاهُ،
هـنيون مُـنهـنجـو هُـن سـين، هـت مِـٽِي ۾ مـاهُ ❻
پـڪَـنِ مـنـجـهـہ پَـسـاهُ، قـالـبُ آهـي ڪـوٽَ ۾.

---

❶ ٽاڪ= اوطاق
❷ ٻي پڙهڻي: ”عمر اتم آڪ“.
❸ ٻي پڙهڻي: ”اسان مارو من ۾“
❹ ڏورهرن= حاڪمان
❺ اصل. ”سنيه سوئي سبئو“
❻ ٻي پڙهڻي: ”هِنيون مهنجو هت ٽئو-الخ“

**بيت (١٣٧٥)**

سَنِهيءَ سُئِيءَ سِبئو، مُون مارُوءَ سين مَنُ
هَٽِيَ ڪَنَ حِلمَ جا، تَهَ وڏائين تَنُ [❶]
ڪِئَن ٿوپايان ڪَنُ، اَباڻِي اِبرَ ري. [❷]

**بيت (١٣٧٦)**

پاتشاهي نہ پاريان، سَرَتِيُون! سُوئِي ساڻُ:
ڏَکي اُگهاڙِن کي، ڪِينَ ڏَکيائِين پاڻُ!
بِيهَرَ چاپِي چاڻُ، اِبرَ جي اَوصافَ کي.

**بيت (١٣٧٧)**

سَهَسين سيبا ڪَنجُري، لوئِي لِيڙُون لِيڙَ
واسي وارَ نہ ويڙهيان، ورجان پئا چيڙَ [❸]
مارُوءَ جي مُهاڙِ ريءَ، اَندَرِ ناهِ اُڪِيرَ [❹]
هَهِڙو حالُ هَميرَ، وٺي شالَ ويڙ پِهان. [❺]

**بيت (١٣٧٨)**

اَگِڙِيارو ڪَنجُرو لوئي سين ليڙَنَ
هِهَڙِي حال هلي وڃان منجهہِ ٿَرنَّ
مارو مانَ چوَنّ، تہ هئي اسانهين آسري. [❻]

**بيت (١٣٧٩)**

مُلا آنديَمِ ماروئين اجا ڪَتِي ڪالَ [❼]
سا ڪئن لوئي لاهيان متانَ لڳن لالَّ [❽]

---

❶ اصل. "هٽي ڪن حلم جا".
❷ ابر = سوزن.
❸ واسي=خوشبو: اصل. پئا رهن چيڙ
❹ اصل. "مهار ري"
❺ اصل. حمير، ٻي پڙهڻي: "ويڙ وڃان".
❻ ٻي پڙهڻي: "اسانئين آسري"
❼ ملا= نزد اوشان
❽ "لوئي" موصوف، "لال" صفت.

مـاروئـن مـڙي شـــالَ، ڏَهـيـون تـوءِ ڏيـڪـاريـان.

**بيت (١٣٨٠)**

پـاڻـهـيـن پـڇـي پـيـئـيـون رِيءَ واهِـيّـتّ ري وارِ
جُـوءِ ڪـشــادي جيـڏيـون مـلـيـرَ مـوڪ مُـهـارِ
ات ابـاڻـا جـنـہ جـا ســا مـاڙي مُـورِ مَ چـارِ
جي اُڪـنـديـون آرارِ، لـوهـہ تـنـي ڪـي لاهـہ تـون.

**بيت (١٣٨١)**

نَـہ ڪـو رائُــــــرُ ڏيـهَـہ ۾ نَـہ ڪـا جَـهـلَ نـہ پَـلّ
آڻِـيــو وجَـهــنِ آهُـريـن، روڙئـو رَتـا گُـلّ
مَـارُو پَـانَ اَمُـلّ، مَـلِـيـرُونِ مَـرڪَـڻـو.

**بيت (١٣٨٢)**

اُنــن مـيـنـہَ گـهـڻـان، تـيَـنِ مـوڪَ مـلـيـرَ ۾
اڪـيـون آبَ پـرئـو، اِنـهـيـن ڪُـونڙ ڪـڻـان [1]
مـاروئـن شـــال مِڙان، ڪـونـيـون چِـڏي ڪـڍِهـين.

**بيت (١٣٨٣)**

تِـنـہ ڪُـونڙ تـي ڪِـواءِ، جا ڏِسِ ڏاڏاڻـنِ جي [2]
سَـــارئـو سَـــانـيـڙَن ڪـي رويـو رات وهـاءِ [3]
سُـــوتـا ڪـيـم سَـهـاءِ، عـمـرَ بـنـديـاڻـيـنِ ڪـي.

**بيت (١٣٨٤)**

جـت يُـنـگـا يـٿون ۾ پِيـٺيـون، تِـنـہ ڪُـونڙ تي ڪـواءِ [4]
ســا وِجُ پـســيـو ونـدُران، مـون رونـدي راتِ وهـاءِ
سِـــيُـلَ تـنـي سُـــهـاءِ، مـارو جـو مـلـيـرَ جـو.

---

[1] اصل. ”ڪُورَ ڪنا“: ڪونڙ=طرف
[2] اصل. ”ڪور“
[3] سانپيڙا= ساٿي
[4] اصل. ڪُڻ تي ڪواءِ.

**بيت** (١٣٨٥)

پَهِرِيُ ڪئا پَتَن ۾ وِچُنِ وَڏاٽا
سور اُنِي جا سومرا، مون ڪَي اندرِ اُڏاٽا
اُني وئا اُڪري، عمر! اباٽا
ٻڪر ٻاٻاٽا، پسان شالَ پَرِ ڪَهِين.

**بيت** (١٣٨٦)

وِچُڙيُنِ ويسَ ڪئا موتي آئي مندَ
اڪيون اباڻِنِ ڏي بسِ نہ ڪّرينِ ٻُندَ
هئن نہ تِيَسِ هُندَ، جي ڪَرَ لڏائونَ ڪڏهين.

**بيت** (١٣٨٧)

مونهان پوءِ مليرَ ۾ جيڪُس اُتا مِينہَ
ڪالهہ سڄو ئي ڏينہَ، اڪڙيُنِ اُڪِيرئو.

**بيت** (١٣٨٨)

جيڪُسِ اُتا مِينہَ، مُنهان پوءِ مليرَ ۾
تَنِ ڏوتين لايا ڏينہَ، پهرئا جي پُسيَ ڪي.

**بيت** (١٣٨٩)

جُهڙ ڦُڙ مَٽي مارُوئين، جت چِيهو ۽ چِڪَ ❶
اَندَرُ ٿَو اُڄَ مري، ساَهُ اُنِي جي سِڪَ
پيَهُون شالَ پَهيُون پري، تِئان ڏيئي تِڪَ ❷
وَرُ پِريان سين پِڪَ، ياڻَ پَرِيا ئي گهورِيان ❸

**بيت** (١٣٩٠)

جت ڪَرَڙَ، ڪَٿا ۽ ڪاهِيُون، پالَ، پَڪا ۽ پَڪّ ❹
سَرَهِيُون سي سَرَتِيُون جي حاضُرُ پاسي حَقّ

---

❶ چيهو = گياه
❷ پهي=تسري
❸ ٻي پڙهڻي: ”ور پريان سين پلڪ-الخ“. اصل. ”يان يرئائي ڪوياڻ“
❹ ٻي پڙهڻي: ”پڪا ۽ پڪ“

مارُوءَ سين ماڙيان، شالَ مُدائِتي مَکّ [1]
کِنکارِيان سڀ خَلَقّ، جا ٿَرَ جائِي ۾ ٿُوهَرين.

**بيت** (١٣٩١)

پکا پِنهارِن ڏي ميوا مَجَرَ مَکَ [2]
عمرَ اُتِ اُکَندِئو حالُ هَماري حقَّ
لوئي مٿي لَکَ، سَمُنِ سُپيرِنِ سين. [3]

**بيت** (١٣٩٢)

اُتان اوٺي آئيو خبرَ کيئن کَري [4]
ٻِنهيَ پارين ٻاجهہ ٿي پَئو مَ منڌَ مري
وِيندهن ويرِ وري، مليرِ اٺي مينهڙين. [5]

**بيت** (١٣٩٣)

پانڌي پرينَ پنهارَ جو مون وٽِ جو آئو
اُتا مِينهَ مليرَ ۾ سڀُ ڏيهہ سَٽائو [6]
ٻاجَهر پکي ٻاجهَہ ٿي لٿو ڏُکائو [7]
جو سَرُتيُنِ ساجائو، سو هِنيڙو هِت نہ وندُري. [8]

**بيت** (١٣٩٤)

کِيئنَ واڏايُون آئيُون، اُنو ٿِي وَراڻ [9]
لَٿِي لو وڙيارِيين، مِڙَنِي مُنهَنِ کاڻ
صُلحُ وارِئو سُومري، ڇَيو پَنهارَن پاڻ [10]
هَمِيرَنِئُون هاڻِ، مُهتُ لَهَندِينءَ مارُئِي.

---

[1] مک= اول از ”پيرو“
[2] مجر= ”ٻور“ درخت خار
[3] اصل. لوئي مٿي لک. ٻي پڙهٽي: ”لوئي ۾ لک: لک=کمر
[4] اصل. ”کي کري“
[5] ملير= هر جنس درخت.
[6] ٻي پڙهٽي: ”ڏيهہ سُوايو“
[7] اصل. لٿو ڏکائو
[8] اصل. هت نوندري
[9] اصل. کي واڏائيون
[10] اصل پاڻ

### بيت (١٣٩٥)

ڪو نيه نِياپو مارُوئين پَهي سُڪَ پيرِيَن ڪِيهَ ❶
اَتِ اُڪَنڊِي آهِيان تَن آتَڻَ تَي ڏِيهَ ❷
سَنڌِي جا سَاٽِيهَ، سا ڪِهَ ڪُٿُوري پائِيان. ❸

### بيت (١٣٩٦)

جو ڏيهَ ڏاڏاٽئا آيو پيرين تنه پُئان
ساڪاتيون، سيد چئي، سنڌيون چِتَ چُوئان ❹
هِتي تان نہ هُئان، حرفَ لٿي هيڪڙي.

### بيت (١٣٩٧)

جو ڏيهَ ڏاڏاٽئا آيو، ڏُنِمِ تِنه طَعنو ❺
"پائي وِيهُ مَ پَلَنگين، ڳِچِيءَ سِر ڳانو ❻
مَٿان لَڪَ لَطِيفُ چئيَ، ڪاءُ مَ خَزانو ❼
سَرتِيُنِ سِيَلُ چَوائيو، جورِ هَٽِي جانو؛
ٿِيو سَڏُ سَمانو، حَرَفَ لَٿي هيڪِڙي. ❽

### بيت (١٣٩٨)

پانڌي پرينءَ پنهارَ ڪي چيُم تئن چئيج
سندا سنگتِ ڏينهڙا وَرَ مَ وساريج
ڪوٺين ڪُٺي آهيَان سگهي سارَ لهيج ❾
مُتِ مانڌاڻن مهيج، تہ نِيرَ ۾ نئون ڪريان. ❿

---

❶ سڄي سٽ اصل ائين. پهي=قاصد
❷ اصل سٽ ائين. ٻي پڙهٽي: ”آتڻ ۾ ڏيهہ“
❸ ساٽيهہ= وطن
❹ ٻي پڙهٽي: ”ساڪاتوءَ سيد چئي“
❺ اصل. ڏه ڏاڏاٽئا
❻ اصل. پائي وه.
❼ اصل ائين
❽ ٻي پڙهٽي: ”ٿيو سڏ“
❾ ٻي پڙهٽي: ”ڪوٺين ڪني-الخ“
❿ ٻي پڙهٽي: ”مئيج“

**بيت (١٣٩٩)**

پانـڌيِ پريـنءَ پـنهارَ سـيـن روئـي ڪِـج رهاڻ
جئن ٿَـر وڃـون اُتـيـون تـئن آءٌ سـورن سـاڻ ❶
ڪِـجاهُـ ڪـا وَراڻِ، ڏڪـنِ ڏيـلُ ڍَهـيـون ڪـئَـو.

**بيت (١٤٠٠)**

پانـڌي چـئـج پـريـنءَ ڪـي جـورِ هِـٽـي جـانـا
پـيـڪـڙا پـيـرن ۾ ڪـرايُـنِ ڪـانـا
ان ري امـانـا، گـهـنـگـهـرِ گـهـاريـانَ ڏيـنَـهـڙا.

**بيت (١٤٠١)**

ويـنِـي هِـتِ وڃـائيـان جئن سـنـاسـيـن سَـڪَ ❷
مُـهـرن سـنـدا مـهـري لاءِ هَـٽـنـدِي لَـڪَ ❸
ان اسـان ڪـي آ جـڪـو، قـيـمـتَ پـايـون ڪَـڪَ
ٻيرن سـنـدا ٻَـڪَ، شـال ماروءَ ڏيـڪاري مَران. ❹

**بيت (١٤٠٢)**

لـوَريـاڙي آهـيـان واريـان تـن نـہ وَرَقُ
سـانـدِئُـم سـپـريَـن لـئـي لـوئـيَ انـدرِ لَـڪُ
ڪـنـدِ ڪـاسـو، پـٽ پـاسـو، ڏُنـم تَـنِ تَـرَڪُ
سـنـدو ماروءَ حـقُّ، جـان جِـيـان تـان پـاڙيـان.

**بيت (١٤٠٣)**

آهـيـنِ اَبـرَ آسِـري، جَـرَ ۾ سِـپُـون جِـيـئَـن
ڪُـنجُـون سـارِين روهَـ ڪـي، مُـون تَـنّ انـدرِ تِـيـئَـن
هُـتِ وَعـدا وَجَـڻَ جـا، هِـتِ نـہ پـايُـمِ هِـيـئَـن؛
ڪـوٽـيُـنِ وِهـان ڪِـيـئَـن، جـي نَظَـرَ بَـنـدي نـہ هُـئـان.

---

❶ اصل. ساڻ
❷ ٻي پڙهڻي: ”وڃايان وطن لئي جئن-الخ“؛ سک=خر مهره ڪلان
❸ اصل ائين
❹ اصل ائين.

**بيت (١۴٠۴)**

سِـــڪو سَـــبِ سَـــرتِيُون! سِـــپُنِ مُلان ســـيرُ ❶
پِـئو مَـتـائـي نـيـرُ، اُپِـيـون اَبـرَ آسِـــري. ❷

**بيت (١۴٠۵)**

سِـــپَ سَـــمُـنـديـن سَـــپَـجـي، اَبـرُ آســـاروسِ ❸
ٻـاڙو پـئـي نـہ ٻـپُـڙي، مـنـو مُـنـہ لَڳـوسِ:
مـاڻـِڪُ تي مِلئوسِ، جِئَن تَنگُ ڪَڍِيائين تارِ ۾. ❹

## وائي

ڪَتيَ منجھہ ڪتيائين، ڪتيائين، مارو چامُ مليرَ جو
پـرچـي پـنـهـارن ســـيـن، لـوئـيَ ڏيـجُ لـڏائـيـن
ســـيـلُ نـبـاهـي ســـومـرا، پـهـنـجـو پـِيُ پـچـيـائـيـن
جهـوپـو جهـانـگـيـئـڙن جو مـاڙيَ سـيـن نـہ مـتـيـائـين
گـولـو گـولاڙن تـان جهـپـي ســـاڻ جهـتـيـائـيـن.
سَـــگُرُ ســـاهيـڙيـن ســـيـن ڪـاتـونـبـا ڪـاڏائـيـن ❺
مـاروءَ پـاس مـلـيـرَ ۾ چـســا ســـپ چـڪـائـيـن
اتي عبـداللطيف چئي، ســـيـلُ نـبـاهـيـن تو ســـائين

**بيت (١۴٠٦)**

مـــارئـي نـــاهِ مـــلـــيـــرَ ۾ نـــہ ڪـــا وتِ هـــمـــيـــرَ
پـنـوهُ ڪـونـهي ڪـيـچ ۾ نـہ ڪي ســـنـڌ-امـيـرَ
مـومـل ڪـانـهي مـاڙيـيـن، گـنـجـي نـاه فـقـيـرَ
وڙُ ڇـڏئو واهـڙ تـريـن، ســـاهـڙُ مـنـجهـہ ســـريـرَ
ڪُـبَـنِ ڪـيـنـهـيـن پـيـر، مـرشـــد مـســـاڻـِ ۾. ❻

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”سيل“
❷ ٻي پڙهڻي: ”نيل“
❸ اصل. آثاروس ٻي پڙهڻي: ”ابر آثروس“
❹ ٻي پڙهڻي: ”ماڻڪ تي مڙئوس“.
❺ ڪاتونبا = ڏٿ
❻ ’مساڻن ۾‘ بمعني دل

### بيت (١٤٠٧)

عمرُ بنڌِي اُٺ تي پُڇي ني پنهارِ (1)
ڏنو ڏاڍي بندَ ۾، سومري سنگهارِ (2)
نِيئي ٽَر آگَهٽِئو پُرسُ پرائي نارِ (3)
ماروئي چوءِ ملير ۾، وينو ڪوٽ ڪوارِ (4)
هنجهون ڪيمَ هارِ، موٽڻُ ڪو مَسَّ ٿيي.

### بيت (١٤٠٨)

چڪي چڪئم چاڪَ، وَهيَن ويڙهيچن جا
واَجِهيندي وصال کي فنا ڪَيس فِراقَ
سيئي سارئم سومرا ٽر جني جا ٽاڪَ (5)
ماروءَ جي اوطاقَ، گهڻو اُڪَنڊِي آهيان.

### بيت (١٤٠٩)

اڄُ پُڻ چڪئمِ چاڪَ، وهينِ ويڙيچن جا
سورنِ اچي سومرا اندرِ ڪي اوطاقَ
ماروءَ جي فراقَ، هَڏَ مهنجا ڪَپِئا.

### بيت (١٤١٠)

جَڏهن ڪُن فَيَڪُونُ، مَنُ تَڏاهڪُون مارُئين؛
تُون ڪِئَن وجهين تن کي، سُومِرا! شَڪُون
هَمِيرَنِ هَڪُون، جاڙَ جُسي کي پاتِيُون (6)

### بيت (١٤١١)

جَهڙو قَيدُالَسماءِ، تَهڙو بَندُ نہ ڪو ٻئو
جَفَّ الَقَلَمُ بِمَا هُوَ ڪائِنٌ، لَهي نہ تِرُ تِئاءِ
عُمَرَ! تو هَٿاءِ، شال اَجائي ٿِئي آجِڙين. (7)

---

(1) ٻي پڙهڻي: 'نِئو پنهار'
(2) ٻي پڙهڻي: 'ڏِني'
(3) ٽَرِ = از ٽر؛ آگَهٽئو = ظلم ڪرده، پرس = حاڪم، نار = عورت
(4) ٻي پڙهڻي: 'پينو ڪوٽ ڪوار'
(5) ٽاڪ = وٿاڻ.
(6) ٻي پڙهڻي: "حميرن حقون؛ (حق = امرونهي؛ جاڙ = سخت؛ هڪون = زجرو تنبيه
(7) آجڙيين = بزها دارنده

### بيت (١٤١٢)

قَيدُالَــــماءِ تِئومِ، هِتِ اَڙانگي گهارِيان[1]
هُناکَ (قلبي) جسم فهو لديکم هنيون هُتِ ســندومِ
قـادِرُ شـــالَ کَندومِ، ميڙاکو سِين مارُوئين!

### وائي

پرچِن شالَ پنهارَ، ڍولا مارو مون سين

پـــرچـــن وو، وو...
پـائـي آيَـسِ پـانـد ۾ اوَگـڻَ عـيـبَ اپـارَ
مون مورائين مَديون، آهين سيڻَ ستار [2]
اُنـا مِيـنـهَ مـلـيـرَ ۾، تـڙِ تـڙِ ٿـي تـوارَ [3]

### بيت (١٤١٣)

پَـتـولا پَـنـهـارِيُـون، مُـورِ نـہ مَـتـي کَـنِّ؛
جُ لاکَ رَتائُون لوئِــــيُون، تہ سالُنئان سُونهَنِّ[4]
اُنِّ ايـلاچَـنـئُـون اگِـرِي، بَـخَـمَـلَ بـافـتَـنِّ؛
سَــکَـــرَ ڀانئِيان سُــومرا! کٿيون کـان کُنهبَنِّ؛
جا ڏِنـيَـمِ ڏاڏاٽَـنِّ، سـا لاهِـيـنـدي لَـڄَ مَـرَان.

### بيت (١٤١٤)

اَرَمَ هَـڏَ مَ اوڍِيـان، پَـتـولا، پَـٽَ چـيـرَ [5]
بـانـڌُوٽـائـي بَـنِ ڏِيـان، اَرغَـڄَ ۽ عَـبـيـرَ
مـارُوءَ سـين مـاٽِيـان، کَتِــــيُون جهڙيُون کِيرَ
انـدَرِ اُڃَ اُکِيـرَ، مُـون کـي پِـريـنءَ پـنَـهـارَ جِـي.

### بيت (١٤١٥)

سـونَ بَـرابَـر سَـڳـڙا، مـارُوءَ سَـنـدا مُـون؛
پَـتـولا پَـنـهَـارِ کَـي عُـمَـرَا! آڇ مَ تُـون؛
وَرُ لـوئـي جـي لُـون، ڏاڏاٽَـنِ ڏِنَـيـامِ جـا.

---

[1] ٻي پڙهڻي: ”اڙانگو“
[2] مديون= بدي
[3] اصل. تڙ تڙ.“
[4] ٻي پڙهڻي: ”تہ کر سالورا سونهن“
[5] ارم=قسم ريشم

**بيت** (١٤١٦)

سونَ برابر سڳڙا، لُون لُون برابَر لَکُ؛
رُپو جنهن رَڏِّ ڪِئو ڪوڙ، تَنهين ڪي ڪَکُ [1]
مُون مارُوءَ جو مَکُ، تيلُ نہ لائِيان تُهنجو.

**بيت** (١٤١٧)

تيلُ نہ لائِيان تُهنجو، مُون مارُوءَ جو مَنّ؛
ڪَرِيان ٻِي نہ ڪَنِّ، آهَرَ اُنَهِين آهِيان

**بيت** (١٤١٨)

مون ماروءَ سين لڏيون لوئيَ ۾ لائون
سون برابر سڳڙا مون کي ٻانُهن ٻڌائون
عمرَ جو آئون، ڪئن پٽ پَرَهِيان سومرا.

**بيت** (١٤١٩)

آءٌ ڪئن لوئي لاهيانِ ڪارَڻ ٻن ڏيهان
جانسين تِي جِيان، ڪانڌُ نہ ڪنَديسِ ڪو ٻئو.

**بيت** (١٤٢٠)

سي ساهيڙيون سارِين تو، سِيلَ جَني جو سچُ
ماروءَ ري مَ مچُ، سِيهو پائِج سونَ کي. [2]

**بيت** (١٤٢١)

ساهيڙِيُون سارِين تو، سَچ جِنِين جو سِيلُ؛
نَہ ڪو قالُ نہ قِيلُ، اُنِي جي اَدَبَ ۾.

**بيت** (١٤٢٢)

جَنِ ڪرايُنِ ڪَچَّ جا وَرُ ساهيڙيون سي
اُتِ اُڪنڊِي آهيان مَنهن ماروءَ جي
پکن سين نہ پاڙيان هنَڌَ هتي جا هي
اهل اباڻن کي، مري شالَ مَ لائيان.

---

[1] اصل "ڪور ته کي".

[2] م مچ=فربه خوشحال م شو

**بيت (١٤٢٣)**

ڪَرايُــنِ ڪِــڙورِ جــا، ڇُــوڙا ڪُــوڙا جَــنِّ؛
ســـو مَــرَڪُ مــارُوئــنِّ، جِــئــان لــوڪَ لَــڄَ ٽِــيــي.

**بيت (١٤٢٤)**

ڪــارا ڪَــرايُــنِ ۾، ســـونُ اســـان ڪــي سُـــوءَ؛
وَرُ جــيــڏِيُــنِ سِــيــن جُــوءَ، فــاقــو فَــرحَــتَ پــائِــيــان.

**بيت (١٤٢٥)**

ڪوءِ آسُون عمرڪوٽَ جيون، وَرُ جنگرُ ۾ جهوپي ❶
جــو ابــاٽــن آڏئــو ڪُــرَن ســـيــن ڪــوپـــي ❷
ويــنــديــسِ ويــڙيــچــنِ ڏَي لــوهــءَ پــيــچــي لــوپــي
چــيــڙ آءٌ چــوپــي، سِـــڪَ لاهــيــنــديــسِ ســومــرا.

**بيت (١٤٢٦)**

ڪوءِ آســـون عمرڪوٽ جيون، وَرُ وهڻُ وســـڪاري
مــهــنــجــو تــورُ تَــلَــن ۾ چــيــهــا تــو چــاري ❸
مري رهــنـديــسِ مــاڳهين ســـاهيــڙيون ســـاري
ڏِيــئــي ڏَٿَ ڏاري، آهِــم اُنــيــن مــيــنــهــڙيــن ❹

**بيت (١٤٢٧)**

نـــنـــگـــا آهــيـــون نِگّــئـــا اســـيــن مـــارُو لـــوڪُ
تــرَ ڪــي پــايــون ٿــوڪُ جــو ڏَڪَ ڏاتــيــئــڙن جــو.

**بيت (١٤٢٨)**

سَـــدا جِــنِ پَــريــاڻُ، پــانــڌِي پَــڪــي لَــڌَ جــو؛
وئــا ڳُــٺَــنِ ئــي ســـاڻُ، وِيَــڙا تَــرِ اَڪِــري! ❺

---

❶ اصل. ”ڇنڪر ۾ جوپي“؛ ٻي پڙهڻي: ڇنڪل ۾ جوپي.
❷ اصل ائين
❸ چيها= گياهہ؛ چاري= برهارا
❹ اصل. ڊيئي= ”سمن“، اي انجام
❺ اصل. ”وئا ڪُنن سان“

### بيت (١٤٢٩)

اوڏا جان هئا، تان تي نِتُ نياپا آئيا
ماروئڙا ملير ۾ واري وڳَ وئا
تَنِي ڏوهه ڪئا، ڏيئي ڏوراپا چائيان.

### بيت (١٤٣٠)

❶ ڪنيائون ڪائڙَ ڏي ساري هاجَ هِئا
❷ لنگهي لڪ، لطيف چئي، پريين ترَ تئا
❸ ڏلهي ڪوه ڏِسِ ڪنهين ويڙيچا وئا
چڏي ڳُنَّ وئا، ماروئڙا مليرَ ۾.

### بيت (١٤٣١)

❹ تِئن ماروءَ سندي مَنّ لَڙهي جئن ڳنديون منجھ ڳنديرَ
سي ماروئڙا تر تئا جي ڳٽن جا ڳهير
تَني رءَ همير، ڳهنگهرِ ڳهاريان ڏينهڙا.

### بيت (١٤٣٢)

سي تاريلا ترِ تئا چي مان ڳَهٽُ ڳهري
وطن وَسَ وسنديون هِنَيڙي نِتُّ هري
اندر چِتُّ چُري، مون ڪي وِرَهُ ويڙيچن جو.

### بيت (١٤٣٣)

❺ بيَرَ ڪَنيائُون بَرَ ۾، پيارين پَهُون
❻ سَنجين سائيڪَنِ تي، وَڏِيءَ وير وَهُون
❼ پايو جَرُ جَندَن ۾، ڪوڏان ڪَنّ ڪِهُون
ڏِينهان ڏينهن نَئون، مُون ڪي وِرِهُ ويڙِيچَنِ جو.

---

❶ بي پڙهڻي: ”ڪٽي ويا ڪائڙ ڏي“
❷ بي پڙهڻي: ”لائي لڏ-الخ“
❸ هي مصرع حاشيه ۾ لکيل آهي؛ ڏلهي= بر ڪها زهوق وغيره درچاه مي اندازند.
❹ اصل. ”من لري جين ڪندي ءَ“
❺ بير= چاهڪ (ڪوهه)؛ پهون= بچه بزها
❻ سنجين= به دلو آب ڪشيدن؛ سائيڪن تي= چاه شصت پره؛ وهون=عورتان
❼ جر= آب؛ جندن ۾= ڪجاوه خورد ڪه برونهند؛ ڪوڏان= به خوشي؛ ڪهون= مسافت

### بيت (١۴٣۴)

پيچَ پُٽڪو نہ ٿيي، ٻُري نہ ٻڪرَ دانہ
مِيان ماروئڙن جا اُوٺا پسان آنہَ ❶
جن سانيڪا سنجَئا، سي ڏَٿي ڪيئي ڪانہَ ❷
پَڪا ڪٽي پَرانہَ، جيڪُسِ لڏِئو لوونڙيارين. ❸

### بيت (١۴٣۵)

پُونَڙَ پُٽڪو نہ سُٽان، پِنِيءَ جي پُٽَنّ ❹
سِنجَڻَ وارِيون سُتِيُون، وِجي ويڙهِ وَٽن
پِيا سيٺَ سَڙَنّ، تَرَهي ڀِنهي ڪنڌِيين ❺

### بيت (١۴٣٦)

سِنجي سِنجي ڪوهڙا، ويڙهي وِئا وَرَتَ ❻
مون ڪي ماروئڙن جي هِنيڙي منجهہ حيرتَ
چُٽڪِنِ اندر چِتَّ، سانپيڙا ساڏوئيون. ❼

### بيت (١۴٣٧)

سپِ نہ ستيون سِرتيون، اجا ڪي سِنجنّ ❽
پيون سي پَهرَنّ، جي اجائجي آئيون.

### بيت (١۴٣٨)

وَهيان ٿَينِ وِٿانَ، ڏوگاهي هُئان جي
او پيٽيون ۾ پَانڙَ، موٽي ماروئِنِ اڏئا. ❾

---

❶ ٻي پڙهٽي: ”اديون اباڻن جا-الخ“
❷ سانيڪا= چاه شصت؛ سنجئا= به دلو آب ڪشيدن
❸ لووڙيارين= لوئي پوش.
❹ اصل. ”پور پٽڪو نہ سٽيان پني جي پونن“؛ ٻي پڙهٽي: ”پني جي پرن“=آوند از آب پر ڪنند
❺ سيٺ= رسن؛ ترهي= چشمہ آب
❻ ورت=رسن
❼ سانپيڙا= رفيق؛ ساڏوئيون= درخت ”چار“ ڪه شيرين باشد
❽ اصل. سنجين= آب از چاه ڪشند
❾ پانڙ= مڪان

## وائي

عمرَ آءٌ مَرِي تان نہ ڇڏينڊِي، لو مِٽري مارُوئڙن جي ❶
ميـنهيـنَ اٿيـن مـارئـي لالـنَ ســاڻُ لـڏيـنـدي
سِــري منهنجي ســومرا ٿرِن کينَ ٺَکينـدِي ❷
هـمـيـراڻـا هـٿـڙا مِـهـرِي کَـيـنَ مـڃـيـنـدي.

### بيت (١٤٣٩)

ٿورا مـنـجهـہ ٿـرن، مـون سـيـن مـاروءَ جي کِـئـا
عــمــرَ اُنِ ڳـڻــنَ، آءٌ کـئـن لـوئـي لاهـيـان.

### بيت (١٤٤٠)

هَـڏ نــہ پَـران هـيـڪـڙي ٿـوري ٿــرَ ڄـايَـنّ
مـون کـي مـاروئـڙنِ، مـيـري کـري نــہ مَـٽِـئو.

### بيت (١٤٤١)

نِـيَـرُ لـهـي نــہ نـيـہ جـو لُـهَـہ جـا وئـا لِـهـي
ڪنجيون جي قلفنِ جيون سـيـٽـِنِ هـٿِ سـهـي
وئـڙا راڄ رهــي، ڏيـان ڏوراپـا ڪَـنِ کـي.

### بيت (١٤٤٢)

نِـيَـرُ لـهـي نــہ نِـيـہ جـو، لُهـہَ جـا لـهـي وئـا
مــاروئــنـؤن ڏار مــاڙيــيــن ڏُهــلا ڏِيــنَــہَ ٿـئـا
ڏيــهــي ڏورِ وئـــا، ڏيــان ڏوراپـا ڪَـنِ کـي.

### بيت (١٤٤٣)

سُــٽِـي ســاڻـيهـہَ ڳـالـهـڙي وهُســي ويـڙيـڇي
ســـيِ سُـــڌِ پـيَـم ســومـرا هِـتـي هُـتـي جـي
پـيـنـرُ ۾ پـيـڇـي، سُـــوايـا ســاريـنِ مـون ❸

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”عمر آءٌ مري تان نہ ڇڏندي“، لووڙياري ماروئڙن جي؛ مٽري=خويشي
❷ اصل. ٺڪيدي.
❸ سوايا = خوشحال.

### بيت (١۴۴۴)

سِــٽـي ســاٽـيـھـَ ڳـالـھـڙي، لـھـي وئـا لـوھـَ
انــدرَ جـا انــدوھـَ، لــٿـا ڏکَ، ســـک ٿـئـا.

### بيت (١۴۴۵)

تـوکـي تـوڙائِـيـن لِـکِـي، عُـمَـرَ! اَچـائِـي؛
جِـنـھ تـو سـامـائِـي، مـاٽَ نـہ ڀَڳِـي مـاروئـيـن.

### بيت (١۴۴٦)

عـمرَ اچـو تـون، تـئـن آءٌ وچ مـرکـان مـاروئـيـن
مُـنـھُ نـہ مـيـرو مـون، سِـيَـلُ تـھـنـجـو سـومـرا.

### بيت (١۴۴۷)

وئـا ڳُـٺَـنِ ئـي ســاڻ، مـاروئـڙا تـر اُکـري
تَـنـي پُـڄـاڻـان ھـاڻ، آءٌ ھَـڏِ جـاڙَ جِـيـان.

### بيت (١۴۴۸)

چـڏِ سَـڀَـرايـون سـومـرا، عـمـرُ لـڳ اَللّٰہُ
تـئَـمِ نـہ تـورا ڏيـنـھـڙا، مـاڙيُـن ڳـارئَـمِ مـاهَ ❶
ســک مـھـنـجـي ســاھـَ، مـاروءَ جـي مـسَّ لـھـي.

### بيت (١۴۴۹)

دَرَ، دَروازا، دَرِيُـون، ھـاٽــي ھــتــي ھــو؛
کـوڙيـــيـن مـنـديـان کـيـتـرا، تَـنـبُـو مَـٿـان تـو؛
جـي مُـلِ نـہ آئـيـا مـارُئـي! تـنِـيـن رَڙُ مَ رو ❷
کُـوکَـٽُ آھـي کـو، پُـسِـيءَ پـنـھـارِن ۾. ❸

### بيت (١۴۵٠)

تـو وِه کـائـي نـہ مـريـن، ھُـي مُـنـھُ ڏيـئـي ٻَـنّ

---

❶ ٻي پڙھٽي: ”ماڙين ڳارئم ماه“؛ ماه= گوشت
❷ مل= نزد تو
❸ ٻي پڙھٽي: ”پسي م پنھارن جي“

تان جي مليرَ ڄائيون توسين سَڱُ نہ ڪنّ
تون ڪئن منجهان تَنّ، پاڻُ ڪوٺائين مارئيِ.

**بيت** (١۴۵١)

مَ ڪين رو، مَ رڙُ ڪين، هَنجُون هَڏِ مَ هارِ:
تو تان بَندُ بدا ٿِئو، ٻيڙِيُون نيئي ٻارَ ❶
پَهُچَندِينءَ پَنهارِ، سِڱِهي سنگهارَنِ کي.

**بيت** (١۴۵٢)

مَ ڪين رو، مَ رڙُ، مَ ڪي هنجون هارِ
جهڙا اچنِ ڏينهڙا تهڙا ويني گهارِ
ڏکنِ پٺي سُکڙا سگها ٿِين سنگهارِ
لٿا لوھَ لطيف چئي، پروڙج پنهارِ
ٻيڙيون نيئي ٻارِ، تو تان بند بدا ٿئو.

**بيت** (١۴۵٣)

مَ ڪين رو مَ رڙُ ڪين، مَ ڪي ڪَر ڪيهون
هتي اچنِ اڳهين واندين جيون ويهونَ ❷
ميڙيندوءِ ميون، مِينهين اُٺينَ مارئي.

**بيت** (١۴۵۴)

مَ ڪين رو، مَ رڙُ ڪين، مَ ڪي ڪر دانهونَ
سُتي لوڪِ، لطيف چئي، ٻيئي ڪنُ ٻانهون
لَڏيئي جتِ لائون، سو ڏيهہ پسَندِينءَ مارئي. ❸

**بيت** (١۴۵۵)

ڪو ڏينه آهِين ڪوٽَ ۾، لوئي هَڏِ مَ لاھ:
ڪامَڻِ! آنهجي ڪُرَ جي، اَڏِ وَڏائِيَ آھِ ❹

---

❶ ٻيڙيون= زنجير.
❷ ٻي پڙهڻي: ”هتي اچن ڪيتريون-الخ“
❸ ٻي پڙهڻي: ”سو ماڳ پسندين“
❹ ڪامڻ= عورت

هـتِ مَ پـارِجِ هـيـڪِـڙو، پـائُـرَ جـي پَسـاهَ؛
سَـتِـي! سِـيـلُ نِـبـاهِ، مَـلِـيـرِ وينـدِينءَ مـارُئِـي.

**بيت (١٤٥٦)**

اُتـان اوتِـي آئـيـو، خَـبَـرَ ڪـيـئـن ڪَـرِي؛
ٻـنـهـي پـارين ٻـاجـهـ تـي، پَؤُ مَ مـنـڌ مـري ❶
ويـنـدِيـنءَ ويـڙ وري، مـيـنـهـيـن اُتـيـن مـارئـي.

**بيت (١٤٥٧)**

پـڪـي پـيـهـي آئـيـو مـلـيـرا مـارو
وَرَئـو وَهـارُو، هـاٽـو سـڀِ هـيـٺـا ٿـئـا. ❷

**بيت (١٤٥٨)**

پـاٽـيـهـيـن پـيـهـي آئـيـو مـارو مـلـيـران
چِـتـا سـون سـوران، هـاٽـو سـڀ هـيـٺـا ٿـئـا.

## وائي

شــڪـر آڻ ٻجـاءِ، ٻجـاءِ، آهـيـن اَهـل الله سـيـن
گهـوڙو هَـن گِـروهَ سـيـن، حـمـد مـنـجـهـ هَـلاءِ ❸
سـرهـي هـن سـلـڪ سـيـن پـڄـي ڪـي پَـڄاءِ❹
تِـيَ تـہ تـوڪ پـرائـيـيـن لا شـڪَ تـنـي لاءِ
تـرڪُ ڪـرِ طـلـبَ ڪـي، لاهـوتـي مَ لـڄـاءِ ❺
خـودي ڪـڻَ مَ پـانءَ سـيـن، جـوڳـيـن وٽ جـلاءِ
مَـهـنـدان مشـائـخـنِ جـي، چـونءَ سَـڀِ چـلاءِ❻
ڪـام تـهـنـجـو ڪـاپـڙي سـامـيـنِ وٽِ سـمـاءِ
آسـڻ اڳـئـان اُن جـي، ٻَـر ٻَـر ڪـيـو ٻـاڏاءِ

---

❶ اصل. "ٻنهي پار."
❷ ٻي پڙهٽي: "ور آ وهارو"؛ وهارو= پشتي ڪننده، واهرو؛ هاٽو= ظالم
❸ اصل. ڪوروهن ڪروهس؛ ٻي پڙهٽي: "ڪروهه مان حمد ساڻ هلاءِ"
❹ ٻي پڙهٽي: "سلوڪ سين"
❺ اصل. "ترڪ ڪر طلب سين"؛ ٻي پڙهٽي: ترڪ ڪر ترڪ ڪي.
❻ ٻي پڙهٽي: "مشائخن ڪي"

سيهو جا سونُ ڪري تنه صحبت ڪي مَ سِڪاءِ
سُرَهي سناسين جي سُٽي ڪا سٽاءِ
آهم آس اسم جي، ڏاڍو تون ڏُلاءِ ❶
الله! عبداللطيف ڪي، اُني سانڱ اگهاءِ.

**بيت** (١٤٥٩)

لِنگڙياري لوءَ ۾، جنين لَئي ٿِئاسِ؛
تَنين تِرَ جيترو، پَلَڪُ نہ پُڇياسِ؛
جَهروڪَنِ جهورِئو هِنيون، ڪوٽيُنِ آءٌ ڪُنياسِ؛
مارُئِنِ مُونجھہ مُياسِ، نا تہ مارُيِن مارِيَسِ ڪينَڪِين.

**بيت** (١٤٦٠)

مارُيِن ماريسِ ڪينڪين مُيس مارُئِن لاءِ
ڪَرَ لهندا ڪڏهين منهنجي اڇي ڪاءِ
سانيپڙا سداءِ، ويٺو واجھہ وجهي هنيون.

**بيت** (١٤٦١)

ويٺو واجَهہ وجهي هنيُون پَر ۾ پنهارنِ
اَتِ اُڪندي آهيان پائر ۾ پرينِ
ڪريان ٻي نہ ڪَنّ، ويندسِ وطن سامُهين.

**بيت** (١٤٦٢)

ويندسِ وطنَ سامهين مليرُ مهنجو ماڳُ
ڏٽُ ڪرينديَس ڏيهہَ ۾ سانڱُ سَرتِنِ ساڱُ
تہ مون سَئو سياڳُ، جي ويجهي ٿيان وَرَ ڪي.

**بيت** (١٤٦٣)

جي ويجهي ٿيان ورُ ڪي تہ سياڳو مَ سَئون
نِتُ نِتُ آهِ نئون، مون ڪي وِرَهُ ويڙيچن جو.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”ڏاڍو ڪيم ڏلاءِ“.

## وائي

مهنجو هِنيڙو سنگهارن ساري، هوءَ جي ويجها رهن وس کي ❶
آءٌ همير پَڃُ زنجيرَ، هيئن نہ سَگهان هٿ گهاري ❷
قلبُ مهنجو ڪوٽَ ۾ گهايل تو گهاري
الٰهي عنايت سين شال ڪيئن مِڙان ڪنڪاري ❸
وڃان شالَ وطن ڏي پَرِ پيچاٽي پاري ❹
مران شالَ مليرَ ۾ گولُنِ سانُ گذاري. ❺

## وائي

تَپُ تڙئائين، سمند وڏائين، نئائين مَرضُ مومنن تان
دَردُ پانُ دردَ ۾ ٻڏو ٻاجھہ ڪئائين ❻
اَگها سڀ سگها تئا ڏُکندو ڏورِ نئائين
گِروهَ گودڙيَنِ جيَ سِلَڪ صحت ڏنائين
ميڙي مريد پهنجا رحمت هيٺِ رکيائين.

## وائي

لوئيَ ۾ لائون، مون ماروءَ سين لڌيون
سونَ برابر سگڙا ٻانهن ٻڌائون
سو ڪئن پَٽ پَرَهيان سومرا، گهورئو عمرَ جو آئون
ڪاڄُ ڪتيرن سَڦرو سگرُ ۽ سانئون
سا ڪئن ڪائيَ ڪارڪون جنهن کي ڏونئرا ڏيڄُ ڏنائون
کِهَہ مانڊاٽو مڪِٽي قوتُ جَني جو سا نئون
عمرَ تي زورُ ڪري جِيلاهَ راڄُ اَڳاهون.

---

❶ اصل. سنگهارن سارئو
❷ اصل. "حمير.... هي نہ سگهان-الخ"
❸ اصل. "ڪي مران ڪنڪاري"
❹ پيچاٽي = مادر و پدر
❺ گولن= گولاڙا
❻ اصل. ٻرو ٻڏو ٻاجهہ ڪئائين

**بيت (١٤٦٤)**

سَــڍِ نـ ســلامـي تـئـا وَهِـيَ نـ وَرئـا جـي
مـهـنـدا تـنـي کـي، کـونـهـي مـاڳُ مـلـيـرَ ۾.❶

**بيت (١٤٦٥)**

سَــڍِ پُـڻ ســلامـي تـئـا، وهـيَ پـڻ وريـا جـي
مَـهـنـدا تـنـي کـي، آهـي مـاڳ مـلـيـرَ ۾.❷

**بيت (١٤٦٦)**

جـنـي راتـو ڏيـنـه، اکـڙيـون مـلـيـرَ ڏي❸
هـاٽـي کـنـدينءَ کـيـئن، تن عمرَ آســاؤئن کـي.❹

**بيت (١٤٦٧)**

جـي وڍي وڻ جـدا کـئـا، ڏُرئـائـيـن ڏار
تن سُـکـن کـهـڙي ســارَ، تـہ ابر اوکـاٽـي وئو.❺

**بيت (١٤٦٨)**

جـي وڍي وڻ جـدا کـئـا ڏرئـائـيـن دورُ
ســکـن کـهـڙو ســورُ، تـہ کـي اُتـا مـيـنـه مـلـيـر ۾.❻

**بيت (١٤٦٩)**

کَـتـيَ مـنـجـهہ خـلافُ، نـہ رهـيـو نـہ رتـي جـيـتـرو
لـتـو لـووَڙيـاريـيـن گـونـدرَ جـو غـلافُ
مـيـرا لاتـا مـاروئـيـن، ســپ اوڍئـائـون صـاف
مـلـيـرُ مـڙوئـي مـعـافُ، عـمـر انـعـامـي کِـئـو.

---

❶ بي پڙهڻي: ”هاٽي تني کي.“
❷ هي بيت حاشيي ۾ لکيل آهي
❸ بي پڙهڻي: ”اکيون مَرُ ملير ڏي“
❹ بي پڙهڻي: ”آساؤئن سين“
❺ بي پڙهڻي: ”تن سکن کهڙي سار، تہ کي اُتا مينه ملير ۾“
❻ هي بيت حاشيہ ۾ لکيل آهي.

## وائي

آءٌ ماروءَ جي آهيان، مون کي ماروءَ جو آسرو
مارو مون نہ ڇڏيندو
اُتي مليرَ ڄائيون سڀ نوازي نيندو
والي تي وڳ جو هِئائين هلندو.
ميڙو تيندو مومنين قضا پاڻ کريندو
کوثي کوثر کنڌيين پاٽي پياريندو.

### بيت (١٤٧٠)

نہ خبر نہ خواب، نہ کو اوٺي آئيو ❶
هُتي جو هِتِ کهين ڏنو کو نہ جوابُ
هميرنئون حساب، کُهُ ڄاڻان کئن ٿيو. ❷

### بيت (١٤٧١)

نہ کو ايرُ نہ پيرُ، نہ کو اوٺي آئيو
مون وٽ آئيو کو نہ کو پريان پري پيرُ
کِتابَتون کيرُ، ڏيندُم ڍِهايَنِ جيون.

### بيت (١٤٧٢)

اڄ اڍنگا وينَ، مون کي مُکا جيڏيين
هاٽي هميرَنِ جا جيکُسِ کاڏَءِ کينَ
ساڏويون ءِ سَينَ، کِ تو وئڙا وسَري.

❶ اصل. نہ خبر نہ خاب
❷ اصل. حمير نئون.

# سر ود آسا

**بيت** (١٤٧٣)

سَـڄَڻَ سَـنيُون ڪَنِ، لوڪان ليڪي ونگـــــيُون؛
سَـــنـدِي سُــپِـرِيَـنِ، پَـرِ پَـرُوڙَڻُ ڏاڪـڙو.

**بيت** (١٤٧٤)

ڪـا جـا پـرِ پـريـنِّ، نـہ سـا سُـئي ٻُـڌي
مَـتيـون سـڀِ مُـنجهـنّ، اهڙي ڏنـي قضـيـي.

**بيت** (١٤٧٥)

نـہ ڪـو ڊيـڪُ نـہ ويـلُ، نـہ ڪـو مُـنـہُ مُـهاڙِ ڪـا
اِيُ اِهـو ئـي ڪـيـلُ، ڪـورُ پـروڙي ڪـيـنَـڪـيـن.

**بيت** (١٤٧٦)

حـوصـــلـو حَـيـرَتَ ۾، ڪَـري ڪِـيـنَ دَرَڪُ؛
جو حُسُـنَ سَـندو حَقُ، سـو ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَڪِين!

**بيت** (١٤٧٧)

حـوصـــلـو حَـيـرَتَ ۾، وَڃـي ٿـيـو ويـڃُـون؛
مُحَبَـتَ جُيون ميـڃُـون، ڪُورُ پَرُوڙي ڪِينَڪِين.

**بيت** (١٤٧٨)

حـوصـــلـو حيـرت ۾، جـو آهـ نـہ مـتـي عـامَ[1]
محبـت سـنـدِي مـامَ، ڪـورُ پـروڙي ڪـينڪـين.

---

[1] اصل. آهي نہ متي

**بيت** (١٤٧٩)

حوصلو حيرت ۾ وجي لَڄائو
ويچارو ڪاٺو، ڏسي تو ڏسڻ ڪي. ❶

**بيت** (١٤٨٠)

هَر هَر هٿ مَ پاءِ اِيَ ڳَنڍِ ڇُنهڍيَ نہ ڇڙي
ڪوڙين وڏا ڪيترا اِنَ وَرَ مَنجهہ مُنجهاءَ ❷
هَي هَي ڪندا هاءِ، هتان هاتِڪ هَزارين وئا. ❸

**بيت** (١٤٨١)

سڄي ڇوڙَڻُ سُتَري، جي اُڪوڙيين اَڏُ ڳَنڍِ ❹
ڪڙو لاهيين ڪَنڍِ، سُپيريان جي سِيرَ جو. ❺

**بيت** (١٤٨٢)

ديکيندي ديدارَ ڪي ڪين سُڃاتو ڪُلَّ
تازي طبيلن ۾ آهي اِها تہ جُهلَّ ❻
هئا جي اَمُلَ، سي حسابان هَڃي وئا. ❼

**بيت** (١٤٨٣)

ديکيندي ديدارَ ڪي ڪُلَ سُڃاتئون ڪينَ ❽
جانبَ منجهان جِين نہ، مَحرومَ ٿي مري وئا. ❾

**بيت** (١٤٨٤)

مَحرُومَ ٿِي مَرِي وِيا، ماهِرَ ٿِي نہ مُئا؛

---

❶ بيون پڙهڻيون: 1-ڏسي تو ڏسن ڪي 2-ڏسي ٿيو ڏسن ڪي.
❷ بي پڙهڻي: ”ڪوڙين پلئا ڪيترا ان ور مٿان ماءِ“
❸ بي پڙهڻي: ”ات هاتڪ-الخ“
❹ بي پڙهڻي: ”ڇوڙيين جي اڏ ڳنڍ“
❺ اصل. ڪنڌ
❻ اصل. ڃل
❼ بي پڙهڻي: ”آهين جي آمل“
❽ اصل. سنڃاتوڪ
❾ اصل. ”جانب منڃا نہ جين.“

چِڙيءَ جيئَن چُھنجَ هَڻِي، لَڏئائُون لُئا؛
حُبابَ ئِي هُئا، اِنهِيءَ واديءَ وِچَ ۾.

**بيت (١٤٨٥)**

ڪيھي پُڇن ڪالھ ڪر، نہ ڪا اڄُ صَباحَ
وانءُ تهين سين واڳئو جيڪين پسين منجھ پساهَ
رَمُ ربَاني راھُ، متيَ حالَ هشيارُ تي.

## وائي

مَوتَ مُندَ نہ آهي، اَئين تائِبَ تِيو تَڪِڙا.
"عَجِّلُوا بالتَّوبَةِ قَبلَ الـمَوتِ،" ور تُون ويرَ مَ لائي؛
پريان ڪَارَڻ پاڻَ ڪي، سڳھو وانءُ سَنباهي؛
اَجَلُ اَسارَنِ ڪي، ڪامَ وَنئو تو ڪاهي؛
نبا گھوٽَ گھرَنِ ڏي، ڪَنہ وَڏِيءَ ويرَ وَناهي
اُتي، عَبدُاللّطيفُ چئي، نبا ڪَفَنَ پَراهي. ❶
وڏائين وَڏَڻَ لَئي، ڳُنُ ڪُھاڙِيءَ پاهي
عِمارَتُ اَنڌَنِ جي، ڊانائين تو ڊاهي. ❷

**بيت (١٤٨٦)**

تَرڪُ ڪري ترڪَ ڪي، وجڻَ ڪَنان وڄُ
آهي اِيُ اُهجُ، سُڻي سڻائيج تون.

**بيت (١٤٨٧)**

وجي رَسُ وجڻَ ڪي، وجڻُ پُڻ وجاءِ
لوڪان پاڻ لِڪاءِ، لِڪان پُڻ لڪيج تون.

**بيت (١٤٨٨)**

لوڪان لڪي سَيُڪو، لِڪان لڪيي ڪونَ
اُتي ويئي اونَ، اِنَ اُلتي ڳالھ جي. ❸

---

❶ ٻي پڙهڻي: "ڏيندا ڪفن"
❷ ٻي پڙهڻي: "عمارت اڌڻ جي-الخ"
❸ اون=فهم

**بيت** (١٤٨٩)

چورِيَ پَهَتُ ڳُجهَہ سين، پَڌَر ناهِ اَرَٿُ ❶
پهرين پاڻ لِڪاءِ، پوءِ لڪائج وٽُ. ❷

**بيت** (١٤٩٠)

اَڪِ اُلٽِي ڏارِ، وَنءُ اُلٽو عامَ سين؛
جي لَهوارو لوڪُ وَهي، تُون اُوچو وَانءَ اوپارِ؛
مَنجهَان نُوچَ نِهارِ، وانءِ پُٺِيرو پِرينءَ ڏي. ❸

**بيت** (١٤٩١)

هٿن سين هاجَ ڪرِ، نيٽِن سين نهارِ
اَيا اَڱڻَ پارِ، پَسُ پَهنجا سُپرين. ❹

**بيت** (١٤٩٢)

ديڪُ مَ تُون سين تَنِ، هِي جي مَجازِياٽِيُون مُنهَن ۾؛
ڪِينَ سُڃاتو سُپرين، نِهاري نيٽِنِ؛
پِرِين سي پَسَنِ، ٻَئِي جنِين ٻُوٽِيُون.

**بيت** (١٤٩٣)

اسين سِڪَهُون جَن ڪي، سي تان اسين پاڻّ
هاٽي وِچ گمانَّ، صحيحُ سڃاتا سُپرين.

**بيت** (١٤٩٤)

اسين سِڪَهُون جَن ڪي، اسين پُڻ سيئي
”لَم يَلِد وَلَم يُولد“ وانءُ اوڏاهين پيهِي.

**بيت** (١٤٩٥)

هادِيءَ لَهان نَہ حَدُّ، لوچان ٿِي لاحَدَ ۾

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”چوران پهت-الخ“
❷ ٻيون پڙهڻيون: 1-”پهرين لڪائڻ پاڻ ڪي پوءِ لڪائڻ وٽ“.2-پهرين لڪائن پاڻ ڪي پوءِ لڪائن وٽ.
❸ ٻي پڙهڻي: ”وچ پٺيرو-الخ“
❹ ٻي پڙهڻي: ”ايو اڱڻ پار، پس پنهنجو سپرين“

سُــپيريـان جي سُــونـهَن جو، نَـكو قَـدُ نَـہ مَـدُ؛
هِتِ سِــكَڻُ بي عَـدَدُ، هُـتِ پِرِينءَ پَرِوا نـاهِ كـا. [1]

## وائي

جيڏيون آءُ كا پاڻَ وهيڻي آهيان،

كـا مـون ســارَ لـهـجـو

واڳَ ڏڻـين هـٿَ ۾، كَـرَهَـلُ اوڏاهـيـن كـاهـيـان
جيـڏانـہ هلائـين سـپرين، پير اوڏاهين پـائـيـان.
قَلمُ كـاتِـب هـٿَ ۾، آءُ لِكي مـان لِـكَ لاهـيـان.

### بيت (١٤٩٦)

آءُ اورئـان جـهـلِ تـون چـڏيَـم پـاڻَ پـچـار [2]
شِــركَ ســاڻُ سَـتـار، گـهـارئِـمِ گـهـٽـا ڏيـنهڙا.

### بيت (١٤٩٧)

بَـنِ! بـئـائِـي، سُــپـريـن! پاٽـان مُـون كـي پَـلِ؛
"آئُـونَ" اورِيـان جَـهَـلِ، تـوكـي رَســي "تـو" ڏِٽِـيَ.

### بيت (١٤٩٨)

تـوكـي رســي تـون ڏٽـي ســيـوئـي جـمـال
كـونهي ٻئو خيـالَ، جي شــاِركَ شــكُ وجـائين.

### بيت (١٤٩٩)

ڏِســـنُ ڏِســيـنِ جـي، تـہ هَـمـہ كـي حـقُّ چـويـن
شــاركَ شــكُ مَ نـي، انـدّا اِنـهـيـن ڳـالـهـہ ۾.

### بيت (١٥٠٠)

بـي شــرك يـائـيـن پـاڻَ كـي، عَـيـنُ شــرك اِيُّ
هَـڏِهِـن كـونـهـي هِـيُّ، هـو پُـڻ كـونـهي هـنَ ري.

---

[1] ٻي پڙهڻي: ”پروا ناهہ كو.“
[2] ٻي پڙهڻي: ”اوري جهل“

**بيت** (١٥٠١)

پَڙاڏو ســو سَــڏُ، وَرُ وائِــيءَ جــو جي لَـهــيــن؛
هُـئـا هـڏهــيــن گــڏ، پُــڌڻ ۾ بــ تَــئــا.

**بيت** (١٥٠٢)

سـائي صــورتَ عينَ کي، سـائي صــورتَ غينَ [1]
سَــمنَ نُقطـا دورِ کَـرِ، هوي عين کيي عينَ [2]

**بيت** (١٥٠٣)

صــفَـتَ سَـــڱُ اَحَـد ســين، احـدُ صــفـتَ رِي نـاهِ
اَوهُ ۽ آهِ، بــيــئِــي بِــئــائــي تــئــا.

**بيت** (١٥٠٤)

ســـوڏي ســـان صـــفـتَ، اَحـدان اڳي جـا هـئـي
اَپـرِ اِشــارَتَ، پَـرَ سِــڌَنِ کـي سُــتَـري. [3]

**بيت** (١٥٠٥)

طـالـبُ قـصَـــرُ، سُــنـهَ سَــرُ، اَنـدر رومـي راءُ [4]
مـاڙهـو اِتِ کِـئـاءِ، مَـنـدُ نــ پَـسـيـن مَـنـدئـو. [5]

**بيت** (١٥٠٦)

طـالـبُ قـصَـــرُ، سُـــنـهَ سَــرُ، رومِـي جـو آهـي
تـاڙي جي لاهي، تــ مَـنجهـين مُـشـــاهـدو ٿيي.

**بيت** (١٥٠٧)

ايـک قَـصــرُ درَ لـکَ، کـوڙيـن سَــهـسَ ڳـڙکُـيون [6]
جـاڏي کـريـان پَـرکَ، تـاڏي صـــاحـبُ سَـــامـهون.

---

1. اصل. ”سورت“
2. بي پڙهڻي: اوهان عين کي عين
3. بي پڙهڻي: ”اوپر اشارت، سڌن آهي ستري“.
4. قصر=خانہ
5. اصل. مارو ات کئا
6. اصل. ”کِر کي“. ڳڙ کي= روزن

**بيت (١٥٠٨)**

تَنُ کُڏِي، مَنُ حُجرو، ڪيم چاليها رَکُ: ❶
کُه نہ پُوڄِئو پُوڄِئين، اَتـــئِي پهر اَلَکُ؟
تون تان پاڻُ پَرَکُ! سَـــپَ ڪيڏانهن سـامهون. ❷

**بيت (١٥٠٩)**

سَـــپَ ڪيڏاهين سـامهون، ڪو هنڌ خالِي ناه:
جي اَحَدا اَرِگ تئا، سـي ڪانئَرَ ڪبا ڪاهِ ❸
مُحبُّ منجهين مَنَ مانهِ، مون اَجاڙِيءَ اُجهئو ❹

**بيت (١٥١٠)**

منهُ ڪر منجهارا، ٻهران ڍُنڍِ مَ ڍورَ جيئن ❺
اُڪِري آراءُ، ڪَنڊِي اَچَڻُ ڏاڪڙو. ❻

**بيت (١٥١١)**

صـورتَ سـوجهہ تِهنجي، تون پِيُّ پُڄين تي جو
سُخنُ آهي سو، جو مُنهُ مقابِلِ نہ ٿيي. ❼

**بيت (١٥١٢)**

سـچاپي نہ صـورتَ ري، صـورتَ هَڏَ مَ سـوجهہ
وِجائي وجودَ کي تِيُ ٻاراٽي ٻوجِهہ.

**بيت (١٥١٣)**

تان تان ناهِہ سجود، جان جان پَسين پاڻَ کي
وِجائي وجود، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئو.

---

❶ ٻي پڙهٽي: ”ڪين چاليها رک.“
❷ ٻي پڙهٽي: ”سامهان“.
❸ ارِگ=دور
❹ اصل. ”من اجاردي اجئو“
❺ اصل. ”ڍنڍِ مدور جي“
❻ ٻي پڙهٽي: ”جي اٽرئو آراھ تہ ڪنڌي ٽيڻ ڏاڪڙو“
❼ ٻي پڙهٽي: اي سخن آهي سو

**بيت** (١٥١٤)

جَن وِڃايو وُجُود، سي فاني ٿِئا "فِي اللّٰهَ" سين
نہ تَن قِيامُ نَہ قُاعدوُ، نہ کو کَن سُجُودُ؛
جيلاهِ ٿِئا نابُودُ، تيلان رسئا بُودُ کي. ❶

**بيت** (١٥١٥)

نابُودِيءَ نيئِي، عَبۡدَ کي اَعليٰ کئو؛
جي مُورَتَ ۾ مَخفِي ٿِيا، صُورَتَ ۾ سيئِي؛
کَبِي اِتِ کيهِي، ڳالِهہ پِريان جي ڳُجَهہ جِي. ❷

**بيت** (١٥١٦)

اَنا عَبدُ، معبود تون، اِتِ نہ کو شِرُڪ نہ شڪَّ ❸
پچارون پرين جيون، محبَّتيَن مَرڪَّ
سو سيوئي حقَّ، جِنہ ۾ پسڻ پرينءَ کي. ❹

**بيت** (١٥١٧)

آڏو جو اِثبات کي، سو شِرڪُ لاهي شَڪُ؛
هِيُ جِنہ ۾ حَقُّ، تنهن نَفِيءَ جھڙو ناهِ ڪين.

**بيت** (١٥١٨)

وڏي تان اِنَ واتُ ۾ بيليَپَ بِئائِي
آهي اونداهِيَ جو شِرڪُ سَهائِي ❺
چِتي چِتائِي، اَلِفَ جِيَ عينڪ ۾.

**بيت** (١٥١٩)

اِنَ پَر نہ اِيمانُ، جِنَّن کَلمي گوءُ کوتائِيين؛
دَغا تُنهنجي دِل ۾، شِرڪ ۽ شَيطانُ؛
مُنہ ۾ مُسَلمانُ، اَندَرِ آزرُ آهِيين.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ڳڌئا بود کي.
❷ ٻي پڙهڻي: ”کبي تت“
❸ ٻي پڙهڻي: ”تنہ ۾ نہ کو شرڪ الخ“
❹ ٻي پڙهڻي: ”جنہ ۾ پسين پرينءَ کي“
❺ ٻي پڙهڻي: اي شرڪ

## بيت (١٥٢٠)

ڪُـوڙو تُـون ڪُـفرَ سـيـن، ڪـافَرُ مَ ڪـوتـاءِ؛
هِـنـدُو هَـڏِ نـہ آهِـيـيـن، جَـٽِـيـو تـو نـہ جُڳـاءِ
تِلَـڪُ تِـنِـيـن لاءِ، سَـچـا جي شِـرِڪَ سـيـن. [1]

## وائي

وجـه مـنـجـهـہ خَـلِـيـلُ، اَنـدَرِ آزَرُ آهِـيـيـن.
سَـــدَ مَ ڪَـر صِـــحَّـتَ جِـي، اَڃـا تُـون عَـلِـيـلُ
نـالـو نـاهِ نِـفـاقَ جـو، جـتـي رَبُّ جَـلِـيـلُ؛
مُـنـه ۾ مُـسَـلـمـانُ تُـون، قَـلَـبُ تـان ڪَـلِـيـلُ؛
وتـر جـي وِصـــالَ ۾، دوئِـي نـاهِ دَلِـيـلُ. [2]

## بيت (١٥٢١)

وَنِـنِ ۾ وصـــالَ جِـي، تُـون ڪـا ڪـانِـي پـاءِ
دُو- بِـيـنَـائِـي دُورِ ڪَـري، مَـعَـرِفَـتَ مَـلـهـاءِ؛
سُـــپِـيَـرِيـان جِي سُـونَـهـہ ۾، رُخنو ڪو نَـہ رِهـاءِ؛
اَڪِ اَشَـــهَـد چـاءِ، تـہ مُـسَـلِـمـانِـي مـاڻِـيـيـن. [3]

## بيت (١٥٢٢)

ڪَنُ گـهـرجي ڪَـلِـمـون سـيـڪـي سـٽـڻ لاءِ [4]
فـڪـر سـيـن قِـيـراءِ، تـہ هـمـه ڪـي حق چـويـن. [5]

## بيت (١٥٢٣)

سُـــرمُـون سِـــيـاهـيءَ جـو، رَنـنِ ڪـي رِهـاءِ؛
ڪـانِـي ڪـارائِـيءَ جـي، مُـڙسُ تَـي مَ پـاءِ؛
اَڪِـــــيُـنِ ۾ اَتِـڪـاءِ، لالائِـي لالـنَ جـي.

---

[1] ٻي پڙهڻي: ”اي تلڪ تني لاءِ.“
[2] ٻي پڙهڻي: ”وتر ۾ وصال جي“
[3] اشهد=پاڪيزه و سفيد
[4] ٻي پڙهڻي: ”لغو لهو لاءِ“
[5] ٻي پڙهڻي: فڪر سين مَ قراءِ، تہ همه هيڪ چوين

**بيت (١٥٢٤)**

سُــرمـون سُــرخِيءَ جو، جَڏهـن پـاتـو جـن ❶
تَـڏهـن ڏِنِــــي تـن، رَوَنَـق ريـتـي جـهِـڙي.

**بيت (١٥٢٥)**

سُــرَمـون سُــفـيـدِيءَ جـو، جَـڏهـن وڌو جـن؛
تَـڏهــن ڏِنِـي تــن، اَجـائِـي عــالَـمَ ۾. ❷

## وائي

ڪِين جو اُني منجهہ آهي، هُوءِ جي جُهونا پَسجَنِ جُهوپڙا ❸
اِنَ دَرِ سـيئِي اَڳهـئـا، جن ڪي ڪو نہ چِتائي ❹
ڏاريـان پـائـين ڏاريون، پـاڻُ پريـان سـين ڪـائي؛
"اِنَّ اَوَلِيَـائِيَ تَحَـتَ قَبَـائِيَ"، پَهنجا پـاڻَ پَراهي؛
"لَا يَعَرِفُهُمَ غَيَرِيَ"، پَرَ ڪي ڪِينَ پَسـائي؛
پـاهنجيون چَڏي پُـٽَ ۾، رِڙهُ اُنهين جي راهي؛
خِدمَـتَ ڪَرِ خُلَقَ سـين، پـانـدُ ڳِچِيءَ ۾ پـائي.

**بيت (١٥٢٦)**

عــالَـم "آءٌ" ســاڻُ، پَـريـو تـو پـيـرَ ڪـري ❺
مـانـدِيءَ مَـنـدُ پـڪـيـڙيـو، پـاڻ نـہ آهـي جـاڻُ.

**بيت (١٥٢٧)**

تـوڪـي تـوڙائـيـن "لا" سـيـن لاتـائـون
اجـا پـڻ "آئـون"، وارئـو وجـهـيـن وچ ۾.

**بيت (١٥٢٨)**

"آءٌ" ســان اُنَ پـارِ، ڪَـڏِهن تـان ڪو نہ پِئو (٥) ❻

---

❶ بي پڙهـڻي: "سرمون لالائي جو."
❷ بي پڙهـڻي: "اجائي عالم جي"
❸ بي پڙهـڻي: "اني ۾ آهي"؛ "جهونا پسجن جهوپڙا"
❹ بي پڙهـڻي: "جنين ڪي-الخ"
❺ بي پڙهـڻي: "آءٌ سين-الخ"
❻ بي پڙهـڻي: "تہ ڪا نہ ويئي."

"اِنّ اللّٰهَ وِتّرٌ يُحِبُّ الْوِتّر". نيئي ٻيائي ٻارِ
هيڪڙائِيءَ وَٽِ هارِ، هَنجُون جي هوئَڻَ جُيون.

**بيت** (١٥٢٩)

اِيَ چوَندي ڪيرَ، تہ آءٌ ساڄاري سين سڄٽين ❶
دائُم اِنَ دربارِ جا قَران پَسئو قيرَ ❷
جَني حُضوري هيرَ، ڪري تَغِيريون تَنِ سين.

**بيت** (١٥٣٠)

متان پائيين تون، تہ آءٌ تيس، ساڄاري سين سڄٽين.
رُوندِيُون ڏِنيون مُون، اِنَ دَرَ مَتي دادليُون.

**بيت** (١٥٣١)

جي فارسي سِڪئو، گولو توءِ غلامُ
جو ٻَڌو ٻن ڳالهِن ۾ سو ڪُہُ چائي ڄامُ ❸
اجئو تان آبُ گهُري، ٻُڪئو تان طعامُ
اِيُ عامِيَن سندو عامُ، خاص منجهان نہ ٿئو.

**بيت** (١٥٣٢)

ڪَنز، قُدورِي، ڪافيا پڙهي پروڙيين سڀُ
منڍي ماڪوڙِي ڪوهہ ۾ ڪر پيئي ڪَڇي اُپَ. ❹

**بيت** (١٥٣٣)

لوڪان نَحوُ صَرَفُ، مون مَنُ مُطالِعَ سُپرين
پڙهٽو سوئي پڙهان، سوئي سو حرف.

**بيت** (١٥٣٤)

فِڪرَ فنا ٿئا، ظاهرَ ۾ زاني
تني ڪي تعليم جي، ڪُر اندر ڪانِي؛
حرفُ حَقّانِي، دَوُرُ ڪِئائون دل ۾. ❺

---

❶ ٻي پڙهٽي: "تہ آءُ تيس ساڄاري سڄٽين"
❷ قران=مي لرزم
❸ ٻي پڙهٽي: "سو ڪئن چائي ڄام"
❹ ٻي پڙهٽي: "پيئي پسي اپ"
❺ ٻي پڙهٽي: دل سين.

### بيت (١٥٣٥)

جني ڏَورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهنّ؛
فِڪرَ ڦَرَهِي هٿ ۾، ماٺ مُطالع ڪنّ ❶
پَنو سو پڙهنّ، جنهن ۾ پَسن پِريَ کي.

### بيت (١٥٣٦)

اوڳُڻ رُسي سَيُڪو، ڳُڻين پرين رنام
لکئم جي لسانَ سين، سي ڪَرَ ڪَينَ ڪِئامَ ❷
پاڻ وجائي پهنجا، تورا تڪ هنيام
بندگي افگندگي، اهائي ميڙ مُڪئام ❸
پرين تب پرنام، آءٌ جب اُٺ ڳِئي. ❹

### بيت (١٥٣٧)

ناهه ابتي اُن سين، نہ سَئين سيٽان
وڄُ سَهِي وَيٽانِ، تو نہ سرندي تَنِ ري. ❺

### بيت (١٥٣٨)

نيٽين نظرُ، نيہَ جَرَ، جِتي جوڙ جَنّ ❻
ساهَ اُني تان صدَقو، اندرُ سين عضوَنَّ
لاهي سر، لطيفُ چئي، انگَ پُڻ آچِجنّ ❼
قَلبُ قرباني ڪريان مٿان دِل دوستنّ ❽
هِنيين ۾ اکينّ، ڦاهي ڪاڙِيَ پريَ لئِي.

### بيت (١٥٣٩)

اَلتِيمَ جا هِيَان، سانہ سَلتِيم ساهَہ کي

---

❶ اصل. ”فڪر فرحي“
❷ ٻي پڙهٽي: سي تان ڪين ڪئام
❸ ٻي پڙهٽي: ”شرمندگي افگندگي“
❹ ٻي پڙهٽي: ”پرين تي پرچئام“
❺ ٻي پڙهٽي: ”ان ري“
❻ اصل. جتي جونر جن؛ ٻي پڙهٽي: ”جتي جور جن“
❼ ٻي پڙهٽي: ”لاهي تن؛ انگ= عضوا
❽ اصل ائين.

سُپيريان جي ڳالھڙي لڪايَمِ روحان
ويئي جي وسان، تي پڌر پيئي پريَ ري.

**بيت (١٥٤٠)**

مُون تان لِڪائِي گھڻو، روئَڻَ ڪِي روشَنُ؛
رَسِيو ريزالَن ڪي، زَردِيءَ مَنجھان ظَنُ
ويرِي مُون وَرَنُ، ڳالِھ ڪَيائِين ڳُجَھ جِي. ❶

**بيت (١٥٤١)**

عاشِقُ پانئي ايئن، تہ آءٌ سڪَ ڪِنه ڪي نہ سَلان
وَهَنِ اکيون، وِرچي هِنيون روچ رهندي ڪيئن.

**بيت (١٥٤٢)**

اندرِ رهي نہ گَھٽَ، سُپيريان جي ڳالھڙي
چاڳر سهي نہ سَٽَ، جُه مهراڻَ موج ڪي. ❷

**بيت (١٥٤٣)**

لڪين سئين مهراڻَ، آتُوءَ ساڻَ اَڌَ مِئا ❸
سَرِئا منجھِين ماڻَ، ٻَھر ٻِڪ نہ نڪري.

**بيت (١٥٤٤)**

ڪِين جو ڪيڏاهين، اکيون پسي آئيون
تاڻِين تيڏاهين، پيئون پاڻ مُھاڙيون. ❹

**بيت (١٥٤٥)**

اَڪِيُون سيئِي ڏارِ، جن سِين پسين پِري ڪي؛
ٻِئي ڏونہ ڪِيمَ نِھارِ، گھڻو رِيسارا سُپِرين.

**بيت (١٥٤٦)**

نيڻَنِ ڪِي نيران، جئِن سانجُھرُ سيڻَ ساپيئا؛
جِي جُسي ۾ جانِ، ڪَرَ حُضُورِي حَجُ ڪِئو.

❶ اصل ائين: ٻي پڙھڻي ”ڳال پروڙيائين ڳجھ جي“
❷ چاڳر = آب اندک، ”جُھار“
❸ اصل ائين
❹ اصل. پان مھاني.

### بيت (١٥٤٧)

جيڪين ڏنائون، سو مان ڳُڻَ ڳنڊِ ٿئو [1]
مون کي پڇئائون، ٿوڪي انهين ٿوڳً سين.

### بيت (١٥٤٨)

حقيقت هٽي، مهنجي جان جدا ڪئي
هيڪَڙو پساهُ پريَ ري سگهان تان نہ ڪٽي
ڏٽي ۽ ڏٽي، وڃي رهيو روحَ ۾. [2]

### بيت (١٥٤٩)

پساهَ سين پسان پرين، ساهِ سين سُڃاڻا [3]
اِيَهِي ٻہ ٽاڻا، اڇي رهئا روحَ ۾.

### بيت (١٥٥٠)

"مون" مُنهين ۾ سَپَجي مون کي "مون" جڳاءِ
"مُونِهين" جي ساڃاهہ، "مونهين" منجهان "مون" ٿيي.

### بيت (١٥٥١)

سوئيرِئا ئِي سَنهڙو، جان تَنُ ڪَيو نہ ائين [4]
پِرِين پَائِيندا ڪِيئَن، توڪي اَڪَڙيُنِ ۾.

### بيت (١٥٥٢)

پاڻُ پَروڏو پاڻَ ڪي، سُٽِي ڪَر سَنپالَ؛
وِڇان جو وِصالَ، سو تان هوئَڻُ هِنَ جو.

### بيت (١٥٥٣)

پاڻُ پَروڏو پاڻَ ڪي، طالِبَ! سُٽج تُون؛
نَہ ڪا هان نہ هُون، پَردا سَپِ پاسي ٿِئا.

---

[1] اصل. سُو ماکن کندبِ ٿئو
[2] ٻي پڙهٽي: "اڇي رهيو"
[3] ٻي پڙهٽي: "پرين هيين سين-الخ"
[4] اصل "سنرو".

### بيت (١٥٥۴)

گُنڌي ڏِيڻُ نہ سَپَجِي، تُهين پَچي نہ ماهُ ❶
اِنَ ڪچِي پَرِ ڪئا، جوڳ تيي سين سجِٽين. ❷

### بيت (١٥٥٥)

عاشق چَؤ مَ عامَ کي، مَ ڪِي چَؤ معشوق؛
خالق چَؤ مَ خامَ تون، مَ ڪِي چَؤ مخلوق؛
سَلِج تنه سُلوڪ، جو ناقِصان نِڱئو.

### بيت (١٥٥٦)

ڪانءُ ڪوهُ پروڙي، ڪو پڙهئا ڳڏهُ ڪتابا
انڌو آهيڙئا، مَرُ دَخُل ڪري دانگيَ ۾. ❸

### بيت (١٥٥٧)

چورُ اُيو ئي چوءِ، تہ آئُون اُهوئِي آهيان؛
جي آسِي اَکِيُنِ هوءِ، تہ لِکي کي کونہ لَهي.

### بيت (١٥٥٨)

ڏور مَ ري ڏيئي، ڏورَڻُ وڏو ڏاکِڙو
تانِ تان هوئِج حُجري، جان جان يارُ هئي ❹
جڏهِن پاسي پاڻَ تِيي، تَڏهِن چَڏِج تَکِيو.

### بيت (١٥٥٩)

جئن جَرَّ ڪائي جَرَّ سين، عشقُ ائين ڪري
ڳالِهہ ڳاٽيتري ناهہ ڪا اجا پرت پَري.

### بيت (١٥٦٠)

عِلّتِي آرامُ، پَسِي عِلّتَ آئيو

---

❶ اصل. "دين نہ سپجي"
❷ اصل. "ان ڪچي پرڪئا سما-الخ"؛ سما = ملاقات
❸ ٻي پڙهڻي: دانگي سين. اصل پڙهڻي بيت چئي: ڪاءُ ڪوه پر وري ڪو پرئا ڪڏه ڪتابا انڌو آهيرئا، مر دخل ڪري داڪيم.
❹ ٻي پڙهڻي: "جان جان جار هئي."

حُسن پسي حقَ جو، خامي پانئي خامَ
اڇي ٿئا اسلامُ، ڪُفر ڪافِر پاڻَ ۾.

**بيت** (١٥٦١)

مونکي مون پرينّ، ٻَڌي وڌو تارِ ۾
اُيا ائين چَونِ، تہ مَڇُڻ پاندُ پُسائيين.

**بيت** (١٥٦٢)

پيو جو پاتارِ، سو ڪِئَن پُسَڻَ ڪان پالِهو رَهي
سَالِڪَ! مُون سيڪارِ، ڪو پَهُ اِنهين پارَ جو. ❶

**بيت** (١٥٦٣)

ڪَر طَريقَت تَڪيو، شَريعَتَ سُجاڻُ؛
هوئَج ثابُوتِيءَ ساڻُ، تہ پُسڻ ڪان پالِهو رَهين.

**بيت** (١٥٦٤)

ڪُوڙي ڪِج مَ ڪَذِهين، ڦِڪي پانئج ڦانگَ ❷
ساري سَناسِيُن جي، لائِقَ! رَکِج لانگَ؛
تہ چارِئِي چُنِيءَ پاندَ، اوسا گِنهِي اُڪِرين. ❸

**بيت** (١٥٦٥)

سُتوئِي سيجَ گُهرين، جَفا ڏئين نہ جانِ؛
صُلِحَ رِيءَ سيڻانِ، مَتان نُوڏين نہ چڙهين. ❹

**بيت** (١٥٦٦)

صُلحُ جن سَجَڻَ سين، سيجَ ماڻيندا سي؛
"اَلّذِيَنَ اٰمَنُوا وَكَانُوا يَتَّقُوْنَ"، اِنَ پَر اُيا جي؛
چيٽيين ڏکين سي، نيئِي نُوڏين چاڙِهيا ❺

---

❶ ٻي پڙهڻي: "انهين پاند جو"
❷ اصل. ڦاڪ=لاف زني
❸ اصل. اوسا ڪني؛ اوسا= خشڪ
❹ اصل. متانہ نوڏ نچر؛ نوڏ= سيج
❺ اصل. "چٽي ڏکي سي"

### بيت (١٥٦٧)

جي ٿِئا حَلُ حَبيبَ سين، سُمهڻُ تن ثَوابُ:
نيڻَ هيرائي نِندَ سين، خوش ڪَئائُون خَوابُ:
اوسِيڙو عَذابُ، دِلِئان تَنِين دُورِ ٿِئو.[1]

### بيت (١٥٦٨)

رُني جا رِهاڻِ، سان پَهٽين،نہ ٿيي
ڪِنہ ڪَرِوجهيَ ڪاڻِ، پاٽان نِہُ نِڪارِئو.[2]

## وائي

پانڌي سو مڙئومِ، هادي هٿُ ڏنومِ
سائين سو سچومِ، ميُون سو منومِ،

جنهن ڪيَ گهڻو سارِيان

اڳڻِ آئيا سپرين، ڪوڙين ڪاڄُ ٿئومِ
قائم جو قُلوب ۾، پَسڻُ سو پئومِ
جَهين گهورِي آهيان، سو لائقُ پرين لڌومَ
جنہِ جَهڙو ناهہِ ڪِين، ڏسڻُ سو ڏنومَ
جڏا جياري، ڪو نہ وساري، صاحبُ سو سندومِ
سگهائي صِحتِئا، ڪريمُ پير ڪندومِ[3]
لقاءُ جو لطيف جو، شِفاءَ سو ٿئومِ.

### بيت (١٥٦٩)

سَئِين سُنهائي سَيَڪا، ڪا مُون مُنجهائي[4]
طلَبَ ۽ تحصيلَ سَپ اورئائين آهي
ماتَرِ تِتِ لاهي، جِت ”آهہ“ نہ ”ناهِ“ ڪا.[5]

---

[1] اصل. اوسيئڙو ۽ عذاب
[2] اصل. نڪارو
[3] بي پڙهڻي: ”سگهائي صحت ٿئا-الخ“
[4] اصل. ائين
[5] ماتر تت لاهي (اصل ائين.)

**بيت (١٥٧٠)**

جتي آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيَ خاڪِيَ جو خيالَ
جانِبَ جو جمالُ، پَسٽان ئي پري ٿئو.

**بيت (١٥٧١)**

جتي آهِ، نہ ناهِ ڪا، اي خيال خاڪي
پِريان جي پاڪِي، پَسٽئان پري ٿِي.

**بيت (١٥٧٢)**

پاڻَهين جَلَّ جَلَالَہٗ، پاڻهين جانِ جمالُ [1]
پاڻهِين صورت پرينءَ جي، پاڻهين پَاڻ خيالُ؛
پاڻهِين پِر مُريد ٿَئِي، پاڻهين حَسن ڪمال [2]
سڀ سِيوئي حالُ، منجهان ئي معلوم ٿيي.

**بيت (١٥٧٣)**

ڪارِي راتِ، اَچو ڏِينہ، اِيُّ صفتان نُور [3]
جِتي پِرينءَ حضُورُ، اُتي رَنگُ نہ رُوپُ ڪو.

[1] ٻي پڙهڻي: ”جان جمال“
[2] ٻي پڙهڻي: ”پير مرشد ٿيي“
[3] ٻي پڙهڻي: ”اِن صفتان“.

# سر ود بلاول و صبحي

**بيت** (١٥٧٤)

تُون اوڍرُ، تُون اوڏَکو، تُون اَجهو، تُون اَڳُ؛
هِتِ پڻُ تُهنجو تَکِيو، مَهَندِ پڻُ تُوهِين ماڳُ ❶
سَي لوڙِيُون ڏِيَن نَہ لاڳُ، جي اَجهي آيُون اِبڙي.

**بيت** (١٥٧٥)

ٻِئَن مِڙَنِي ڏِنيُون، ڏِئي نَہ ڏُونگَرَ راءُ ❷
اَڻَ ڏِنيُنِ آڏو ڦِري، ڏِنيُون ڏِئي کِئاءُ؛
لوڙِيُون لَک مَٿاءُ، اُنَ مَٿيري موٽائِيُون.

**بيت** (١٥٧٦)

سمون تِنِ سَڏَ کري، جِنِ تي وڏو ويرُ ❸
اُٿي تہ آجِي ٿِئان، پائي پاڳوڙي پيرُ؛
تو رِءَ ٻِئو کيرُ، سَرَڻِن جا سوٽا سَهي. ❹

**بيت** (١٥٧٧)

سَرَڻِن جا سوٽا سَهي، وَسِيلو وَلَهَنِ؛
لُڏي کِينَ لَطِيفُ چئي، اَڳِئان لالُ لَکَنِ؛
جِتِ کوڙيين کِينَ کُڇَنِ، اُتِ پابوهي پَڏِرو.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”پڻ تهنجو ماڳ“
❷ ٻي پڙهڻي: ”ڏنگر راءِ“
❸ ٻي پڙهڻي: ”جن سين وڏو وير“
❹ سرڻن = قيديان؛ ٻي پڙهڻي: سوٽا کٽي.

### بيت (١٥٧٨)

آروڙجِـي اَتِـئـو، ڊيـمـن پـيـيَـسِ دانـهَ
پـاپـوهـيـو پـيـرُ ڪـٽـي، سـمـون سـرٽـن ڏانـهَ
مَـتِـئـان مـتـي پـانـهَ، اُپـو اچي سـلـطـانَ ڪـي.

### بيت (١٥٧٩)

آروڙجـي اَتِـئـو، ڊيـمـنِ پـيـسِ ڏُکَّ
لاتـائـيـن، لـطـيـف چـئـي، عَـالـم تـان اَهُـکَّ
تَـنِ سـرٽـن تـئـا سُـکَّ، جي اجهي آيـون ابـڙي.

### بيت (١٥٨٠)

جو چَليون پَسي چَکِئو، تِنه واڪـاٽـئو وکَّ ❶
لُـڏي ڪـيـنَ، لـطـيـف چـئـي، لَـکـنِ اڳـئـانَ لِـکَّ
پـيـرُ نـہ مـوڙي پـهـنـجـو تـنـگـيءَ پـئـي تِـکَّ
سـرٽـن ڏي نـہ سِـکَّ، هـکـلَ سـيـن هـالار ڏٽـي. ❷

### بيت (١٥٨١)

الابـنـدي آئِـيـو، ڪَـــٽـي چَـل چُڳـيـرُ
ڪَـنـهـيـن ڪِـيـنَ هـمَـتـيو، ڪـانَ جَهــلِـيَـنـدو ڪـيرُ
سُـــوَمَــرن سَـــامَ ڪَـنـئِـي، اَبـڙي ڪَـئـو اُتَ پـيـرُ:
هـو مُـهـائِـيـن مِـيـرُ، پـر مَـسِــتُـوراتـنِ مـارِئـو.

### بيت (١٥٨٢)

آهِـيـون اَجهي جنهن جي تـنـه وڏي چـامَ چـمـار ❸
ٻـاجهـہ جهـيـن جي ٻـارَ، انـئـي پـهـرَ آ گـونـدرا ❹

### بيت (١٥٨٣)

تنهنجو ڪَنين مندومَ سُـٽـيان، جڪَرا جيين شـالَ
جِـهـ تـو اچـي ڪـالَ، آزارئـا آجـا ڪِـئـا.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”جو چل پسي-الخ“
❷ هالار=جهان
❸ ٻي پڙهڻي: ”اَدائي= اجهي جنهن جي“
❹ اصل. اڪندرا؛ ٻي پڙهڻي: ”سدا آهن سنرا.“

**بيت (١٥٨٤)**

پانڌپَ سين نہ پاڙيان، سَئين ٻئا سردارَ
آهي مثل مينهَ جي، سخي تُهنجي سارَ
حاتِم هَزد هزارَ، جُهڙَ تهنجي جَهپِئا ❶

**بيت (١٥٨٥)**

جهڙ تهنجي جهپئا، هزارين حاتمَ
ڪوجهڻ سندا ڪمَّ، ڪاملَ ريءَ ڪير ڪري. ❷

**بيت (١٥٨٦)**

سنيها سريرَ ۾ راهوءَ جا رهئام
ٻئا درَ وسرئامِ، ڏٺي جادَمَ جکري.

**بيت (١٥٨٧)**

ڏٺي جادم جکري، چِتِ نہ ٻئا چڙهن
تہ ڪہ ڪوه ڪڇن، جو سَرُ ليي سُيرو. ❸

**بيت (١٥٨٨)**

سَرُ نِهارِج سَيَرو، تَڙ تَڙ ڪِيمَ تَرَسُ ❹
ڏِيندُوءِ لَکَ، لَطِيفُ چَئي، راڄَ راهُوءَ جي رَسُ؛
وِلَها جنہ وَنهيا ڪِئا، پاڳَ تهين جي پَسُ؛
ڪَوڙيين لاهيَ ڪَسُ، جہ ڳالهائي ڳاٺُ ڪٺي.

**بيت (١٥٨٩)**

ييريون ييري ييچ، هي جي منجها پوريون ❺
ٻي در ڪنہ مَ وڃ، ريءَ هاشميءَ هيڪڙي.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”حاتم هفت هزار“
❷ ٻي پڙهڻي: ”ڪريم ري ڪير ڪري“
❸ ٻي پڙهڻي: ”تہ ڪہ ڪوه ڪجن“، جو سر لڏوسين سيرو
❹ ٻي پڙهڻي: ”تڙ تڙ ڪنہ مَ ترس“
❺ اصل. پوري.

### بيت (١٥٩٠)

وانءُ اورانگهي اورِيان، پيُ مَ طَهُورا،
وِچان جي وصالَ کي، سي سَپ اُجُورا؛
حَاصُلُ حُضُورا، سَمي جي سَپ ٿِيي.

### بيت (١٥٩١)

پَسَندهين پُرِ ٿِئا، جَکِرو ۾ جاجڪَ
ٿئان ڏني مَگَڻي، طَهُورا جِي تڪَ؛
سَمي پَڳِيَنِ سِڪَ، واصِلُ ٿِئا وِصالَ ۾. ❶

### بيت (١٥٩٢)

پيرَ پريندهين ٿَرِئا، اِپندهين لَٿي اُجَ
مَنجِهہ ويڙي سُجَ، ڪَرَ لَڌي اُوڪارِوئين. ❷

### بيت (١٥٩٣)

اکين سوئي اوڙکئو جو ڪَنين سومَ قَرَنُ ❸
ماءُ مهنجو مَنَّ، جام پَسندهين پَتِئو. ❹

## وائي

ڊَڪَ ڊِڪيندو، مون نہ ڇڏيندو، شفيعَ 'شافع' سپرين
انڌا اونڌا اَڪِرِئا سپِ نباهي نيندو
وٽان ويچارِن جي، داڙون ٿي دڙيندو ❺
جي ڏوهارين ڏاڪڙو، لَکَّ سي لنگهائيندو ❻
نور ناڪارو نہ ڪري، محمّدُ مِنتَ مڃيندو ❼
هتِ پُڻ حامي هِنِ جو اڳئان آڌرَ ڏيندو
طَهوران تَڙئِن ڪي پانڊبُ پاڻَ پياريندو ❽
پاڻُ سجاٽي پاڻِهين ڪَرَمَ پاڻَ ڪريندو

---

❶ بي پڙهٽي: ”وصال سين“
❷ حاشيہ ۾ پڙهٽي: ”ڪر ڪَڏي رڻ او ڪاهئين“= کہ ازان پيرون آمده اند
❸ بي پڙهٽي: ”اکڻ سوئي-الخ“
❹ بي پڙهٽي: ”ماءُ مهنجو تن“
❺ بي پڙهٽي: ”دارون پاڻ ڏريندو“
❻ بي پڙهٽي: ”جن ڏوهارين-الخ“
❼ اصل ائين
❽ پاندب= مصاحب بي پڙهٽي: ”پاڻ پياريندو.“

تـنـبُـو آڻـي تـارِ ۾ عـاصــيـن وٽ اَڏيـنـدو
داتـا دوزخـيـن کـي لِـيـنـگـهـو لَـهَـرائـيـنـدو ❶
رسَـڻَ ويرَ رَسِـي ڪـري مشـــڪُ رنـگُ مـٽيـنـدو
رحـمـة لـلـعـالـمـيـن اڳـئـان آڳِـهُ ٿـيـنـدو
اُتـي عـبـداللطـيـفَ کـي هـادي هـٿُ جـهـلـيـنـدو.

## بيت (۱۵۹۴)

مـارِ مَ مُـطـيـعَـن کـي مَـجـوسـي کـي مـارِ ❷
وِڏي جـنـگِ مَ وســار، نـنـڍيـان نـفـع نـاهِ کـو.

## بيت (۱۵۹۵)

نـنـڍيـان نـفـعَ نـاهِ کـو، وِڏي وســاري
مـجـوسـيَ کـي مـاري، اکـبـرَ ڏي اچـيـج تـون.

## بيت (۱۵۹۶)

اَصـغَـرَ ڏي آهـيـن گـهـٽـا، تـون اکـبـرَ ڏي آءُ
مـتـان لـوڙو لاهـيـن مـجـوسـي مـتـاءُ
حـيـدر جـي هـٿـاءُ، وڙهـ تـہ ويـري مـاريـن.

## بيت (۱۵۹۷)

لِـيـبـي لـعـنـتـيَ کـي آنِـيَ ۾ آهـي❸
انـڌو مـون عـلـيـلَ تـي سِـيـنـو تـو سـاهـي
عـلـي شـاهَ اچـيـج تـون ڪـافِـرَ تـي ڪـاهـي
لُـٽـي وِجـهـ لاهـي، مـتـو مـجـوسـيَ جـو.

## بيت (۱۵۹۸)

جـو مُـلَـنِ کـي مـهـٽـو سـوئـي مـون سـردارَ
پُـٺِـي لائـي پـانـهـجـا سـاقـي ٿـئـو سُـوارُ
آهـي اســد الله جـو عـطـا کـي آڌار

❶ اصل. ”لنکو لهرائيندو“
❷ اصل. مارم طيعلکي؛ حاشيہ ۾ ”مطيعلنکي“
❸ ٻي پڙهڻي: ”لعنتي سين“.

ڪلي ويرَ ڪَـٽَـڪَ ۾ حامي هِمّت هـٿـيار
جَـابِـرُ ذُوالـفـقـار، هـمـدمُ آهـي هـٿَ ۾.

**بيت** (١٥٩٩)

صُـلحّ ڪَر سـلطانَ سـين ڪـدي گهـلَّ گهرا [1]
تـہ تـون تِـنـہ درا، ڏيـهـاڙي ڏانَ لـهـيـن.

## وائي

مون ۾ عيـبَ آپارَ، اي يـارَ! آءٌ جـا طـامع آهيـان تهنجي
هـيـڪُ وجـايـم ويـسـري ڄاڻي سَـبَ ڄـمارَ
هـن مـهـنـجـي حـال جـي تـوڪـي سُـدِ سـتـارَ
”امَـر“ اوڏي نـہ ٿـيـان ”نَـهـي“ ڪـيـسِ نِـڪـارِ
جيڪين وهي وجود ۾ سـو تون ڄاڻي ڄاڻڻهارِ
جـئـن سـيِ گـل گـلابَ جـا ڪـڙئـا ڪـٽـڻـهـارِ
سـچي سـڪَ سـيد ڏي مون ڪي مديني موچارَ.

**بيت** (١٦٠٠)

وَڳَـنـدَ وَرِي آئِـيـو، وَسَـيـن ڪـيـنَ وڏوسِ [2]
گَندِي، مانِي، ماڳُ موچارو، پاسـي پِـيـرَ ٽِئوسِ.

**بيت** (١٦٠١)

وَڳَـنـدُ ورِي آئِـيـو، پـيـنـارَنـئُـون پـوءِ:
مُـحـڪَـمَ لَـڳِـسِ مـوچـڙا، ذَرو نـہ ڏِنُـسِ جـوءِ
ويـنـو اِيَـهـيـن چـوءِ، تـہ پِـيراڻي پـاسـي نـہ ٿِـيـان.

**بيت** (١٦٠٢)

اَسُــورَ سَــنـدو آسِــرو، وَڳَـنـدَ ڪـي وَڏو
جُـسـي ۾ جَـڏو، پـر ڪِـيـنَ تي ڪُـرا ڪـٽـي.

---

[1] گهل گهرا=خيال نفساني
[2] وڳند = نام درويش.

**بيت (١٦٠٣)**

اَسُورَ سَنـدي آسِرِي، ويـٺو آهِي وڳِنڊُ [1]
هَڏِ نـہ ڇَڏِينـدو هَنـڊُ، آيَسِ بُوءِ بَـهارَ جِـي.

**بيت (١٦٠٤)**

وَڳَنـڊُ وِرِي آئِيـو، بَـدُو سـيـن بَـدِبُـوءِ:
خاوَنـدَا! ڏِي خُوشـبُوءِ، تـہ سُـرهو ٿِيان سُـپِرِين.

**بيت (١٦٠٥)**

وَڳَنـڊُ وِرِي آئِيـو، ڪِـنو ٿِـي ڪـوجـهـو:
ڇَڏِي نـہ مـوجـهـو، لَڳُسِ آرُ عَـطـارَ سـيـن. [2]

**بيت (١٦٠٦)**

داتـا سَـنـدي دَرَ تـي، وَڳَنـڊُ ويـٺـو پَـسُ
تِـنـه روڳِيءَ ڪـي رَسُ، جـو آلُـودو آزارَ سـيـن.

**بيت (١٦٠٧)**

دائِـمُ آهِــي دَرَ تِــي وڳِـنـڊُ ويـچـارو
عـطـر سـيـن آرو، لڳِس تـي لِـڏِ ڪـٽـي. [3]

**بيت (١٦٠٨)**

داتـا سـنـدي دَرَ تـي وڳِـنـڊُ تـي ويـٺـو
بَصَـرَ سـيـن بـازارَ ۾ ڪَـرَ واڙِيـو ڇـيـٽـو
دران تِـنـه پـيـٺـو، جـتـان ڪُـفـرُ تـان ڪـيـن ٿـيـي.

**بيت (١٦٠٩)**

وَڳَنـڊ وِرِي آئِيـو، نِسـورو ئِـي نَـرَڳُ [4]

---

[1] اصل. آسري
[2] اصل. ڇڏي نموڇو
[3] اصل. ”لڏ ڪني“
[4] اصل. نرڪہ

گَــنـدا گُـلابـيِ ڪَـرِيِ، سَــيّـدَ جـو سَــرَڳُ ❺
عَطُرَ ڪي اورَڳ، تـہ ھُئين سَــدائِين سُــرَھو. ❶

**بيت (١٦١٠)**

وَڳَــنـــڊُ وِري آئِـيــو، بَــڊُو بـي نِـــــمـازُ؛
جِئَن تِـتِرَ مـتي بــازُ، وَڳَـنـڊَ تِـئَن خـوشــبـوءِ تـي.

**بيت (١٦١١)**

وَڳَــنــڊُ وِري آئِـيــو، ڪـوتِــڙيـان ڪُــلاٿُ ❷
سَــنـدو ڪِـرِڙَ ڪَـاٿُ، ھَـڻُ نَـرڳِيءَ ڪي نِـڪَـٽين.

**بيت (١٦١٢)**

ٻـانـڊِيـو ٻـيـلـي نـہ تـئـو، وڳـنـڊَ اڄُ وئـو ❸
ســونـھـاري ســيّـد ڏي پـيــتِـرُ پـنـڊِ پـئـو.

---

❺ اصل سرڪ
❶ اصل اورڪ.
❷ اصل. ”ڪوتڙيا ڪلاٿ“
❸ اصل. ٻانديو.

# سُر ودمومل وراڻو[1]

[1] اصل. "منمل وران"

**بيت** (١٦١٣)

ڏاتي گهٽا اچنّ، مون سوڍل سين مَنُ ونڊئو ❶
کا جا لائي ميندري، لالي کَي لِڳنّ
راڻو اکَڙِيُنِ، کَهين ويل نہ وسَري. ❷

**بيت** (١٦١٤)

لوڍِي لکين اچنّ، رُوءِ راڻي جيَ ناهِ کو
هيڪُ اکيون، ٻئِا اَنگڙا، پَرِ ۾ تا پچنّ
سي کئِن ميندرا مَچنِّ، جي تو سوڍا سوريَ چاڙهيون. ❸

**بيت** (١٦١٥)

راڻو پانئيو راندِ، کِئَن وڙُ رائِيين ❹
وَرُ وڏُوهي اِيَهين، جِئَن پَرُ پُڇتوءِ پاندَ
هَيءِ! پَڳِيَءِ هيڪاندِ، سوڍو سارِيندِينءَ گهَٽو. ❺

**بيت** (١٦١٦)

سَڱُ کري سين سِينهُ، کَنڌُ مَ ڦيرِج کيڏَهِين
رَمِج راڻي پُٺِ ۾، نِرتئون مَنجهان نِينه
اِنءَ مَ وَسِج عامَ تي، جِئَن مُومَلَ! وَسَنِ مينه
سندي حَشَرَ ڏينهَ، سوڍو سارِيندِينءَ گهَٽو.

---

❶ اصل. ”من سوڍل ونڊسو“ حاشيي ۾ ٻي پڙهٽي: ”من سوڍل سين من ونڊس“
❷ ٻي پڙهٽي: ”کهين کين وسري“
❸ ٻي پڙهٽي: ”سوري چاڙهئا“
❹ اصل. ”ور رائي“. وڙ= بيگانهاي
❺ اصل. ”پڳي هيکاند“.

**بيت (١٦١٧)**

ڪنڌُ مَ ڦيرج ڪيڏهين، ونءُ وڃج واٽَ
لوٽي ڦيرِ لپاٽَ، لڳنديئي لطيف چئي.

**بيت (١٦١٨)**

ڪنڌ ُمَ ڦيرج ڪيڏهين ونءُ وڃج راهَ
اڄُ ڪِ سنجهہَ صَباحَ، نيئي ڏرينديءِ ڏوڙ ۾.

**بيت (١٦١٩)**

جا پُون پيرين مُون، سا پڻ متي ئي سَڄڻين
ڏڳ لَتبا ڏُوڙ ۾، اُيي ڏنا سُون
ڏِينهَ مِڙيئي ڏُون، اُتي لوچِ لَطِيفُ چئي.

## وائي

تان تون ويهہ سَنيهي ميان ساتي! ميان پانڌي
ڪاڪِ هلبو ڪڏهين ❶
لڪين لُڌوٽي مَٽي، متي واٽَ وئا تي
جيڪو پچان سو چوي آيو ڪو نہ اُئا تي
ڪوٺائو ڪريم جو آئيو پَهي پرئا تِي ❷
حُڪمَ ڏينديءِ هٿَ ۾ هاڻِ هَلُ هِئا تي.

**بيت (١٦٢٠)**

پَسي مومَلَّ، اجان پيرو هيڪڙو ❸
وٺي ويندي پاڻ سين ڏيندي نہ موڪلَّ
جَنِي ويهين تي وڃائيا. طالبُ چوءِ طبلَّ ❶
جن ڪي هيون ڪلنگيون ۾ ڪَلَّ، سي وئا ڪنبندا ڪاڪ ڏي.

---

❶ اصل. "تان تون ويهہ سنيهي ساتي ميان پانڌي ميان"
❷ پهي= قاصد
❸ مومل= مراد قبر
❶ اصل ائين. ❷ اصل. اورڪي ❸ سڄو بيت اصل ائين

### بيت (١٦٢١)

ڪاڪ وَرَني ساڻُ، اوٺين گهٽو اوَڙڪي ❷
جي هوئن ڳن گهٽا، راڻا توءِ رُوندا وئا. ❸

### بيت (١٦٢٢)

ڪاڪِئان وڃڻُ ڪيڏهن راڻا تو نہ رهاءِ
سنم ساهيڙينِ جا طعنا تو هين لاءِ
پير پرچي پاءِ، تہ سوڍا! سڪياٽي ٿئان.

### بيت (١٦٢٣)

ڍَٽ مَر وَڃِج ڍولَ! ڪاڙِياري ڪاڪِ ڪَري،
آءٌ اَڳَهين آهيان، ٻَڌِي تُهنجي ٻولَ،
سارئو سپيرين ڪي، رُنُم مَنجهہ رَتولَ،
تِڪاڻا ۽ تولَ، وِسَهہ مُون وِهُہ تِئا.

### بيت (١٦٢٤)

رس مَر رسڻ گهورئو، اَٺُ اوراهون چورِ ❹
تورِيءَ ڪاڪِ ڪڙي تي ساڻُ سِرڪندَ سور ❺
اچي چندنُ چورِ، تہ سوڍا سڪياٽي ٿِيان. ❻

### بيت (١٦٢٥)

رس مَر رسڻ گهورئو، اٺ اوراهون آڻ
ليڙنِ ڪي، لطيف چئي، تَنگُ سَوارو تاڻ
شرمنديون سيين پرين پٺيَ لائي پاڻَ
اچي مشڪ ماڻِ، تہ سوڍا سڪياٽي ٿيان.

### بيت (١٦٢٦)

رس مَر رسڻ گهورئو، پَرَڄِ، مَر وانءُ پري
وِڌَمِ ڦٽَّ فراقَ جا جِهَتَ جي ذري.

---

❹ اصل ائين.
❺ ساڳيو.
❻ ساڳيو.

لاَلَڻَ جي، لطيف چئي سُنهائي سَري [1]
آيَسِ توڳري، مان سوڍا سڪياٽي ٿيان.

**بيت** (١٦٢٧)

رس مَ رسڻ گهورئو، ڇڏِ راٽا ريڍائي
مهنجي ميٿ ميندرا، عاقلَ آگلائي
ليپيتج، لطيفُ چئي، ڪاملَ ڪچائي
ڪرِ معاف مدائي، تہ سوڍا سڪياٽي ٿيان.

**بيت** (١٦٢٨)

رس مَ رسڻ گهورئو، راٽا ڇڏِ رئاءُ
ميٿ مدايون، موٺ تون ، ڪري نرتِ نياءَ
لالڻ جئن، لطيف چئي، ڪوڻهي سُنہَ سياءُ
اَوَڳُڻَ ڍڪي آءُ، تہ سوڍا سڪياٽي ٿيان.

**بيت** (١٦٢٩)

حال قُربانُ، مالُ قُربانُ، گهورِيان لُڌاٽو؛
فدا تِيءَ فَقيرِ جو، شَلَ رُسي مَ راٽو [2]
مُئَنِ سين ماٽُو، مُناسِبُ نہ ميندِرا. [3]

**بيت** (١٦٣٠)

مُون گَهرِ اچي جي تِيي، ميندِرو مِهماڻُ؛
آٽي جهوڪِئان آڳ ۾، ڇيري وِجهان ڇاڻُ؛
تاٽي تَنُورَنَ ۾، پيري هَئان ياڻُ؛
پئِڪَنِ سُوڏو پاڻُ، گهُرُ تَڙُ گهورِيان پِري تان.

**بيت** (١٦٣١)

ڪري موٺَ ميندرو جي لُڌوڻئا لال [1]

---

[1] اصل. ائين

[2] اصل. فدا تي

[3] بي پڙهڻي: "مناسب نہ ميندرا"

[1] اصل. ائين.

گهرُ تڙُ مڙوئِي گهوريان هوندَ پهنجو حالُ
راڻي ڏاران راڄَ ۾ مون نہ گهرجي مالُ
سودي کي سوالُ، ڪريان ٿِي قرب جو.

**بيت** (١٦٣٢)

نہ وارثُ نہ وَلَهو، نہ سَڱُ، نہ سياڪو؛
تو پُڄاڻا، سُپرين! آيُمِ اَولاڪو ❷
پانڌِيا! پارايو، ڏِجاڻ ڏاتيءَ ڏولَ کي.

**بيت** (١٦٣٣)

ڏِجاءُ ڏاتي ڏولَ کي، سنيهو ساريلله:
مون کي ڦٽُ فراقَ جو ميندرا ماري
اچين نہ واري، ڪرهو ڪميٽِيَ تي. ❸

**بيت** (١٦٣٤)

ڪَرَهو ڪَميٽيءَ تي، سودا! وارِ، سُڄاڻَّ!
آءٌ ڪُهُ ڪَريان ڪاڪ کي، تَنَ توهين ڏي تاڻَّ؛
لاهي غيرَ گُماڻَ، اَگَڻِ آءُ اُڪَنڊِيين.

**بيت** (١٦٣٥)

اَگَڻِ آءُ اُڪَنڊِيين، پرچي پيارا!
پَلڪَ پَراهُون نہ سَهَيئين، جِيءَ جا جِيارا!
نِيهان نظارا، سَچ، تہ مانَ سُورُ لَهي. ❹

**بيت** (١٦٣٦)

سَچ تہ مانَ سورُ لهي، اکيون يري پاجهہَ
راڻي جي رِهاڻ کي ويني وجهان واجهہَ
سودا لهي ساَجهہَ، پس توشڪُون تڪيا.

---

❷ ٻي پڙهڻي: "آهم الاکو"
❸ ٻي پڙهڻي: "اچين جي واري"
❹ ٻي پڙهڻي: "نيهان نيزارا."

**بيت** (١٦٣٧)

پَسُ تـوشَـــڪُون، تَـڪِـيا، سـِـيئِـي وِچـاڙـا:
پَسِـــيو پَـر، پَـچِي هِـيون، جي حَـبِيبَـنِ هَـاڙـا ❶
هِـڪُ ڏُنگـا ڏاڏاڙـا، ٻِيو موٽِيو تـاَن نـہ مينـڊِرو.

**بيت** (١٦٣٨)

لَـڏئـو لـطـيـفَـن ، پـلاڻـي پـنـڌُ تـئـا
هـٿـان حـبـيـبـنِ، ڪـڏهـن ڪـو نـہ ڏڪـوئـيـو.

**بيت** (١٦٣٩)

سُــتا ســي ســونهِن، جي هـئا ڪوڏئا ڪاڪ جا
لِـدوڙـئـا، لـطـيـف چـئـي، لـڏئـو لـوڏيـڙَن
سـي موٽي مَسَّ اچِنِ، جي آســِڻ آرامي ٿـئـا. ❷

**بيت** (١٦٤٠)

لِـدوڙـئـا، لـطـيـف چـئـي، ڪَـتـئُون ڪـنـيـائـون
چـڏي حـيـلا هـلـئـا، مـومـلَ مـٽِـيـائـون ❸
وجـي ڪـاڪِ ڪـنـڌيـن ۾ لـڏُون لاٿـائـون
پـيـرو پـڳـائـون، آسَـــڻ آرامـي تـئـا. ❹

**بيت** (١٦٤١)

پـيـرو پـجُ مَ ڪـاپـڙي لاهـي ويـهُـہ مَ لاڳ ❺
تـان مـون هِـنـيـڙو مـاڳ، جـان جـوڳـي جـوءِ ۾.

**بيت** (١٦٤٢)

اجُ نـہ ڏســـان ســـي، آتـڻ ڪِـتُـم، جَـنِ ســـيـن

❶ ٻي پڙهڻي: ”هيون هئي حبيبن هاڙا“
❷ ٻي پڙهڻي: ”آتڻ آرامي ٿئا.“
❸ اصل. ”منمل مر ناءُ“
❹ ٻي پڙهڻي: ”آتڻ آرامي ٿئا“
❺ اصل. لاهي وهہ

هاڻي تَني کي، ڪنڌي ڪاڪِ نهاريان.

**بيت (١٦٤٣)**

اڄ نہ ڳالهائون، هُون ڏيهاڙي نجهُري [1]
پَسو پهُہ پئونِ، آتَڻ سڄو اُن ري. [2]

## وائي

مومَلَ صحيحَ پَسندا، توڙي پَڙهِئا پِيرَ
مومل صَحيح پسندا [3]
راڻا جي رَجِبُوتَ، مومل صحيح پسندا
توڙي مير هميرَ، مومل صحيح پسندا
مڃي رضا ربَّ جي هئان سڀ هلندا
ڪُلَّ نفسِ ذائقة الموتِ سچي اِيَ صدا [4]
ڪلمي ساڻ لذائيين، هادي هن هندا
سَهُڪي سڪراتَ ڪريين والي ويرَ و داعَ
اهُڪي ويرَ اچيج تون اُتي احمدا
متان چڏين مگڻو، مَهندا مُرشدا.

**بيت (١٦٤٤)**

سودي سِرُ نئو، هِتِ ڪَرَنگهُوُ سڪڻو
راڻي جِي رهاڻَ ڪي سِڪي ساهُ پئو
ڏسان ڪين پئو، توريءَ اکڙِيُنِ سين.

**بيت (١٦٤٥)**

سودي منهنجي ساهَ سين، جيڏيون جيئن ڪِئو
ڪڙي مون ڪاڪ تي آتڻ وهُہ تِئو
پَسان ڪِينَ پِئو، تورِيءِ اَکَڙِيُنِ سين،

**بيت (١٦٤٦)**

جيڏيون! منهنجي جيءَ سين راڻي رڻَ ڪئو

---

[1] اصل. ڳالاۋن
[2] بي پڙهڻي: "پسو منه پئون."
[3] اصل. پرئاپيير
[4] اصل. اي سدا

قَلبَ ڪاڪِ ڪنڌِن ۾ پرزا ٿي پئو
ٻُجهان ٻَهرِ وئو، هِنيڙو هنڌِ نہ اڳيين. [1]

**بيت** (١٦٤٧)

راڻي سندو روحَ ۾، پَسو پَڳَهُہ پئوم
ٻيڙيَ جئن ٻَنڌي وئو سوڍو ساهُ سندوم
وِهَڻُ وِهُ ٿئوم جاڳئو ٿِي جر هارِيان.

**بيت** (١٦٤٨)

ڪاڪ ڪَڙهي، وڻَ وئا، لُوٽو لُڏاٽو [2]
تو پُڄاڻَان سُپرين، آتڻ اُجهاٽو
ڪِجي نہ ماٽو، ميان! محتاجن سين.

**بيت** (١٦٤٩)

ڪاڪِ ڪڙهي، وڻ وئا، ٻَرئا محلَ ماڳَ [3]
سوڍي جي سرتيون! وڏيَسِ وَهِ ويراڳَ
سورن لايا سانگَ، سگهو موٽِج سُپرين.

**بيت** (١٦٥٠)

ڪاڪِ ڪَڙهي وَڻَ ويا، جلِي مُنهنجي جان؛
رَڪي ڪامَ ڪِرڪئو، مارِيَس تَنه گُمانَ [4]
هَڏِ نہ جِيان هاڻَ! سِگهو موٽِج سُپرِين!

**بيت** (١٦٥١)

ڪاڪِ ڪَڙهي وَڻَ وِئا، ٻَرِئا رَنگَ رَتولَ؛
تو پُڄاڻَان سُپريَن! هِنيڙي اَچَنِ هولَ؛
جي مون سين ڪَيَئہ قَولَ، سي سِگها پارِج، سُپرِين!

**بيت** (١٦٥٢)

---

[1] ٻي پڙهڻي: هنيون هنڌ نہ اڳئين.
[2] ٻي پڙهڻي: ”آهين، آهيئي“
[3] اصل. ”ڪاڪ ڪري“
[4] اصل ائين

سودي ريءَ سرتيون ٿئو پتين ۾ پنگُ
اَپاتجي اڄُ وئو راڻا تورِيءَ رنگُ [1]
هِنيين سين هاجو ٿئو پئو اوسيئڙي انگُ
مون توهين سين سَنگُ، پڇايو پڇان پِهي.

**بيت** (١٦٥٣)

رُئان تي، راڻا! هَنڌَ نِهارئو حُجرا:
جايُون، جال، جَبات، وَڻَ، تو رِيءَ کُوماڻا:
ڌَرئائي ڌُوڻا تِيا، وَر رِيءَ وهاڻا:
مينڌِرا! ماڻا، تو رِيءَ کَنڌيَس کَنَ سين.

**بيت** (١٦٥٤)

توکي معلومُ مهنجُيون، سُوڌا سيئي
آڳانڊِو ارواحَ کي آهين اُهيئي [2]
وِهَکَ مون ويئي، پڇايو پڇان پهي.

**بيت** (١٦٥٥)

راڻا نہ جاڻا، ڪئن وڏوهين وَلَها
اچي ڪاڪِ ڪنڌِن ۾ پَرچي ڏي پاڻا [3]
مينڌِرا! ماڻا، تو رِيءَ کَنڌيَس کَنَ سين.

**بيت** (١٦٥٦)

ميان مينڌرا موٽُ، بخشَ ڪرِ بچائيون
تون گهٽِن جو گهوٽُ، مون وَرُ تون هينَ هيڪڙو. [4]

**بيت** (١٦٥٧)

ڪِينَ ساڳاهيُمِ، سُپرين! جاڙُون ڪَيُمِ جي:
سَوڌا! مون کي سي، موتِي مُنهَن ۾ آئِيُون.

**بيت** (١٦٥٨)

---

[1] اصل. اُپاتي.
[2] ٻي پڙهڻي: آهين اهو ئي
[3] ڏي پاڻا = منزل بکن
[4] ٻي پڙهڻي: ”تون هڏ گهٽن گهوٽ“، ”مون ور آهي هيڪڙو“

ڪِينَ ســاڳـاهِيُم، سُـپرين! جـاڙُون ڪَيُم جـت:
سَـيئي سـوڍا تـت، مونکي موٽِي مُنه ۾ آئِيُون. ❶

**بيت (١٦٥٩)**

ڪِينَ ســاڳـاهِيُم، سُـپرين! جـاڙُون ڪَيُم جـالَ؛
سَـيئي سـوڍا ڪالَ، مونکي موٽِي منه ۾ آئِيُون. ❷

**بيت (١٦٦٠)**

سَـهَـسـين جئان سِـڪَنِ، تِئان موملّ موٽڻ لِکِئو
سـي هُنهين جاڙَ جين، جي ڪوڙي ڪاغذ آئيون. ❸

**بيت (١٦٦١)**

سـوڍا صـبرُ تـهـنجـو سـهـسـينِ سـيـڪـاري
مـومـلَ جـي واري، ڪُـه ڄـاٽـان ڪُـه ٿِـئـو. ❹

**بيت (١٦٦٢)**

سـوڍا! صَـبـرُ تُـهـنجـو، سـيـڪـاري سَـهَـسَ؛
پُڇِي تِئـان پَهَسَ، مون کي نَصِـيـبَ نيئِي جَهلئو. ❺

**بيت (١٦٦٣)**

سـوڍا صـبـرَ تـهـنجـو سـيـنـي سـڪـائـي
چُـپ سـين چَلائي، چِـٽيون جي چوئڻَ جيون. ❻

**بيت (١٦٦٤)**

سـوڍا صـبـر تـهـنجـو مـونـڪـي نصـيـحـت
ريـلا ڪـنـديَـس رتَّ، مَـهـنـدان تـو مـيـنـڌرا. ❼

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”سوڍا مون کي تت، موٽي منه ۾ آئيون.“
❷ ٻي پڙهڻي: ”سوڍا مون کي ڳال، موٽي منه ۾ آئي“
❸ ٻي پڙهڻي: ڪوڙي ڪاڳر آئيون
❹ ٻي پڙهڻي: ”نجاٽان ڪه ٿئو
❺ پهس=شتابنده
❻ ٻي پڙهڻي: ”چوڻ جيون“
❼ ٻي پڙهڻي: ريلو ڪنديس رت، مينڌرا تو مهندان.

### بيت (١٦٦٥)

سودا صبرَ تهنجي، مارئو کي مومل
کپر منجها کَلَ، پرين پيم تهنجي.

### بيت (١٦٦٦)

سودا صبرَ تهنجو بيعَقلَنِ عقلُ
آهي اَنگَ اَمُلُ، ماٿِ تُهنجي ميندرا.[1]

### بيت (١٦٦٧)

سودا صبرَ تهنجو بي عَقلَ آٿي باز
سندي صبرَ سازِ توبه کيَم تکِڙي.[2]

### بيت (١٦٦٨)

سودا صَبرُ تهنجو، لَڄايَنِ مَرَکُ
نہ کُڇَڻَ سين نَکُ، ريءَ رُکِ راٽي وئڻو.

### بيت (١٦٦٩)

خاموشِي خَبَرَ جي، مُومَل آهي مَتّ[3]
صَبرُ تو سُپَتِّ، مُهنجي حَقِّ، ميندِراَ.[4]

### بيت (١٦٧٠)

نِرجا نَکَ ٿئا، اديون آتڻَ واريُون
وڏيان تان نہ وئا، پاٽان مورئا منہ ۾.

### بيت (١٦٧١)

مورِي مُنہِ وڏا ٿئا، وڏيان تان نہ وڃنّ
اديون اَناسين، ان کوجَهن کي کوهُ کريان.[5]

---

[1] اصل. اَنکہ= صبر
[2] ٻي پڙهٽي: ”توبہ کري تکڙي“
[3] ٻي پڙهٽي: ”مومل مون مت“
[4] اصل. صبر تنهنجو سبت
[5] ٻي پڙهٽي: ”تن کوجهن کي.“

**بيت** (١٦٧٢)

سودا صَبر تهنجو، مومل مَت تئو
تو جو ڪالَ ڪِئو، مديون ميٺي ڇڏيون.

**بيت** (١٦٧٣)

تو ۾ ٻَڌِيَس تي، جئن مديون ڏيين نہ مُنہَ ۾.
ڍولا! ڍڪيين جي، سي متان عيبَ اگهاڙيين. [1]

**بيت** (١٦٧٤)

جئن منہَ ۾ منديون نہ ڏيين، تو ۾ تي ٻَڌاياسِ
سودا اِنَ سهاڳَ کي، ويٺي واجهايانسِ
ڍولا! تو ڍڪياسِ، ڏيئي پاندُ پناهَہ جو.

**بيت** (١٦٧٥)

ڍولي ڍڪي آهيان، هيس اگهاڙي
ڏيئي لِڪ لاڙي، ڪڪر ڪئائم ڪاڪ جو.

**بيت** (١٦٧٦)

ڍولي ڍڪي آهيان، هيس اگهاڙي اڳ
جوڙي وچان جڳ، ڪڪر ڪئائم ڪاڪِ جو.

**بيت** (١٦٧٧)

ڍولي ڍڪي آهيان، هيس اگهاڙي آنءُ
پهنجو رکي نانءُ، ڪڪر ڪئائم ڪاڪ جو.

**بيت** (١٦٧٨)

ڪڪر ڪئائم ڪاڪ جو، ڏيئي لاڙي لِڪَ
هاٽي متي ڍِڪَ، چڙهئو تي چاڳ ڪرِيان.

---

[1] انهيءَ طرح هي بيت حاشيي ۾ درست ڪري لکيل آهي. متن ۾ هيٺينءَ ريت آهي:
تو ۾ ٻڌيس تي، جئن تون منه ۾ مديونِ نہ ڏيين
ڍولا! جي ڍڪيين، سي متان عيب اُپٽيين.

### بيت (١٦٧٩)

جَهڙا گُلَ جبات جا، تَهڙا مَتَنِ ويسَ؛
چوٽا تيلَ چَنبيليا، ها هَا! هُوَ! هَميشَ؛
پَسيو سُونهَ سَيِّدُ چئي، نينهَن اچَنِ نيشَ [1]
لالَڻَ جي لِبيسَ، ٻئو آتَڻِ اَکَرُ نہ اُجَهي. [2]

### بيت (١٦٨٠)

جهڙا پانَ پَنَّ، تهڙيون سالون متن سائيون
اڳَرَ ۾ عَبيرَ سين تازا کئائون تَنَّ
تَن مَڙهئا گهڻو مِشکَ سين، چوٽا ساڻُ چندنَّ
سونهن رپي سون سين، کامڻ سندا کَنَّ
کَئائون لال، لَطِيفُ چئي، وڏا ويسَ وَرَنَّ؛
مَنجِهه مَرکِيَسِ مَنَّ: "سوڍي سين سَڱُ ٿِئو." [3]

### بيت (١٦٨١)

سونَ وَرنيُون سوڍيُون، رُپي رانديُون کَنّ؛
تَن کي اَڳَرَ اوطاقُنِ ۾، کَتُوريون کَٿُنَّ؛
اُپٽئائُون عَبيرَ جا، مٿي تاکَ تَڙَنَّ؛
ٿِئا لاهُوتي لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لاءِ پريَنَّ؛
اِجهي ٿا اچَنِّ، کاکِ کَکورئا کاپَڙِي. [4]

### بيت (١٦٨٢)

هي جي کاکِ ککورئا، تنِ لهي نہ لالي
کَري کيبَ خُمارئا مئي پي موالِي
حاصُل کري هلئا کيفيتَ کمالي [5]
وتَنِ وصالِي، لُدوڙِئا لوڙي ٿئا.

---

[1] ٻي پڙهڻي: "نه آئيا نيش"
[2] اکر (= اڳر؟)
[3] ٻِي پڙهڻي: "سوڍل سين-الخ"
[4] اُجهي (اصل ائين)
[5] ٻي پڙهڻي: ڪيفيت

### بيت (١٦٨٣)

لڏوڻـئـا لـوڏي ٿـئـا وتـنِ مـنـجـهـ وصـالَ
اجُ آرَتـو اکـيـيـن، ڪـاڪَ پِـيـتـائـون ڪـال [1]
ويـئـي ويـچـارنِ وسَـري صَـبَـاحَ جـي سـنـپـالَ
پَـريَ ڪـان پـاسَـي ٿـئـا اي مـامُـويَـنِ مـثـالَ [2]
جـانـبَ جـي جـمـالَ، رگـي پَـسُ ريـٿـو ڪِـئـا.

### بيت (١٦٨٤)

رِچِـي جـي ريـٿـو ٿـئـا، ڪـيـنَ اُپـاٿَـنِ اوءِ
کُـنـبـي نـہ ڪـاري تـنـه ڪـي جـو هـالارِي هـوءِ
تـوڻـي ڏويـو ڏوءِ، تـہ لالـي تَـهـيـن نـہ لِـهـي [3]

### بيت (١٦٨٥)

مَـيـو اڱَ مَـيـو، چـانـگـو چـنـي نـہ ڪـئـو
ڏات ڏٽـيَـنـون سِـڪـئـو، ڪَـرَهـو رِيءَ رَيـو
جِـنـہَ پَـرمَـلا پِـيهو، تِـنـه نـاهِ نـهـايـتَ نـيـہَ جـي. [4]

### بيت (١٦٨٦)

جـي نـنـڍو تـہ ڪـوهُ، پَـرَ وڪـيـن آهـي وتَـرو
وجـئـو ڪـاڪ ڪـنـڏِن ۾ پَـهـسُ پَـڪـي جـئـن پَـوءِ [5]
اِنَ ڪُـرَ سـنـدو ڪـوءِ، مـيـو مـاتـو نـہ ٿـيـي.

### وائي

ڪـيـن جـو ڪـاڪِ تَـڙا، چـانـگـي چَـرَهـو چـڪـئـو
ڪَـرهـو سُـرهـو ڏيـهّـہ ۾، نـہ تـنـه ڊپُّ نـہ ڊاءُ [6]
ڪـرهـي ڪـاٽـيـنـون رَتـيـون، نـائـي نـاگـيـلا [7]

---

1. اصل. پري ڪا.
2. .....
3. ٻي پڙهڻي: (حاشيہ ۾) توڻي ڏوڀي ڏوءِ
4. اصل. ’جِهپر ملا پِيُهو‘
5. پهس= شَتابه
6. ٻي پڙهڻي: ’ڪَرهو سَرَهو نہ ٿيي‘
7. ٻي پڙهڻي: ’ناڪيلا. ڪاٽينون= دندانِ خويش: ناگيلا= نامِ درخت

وڳُ واسـائين پـهنجو سـيوئي سُـرهيا [1]
تـون ڏاتـي ڏِٺ ڏٽـي، تـون راٽـو، تـون راءُ
مـوملَ مـحتاجيـون ڪـري عـاجـزيـون اڳـئا.

**بيت (١٦٨٧)**

ويـرو تـار وصـالَـجَـنِ، گـهـورُنِ گـهايا جـي
تَـنِ ڪـاڪ اورئـان چـڏي، وجـي پـئا پـري
تن ڪي ناتَرِ ڪين ڪري، مومل سـڪي جَنِ ڪي. [2]

**بيت (١٦٨٨)**

ايـنـدا ويـنـدا آڙئـا، جـي ڏيـسـارُو هـئـا [3]
گـاروڙيـن گـس ڪـِئـا ڪـاهـي ڪـاڪِ وچـا
مـومـل ڪـي پـاٽـا، وجـهـي وئـا وِپـري. [4]

**بيت (١٦٨٩)**

ڪـاڪِ نـہ جَهـلِـئا ڪـاپِڙِي، موهِيا نـہ مَحلنّ [5]
ٻـائـي ۽ ٻـانِـهـيَ جـي، ٻَـنـدَنِ ڪِـيـنَ ٻَـجَـهـنّ [6]
لـڪـيـن لاهُـوَتـيـنِ، اَهـِڙِيُـوَن اورِئـان چِـڏِيُـون.

**بيت (١٦٩٠)**

اهـڙيـون اورئـا چـڏي، وئـا لاهـوتـي لَـڳَ
پـايوپـٽيـن ڪـامٽيون ڪـاڪِ ڏجـاٽيون ڪَـڳَ [7]
پـيـئيَ اِيَّ پَـرڳَ، تـہ سـوداَ سِـجـهائي وئـا. [8]

**بيت (١٦٩١)**

نـاهِ مـومـلَ مـيـنـڌرو تـوٽـي مـنـجـهـہ نصـيـب
مـون ڪـي مـون حـبـيـب، آهِ طـعـنـو ئـي تـهـنجـو.

---

[1] اصل پڙهڻيون: ١. سُراهيا. ٢. سُرَها.
[2] ناتر=مونث، مراد سڪرات
[3] ٻي پڙهڻي: ”هي ڏيسارو هئا:“
[4] وپري= غم و الم
[5] مهلن (اصل ائين)
[6] ٻي پڙهڻي: ”ٻائي ۽ ٻانن جي“
[7] ٻي پڙهڻي: ”پايو پٽين ويٺيون“
[8] ٻي پڙهڻي: ”پيئي جان پرگ، تہ سوڍيون سجهائي هليون“

**بيت** (١٦٩٢)

تـوڙـي نـاهِ نصـيـبَ ۾ مـومـل مـيـنـڌرو
پُـنـدءِ جِـم پـاڙهـيـن وَريـن منجهـا پـرت پَـرو ❶
راڙـي لاءِ مَـر رو، وِهُ طـعـنـي سـيـن واگـجـي.

**بيت** (١٦٩٣)

طـعـنـو سـڙـي تُـهـنـجـو، حـالُ وجـايُـم حـقَّ
لـكـيـن لـوڏي آئـيـا، سـوڍي لاتـم شـڪَّ
ڏنَـمِ ڪـاڪِ ڪَـهَـڪ، سـگـهـو مـوٽـج سُـپـريـن.

**بيت** (١٦٩٤)

آءٌ طعني سـوڍي تُهنجي، مون طعنو ئي تون
سـو ڪِين سَـرئو سـون، جو سَـرَ تِي ڪِنه نـ سَـرئو.

## وائي

سـائـيـنءَ ڪـارڻ سُـپـريـن، مَـيـو تـون مـوٽـاءِ
مـيـو تـون مـوٽـاءِ، مـون واجـهـيـنـدي وهـاءِ
سـتَـمِ سـاهـيڙيَـنِ جـا طـعـنـا تـوهـيَـن لاءِ
گهـرَ مَـهـارا گـهـوريـان، سَـرهـو مـون نـ سُـهـاءِ
ڪـاڪِـئـان وِجـڻ ڪـيـڏهـيـن راڻـا تـو نـ رِهـاءِ
سـوڍا سُـڪـيـاڻـي تِـيـان پـيـرَ پـرچـي پـاءِ.

**بيت** (١٦٩٥)

ويـنـي نِـتِ نـهـاريـان راڻـا تـهـنـجـو راهُ
مـوٽـائـي مـاڳِـنِ ۾ آڻـيـنـدوءِ الله
سـوڍا تـو ڳِـرِ سـاهُ، نـاتـ راڻـا گـهـڻـا راجَ ۾.

**بيت** (١٦٩٦)

مـومـلَ ويـنـي مـيـنـڌرو سـدائـيـن سـاري
ولـيـون ويـس وَرَنَـيـون چـانـگـي ڪـي چـاري

❶ اصل. پانه، ور بي پڙهڻي: ”پُندي جم.“

جڏهن تڏهن جيڏيون، ايندُم اوتاري
سوڍي سين ساري، ڳالهيون ڪنديس ڳُجهہ جيون.

**بيت (١٦٩٧)**

جئن ايندهين موٽيين مينڌرا، ايَ وڏي جاڙَ ڪياءِ
ورنُ نہ هوءِ ولها، هوندَ جَتي مون جاڳاءِ
سُتي جي ساجاهِ، سوڍا سِڪيائي ٿيي.

**بيت (١٦٩٨)**

ڏني ٿئَم ڏينهَ، هڪ مَيي ٻيو مينڌري ❶
نيڻَ پرچي نينهہ، پلٽئا پاريُون ڪري. ❷

**بيت (١٦٩٩)**

راڻو رات وئوڪا، ڳُجهي ڳالهہ ڪَري؛
سوڍي رِيءَ، سَرتيُون! هَڏ نہ ساهَ سَري؛
وَجِي، مانَ وَري! آسائِتي آهِيان.

**بيت (١٧٠٠)**

ڪيڏانهُ ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چَوُڏِس چِٽاڻو؛
مَنجِهين ڪاڪِ ڪَڪورِي، مَنجِهين لُڊاڻو ❸
راڻو ۽ راڻو، رِءَ راڻي ڪين ناهِ ٻئو. ❹

**بيت (١٧٠١)**

ڪيڏانهہ ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چِٽائو چوُڌارَ ❺
مَنجِهين ڪاڪِ ڪڪوري، مَنجِهين باغَ بَهارَ؛
ڪانهي ٻي تَوارَ، آهہ مِڙوئي مينڌِرو.

---

❶ اصل. ’ميي ۽ مينڌري‘
❷ هيءَ مصرح حاشيہ ۾ تصحيح طور لکيل آهي. اصل ”پلٽئا پاريويءَ ڪري“. ٻي پڙهڻي: (متن ۾ ڏنل): ”هاڻي ڪريان ڪيئن، ويني ڳوڙها ڳاڙيان“
❸ ”ڪاڪ مراد: قبر، نام مڪان وطن مومل؛ لڊاڻو= نام مڪان شهر
❹ ٻي پڙهڻي: ”ٻي ماڙ راڻي ريءَ ناهہ ڪين“.
❺ چِٽاڻو=باغ

**بيت** (١٧٠٢)

جنه تَڙ ڏوڙيون ڏُون، چوتا چَندن چڪَ ڪيو ❶
اَڄن پونئرَ پَنيولئا پاڻيَ تَهين پُون
راولَ رتو رُونِ، ڪو وَهُ لڳو واسَوئين.

**بيت** (١٧٠٣)

جتِ راياڻين راٽين ڪي چندنَ چڪَ ڪري
هاٽي اُنهَين پيٽين تو وِرَهُ وراڪا ڏي
سوڍو سُجَ ڪري، مومل ماري هليو.

**بيت** (١٧٠٤)

راڻي جي رِهاڻ مان، ڪو آيو آديسي؛
ڪَٿُورِيءَ خوشبُوءِ سين، ولاتَ سَڀ واسي؛
سُوڍو سَناسِي، اُتائين تيِ آئيو.

**بيت** (١٧٠٥)

راڻي جي رِهاڻ مان، ڪو آديسي آئو؛
چوڏهينءَ ماهَ چَندُ جئَن، ڪَيو سامِيءَ سَهائو؛
لُٽو اُونداهو، جوڳِيءَ سَندِيءَ جوتِ سين.

**بيت** (١٧٠٦)

نَئون نِياپو آئيو، راڻي وٽان راتِ؛
لَڌيسُون لَطيفُ چئي، ڪَنان ڏاتَرَ ڏاتِ؛
ڪَيهي پُڇان ذاتِ، جي آيا، سي اڳهيا. ❷

**بيت** (١٧٠٧)

آءُ لانگوٽِيا لالَ! ڪِنه پَرِ ڏِٺيُين گُجَريُون؛
آبُ اَرتو اڪِيين، لُڙڪَ وَهائيين لال ❸
ڏِٺئِي جي جَمالَ، سامِي! ڪُهُ نہ سَلائِيين.

---

❶ اصل ”ڏور= ساهيليان، مومل“.
❷ بي پڙهڻي: ”ڪوه پڇين ذات“
❸ بي پڙهڻي: ”اڄ ارتو.“

**بيت** (١٧٠٨)

اوڏو ڪاڪ مَ ڪِيَّ، متان مَنجهيين رَهين
ڏي وراڪا وِچَ ۾ وهُ ڳاڏوئون وِيَّ
جي ڀاوي ئي تَہ ڀِيَّ، ناتہ لاهُوارو لُڙُ وَهيَ.

**بيت** (١٧٠٩)

اِيَ ڪڪورِي ڪاڪ وَهي، راڻا! ڀانءِ مَ رتُ
سوڊا اِيَ شربتُ، نسورو ئي نِيهَ جو.

**بيت** (١٧١٠)

جوڳِيءَ ڪي جَڙاءُ، نِسوروئِي نيهَ جو [1]
پَتَنگَ جِئَن پيدا ٿِئو، سامِي سِجَّ وَڙاءُ [2]
اچو اِنَ تَڙاءُ، ڪُنوارِن ڪَڪورِئو.

---

[1] ٻي پڙهڻي: ”نسوري ئي“
[2] اصل. وراءُ.

# سُرُ هير و رانجها[1]

[1] اصل. هير و رانجهہ

**بيت** (١٧١١)

سُڻ وي سگ مَينون سگ تيڏا، تون سگ ميڏي دلبر دي در دا ❶
ڪاڏي طعام سَتيندي لقما تيڪون پاڪ نظر دا
انهان وچِ هِڪ لُقما ڏيوين تہ تيوي قوت قبر دا.

**بيت** (١٧١٢)

در وندان دي در تي مئن ڪک ڳلي دا تيان
لڳي واءِ تہ مئن اڏران چلهہ وچِ چاءَ ستيوان ❷
ميري محبوب ڪرن آرانيي، جي او ڦوڪن تہ مئن جيوان.

**بيت** (١٧١٣)

رانجهن هووي ميڏي نجهري دا شقرا، تہ مئن وڻ وڻ طعاما ٽيوان ❸
ڪري ڪلاچا، ني جاوي مينون، آوهون وي کُهاوي تہ مئن جيوان.

**بيت** (١٧١٤)

مَردي مَر ويسان ميان رانجها، تون هير سڏيسين ڪَينون ❹
تَيڏا شوق نالِ منجهين دي، چوٽڪَ لايوئي مَينون ❺
ڳلي اسان ڏيَ وچ آ ميان سڄڻان ول ول نت آ مينون
تو جها مينون اور نہ ڪوئي، مئي جهان لک تينون.

---

❶ اصل. سُڪ تيڏا

❷ بي پڙهڻي: پٽ تي چاءُ ستيوان (بٺ تي؟)

❸ نجهري= خانه. اصل ”مئن ون ون تاما ٽيوان.“

❹ بي پڙهڻي: ”مردي مرويسئين رانجها“.

❺ منجهين= گاوميشان. بي پڙهڻي: ”چيٽڪ“= عشق و بي آرامي.

**بيت** (١٧١٥)

دلبر ميڏي رنگ سونا دي، ڪيا ڪمينا سونا
سونا دي گهر سون سَپچي، گهاٽُ گهڙيجي سونا
ڦِر هووَنِ فقير شِڪستي، مان خير ڊَمِيجي سونا.

**بيت** (١٧١٦)

ٻيلِي ٻيلي سَيڪو آکي، مئن پي آکان ٻيلي
ٻيلي هوئي سو چل رهي، خالي رهي حويلي.

**بيت** (١٧١٧)

لک ڪتابت تيڪون ڏيوان، جي تون دلبر تُون پهچاوين
جيوين آکان تيوين آکين، ويندي پل نہ لاوين
ڳل وچ پٽڪي، شير زبانا، دست پيران تي پاوين
تہ هي سر صحيح غلام تساڏا، دل دي مهر نہ لاوين.

**بيت** (١٧١٨)

اُت ميان رانجها، نہ ڪر سانجها، ڪَر چَلڻ ڊِي ڪائي
جنهان دا تو ڪيت لتاڙيا، طلب تنهاندي آئي
گهڻ ميان رانجها مت اسان ڏي، ويچ منجهين، گهن ڳائي.

**بيت** (١٧١٩)

مَنجِهيان مڙڻ هيڪ ويلي، ڳائين سَنجه صُباحِين [1]
وَسَن مِينہ پَرِيجَن تويي مئن لَڳِڙي نال وَتائين.

**بيت** (١٧٢٠)

ڪِتي آسَڻ، ڪِتي يار اسان ڏا، ڪِتي اساڏا ڄَما
اِپِي سَر دا پڪِي هُواسين، سانگ پيوسي لَمّا
اُڏدا جوين، وَهندا پاٽي، ڪَهين نہ گهتيا پَنّا
رزق مَهاران چوڙيان، وَسِ نہ چوڙياسين ڄَمّا.

**بيت** (١٧٢١)

[1] ٻي پڙهڻي: ”منجهيان ڏيڻ“.

ڪتي آسڻ، ڪتي يار اساڏا، ڪتي ياران دي وَستي
رانجهو ڪَسَّن، ڪيڙا ڏَسَّن، ويک چِٽان دِي مستي
ساري لوڪ وچون هڪ يار ڪيتوسي، لوڪ تهين تان خستي.

**بيت (١٧٢٢)**

ڪتي آسڻ، ڪتي يارِ اساڏا، ڪتي ياران دي وَڳي
ٻَڪر وانگي آپ ڪُهاوَن، بي قدران دي اڳي
سُڻ وي قاضي ڪيهِي قضا ڪِيتئي، مُنا عشق شرع ڪيا لڳي!

**بيت (١٧٢٣)**

حاڪم ٿِيوان، حڪم ڪماوان، عشق اجاري پاوان
جو ڪوئي عشق ڪنون نہ ڇاڏدا، سو سڀ قتل ڪراوان.

## وائي

وي ميان مار نہ ڇمڪان، وي مُلان مار نہ ڇمڪان،
تو تان ڏي نہ جِهٽڪان
وي عشق عقل دا راهُ وڃايا، برهُ عقل دا راهَ وڃايا
سڀ علم حاصل ڪيتوسي، جان شاهہ دَرسَن دکايا
کو جو عشق بنئا تن اندر، نِت نت سوز سوايا وي مار نہ ڇمڪان.

## وائي

قادر ميڙئي، صاحب ميڙئي، وو رانجها يار وو!
فقير الله دا دائم قائم، روشن نور تجلّي [1]
رانجها يار وو!

## وائي

آکو ميڏي يار نُون وي، نڻ نماڻي رلي
رانجهو چَڙهئا نيلي گهوڙي، هير پيادي چُلي
آکو ميڏي يار نون، وو!

---

[1] اصل ۾ ”فقير الله“ جي مٿان ليک ڏنل آهي، جنهن جي معنيٰ غالبن ”فقير الله“ شاعر جو نالو آهي. [2] اصل ۾ عنوان ”بيت“ لکيل آهي، پر پوئين وراڻي مان ظاهر آهي تہ هي ”وائي“ آهي

**بيت** (١٧٢٤)

درد فراق اسا ڏي دا خط قاضي کو نہ لکيسين
قلم نماڻي، کاغذ شهدا، آهَ کنون جل ويسين
مشڪل پيدا پار، گهماندي، قاصد کهڙا نيسين [1]
جيندي‌يسين تان ياد نہ کيتوئي، مرويسي ياد کريسين [2]
’نورنگ‘ جيهي نِماڻي کون کَل هَس تين فاتح ڏيسين.

**بيت** (١٧٢٥)

درد فراق نہ سَهسان صحيح موت قبول کَريسان
جي مئن کو نہ شَه رانجهو ملسي تڏان مئن سهاڳڻ هوسان
جي پارُون آ ڏيوي ڍِڪائي، تہ سئو درياءَ توءِ نہ ترسان [3]
سِر ميڏي وچ ڏُون شادمانيان يا مِاسان يا مَرسان.

**بيت** (١٧٢٦)

زهر پيالا رانجهن والا ڳُجهڙي آيم ياچي
ماءُ پي کنون چوري پيتم، کيتُم روح راضي [4]
دِل دِي قضا دل کريسِي، کِئون کريسي قاضي.

---

[1] اصل ائين
[2] اصل. ”ياد نہ کيتو مرويسين ياد کريسين“
[3] نہ ترسان= نہ بيهان، نہ هٻڪان
[4] اصل. ”ماءُ پي کنان.“

# سر ود سارنگ يعني ملار

**بيت (١٧٢٧)**

لڳه پس، لطيف چئي، لڳئيو آهي [1]
وُسئو مِينهُن وَڏَ ڦُڙيو، ڪَڍو ڏَنَّ ڪاهي [2]
سند ڇَڏي پَٽِ پَهرو، سَمَرُ سَنياهي
وِهو مَ لاهي، آسِرو اَللهَ ڏي. [3]

**بيت (١٧٢٨)**

لڳه پس، لطيف چئي، آگم ڪئا الله
پَلَرَ جي پالُوٿَ سين، پَٽَنِ جَهلِيا پاهَ:
واحِد وَڏائي ڪَئا، مَٿي گَسَن گاهَ:
سانگِيُن وَرِيا ساهَ، اُنُو آبُ آگُوندِرو.

**بيت (١٧٢٩)**

اَبُون، ڪڪُر، ڪَڊِرُون، اُتر ڏي آهين [4]
جو آگَمَ ڪري آئيون، تہ مُندَ نہ مَتائينِ
متان لوڪَ، لطيف چئي، گوندرَ گَمائين
پَٽين پيارينِ، اُجئنِ آبُ اگوندرو. [5]

**بيت (١٧٣٠)**

آگَمَ ڪِئو اچنّ، سچنَّ سانوڻ مينہَ جئن
پاسي تَنِ وسنِ، جي سڀِ ڄماندَرِ سِڪِئا.

---

[1] اصل. "لڪئيو"
[2] اصل. "وڏ ڦڙيون ڪندو"
[3] ٻي پڙهٽي: "الله ۾"
[4] اصل. ڪڪر ڪڊر
[5] اصل. اگندرو.

**بيت** (١٧٣١)

سَڄڻَ سانوڻَ مينه جئن جُھٽڪَنِ پاسي جهوڪَ
ڏيندا پاهَ پٽنِ ڪيِ منجهان مِينهَسِ موڪَ
لَسَ پيارينِ لوڪَ، آگمَ ڪِئو اکُينِ سين. ❶

**بيت** (١٧٣٢)

ڪُٽِڪَنِ ڪانڌُ چِتِ ڪَئو، جُهڙُ پَسِئو جهٽڪنِ
وَرَ رِيءَ وانڍِن اَڏِيا، پَڪا سي مَ پُسَنِ
اُتَرُ ڊاهي اُنِ جَا، تہ ڪَنهن ڪي ڪارُون ڪَنِ
ڪلن ڪيَن ڪچن، ويچاريون ورن ري.

**بيت** (١٧٣٣)

ڪُٽِڪَنِ ڪانڌُ چِتِ ڪئو، جُهڙُ پَسِيو جهڄَن؛
سُٽِيو رَڙِ رَعِدَ جِي، ڪَلِيُون ٽِيُون ڪَنبُنِ؛ ❷
وارث وري تن، اڇي شال اولو ڪري. ❸

**بيت** (١٧٣٤)

اڄُ پَنڻ اتر پارَ ڏي، ڪڪرَ ٿو ڪَري
واحدَ واٺِڙِيَنِ تي خالقُ ڪَندَ پَري
پاساڙئان پري، شال مَ وڃنِ سُپرين. ❹

**بيت** (١٧٣٥)

اَڄُ پنڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَرَ ڪيسَ
وِڃُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪَري لاَلُ لِبيسَ؛
پِرِين جي پَرِديسَ، مُون ڪي مِينهَن ميڙِئا.

**بيت** (١٧٣٦)

اڄ پنڻ اُتر پار ڏي ڪڪَر ڪي چوٽي
پريان سندي پارَ جي ڪوڻِ نہ ڪوٽي
آءُ لاَلَڻَ موٽي، گهورئا رُسَڻ ڏينهڙا.

❶ بي پڙهڻي: ”جو آگم ڪيو-الخ“
❷ ڪليون=عورت
❸ اصل. ”اولو“
❹ پارسائا.

**بيت (١٧٣٧)**

اُتــران تــي آئـيــو نــنــه ڪــڪَــر لاتُــمِ ڪــسَّ
وســئـو ميـنـهُ وڏَ ڦـڙيـو ڪـئـو جهـوراٽـي جَـسَّ ❶
ڪَـيـسِ چـوءِ، ڪـلاتِ ۾ راتِ تـنـي ڪـي رَسَّ ❷
نـيـڻَ ٽِـمـنـدا پَـسَّ، وَسُ تـہ وَرَنِ سُــپـريـن.

**بيت (١٧٣٨)**

ڏَرَ رِجـئـا رِيـجَ ٿـئـا، ڪِـي اوهـيـرَن اوتَ ❸
مِـهـا، چِـيـڙَ، ڦُـنـگـيُـون، جِـتِ ٿـين سـپـيـئـي ٿـوڪ
سَرَهيون سنگهاريون ٿيون، پائِنِ توسِيون طوق ❹
لاهِـيـيـن مـتـان لـوڪَ، ڏوگـاهـي جـا ڏيـنـهـڙا.

**بيت (١٧٣٩)**

واهــونـدي وِجُ ٿِـــــيُ، ڪـڙئـو ڏونـہ ڪَـنـيـاتَ
ڪُنڊيُون ڪاهِي ڪس ڪَر هو، وَڇُون ڪَر هو واتَ،
سَــنَــگـهـارَن (سُــڪُ) ٿَـئـو، لَـٿـي اُجُ اُســاتَ،
جُهڙُ ڦُڙُ ڏيئي جهاتَ، پُسـائِيـنـديُون پَـٽـيُون.

**بيت (١٧٤٠)**

اوچِـڻَ گـهـرجـي آ جـڪـو، پـڪـو نـہ پـيـتـمُ
دوســتَ پـڇـاڻـان دَمُ، رهــي ســا رَنَ ٿـيـي.

**بيت (١٧٤١)**

اوچِڻَ گُهرجي آجڪو، جُهوپو سَــهي نـہ سِـيُ،
سُـــٽـائـجَ سُــوَرُ ڪـي، حـالُ مُـهـنـجـو هِـيُ ❺
اڳـڻَ آيـو ٿِـيُ، تـہ ڍولا! ڪَـنـهَـن ڍَنـگِ ٿِـيـان.

---

❶ اصل. وڏ ڦڙيون
❷ "ڪيسر" جي هيٺان "رحمه" (ڏٽي رحمت ڪريس) لکيل، جنهن جي معنيٰ تہ "ڪيسر" نالو شاعر مرحوم جو آهي
❸ ڏر=صحرا
❹ اصل. "توسيءَ ۽ توڪ". ٻي پڙهٽي: "تسيون توڪ"؛ تسيون= خوشحال.
❺ اصل. سَوَرَ= پسنديده

**بيت (١٧٤٢)**

ڪانڌَ! تُهنجي پانڌَ ري، سَنجهي سيءَ مَران؛
ڪوڙيين! ڪَپاهُنَ ۾، پيئِي تارَ ترانِ؛
تارِيءَ تِنه تَران، جِئَن تو وَرُ وِهاڻِيءَ ووڙئو. ❶

**بيت (١٧٤٣)**

ڪانڌَ! تُهنجي پانڌَ ري، سيءَ مَران سَڀ رات؛
ڪامِلَ! ڪَپاهُنِ ۾، جَهپَ نہ اچي جاتِ ❷
اَچين جي پِرياتِ، تہ آئُون ڏولا سِيُ نہ سارِيان. ❸

**بيت (١٧٤٤)**

مرو، مرگَهہ، مينهِيُون سارَنگَ کي سارِينِ،
آرون اَبَرَ آسَري، تاڙا تَوارِينِ؛
سِپُون جي سَمُونڊَ ۾، نَئين سِجَ نِهارِين؛
پَلَرُ پِيارِينِ، اچئن آب اَگَوندرو.

**بيت (١٧٤٥)**

ڪانڌَ مَ کُهڙ ڪوڙِ، مون جهڙ ڏنو اُپَ ۾ ❹
سَٽائون سانوڻَ جيون جوڙي جونچي جوڙ ❺
لاٿم گوندَر گوڙِ، مون کي ڪِوڻَ راتِ خوش ڪئو.

**بيت (١٧٤٦)**

ڏَٿِ ڏِري پَٽِ پيئِيُون، ٽِيا وَلهارَين ويءَ
شَمس سورج نہ پاڙيان، سَيٽَنِ جي شَبيہَ ❻
جي جاني اَندرِ جِيءَ، سي پِرين پيهي گهرِ آئِيا.

**بيت (١٧٤٧)**

ڏِٿِ ڏُري پَٽِ پيئيون وِڄُن ڪِئو واڄو
پَکو پهنجي پِيَّ لٿي سڀي ڪريان ساڄو
سِڄڻَ سَباجَهو، پرين پيهي گهر آئيو.

---

❶ ٻي پڙهڻي: ”جه تو ور“
❷ اصل. ”ڃپ نہ اچي ڄات“
❸ اصل. ”اچي جي“
❹ اصل. ”کهر کور“
❺ اصل. ”جونري جوچي جور“.
❻ اصل. ”نہ پاريان.“

**بيت (١٧٤٨)**

منڌَ تي، منڌَل وڃئا، ڳوري سڄڻُ ساري
وَڏَ ڦُڙيين وانگو ڪئو، اُنو اوساري
ڪَر ڪرو ڪڍئو مِهريَنِ اڄُ ماري
ڪڪرَ اڄُ ڪاري، ورو ڏيندِي وڃُڙي.

**بيت (١٧٤٩)**

مند تي، مندل وڃئا، آيو جهڙُ جهاتي
هيڪ اُرزانو ان تئو، پئو مڪڻُ ۾ ماتي
ڪلمي سان ڪاتي، لاتُهُون ڪسُّ قُلوب تان.

**بيت (١٧٥٠)**

مند تي، مندل وڃئا، موتي آيو مينهُ
جَن سين نيٺِنِ لايو نِيهُ، سي پرين پيهي گهرِ آئيا.

**بيت (١٧٥١)**

محبَّ منهنجا سُپرين آٺيئي الله
توڪي ساري ساهُ، تو اڪندِئو آهون ڪري.

**بيت (١٧٥٢)**

جِهَڙي لالِي لاڪَ جي، تِهَڙي سانوَڻّ سِٽ
بَرِسئو پاسي پِٽَّ، پرئائين ڪُنَّ ڪِراڙِ جا.

**بيت (١٧٥٣)**

ڏيئي ريجُ رائِڪَ ڪي ڪئائين لُوتري لَلَّ
ڏَلهي چڏئائِين ڏَرَ ڪي، پُندَري پرئائين پَلَّ
آنڊائين آبُ اُجلَّ، موڪلَ تِي مينهن ڪي.

**بيت (١٧٥٤)**

وسي سارِي رات، صُبحَ جو ساهُ ڪٽي
مون جئن مِينهَ پرينِ جِي جي تَن هُئي تاتِ
تہ وِهاٺيَ پرياتِ، هوندَ بادلُ ڪينَ بس ڪري.

## بيت (١٧٥٥)

وسُ بادلَ وسُ، تو وَسين وسَ تيي
اچائيون، شاهُ عناتُ چئي، رات تني کي رَسُ
نينڻَ ٿِمندا پسُ، وسُ تہ وَرَن سُپرين.

## وائي

مُهنجي سَيّدُ سارَ لَهندو؛ مُون کي آهِي اُميدَ اَللهَ ڏي.
جڏهن سُورَ ڏَکاءُ پيي ٿيندو، سڀ اکيون سِجُّ کڍندو ❶
مِيڙو ٿيندو مومنين، اُتِ محمدُ ميرُ مَلهندو
سَجدو کري سُپُرين، زَاريون زورُ کريندو.
احمدُ کارَڻِ عاصيين، اُتِ پَرملُ پاک پنندو
نفسَي نفِسي سيَکو کَري، داتا دَرِ ڏوڙَندو؛
صراط مٿان سپرين، ات لالڻ لنگهائيندو.

## وائي

کَر مَرُ کامي پچي،
آءٌ در ويندي دوست جي
نُورا پايو نِيہَ جا، در پلي جي نچي
جئائين ڏوجَهڻ تکيو، سچن تئائين اچي
وسئو مينہ وڏ ڦڙيو، کِي سراهي سچي ❷

## وائي

آئي مندَ ملارَ، اي يارَ
آءٌ کهنبا کنديسَ کپڙا
وَسَڻ جا ويس کئا، اچ منهنجي يار
لار لئيندي وچڙا، پِنس پنيا وار. ❸

---

❶ اصل. وڏ ڦڙيون.
❷ اصل. لار لائيندي.
❸ اصل. سور دکاءُ

# ڪيڏاره يعني مرثيه امام عليه السلام

**بيت** (١٧٥٦)

سختي سِيادَتَ جي جڻ شاديَ جو ڏينهُ ❶
ڏرو ناه يزيدَ جو، اِيَ نسورو ئي نيه
مَرڪُ آهي مِينهُ، عليَّ جي اولاد کي.

**بيت** (١٧٥٧)

سختي سِيادتَ جي، مِڙوئي ملارُ
ڏرو ناه يزيد جو، اِيَ عشقَ جو آثارُ
ڪسڻَ جو قَرارُ، آهي امامنِ سين.

**بيت** (١٧٥٨)

سختي سِيادتَ جي، ملارُ مِڙوئي
ڏرو ناه يزيدَ جو، اِيَ آثار اهوئي
ڪسڻُ هو ڪوئي، امامن سين اڳهين.

**بيت** (١٧٥٩)

جهيڙو لاهِ يَزيدَا! عَلِيءَ جي اولادَ سين؛
ڪا نہ پَسَند هين عِيدَ، جا حسَنَ مِيرَ حُسينَ سين.

❶ ]سيادت-سرداري[

**بيت** (١٧٦٠)

جَني جهيڙئو ڪالَ، عليَّ جي اولادَ سين
هاءُ تني جي حال، جي جَماتِي يزيدَ جا.

**بيت** (١٧٦١)

جني جهيڙئو اڄُ، عليَّ جي اولادَ سين
ياءَ تِني ڪان يجَ، جي جماتي يزيدَ جا.

**بيت** (١٧٦٢)

ميرَ مَدينئان نِڪِري آئيا نہ موٽِي؛
ڪارا رَڱِج ڪَپڙا، اَدا نِيروٽِي!
آن تنِين لَئِي لوٽِي، جئَن مِيرَ مُسافِرَ مارئا. [1]

**بيت** (١٧٦٣)

بَهادُرَ ڳَڏئا بَهادُرين، ڪَڙڳَ ڪِيلِ ڪَنّ؛
وجَهنِ ڏَڙَ ڏَڙَن تي، هاڪارِينَ هَٽَنّ؛
ڪِرَن، ڪوندَ نَچَنّ، رِڻُ ڳَجئو، راڙو ٿِيو. [2]

**بيت** (١٧٦٤)

ڇَپَر جئَن پَهُون، تئَن رِڻُ ڳِجُهون پيئون
وَڪا وَڪَنِ ڳَڏئا، ڊوڙيو ڏِيَنَ ڊُهُون؛
مُهايِنِ وَهُون، نِيرُ مَهنگو ڪَنديُون.

**بيت** (١٧٦٥)

هَٽَڻَ، هَڪَلڻُ، پيلي سارڻُ، مانجهيان اِئُ مَرَڪَ
وجهنِ تان نہ فَرقُ، رُڪ وهندي راندِ ۾. [3]

**بيت** (١٧٦٦)

جِهمَنديُون اَڇَن، جهوليُون جُهونجهارَنِ جُيون؛

---

[1] اصل. جن مير مسافر مارئا
[2] اصل. ڪنجيئو.
[3] اصل ”رڪ وهندي راند ۾.“

پـايو ٻُـڪَ ٻُهارَ جـا، اُن جيون وَهُون وانڪا ڪَنِ:
پِـٽـيـو پـارَ ڪـڍَنِ: رَڻ گـجـئـو، راڙو ٿِـئـو.❶

**بيت** (١٧٦٧)

ڪَؤنر، ڪلِي جا ڪوڏِيا! جـانڪِيتا تون جيُ ❷
مَـتـان آڏيـن اُسـريـن، رُڪَ پِـيـالـو پِـيُ ❸
ڳـاهُ ڳِـجُـهـنِ جـو ٿِـيُ، ويـنـي جـن وَرِهَ ٿِـئـا.

**بيت** (١٧٦٨)

ڳـائـو ڳـجهـہ نـہ ڪـاءِ، مِـهـي مـاسَ نـہ هـيـرئـن
ويـنـي تـن واجهـاءِ، ڪـلـنـگـيـون جَـنِ ڪَـپـار ۾.

**بيت** (١٧٦٩)

پـاڪَ جَـنـي جـا پـيـرَ، ڪـتـان هـيـٺ نـہ ڪـوڙئـا
تـنـگَ تـراريـيـن تِـچـئـا، چَـٽـئـہ يُـون چُـڳـيـر❹
ڏونـڌَ تَـنـي جـا ڏيـرَ، ڳِـجـهـڙيُـن ڳـرِ لائـيـا.

**بيت** (١٧٧٠)

ڦـنَـگَ ڪُـسـنَـيـئـي ڳِـجهـڙي، لڳـيـن پـوئـي واءُ
امـيـرنِ مـتـاءُ، جِـہ تـو ڪـيـہ نـہ چـنـڊئـي.

**بيت** (١٧٧١)

اڪـيـون ڪـڍ مَ ڳِـجـهـڙي، تـارا تـان مَ ڪـاءُ
پـئـو نـہ ڏِسـيـن پـٽَ ۾، ريـڳـڙ يـارو راءُ
راتِ تَـهـيـن جي مـاءُ، روئِـي پَـرَ نـئـو ربَّ کـي.

**بيت** (١٧٧٢)

سُـورهہ مَرين سـوبَ کِي، تہ دِل جا وَهمَ وسـار
هـڻُ پـالا، وڙهُـ پـاڪُـريـن، آڏي ڏالَ مَ ڏار
مـٿـي تـيـڪ تـرار، مـارِ تـہ مـتـارو ٿـيـيـن.

❶ اصل. ڪنجيئو
❷ اصل تو جي.
❸ اصل. ”متا انرين اُسري.“
❹ اصل. ”چرؤ پون“

**بيت** (١٧٧٣)

ڪِلي ويرَ ڪَٽَڪَ ۾، ياڪر جو پائي؛
اَڃا اُنَ ڪي جِيڻَ جو، آسانگو آهي؛
سُورِهُ سو چائي، جو رُڪ وِئي رِڻ گِهڙي. ❶

**بيت** (١٧٧٤)

ڪِلي ويرَ ڪَٽَڪَ ۾، جي حَسَنُ شاهُ هو؛
پيرو پيرو پاءُ تي، پَتَنگَ جيئَن پيو؛
آهي ڪيرُ ٻِئو، جو ڪَري هَلان ڪري حُسينَ تي.

**بيت** (١٧٧٥)

ڏِنو مُحَرَّمُ ماهُ، سَنڪو شَهزادَن تئو؛
ڄاڻي هيڪُ اَللهُ، پاڻَ وَڻنديُون جو ڪَري.

**بيت** (١٧٧٦)

چارِ تراريون چِيلهہ سين، ٻَنڌي ٻہ ياڳُون
اڳِييَن جون آڳُون، ڪونرَ ڪِلي ۾ واريون.

**بيت** (١٧٧٧)

ڏاڙهي رتُ رَتياسِ، ڏند تہ ڏاڙهُونءَ سَنگُ
چوڏهينءَ ماهَ چندَ جئن پڙَ ۾ پاڳڙياسِ ❷
مَرُ مَرَڪي ماسِ، ٻيڙي مَنجِهہ مَهنديين.

**بيت** (١٧٧٨)

آيا، اُجارِين؛ تَنچہ، تَارِيُون تئرين ❸
سانڪِيُون سائُن هَٿَ ۾، ڪُلَهنئا نہ لاهين ❹
اُيا ئِي آهِينِ، مُهائِي مَرَڻَ تي.

---

❶ سڄو بيت اصل ائين.
❷ اصل. ”جِن“ چوڏهي ماهہ چندبَ جي-الخ
❸ اصل ائين.
❹ اصل ائين.

**بيت** (١٧٧٩)

جُھونجھارڪــو جَھــڳڙو، ڏنو ڪــالَھ ڪَــھين
هـــاتِيُنِ هَڏَ مُڇـــائِيـا، ريلي رَتَ نَــئِيَن؛
ياٸين ســـا سَئِين، جِئَــان جِيءُ جوڪو ٿِـــئي.

**بيت** (١٧٨٠)

مَـرُ مَـريـن، آءٌ روئـيـن، مـوٽـي ڪـانـڌَ مَر آءُ
مَـڃُـڻ تـيـون پُـئـاءُ، ڪَـڇا ڪَـنـم جـيـڏيـون.

**بيت** (١٧٨١)

جـي مـارئـو تـہ وســهـان، پـڳـو آءٌ نـہ چـوان
ڪـانـڌَ مُـنـه ۾ ڏَڪَـڙا، سـيـڪِـيـنـدي سُـنـهـان؛

**بيت** (١٧٨٢)

يـڄـي آئـيـن يَـڄـڻـا، لَـڄـايـئـي ٻـئـي پـارَ
ويـنـيـون ڪـن ڪـوار، مـنـه مـتـاهـان جـن جـا.

**بيت** (١٧٨٣)

مُـنـہَ مـتـاهـان جَـنِ جـا، پـٽـئـو ڪَـٽَـنِ پـارَ
جيـڏيـون هِـي جـهـونـجـارَ، اُجـاريـنِ اڇـا ڪِـئـو.

**بيت** (١٧٨٤)

يـڄـي آئـيـن يـڄـڻـا، لـڄـايـئـي مـون سـيـڻَ
ويـنـيـون وجـهـنِ ويـڻَ، مُـنـہَ مـتـاهـان جـن جـا.

**بيت** (١٧٨٥)

ڪَـربَـلا جـي پـڙَ ۾، خِـيـمـا ڪـوڙيـائُـون؛
مُـنـه نـہ مـوڙِيـائُـون، پَـسِـــي تـاءُ تَـرارِ جـو.

**بيت** (١٧٨٦)

ڪـربـلا جـي پـڙ ۾ آيـا پـاڻَ پـيـهـي
پَـهُـہ ڪـئـائـون پـاڻَ ۾ مُـنـہَ مُـقـابـل ويـهـي
قضـــا هي ڪيهي، هَي هَي ٿِي حُسَـيَنَ سـين.

**بيت (١٧٨٧)**

ڪربلا جي پٽ ۾، مَرڪي اَيا مِير
وري وِيرين سامُهون تِکا هنيائون تِير
هُئي اِيَ تقديرَ، اصلِ امامن سين.

**بيت (١٧٨٨)**

هوڏانه هُنِ هاڪارِيو، هيڏانه هِي هَٽَنّ [1]
سَرنايُون ۽ سَنڌرا، ٻنهي پارِ ٻُرَنَّ [2]
گهوٽَنِ ۽ گهوڙَنّ، رِڻَّ ۾ لائُون لَڌِيُون.

## وائي

مومنو ماتامو، هَي هَي اڄ مارئا امام
اڄَ آئيا حسينَ، اڄ گذرئا شهيدَ، واءِ وَيلا
اَنُ نه پاڻي اُن کي نه ڪو اُتَّن مينه
هئا سَتاڻِي جَنگ ۾، نَوَ راتيون ڏَهه ڏينهَ
دَلدل گهوڙا شاهَ ڪا، اُتن لالَ پَلاڻي
شبير شهزادي لُڙُ مُئي جَنون سيجَ نه ماڻي. [3]

---

[1] اصل. هرن
[2] اصل. سرنائي سندرا.
[3] سڄي وائي اصل ائين.

# سرود شينہ ڪيڏاره

**بيت (١٧٨٩)**

مـتـي جـنـه مَـدارَ، ڪـانـڌُ تـهـنـجـو تَـڪِـيـو [1]
پـاڻَ اوچـو، عـادتَ نـيـچـو، ايَ سِـــيـهـانــہ پَـروارَ
ڪَرَ ڪـيـسَـــرِ جـو جُـهـارُ، ڏَتـي جِـنـه ڏارَت لـهـي.

**بيت (١٧٩٠)**

مُـوران مـانـو نـہ تـيـي، تـازي جـو تـوڙان [2]
هـاٿـي جـي هِـيـٺـون وهـي تـہ گـهـڻَ مُـلهـو گـهـوڙان. [3]

**بيت (١٧٩١)**

مـوڪِـري تَـري، چـوٿـي نَـري، چـوٿـو ڪـيـر پـاڻ
گَـجـي تـہ گـيـوَرُ هـئـي، مِـرو ٻـئـا آسـانُ. [4]

**بيت (١٧٩٢)**

سَـهَـسـيـن مِڙي سِيارڙا، جان ڪي جَـنُـبو جاڳِرَ ڪن [5]
ڪِـهـرِ ڪَـنَ نــہ اُڏَڪـي، ڏاءِ نــہ ڏِجـي تــن.

**بيت (١٧٩٣)**

ڪُـڙَهـو ڪـيـسَـــريـاءِ، پَـســو واڳـهَــہ ولاڙِئـو
ٻـيـٺـو ٻـلـپَ مُـلاءُ، ذرو ضـــايَـع نــہ ڪَـرِيَ. [6]

---

[1] اصل. ڪاند
[2] اصل. تازي جو تورا
[3] اصل. تڪن ملو ڪورا
[4] اصل. ڪنجي
[5] اصل سيارا
[6] اصل. ملا.

**بيت (١٧٩٤)**

بيٺو ٻاياڻ وتَرو، ڪُڙهو ڪيسَر جو پَسَّ
آپَّ چپاٽي، پَرَّ ماري، ذاتِ سِيهاڻ جي جَسَّ
چِتِ تي دَمامَن دَسَّ، اَتِ مَٽي آٽِيُن اُسري. ❶

**بيت (١٧٩٥)**

اِيُ ڪيسر جي ڪار، جئن هاٿيَ ڪي هٿُ هٽي
جي وِيهيين واگهين ويڙهئو توءِ لانجهو ڪيم نهار
ڪلَي ويرَ قرارِ، رءَ ڪيلي تي ڪانهرو. ❷

**بيت (١٧٩٦)**

ايُ ڪيسر جو ڪمُ، جئن هاٿي ڪي هٿ هٽي
نهاڙي ناپُنِ سين، دَمائيس نہ دَم
ڪلي وير قدمُ، ڪوڙي پَرَ ڪٽي نهين.

**بيت (١٧٩٧)**

سَگَيٽي تہ اوچ سگَيٽي، نِيچ سگَيٽي تہ ڪِرت وٽاهَ
جيلاه ڪِهِر سين مِٽي، تيلاه گئو سرچري گاهَ. ❸

**بيت (١٧٩٨)**

گئّو رئو گِر چَري، گِر چِرئو گئو ڪاءِ
ڪِهر پَلاٽِي جي سَهي، نہ لُون لُون سڪ وِڪاءِ. ❹

**بيت (١٧٩٩)**

روجَهہ نہ پَڪڙجن، مَتا جي ماهِ گهٽي ❺
ڪِجي سنگُ سِنيهَن سين، وانڪي جي وَرَنِ.

**بيت (١٨٠٠)**

ڪِهرِ قَصہُ ڪبابَ سين، مڇي مُورِ نہ ڪاءِ

---

❶ اصل. آڙين
❷ "تيي قهرو"
❸ اصل. ڪئي سرچري ڪا
❹ اصل. لئي لئي لڪ وڪاءِ
❺ اصل. نپڪرجن.

جي سِيهان سئو لَنگهَٽين، توءِ نہ لک لَکاءِ
پير تتهين پاءِ، جت ناہ مجال مروءَ جي.

**بيت (١٨٠١)**

نيهُ، سيچاٽي، سينهَ، ٿنهي قصدُ ڪبابَ سين
رات ڪاڏائون ڏينهہ، تہ پُڻ پُوٽَنِ ٻُڪئا.

**بيت (١٨٠٢)**

آهي عاشقن کي ڪاڙهو منجهہ ڪُريزَ ❶
جي متي وجي ڳيج، توءِ نهاري ڍوندِ ڏي.

**بيت (١٨٠٣)**

عاشقُ توءِ آزارَ سين، جي متي وجي ڳيجَ
جي وينو منجهہ ڪُريز، توءِ سيچاٽي شڪارَ سين.

**بيت (١٨٠٤)**

ڪڻُ بورائو بازَ کي، ڳجهہَ کي ڏي مَ ڳَلَّ
تون هُماءَ ڏونهُ هَلَّ، شِڪرو ساڻُ ڪٽي. ❷

**بيت (١٨٠٥)**

ڪڻ بورائو بازَ کي، ڳجهہ کي کِج مَ ڳولُ
ڍوڙ جِنہ جي ڍوندَ ڏي، رِڻُ ۾ وَتي رولَ
جو سَهُون پاري ٻولَ، سو هتان ڇڏ مَ شڪرو. ❸

**بيت (١٨٠٦)**

ڪڻُ بورائو بازَ کي، ڳجهہ مَ ڳري لاءِ
آهي اِنَ انڌيَ جي، جيفي پاسي جاءِ
ڪاڄُ اهو ئي ڪاءِ، هو جو قُوتُ ڪِلاب جو.

---

❶ اصل. ”ڪاوُ“ منج ڪريز
❷ اصل. شڪروسان ڪني
❸ اصل. شقرو.

**بيت** (١٨٠٧)

ڪُتو ڪُرتي هَڏيون، جُوان مرد جِگرُ کاءِ
الدّنيا جِيفةّ و طالِبُها کِلابٌ اِيَ هِنيين سين لاءِ.

**بيت** (١٨٠٨)

ڪُتو طالبُ ڏُونڊَ جو، اسين ڪُتي ڪِير،
ڇُهتي آهي ڇِيڙَ، ڪارايي جي ڪَنَ ۾. [1]

**بيت** (١٨٠٩)

نَڪين آهيون چوهڙا، نڪين آهيون چور [2]
ها گاما ۽ هور، ڪتا ڪريين ڪن تي.

**بيت** (١٨١٠)

ڪتو چئي، قريب جا آهيون ساڏ سهي
پهرين بابت بهي، پُڇان پانڌين ڪي.

**بيت** (١٨١١)

سَگبانَ سينڌارئا، بَچِئا، تي بَهَنِ،
قَرِيا نہ فَرمانَ ڪان، مُلهُ نہ موتِيَڙَن،
ڪَونهي ڏوهُہ ڪُتَنِ، ڏاڪارئا، ڏاڙهِينِ تا. [3]

**بيت** (١٨١٢)

ڪُهين تان آپُ ڪُهہ، ڏَس مَ چوهَڙيانُ
سندا آهيڙيان، آءٌ نہ سَهندِي هتڙا.

**بيت** (١٨١٣)

جو يارُ ڏنائون يار جو، تہ پُٺيَ پيرَ ڪرين
قَرئا نہ فرمان ڪان اِنهين ۾ آهين
ڏَسي نہ ڏاڙهين، شبان جي سگ ڪي. (٣)

---

[1] سچو بيت اصل ائين
[2] اصل چوهرا
[3] اصل. ڏارين.

# سر ودبسنت

**بيت** (١٨١٤)

آئـي رُت بَســـنـت ڪِـي، ڪـتـٽـهـارَ ڪِـڙئـا
ڪـتـوري خـوشـبـوءِ ٿـي، اڇـي پـونـئـر پـرئـا
مـون ڪـي مـحـب مـڙئـا، لـتـو ڏنءُ ڏتـو چـوي.

**بيت** (١٨١٥)

آئـي رُت بســـنـت ڪـي، ڪـجـوريـيـن ڳُـلَ هـارُ
اُٿـي ڳـوري بـيـس ڪـر، جـو آئـيـو بـسـنـت بـهـار.

**بيت** (١٨١٦)

آئـي رُت بســـنـت ڪـي، ڇَـبَـرَ مُـڪـي تَـنَـدُ
اُٿـي ڳـورِي بـيـس ڪـر، جـو آئـيـو بـهـارُ بَـســنـدُ.

**بيت** (١٨١٧)

آئـي رُت بســـنـت ڪـي، بـاغَـنِ مُـڪـي بـونـدَ
لالـي ڏيـڪـو لالَ ڪـي، هـيـڪَـڙَ وجـي هـونـدَ
اُمَّـت جـي آخـونـدَ، اوـيـڙَ ســـبِ اوبـاهـيـا.

**بيت** (١٨١٨)

اُڏَ مِـئـا اوڏاڻِ، رُتِ رَســـائـي ســـڄـٽـيـن
لِڳـي واءُ وٽـنِ ڪـي، ڇـٽـئـا پَـن پُـراڻِ. ❶
پَـرَهـيـائـون پـهـراڻُ، جـو سُـڪـائـي ســـاوا ٿـئـا.

❶ اصل. "لڳي واءُ ورنگي ڇرئا پن پرانءُ"

**بيت (١٨١٩)**

انبوريون ۽ ڪر تڪيون ڦوليون ڦگڻ مانه ❶
ريءَ لالڻ، لاکو چوي، سي آءٌ ڪريان ڪانه ❷
جي سڄڻ هووي مون ڀانهَ، ته ڦَل پسئو ڦولي هِنيون. ❸

**بيت (١٨٢٠)**

انبوريون ۽ ڪرتڪيون، ڦُوليون ڦگڻَ هيل
ريءَ لالڻَ، لاکو چوي، سي آءٌ پائيان سيل ❹
جي سڄڻ هووي مون ڀيل، ته ڦل پسئو ڦُولي هِنيون.

**بيت (١٨٢١)**

رُتيان سي پَليان، ڪائي نه بسنت جوڙُ
جي وڻ پاري ساڙنا، تَنِي متي موڙُ.

**بيت (١٨٢٢)**

رُتيان سي پَليان، ڪائي نه بسنتَ تُلُّ
جي وڻَ پاري ساڙئا، تني متي گُلُّ.

## وائي

اڄُ سڄڻَ گهر آيَم جيڏيون،
اللهَ اُميدون پڄايُم ايڏيون،
اڄُ سڄڻ گهر آيم جيڏيون!
پيرين فقيرين پُونديَس پيرين،
ڪَيُمِ سُکائون جني سان ڪيڏيون،
اُڄ سڄڻ گهر آيم جيڏيون!

## تمت بالخير

❶ اصل. ماه.
❷ اصل. لالن.... ڪاه
❸ اصل. قافيا ماه، ڪاه ۽ پاه
❹ اصل. لالن.

# PREFACE

The first but somewhat incomplete printed edition of the text of Shah-jo-Risalo (the Poetic Compendium of Shah Abdul Latif) based on "two good manuscripts" was published by Ernest Trumpp in 1866 from Leipzig. Amore complete lithographed edition of the text based on a single manuscript was published from Bomaby in Ziqadah 1283 A.H. (April 1867). The same text was reprinted with minor alterations and improved orthography in 1293/1876, 1310/1893, 1329/1911 and again in 1340/1922. In 1306/1889 another lithographed edition based on an independent manuscript was published from Bombay. In 1900, a “Complete” text of the Risalo based on two manuscripts, one of them preserved at Bhitshah, was printed from Karachi and issued by the Education Department of the Government of Bombay.

Thus, in all six manuscripts, beside the one preserved in the Brithish Museum, were used independently in preparing the different editions of the Risalo from 1866 to 1900. It was during the twenties of this century, that the late Dr. H.M Gurbuxani undertook to prepare a critical edition of the Risalo by comparing and collating the printed texts as well as other available manuscripts. Among othrs, he also used the British Museum manuscript, but after three-fifths of the text edited by him were printed[1] he died. Thus, the incorporation of the text of the British Museum

[1] The First volume of his edition was printed in 1923, the second in 1924 and the third in 1931, all covering some three-fifths of the whole text.

manuscripts in his edition of the Risalo remained inconclusive.

On the 30th of September 1966, the "Shah Abdul Latif Cultural Centre Committee" decided to undertake the publication of "Original source materlas" on the life and poetry (the Risalo) of Shah Abdul Latif, and entrusted the editor's responsiblites to me. Accordingly, I selected two manuscripts for edition and publication in the first instance: the one of Lataif-i-Latifi, an origingal work on the poet's biography,❷ and the other the British Museum manuscripts of the Risalo. My study of the latter had indicated that it respresented a selective but independent version based on the cutch tradition of Shah Abdul Latif's Poetry. As compared to a sister manuscripts preserved in the india office Libarary, the British Museum Manuscript was less selective and more complete. Now that I have scrutinized it in details while preparting this edition, I fell convinced that this manuscripts represents an entirely independent though selective collection of Shah Abdul Latif's Poetry. In contradistinction with all the other commonly obtained manuscripts of the Risalo which commence with "Sur Kaliyan", this one opens with "Sur Sasui". In opening verse is 12th of the "Kohiyari Section of Sur Sasui" in the Bombay Lithographed edition. The Sequential arrangement of verse under each SUR (Chapter heading) is also different in this manuscripts.

This manuscripts of the Risalo is preserved in the British Museum under "No. Or. 2967". It contains 284 folios. The counting of the folios was done on "14 Feb. 1886", which indicates that it was acquired for the Museum before that date. It is written in a clear beautiful hand, and the scribe appears to have checked it

❷ Compiled in Persian by the poet scholar Mir Abdul Hussain Khan Sangi in 1888. This work has already been published by the committee in 1967.

subsequently whith another manuscript or read it with some well-informed scholar of the Risalo, and noted down the variations in the margin which, by and large, appears to be the better readings. The scribe has also noted down[1] Meanings in Persian uner some of the more difficult words of the text. Though some of these meanings are correct and helpful, there are many more which hardly make any sense and appear to have been based on hearsay. These meanings as well as alternate readings of the text are given in the foot-notes to each page in this edition. Though used by the late Dr. Gurbuxani, this manuscripts has not seen the light of the day and is being printed now for the first time. For its independent approach, the publication of this edition should prove to be extremely valuable to the scholars of Shah-jo- Risalo.

**N.A BALOCH**
*Sindh Univeristy*
*4, January 1970.*

[1] some of the renowned followers of the poet had belonged to the neighboring cutch territory to the south of Sindh, and they continued on the oral tradition of his poetry and music there.

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي. چو تہ تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن, ليکڪن, محققن ۽ شاعرن جي علم, هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books. sindhsalamat. com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play. google. com/store/apps/details?id=com. sindhsalamat. book